
(حصو ٽيون)
شاهہ جا شيدائي
تحقيق ۽ ترتيب: راهب علي لاڙڪ

# شاهہ جا شيدائي

(حصو ٽيون)

تحقيق ۽ ترتيب:

**راهب علي لاڙڪ**

ڪنول
پبليڪيشن 2020

**BOOK NO: (287)**

سمورا حق واسطا ليکڪ وٽ هٿيڪا

ڪتاب نالو: شاهه جا شيدائي
موضوع : لطيفي شخصيات (تحقيقي جائزو)
محقق: راهب علي لاڙڪ
پهريون ڇاپو: سيپٽمبر 2020ع
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: محب علي لاڙڪ / ثاقب علي لاڙڪ
0334.1679145
شخصيات تي نظر ثاني: ڊاڪٽر نادر علي سومرو (ڪاهي راهو)
03003038457
ڇپيندڙ: ڪنول پبليڪيشن، قنبر
ڪنول پبليڪيشن / پرنٽر & بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو- حيدرآباد.
Cell: 0333-7523132

ملهه: 300روپيه

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

ڪنول پبليڪيشن & بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو- حيدرآباد.
پٺاڻي بڪ اسٽور، حيدرآباد - ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد.
ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد - ڪانيواڙ بڪ شاپ، اردو بزار ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو- سنڌيڪا بڪ شاپ، لاڙڪاڻو.
المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ
سليمان برادرس، نواب شاهه - مدني بڪ اسٽور، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر- سارنگ ڪتاب گهر، سکر
ٿر ڪتاب گهر، مٺي- خالد بجير، عمر ڪوٽ- سراج بڪ اسٽور، قنبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

**سيد ميران محمّد شاهہ**
**مولانا دين محمّد وفائيءَ**
**۽**
**مخدوم محمّد الزمان طالب المولىٰ رح جي نانءُ**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


تعارف: استاد محمد بخش سومرو 06

مهاڳ: **جس هجي تن، جن سِپون سوجهي ڪيون**

سدا حيات جلباڻي 08

تاثر: شاهه جا شيدائي (حصو پهريون) بابت تاثرات ڊاڪٽر حيدر سنڌي 09

پنهنجي پاران: راهب علي لاڙڪ 10

- مير عبدالحسين خان سانگي 13
- الحاج رسول بخش ڏيرو 17
- عثمان علي انصاري 20
- جي. ايم سيد (سيد غلام مرتضيٰ شاهه) 23
- عبدالعلي قلباڻي 27
- فقير يار محمد پيرزادو 28
- مراد علي مرزا 30
- ٻانهو خان شيخ 32
- رسول بخش پليجو 34
- سراج الحق ميمڻ 37
- الحاج رحيم بخش قمر لاکو 39
- ادا قاضي 45
- ممتاز مرزا 47
- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي 51
- سگهڙ وريام فقير شيخ 52
- مير محمد پيرزادو 55
- غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ 57
- ڊاڪٽر ملڪ نديم 59
- محمد رحيم راولاڻي 62

- هدايت الله منگي 65
- محمد رحيم راهمون 67
- استاد محمد خان زرداري 71
- پروفيسر محمد هنگورجو 73
- عبدالواحد آريسر 75
- حافظ ارشد انيڙ 77
- پروفيسر محمد سليم ميمڻ 79
- عبدالرحمان نقاش 81
- ڊاڪٽر عابد مظهر 83
- لطف پيرزادو 85
- منصور قادر جوڻيجو 88
- ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني ڪنيار 91
- حبيب حضوري 94
- ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي 95
- پروفيسر عبدالغفار گوهر دائود پوٽو 97
- ڊاڪٽر بدر ڏامراهو 102
- ڊاڪٽر غفور ميمڻ 105
- پروفيسر علي راز شر 108
- شڪيل احمد طاهري 109
- نور احمد جنجهي 110
- ساگر حنيف ٻڙدي 112
- ڊاڪٽر شازيہ پتافي 113
- ڊاڪٽر ساجده پروين 115
- راز شاهاڻي 116
- فقير حاجن نظاماڻي (شاهہ جو راڳي) 118
- ڊاڪٽر شير مهراڻي 122
- عاجز رحمت الله لاشاري 125
- حافظ محمد موسيٰ ڀٽو 128
- ليکڪن جا مضمون، مقالا 130
- لاکيڻي لطيف سان عقيدت جو اظهار (شاعري) 152
- مددي ڪتاب

تعارف:

# راهب علي لاڙڪ سچي ۽ کري شخصيت

راهب علي ولد صيفل خان لاڙڪ، جنم 4 جنوري 1967ع مطابق اربع 22 رمضان 1386هه ڳوٺ ڪاهي راهو، تعلقو پريا، ضلعو نوشهرو فيروز، پيشو استاد، تعليم. ايم.اي سنڌي، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور.

شايع ٿيل ڪتاب. لطيفي معلومات موضوع وار (ڪوئيز بوڪ) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو پهريون 2006ع ڇاپو ٻيو 2019ع. ڪتاب. شاهه لطيف جا شيدائي، (حصو پهريون) سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون مارچ 2016ع .شاهه جا شيدائي (حصو ٻيون) سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2017ع. عشق جون ٻوليون، (فقير محمد سچل لاڙڪ جو ڪلام) (ترتيب) سنجها پبليڪيشن حيدرآباد، مئي 2018ع. پير پروڙي ڪڻ (لطيفيات) سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، آگسٽ 2019ع ۽ اڻڇپيل ڪتاب شاهه لطيف جي ساڃاهه. جنرل نالیج ڪوئيز بڪ. ۽ دنيا جون مسجدون.

شايع ٿيل مضمون. مقالن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

عيسوي سال جي مهينن تي نالا ڪيئن پيا (پهرين تحرير). هن تحرير جون قسطون گلزارِ سنڌ پبليڪيشن حيدرآباد، اپريل. مئي 2004ع. گلزارِ سنڌ، آگسٽ 2005ع .سيپٽمبر 2005ع .دنيا جي مختلف زبانن ۾ هفتي جا ڏينهن، گلزارِ سنڌ پبليڪيشن حيدرآباد، ايڊيٽر. احسان علي لغاري، ڊسمبر 2005ع .حضرت لعل شهباز ۽ سنڌس همعصر بزرگ، سلسليوار سنڌ سيبتا مورو، ايڊيٽر_امداد مجيداڻو، جنوري. فيبروري 2007ع .يوم مئی کے حادثے کے نتیجے میں مزدوروں کو ان کے حقوق کا ملنا، انتخاب خبرنامو خوشبو ڪراچي، مارچ. مئي 2007ع .شاهه جي زندگي ۽ ان دؤر بابت ڄاڻ، سلسليوار فڪرِ لطيف ڀٽ شاهه، فيبروري. مارچ. اپريل 2009ع. شاهه لطيف ايوارڊ، فڪرِ لطيف ڀٽ شاهه، جنوري. فيبروي. مارچ 2010ع. لاڪيٽي لطيف جي شاعريءَ ۾ انبياء ڪرام جو ذڪر، هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ، 16 کان 22 جنوري 2011ع. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ انبياءِ ڪرام ۽ خاتم المرسلين جو تذڪرو، فڪرِ لطيف، جنوري. فيبروي، مارچ2011ع .شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڏٺي تعاليٰ جي وحدانيت ۽ انبياءِ ڪرام جو تذڪرو، ماهوار امرتا حيدرآباد، ايڊيٽر_فقير محمد ڍول، جون 2012ع. سارو سنگهار، ڪارايل ۽ ڪپوريءَ جي ڪهاڻي، ڪاوش دنيا آچر 4 مارچ 2012ع .لاڪيٽي لطيف جي سوانح حيات، سنڌس دؤر جي ڪجهه واقعن ۽ بزرگن جو تذڪرو، پيج پٽائي پبليڪيشن، چيف نگران. نور سنڌي، 14_2013ع. ايڇ.ٽي سورلي پٽائي جو شيدائي، سوجهرو سنڌي مئگزين 20 سيپٽمبر 2015ع .مدن فقير سان شاهه عنايت ۽ لطيف سائينءَ جون ڪچهريون، پيج پٽائي مئگزين، ڪڙي نمبر 52، سال 15_2014ع. لطيفي دربار جو ملادو پيازو وڳند فقير، پيج پٽائي مئگزين ڊسمبر 2015ع ۽ سوجهرو سنڌي مئگزين 27 مارچ 2016ع ۾ ب شايع ٿيو. شاهه لطيف مديني جي مير جو سچو عاشق، ڪتاب. ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجيون، مرتب. منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون 2015ع .شاهه جي رسالي جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغتن جو مختصر جائزو، سوپ سنڌي مئگزين آچر 3 اپريل2016ع .شاھ جو رسالو سھيڙيندڙ باگوجي ولد ڏانوجي، سلسليوار فڪرِ لطيف مئگزين پٽ شاھ 2016ع .شاھ لطيف جي پارڪو ڊاڪٽر درشھوار سيد، عوامي آواز سنڌي مئگزين 25 ڊسمبر 2016ع .مشھور اسڪالر ۽ محقق ڊاڪٽر درِشھوار سيد سوپ مئگزين 25 ڊسمبر 2016ع. صوفي محمد سچل فقير لاڙڪ ۽ ان جا صحبتي، ھفتيوار اخبار سائين ۽ پرين پچار، نوشھرو فيروز 4 جولاءِ 2017ع. شاھ لطيف ۽ ميون شاھ عنات رضوي جي ملاقاتن وارن بيتن ۾ تضاد، روزاني عوامي فورم ڪراچي، سومر 14 آڪتوبر 2019ع. روزاني پاڪ سنڌ، سومر 14 آڪتوبر 2019ع. لطيف سائين جو فڪر ۽ روحانيت، روزاني ڪوشش، اڱارو 15 آڪتوبر 2019ع. مضمون، شاھ لطيف جو مدن فقير سان بحث مباحثو، 13 آڪتوبر 2019ع تي سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل.

راھب لاڙڪ سچي ۽ کري شخصيت جو مالڪ آھي. پاڻ ھميشه صلح پسند ۽ تڪراري ماڻھن کان پاسو ڪندو آھي. ڪيس سنڌي ٻولي ۽ لطيف سان والھانہ عشق آھي.

**استاد محمد بخش سومرو**

ڪاھي راھو

20 آگسٽ 2020ع.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ :

# جس هجي تن، جن سِپون سوجهي ڪڍيون

پهرين نظر ۾ عشق نہ هاڻي پراڻي ڳالهہ ٿي وئي آهي. اڄ ڏني جو عشق نئون معاملو ٿيندو. منهنجو اڄ ڏنو عشق سنڌ جي ٻن سچن انسانن سان ٿي ويو آهي. هڪ سائين نور احمد جنجهي، ٻيو ادو راهب علي لاڙڪ. ٻنهي سان ذهني لاڳاپي جو ڪارڻ مرشد شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي. جنجهي صاحب جا مرشد بابت لکيل لوڻءَ لوڻءَ ۾ پيهي ويندڙ مضمون اخبارن ۾ ايندا رهيا ۽ ائين لوري لڳي وئي، عشق ٿي ويو. منهنجا مضمون راهب علي لاڙڪ جي نظرن مان گذريا نہ ساڻس نينهن جو سبب بڻيا. هڪڙي ڳالهہ ڪندو هلان. مون پنهنجو مضمون ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي: اي پوائنٽ آف پروفائونڊ انسپائريشن، هڪ هڪ انگريزي اخبار ڏانهن ڏياري موڪليو. ڪنهن بہ شايع نہ ڪيو. ساڳيو مضمون بنگلاديش جي اخبار ڊيلي اسٽار ڍاڪا ڏانهن روانو ڪيم نہ ڇاپي ڇڏيائون. ڍاڪا جي اخبار ۾ ڇپجڻ جو سبب اهو هو تہ مضمون ۾ ”متيءَ سان محبت“ جون ڳالهيون ٿيل هيون.

ڪتاب جي ”ارپنا“ مان ئي خبر پئجي وڃي ٿي تہ ان ۾ اڳتي ڇا هوندو. راهب لاڙڪ پنهنجو ڪتاب سنڌ جي گهٽگهرن سيد ميران محمد شاهہ، مولانا دين محمد وفائي ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کي ارپيو آهي. سڀ ئي سنڌ جون احترام لائق شخصيتون آهن. ڪتاب ۾ پنجيتاليهہ کن شخصيتن جي سوانح ۽ سندن مرشد لطيف تي ڪيل ڪم متعلق ڇاڻ ڏنل آهي. پٽ ڌڻي سرڪار نہ مها ساگر آهي. پيسيفڪ سمنڊ ۽ ايٽلانٽڪ سمنڊ جي گڏيل وسعت کان بہ وڌيڪ وسيع آهي. انهن شيدائين ”ماسو مليئي مال نہ پوچارا پر ٿئين“ جي تڙپ ۾ ساگر ۾ ٽٻيون ڏيئي موتي ميڙيا آهن. راهب علي لاڙڪ پنهجي ڪتاب ”شاهہ جا شيدائي“ ۾ انهيءَ املهہ وٿ کي محفوظ ڪيو آهي. سائين جا شيدائي مير عبدالحسين سانگي، عثمان علي انصاري، جي ايم سيد، عبدالعلي قلباڻي رسول بخش پليجو، سراج الحق ميمڻ، نور احمد جنجهي، شازيہ پتافي ۽ ساجده پروين وغيره اهي وڏا غواص آهن جن گهرين اونهائين ۾ سپون سوجهي ڪڍيون آهن. اهي غواص اهڙا آهن جن لاءِ مرشد سائين جو فرمائڻ آهي:

ڪاري ڪيڙائو، مٿي مني موتيا،
سودو ڪن نہ جو، وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طامائو،
ساموندي سائو، لنڪا لوپي آيا.

جس هجي ادي راهب علي لاڙڪ کي جنهن سنڌ وطن جا غواص هڪ هنڌ ڪٺا ڪيا آهن. جن وٽان سچي تڙپ رکندڙ موتين لپ حاصل ڪري سگهن ٿا.

**سدا حيات جلباڻي**

اوطاق گنهورخان جلباڻي، اباڻو ڳوٺ، پريالوءِ، ضلعو خيرپور
ڏهين سيپٽمبر، ويهہ سو ويهہ

# شاھہ جا شيدائي (حصو پھريون) بابت تاثرات

توھان منھنجي يونيورسٽيءَ جي ھڪڙي ساٿي ۽ پنھنجي عزيز، الطاف حسين لاڙڪ جي ھٿان، ”شاھہ لطيف جا شيدائيءَ“ جي سرنامي سان سھيڙيل 174 کن صفحن جو ڪتاب مون جھڙي اپاٽي ۽ ابوجھہ ڪي موڪليو ھو. ڪتاب ڪنھن بہ لکيو ھجي ۽ ڪھڙيءَ بہ ٻوليءَ جو ھجي، اھو منھنجي لاءِ وڏي وٿ جي برابر آھي. توھان جو ھيءُ ڪم تہ رڳو منھنجي ٻوليءَ ۾ آھي. پر وڏي جاکوڙ ۽ جانفشانيءَ سان سموھيل ۽ سھيڙي، ضميما شامل ڪري شايع ڪرايل آھي.

وڏي ڳالھہ تہ اھو سڀ ڪجھہ، اسان جي ان ھستيءَ ۽ قومن ڪي ديني ۽ دنياوي زندگيءَ جي ڏنل، پرکيل ۽ تجربن مشاھدن مان ميڙي منظوم انداز ۾ رواج ھيٺ آيل، ادبي صنفن ذريعي سمجھائيندڙ پتائي پلاري جي سوانح ۽ ڪيڏيل ڪشالن بابت مضمون ۽ مقالا ھٿ ڪري، ڪڙو ڪڙي سان سلھاڙي، سو ڪڙيءَ جھڙي شڪل ۾ موڪليو آھي. ان لاءِ رڳو ٿورو ٿيو چوڻ تمام ننڍڙو فقرو آھي.

بيشڪ ھيءُ توھان جو ٿيل ڪم خود توھان جي چواڻيءَ تہ ”پھريون حصو آھي“ پر پڙھندڙ ۽ پرجھڻ جي شوقينن لاءِ انھن روزيدارن وانگر آھي. جيڪي روزو افطار ڪرڻ لاءِ بہ ڏُڪ پاڻيءَ ڇُڪي پي، نماز ۾ جتجي ويندا آھن. جڏھن تہ ھن اھي نماز کان اڳ ۾ پيتل پاڻي جا بہ ڍڪ سندس اڄ ڪم ڪرڻ جي بجاءِ اڄ جي اسات وڌائڻ لاءِ وات ۾ اوتيا ھئا.

توھان ھن ڪتاب جي لاءِ جتان جتان ۽ جيڪو بہ مواد ميڙيو آھي. اھو املھہ آھي ۽ جن بہ ڪجھہ لکيو آھي. اھي سڀ سنڌي ادب جي مٿي جا جھومر ۽ ڪنھن گھوٽ جي منھن مٿان جُھليل موڙن ۽ موتين جون جدا جدا لڙڪندڙ، رنگا رنگي لڙھيون ھڪ ھنڌ آڻي ڪتاب جي صورت ۾ توھان جمع ڪيون آھن.

وڏي پڙھندڙ کي تہ ڇڏيو پر ھاڻي جڏھن جوان نسل اڌ پڙھئي استادن کان معنائون ۽ مطلب ٻڌي، شاھہ سائينءَ جي شاعريءَ کي عربي ۽ عبرانيءَ وانگر نئين ۽ انوکي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ شامل ۽ شريڪ ڪرڻ تي ضد ٻڌڻ لڳو ھو، اھو بہ شاھہ جي شيدائين جي ڪيل ڪوشش جو مداح ۽ ٻانھن ٻڌو ٿورائتو ٿيو ٻيڻل ڏسجي ٿو.

خاص ڳالھہ ڪرڻ تہ اجا رھجي وئي اتم جيڪا ھت آنڌل ھڪ ھڪ مضمون جي باري ۾ چوٽي ھئم. اھا ڳالھہ اھا آھي تہ توھان جي محنت ۽ ترتيب جيڪو ڪم گھڻو اڳي ٿيو ھو، الڳ الڳ دؤرن ۾ ۽ ورھين جي وڇوٽيءَ تي بلڪ ھر ھڪ جي پھچڻ کان پري پيل مواد ھو. اھو ھاڻي ڪتابي شڪل ۾ ذاتي لائبريرين ۾ ھٿيڪو رکيل رھندو. انھيءَ جاکوڙ ۽ ڪاوش سبب ھن دؤر جي قلمڪارن ۾ اوھان اجرڪ اوڍائڻ جي قابل ٻڄي بيٺا آھيو.

الله اوھان جي صحت سالم رکي تہ جيئن اھو جذبو جاري رھي ۽ اھڙي ڪارائتي درسنيءَ جو اولڙو سدائين جرڪندو ۽ چلڪندو ڏسجي. آمين.

دعاگو.

**ڊاڪٽر حيدر سنڌي**

قائدعوام يونيورسٽي نواب شاھہ، بلاڪ: بي ايس- آر ايس.

28جولاءِ 2017ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پنهنجي پاران

سنڌ ڌرتي بزرگن ۽ اوليائن سان ٽمٽار آهي، انهن عظيم هستين تي سنڌ ۽ هنڌ جي ليکڪن بيشمار ڪم ڪيو آهي. انهن برگزيده هستين ۾ وري لاڪيٽي لطيف جو مقام مڙني کان مٿانهون آهي. شاهه سائين اسان جي سنڌ ملڪ جي سنڌي ماڻهن جي سنڌي ثقافت، ٻولي ۽ ادب جي سڃاڻپ رهيو آهي. شاهه سائينءَ جي آفاقي ڪلام جي هر بيت ۽ وائيءَ جون تشريحون شاهه سائينءَ جي شيدائين مختلف ۽ نئين انداز ۾ پيش ڪيون آهن جيڪي ماضي، حال ۽ مستقبل جي ترجماني ڪن ٿيون.

شاهه سائينءَ جي سوانح حيات، سير سفر ۽ ڪلام تي جن بہ ليکڪن، مرتبن، مترجمن وڏي جفاڪشيءَ سان پتائيءَ جي پيغام کي عام ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي. مون انهن شاهه جي شيدائين جي سوانح حيات ۽ سندن شاهه سائينءَ تي ڪيل ڪم جي مختصر ببليوگرافي ترتيب ڏني آهي. هي ٽيون حصو "شاهه جا شيدائي" اڳ جيان پنهنجي ذاتي لئبرريءَ مان سهيڙي اوهان تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. انهن ليکڪن، مرتبن کي شاهه جو شيدائي چوڻ يا نہ چوڻ اها تہ هر ڪنهن جي مرضي آهي. منهنجي نظر ۾ هينيان صاحبِ ڪتاب بہ شاهه جا شيدائي آهن. انهن جون ڪاوشون ايندڙ جلد ۾ آڻي سگهان الائي نہ. اهو تہ ڏٺي تعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سيد ميران محمد شاهه،ڊاڪٽر غلام علي الانا، بدر ابڙو، مرزا قليچ بيگ، مولانا دين محمد وفائي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد عثمان ڏيپلائي، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، آغا محمد يعقوب، عبدالغفور پرگڙي، علي احمد بروهي، ڊاڪٽر فضل رحيم سومرو، غلام مصطفيٰ دادوي، علامہ عمر بن دائود پوٽو، خديجہ خانم دائود پوٽو، جوهر بروهي، شيخ اياز، حاجي محمد موسيٰ انصاري، عبدالغفار خان بلوچ، اختر انصاري اڪبر آبادي، احسان عظيم صديقي، پروفيسر آفاق صديقي، ڊاڪٽر شاهه محمد مري، حميد سنڌي، ڊاڪٽر انيس فاطمہ سومرو، ڊاڪٽر حُسن بانو سومرو، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڊاڪٽر ذوالفقار قريشي، ڊاڪٽر محمد مارو خشڪ، ڊاڪٽر نور محمد شاهه، ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي، ڊاڪٽر غلام حيدر چنا، ڊاڪٽر شهناز سومرو، ڊاڪٽر فهميده شاهه، ڊاڪٽر رخمان گل پالاري، ڊاڪٽر عبدالستار بلوچ، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه، ڊاڪٽر علي اڪبر ايم. ڊڪڻ، ڊاڪٽر محمد ابراهيم پنهور، عبدالڪريم لغاري، ڊاڪٽر طاهر تونسوي، ڊاڪٽر ٽي.آر. شنگاري، ڊاڪٽر قلو سندر ميگهواڙ، عزيز جعفراڻي، خ.ق. سومرو، پروفيسر ستار سومرو، پروفيسر ساجد سومرو، خادم حسين سومرو، احمد سومرو، آفتاب ابڙو، انور ڏنگڙائي، ج.ع. منگهاڻي، تنوير عباسي، سيد اظهر گيلاني، پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي، محمد اسلم پتو، نواز ڪنير، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، منظور احمد قناصرو، عطا چانهيون، محبوب علي سمون، زوار عبدالستار درس، خليل الرحمان شيخ، تاج جويو، سرمد چانڊيو، استاد امير علي خان، مخمور مهيري، انب گوپانگ، اسد جمال پلي، خليفو عبدالحميد چانڊيو، مولوي عبدالحي شڪارپوري، آمنہ حامد خليل زبيدي، سيد مشتاق علي شاهه، فيض محمد ڪوسو، ڪرتار سنگهہ عرش، منور ارباب هالو، اياز هاشم پتو "مدني" آزد ابوبڪر چتو وغيره. انهن شخصيتن شاهه سائينءَ جي پيغام کي عام ڪرڻ ۾ پاڻ پتوڙي سنڌي ادب ۾ بي بها ڪتاب ڏنا آهن.

**راهب علي لاڙڪ**
ڪاهي راهو.
03042920096 ...03463661473

# مير عبدالحسين خان سانگي

ٽالپور خاندان جو غزل گو شاعر، جديد سنڌي غزل جو باني، نثر نويس، افسانہ نگار ۽ شاهہ جو شيدائي، هز هائينس مير عبدالحسين سانگي ولد مير عباس علي خان ٽالپر 20 ڊسمبر 1851ع بمطابق 14 صفر 1268هہ تي ڪلڪتي ۾ پيدا ٿيو. مير عبدالحسين سانگي 19 سالن جو ٿيو تہ کيس هزهائينس جو خطاب مليو. مير عبدالحسين سانگي جو تفصيلي احوال ڪتاب ”ڪليات سانگي“ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. ڪتاب ”ڪينجھر“ حيدرآباد، (سانگي نمبر) ايڊيٽر ناز سنائي ۽ سنڌيانا انسائيڪلو پيڊيا ۾ ڏنل آهي. (سانگي جي ولادت 20 ڊسمبر 1851ع مطابق چنچر 25 صفر 1268هہ درست بيهي ٿي.

مير صاحب کي شاعري خانداني ورثي مان ملي هئي، هن جوانيءَ وارو زمانو شعر و شاعري ۽ شڪار ۾ گذاريو. هن پنهنجي شاعريءَ جو آغاز اردو شاعريءَ سان ڪيو. جيئن تہ مير صاحب جي پيدائش ڪلڪتي ۾ ٿي هئي ان ڪري ننڍپڻ جا ست، اٺ سال اتي ئي گذاريائين. ڪلڪتي ۾ عبدالحسين خان فارسي ٻولي جي ابتدائي تعليم سيد مرزا حسن علي کان حاصل ڪئي. حيدرآباد سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ آخوند احمد ولد آخوند عبدالعليم هالائي کان وڌيڪ درس ورتائين. فارسي ۽ اردو شعر ۾ مولوي ابوالحسن ولد مولوي مهدي حسن لکنوي ۽ سنڌي شعر ۾ غلام محمد شاهہ گدا کان اصلاح ورتائين. هن سنڌي شاعريءَ ۾ تخلص ’سانگي‘ ۽ اردو ۽ فارسيءَ ۾ ’عبدالحسين ۽ حيدري‘ استعمال ڪيو آهي.

مير صاحب جي زندگيءَ جا مختلف پهلو جن ۾ شوق، شڪار، آفيسر شاهي ۽ علمي ادبي ڪردار بابت فقط ڪجهہ ڳالهيون بيان ڪجن ٿيون. مير صاحب سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ ٿيو ۽ پوءِ ڪجهہ عرصي بعد فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ٿيو. ان وقت مير صاحب جي عمر 27 سال هئي ۽ 45 سال هن عهدي تي فائز رهيو. 1922ع ۾ هن ان عهدي تان استعيفا ڏيڻ چاهي، پر وقت جي ڪليڪٽر جي اصرار تي هو ڪيس هلائيندو رهيو. سندس عمر بہ وڌي هئي پر ڏکن سانگيءَ کي پيريءَ ۾ داخل ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري مير صاحب ڪيس هلائڻ بند ڪري ڇڏيا. مير صاحب جوانيءَ واري عرصي ۾ سنڌي نثر ۾ افسانا، اردو ۽ فارسي ۾ غزل، مثنويون ۽ شعر پڻ لکيا. جيڪي سندس هينئين ڪتابن ۾ درج ٿيل آهن.

سانگي صاحب جون نظم نثر ۾ تصنيفات، 1. سوز سانگي (ڪافين جو مجموعو). 2. لطائف لطيفي. 3. ديوان سانگي (جلد اول) ڇاپو پهريون 1903ع. 4. ديوان سانگي (جلد ٻيو) 1904ع ۾ لاهور جي اسلاميہ پريس مان ڇپيو. 5. ڪهاڻي محبت هاڻي، ڇاپو 1904ع. 6. آڪاڻي رات وهاڻي، ڇاپو 1904ع. 7. قصص راحت افزا ڇاپو 1904ع. 8. قصئہ دلچسپ، سن 1904ع. 9. داستان فرحت افزا، سن 1904ع. 10. ديوان سانگي (جلد ٽيون) هي ڇپجي نہ سگهيس. تہ پوءِ سال 1968ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪتاب، ڪليات سانگي لکيو هو. جنهن ۾ اڳ ڇپيل ٻن ديوانن سان گڏي هن ٽيون جلد ديوان سانگي بہ شامل ڪيو. ان کي ”ڪليات سانگي“ عنوان سان سنڌي ادبي بورڊ مان 1969ع ۾ شايع ڪرايائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مير صاحب جواني واري دور ۾ رات جي وقت گهوڙي تي سوار ٿي حضرت شاهه عبداللطيف جي درگاهه تي راڳ ٻڌي پوءِ صبح جو واپس حيدرآباد ويندو هو. هاجره سان شادي ٿيس ته هر جمعي جي رات ان سان گڏ گهوڙن تي سفر ڪري راڳ ٻڌي، پوءِ صبح جو وري حيدرآباد پهچندو هو. هي ٻئي شاهه سائين جا پانڌيڙا هئا. حاجره خناق جي موذي مرض ۾ 24 رمضان 1291هه / اربع 4 نومبر 1874ع تي وفات ڪئي. ته ڪيس شاهه لطيف جي روضي جي چانو ۾ دفن ڪرايائين. ۽ آخر ڪار ٻن سالن کان پوءِ سندس ٻي شادي سول سرجن ڊاڪٽر رائيٽ جي نياٽيءَ مس رائيٽ سان ٿي. هن جي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سندس اسلامي نالو بيبي بلقيس رکيو ويو. جنهن مان ڪيس ٻه پٽ ٿيا. مير خدا يار خان ۽ احمد يار خان ٿيا. (محقق: عبدالغفار صديقي ٽيون پٽ ايزد يار خان لکيو آهي.)

1901ع کان پوءِ مرشد لطيف جي درگاهه تي سانگي هڪ هفتي کان ٻه هفتا رهي سڪون محسوس ڪندو هو. سندس اهو سلسلو ته ڪافي عرصو اڳ شروع هو، هي شاهه جو شيدائي پٽائي جي پونءِ تي تون هي تون جي تنوار سان رنگجي ريتو ٿيو. ۽ لطيف سائين جي ڪلام، پيغام تي عمل ڪندي پاڻ کي شيعو، سني سڏرائڻ بدران پاڻ کي صوفي سڏرائڻ لڳو ۽ مذهبي بحث کان سخت نفرت ڪندو هو. شاهه سائين کي پنهنجو روحاني مرشد سمجهندو هو. شاهه سائين سان ڪيس بيحد عقيدت هئي. ديوان سانگي ۾ جا بجا پنهنجي ان عقيدت جو اظهار ڪيو اٿائين:

هادي راهه هدي آهي. پٽائي پرجهلو،
ياد ٿو هر دم ڪريان مرشد و مولا کي آءُ.

لطف لطيف شامل حالم اگر نه هو،
تو شاهراه عشق مين ميرا گذر نه هو.

گذري وئي عمر هاڻ آهي لچ لطيف تي،
سانگي آهي ڪريم ته هر ڪنهن جو ڪار ساز.

مون کي مرشد ڪان ٿيو خدا حاصل،
گل سان بلبل ڪيو، آ شنا مون کي.

مير عبدالحسين سانگي پنهنجي دور ۾ شاهه سائين جي سوانح حيات تي مضمون به لکيا آهن، گهڻي ڪوشش جي باوجود سندس فقط هي مضمون ملي سگهيو آهي. مضمون ’حضرت شاهه عبداللطيف پٽائي بابت ڪجهه ڳالهيون‘ الرحيم، شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، مارچ 1972ع ۾ شايع ٿيس. سندس شاهه سائين متعلق تحريرون ڪجهه ٻين رسالن ۾ به شايع ٿيل هونديون. انهن تائين پهچڻ لاءِ وڏين لئبررين ۾ وڃڻ جي ضرورت آهي. اهو ڪم اسان جا وڏا محقق ئي ڪري سگهن ٿا.

جيئن ته مير صاحب جي ڏاڏن جو لطيف سان انس هو. انهن درگاهه تي ڪم ڪرايو ته پوءِ مير عبدالحسين جو لاڙو به لطيف ڏانهن ٿيو. وٽر پنهنجي استاد ميين احمد پٽائي جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحبتن ذريعي لطيف سائين جو بيحد معتقد ۽ سچو شيدائي ٿي پيو. پوءِ اهو محبت ۽ عقيدت جو سَلو وڌي وڻ ٿيو. ۽ ميين احمد پٽائي کي پنهنجو رهنما، رهبر ڄاڻائين. هن سندس صحبت ۾ اندازن 1291هه کان 1303هه ۾ ٻارهن سالن واري عرصي ۾ شاهه صاحب جي سوانح حيات بابت مواد جمع ڪيو. انهيءَ عرصي دوران هن درگاهه جي سجاده نشين سائين علڻ شاهه جي هٿ تي بيعت ڪري پٽائيءَ جو مريد ٿيو. ۽ ڪيس روحاني مرشد ڪري مڃيائين. مير عبدالحسين سانگي شاهه لطيف جو پهريون سوانح نگار ۽ پهريون سنڌي عالم هو، جنهن شاهه عبداللطيف جي سوانح ۽ ڪلام جو تحقيقي مطالعو ڪري ڪتاب، لطائف لطيفي لکيو.

مير صاحب جون هيٺيون تصنيفون شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت آهن.

1. لطائف لطيفي (سن تصنيف: 1305هه / 1888ع): هيءَ تصنيف فارسي ٻوليءَ ۾ آهي جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ايڊٽ ڪيو ۽ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀاران 1967ع ۾ شايع ٿيو. 2. مير عبدالحسين سانگيءَ چار فارسي قصيدا شاهه لطيف جي شان ۾ ٻه لکيا. ان کانسواءِ (3)هڪ فارسي مثنوي لکيائين. جنهن ۾ مرزا مغل بيگ جي ڌيءُ جي بيمار ٿيڻ ۽ شاهه صاحب جي هٿان شفا ملڻ جو مڪمل احوال منظوم ڪيل آهي. ان کان سواءِ هن شاهه سائين جي سرن تي قلمي نسخو 17 ذوالقعد 1307هه / 6 جولاءِ 1890ع ۾ لکرايو. هن نسخي جو وڌيڪ تفصيل ڪنهن به محقق کي نه ملي سگهيو آهي.

مير عبدالحسين خان سانگي جو فارسي زبان ۾ لکيل ڪتاب ”لطائف لطيفي“ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀاران اصل حالت ۾ سال 1967ع ۾ شايع ٿيو. ان ڪتاب جو سنڌي ترجمو محترم عبدالرسول قادري بلوچ ڪيو. جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀاران، ڇاپو پهريون صفر 1407هه / آڪٽوبر 1986ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب جو سٽاءُ هن ريت آهي. نذر عقيدت: عبدالرسول قادري بلوچ 1 رجب 1406هه. فهرست: مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 26 ذوالقعد 1406هه. ديباچو: مؤلف: مير عبدالحسين خان سانگي. ڪتاب جي شروعات، شجرو مبارڪ، سنڌ ۾ متعلوي ساداتن جي اچڻ جو احوال. پيري مريديءَ جو سلسلو. داستان جي شروعات. 36 حڪايتون. تاريخن جو ضميمو. آخري گذارش. هن ڪتاب ۾ مير عبدالحسين سانگيءَ ، شاهه عبداللطيف جي نالي بدران اسم حضرت اولياءُ صاحب استعمال ڪيو آهي.

ڪتاب. لطائف لطيفي جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته، ”لطائف لطيفي“ کي سانگيءَ تاريخ 10 ذوالقعد 1305هه مطابق 19 جولاءِ 1888ع جمعي جي ڏينهن ترتيب ڏئي پورو ڪيو. وڌيڪ لکي ٿو ته پنجين حڪايت چويهين حڪايت ضعيف ۽ غير معتبر آهن. اهڙي طرح ڪي حڪايتون ته شاهه سائين جي ڪردار ۽ تعليم جي ابتڙ آهن.

مثال طور هن ڪتاب ۾ حڪايت نمبر 2 ۽ 5. ۾ مخدوم نوح هالائي جي درگاهه جي پنجين گادي نشين مخدوم مير محمد (پنج پڳيه) عرف مير پير بابت جيڪي ٻه روايتون ڏنل آهن. اهي غلط آهن. انهن روايتن ۾ لکيل آهي ته، هالن جا مخدوم ۽ شاهه سائين جن پاڻ ۾ ڪونه نهندا هئا. انهن جي ترديد ۾ مخدوم محمدالزمان طالب المولىٰ جو مضمون ”هالن جا مخدوم صاحب ۽ پٽائي“ سماهي مهراڻ، مارچ 1978ع ۾ شايع ٿيو. مخدوم صاحب لکي ٿو ته شاهه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف جي دور ۾ مخدوم نوح جي گادي جا هيٺيان سجاده نشين هئا. پنجون سجاده نشين (پنج پڳيہ) مخدوم الزمان اول ولادت 1055هہ وصال 1117هہ. ڇهون سجاده نشين مخدوم مير محمد عرف مخدوم مير پير ولادت 1099هہ وصال 1149هہ. جڏهن تہ شاهہ لطيف جي تڙ ڏاڏي جا مخدوم نوح سان گهاٽا لاڳاپا هئا. ۽ انهن اختلافي روايتن جي ڇنڊ ڇاڻ ٽيڻ ڪيي.

راقم ڪي هن ڪتاب جي حڪايت نمبر 28 بہ ضعيف لڳي ٿي. ان ۾ لکيل آهي تہ شاهہ لطيف، راهوجن جي ڳوٺ ۾ ويو، اتي لسي (ڏڌ) جي طلب ڪيائون تہ، ڪين جواب مليو، ”راهوجا شهر جون زالون لسي گجن شهر ۾ وڪڻڻ لاءِ کڻي ويون آهن. لسيءَ جو ڏڪ بہ ناهي.“ اهڙيون روايتون (حڪايتون) پڙهڻ سان ذهن ۾ سوال اڀري ٿو تہ، اڍائي صديون اڳ ڪير، مکڻ، ماکي، لسي وڪڻڻ ڏوهہ سمجهيو ويندو هو، تہ پوءِ اهڙين روايتن کي ڪيئن تسليم ڪجي. وري جڏهن هن ڪتاب جو ٻيو سنڌي ڇاپو، ثقافت کاتي حڪومت سنڌ ڪراچي پاران سال 2012ع ۾ بہ شايع ٿيو تہ ان ڇاپي کي بہ ساڳئي نموني آندو ويو آهي. مير عبدالحسين، پنهنجي ڪتاب ۾ شاهہ سائين سان عقيدت جو اظهار ڪندي لکي ٿو تہ، سيد عبداللطيف اهو بادشاهہ آهي. جنهن جو عرش برين تي آشيانو آهي. هميشه حضرت اولياءِ صاحب جي در تي رهان، جو ان ۾ لطيف زندگاني آهي.

مير عبدالحسين سانگي، خميس جي ڏينهن ٽين بجي شام 8 ذي القعد 1342هہ مطابق 12 جون 1924ع ۾ ڪاپ واري بنگلي ۾ وفات ڪئي. تہ سندس مڙهہ کي هن جي والد مير عباس علي خان واري مقبري ۾ امانت طور دفن ڪيو ويو ۽ ڇهن مهينن بعد سندس وصيت مطابق سندس لاش کي 11 جون 1925ع تي رات جو نائين بجي ڏاري حيدرآباد اسٽيشن تي وڪٽوريا گاڏيءَ تي کڻائي آيا. جڏهن لاش ڀٽ شاهہ تي کڻائي ويا تہ ان سان نہ وارث نہ عزيز نہ دوست نہ احباب فقط هيءُ وفادار ملازم جن ۾ سرائي محمد موسيٰ خان، سهراب خان، خدا بخش پنجابي، عثمان کٽي ۽ حيدر ٻگهيو شامل هئا. جڏهن ريل گاڏي لاش کڻي ٽنڊي آدم پهتي تہ سائين علي شاهہ اتي پنهنجن ماڻهن سان گڏ بيٺو هئو. جن لاش کي پري کان ڏسي چيو تہ سانگي اچي ويو، سانگي اچي ويو. پوءِ لاش ريل گاڏي مان لاهي بيل گاڏي ۾ رکي شاهہ جي ڀٽ تي آيا پوءِ کيس شاهہ سائين جي مقبري جي اولهہ پاسي سندس پهرين گهر واريءَ جي تربت پرسان سندس وصيت موجب کيس دفن ڪيو ويو. پاڻ اها التجا بارگاهہ مشڪل ڪشاءِ دوجهان ۾ پنهنجي حياتي ۾ ئي گهري هئائون سا قبول ٿي ويس.

قرب درگاهہ لطيفي تي نصيب عبدالحسين،
هي سوال آهي سدائين حيدر ڪرار کي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الحاج رسول بخش ڏيرو

شاهه جو شارح رسول بخش ڏيرو فيبروري 1901ع / 1319هه ڌاري فريد آباد تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. هو اڃا ننڍو ئي هو تہ سندس والد علي نواز خان ڏيرو وفات ڪري ويو، سندس پالنا والده ڪئي. مختلف مدرسن ۽ اسڪولن ۾ فارسيءَ جي تعليم ورتائين ۽ پوءِ فريد آباد ۾ زمينداري سنڀالڻ لڳو. ڪيس زراعت جي وڏي ڄاڻ هئي مندن ۽ فصلن جي مهارت سبب پنهنجي تر ۾ مشهور هو. هن فريد آباد ۾ مدرسہ عربيہ محمديہ جو بنياد وڌو، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. هن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ سان وڏو شغف هو. سندس ان اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ وڏيري رسول بخش ڏيري جو مطالعو وسيع هو. هن شاهه سائين جي رسالي مان ڪجهہ سرن جي تفصيلي شرح لکي، جيڪا پوءِ شايع ٿي. سندس وفات 4 شوال 1402هہ مطابق 27 جولاءِ 1982ع ۾ ٿي تہ ڪيس مدينہ جامع مسجد فريد آباد جي پرسان دفن ڪيو ويو. ڪتاب، دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص: 195 تي رسول بخش ڏيري 28 جولاءِ 1982ع تي فريد آباد ۾ وفات ڪئي. سندس قبر پنهنجي ئي جوڙايل جامع مسجد فريد آباد جي ويجهو واقع آهي.

رسول بخش ڏيري جي والده پڙهيل لکيل ۽ شاهه لطيف جي ڪلام سان گهڻي محبت رکندي هئي، انڪري پاڻ بہ شاهه جي رسالي جو مطالعو گهڻي ذوق ۽ شوق سان ڪندو هو. هن آخري عمر ۾ شاهه جي رسالي جي شرح لکڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، ۽ ڪجهہ سرن جن ۾ سر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، آسا ۽ سندس ٽيون ڪتاب، سر سامونديءَ جي شرح. ”سوداگر سمونڊ جا لاڇو لال وٽيج“ جي پهرين ڇئن ٽڪن تي لکيل چار سؤ صفحا. چوٿون ڪتاب، ”شاهه جو شان“ لکيائين. سندس هيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آهن.

1. ’نئين شرح لطيف ( سر ڪلياڻ ۽ سر يمن ڪلياڻ) ڇاپو پهريون، لطيف پبليڪيشن فريد آباد 1973ع. 2. نئين شرح لطيف (حصو ٻيون) ڇاپو پهريون زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1994ع، سندس انهن ڪتابن بابت حوالو، شاهه لطيف تي ببليوگرافي، ڇاپو پهريون، سيپٽمبر 1996ع، ص: 105.

ڪتاب. نئين شرح لطيف: سر يمن ڪلياڻ (ٻہ فصل) 1965ع، ٻيو ڇاپو 1995ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب. نئين شرح لطيف: سر ڪلياڻ (مڪمل) 1974ع، جنهن جو ٻيو ڇاپو 1995ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب. شاهه جو شان، 1980ع. ڪتاب. ’نئين شرح لطيف: سر آسا‘ 1994ع ۽ 1995ع. ان ڪان سواءِ سندس هي قلمي مواد ڇپجي نہ سگهيو آهي. ’سر سامونديءَ جي هڪ بيت جي شرح‘ (40 صفحا). ’قرآن مجيد ۽ ڀٽائي گهوٽ جا بيت.‘ (حوالو، انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا، جلد ڏهون، ش 1. ص: 157)

نئين شرح لطيف (ڪتاب): هي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ٻن سرن يعني سر ڪلياڻ ۽ سر يمن ڪلياڻ جي تشريح تي مشتمل آهي. ابتدا ۾ سر ڪلياڻ جي ٽن فصلن (داستانن) ۾ موجود 86 بيتن ۽ 5 واين مان هر هڪ بيت ۽ وائيءَ جي تفصيلي شرح ڪئي وئي آهي، ۽ اهڙي طرح سر يمن ڪلياڻ ۾ موجود 43 بيتن ۽ 2 واين جي بہ تفصيلي سمجهاڻي ڏني وئي آهي. ڪتاب جي شروعات ۾ الحاج پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا غلام محمد گرامي، سيد محمد صالح


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ بخاري، مولانا در محمد خاڪ ۽ مولي در محمد پنهور جهڙن وڏن عالمن جا رايا پڻ موجود آهن. هي ڪتاب لطيف پبليڪيشن دادوءَ، 1973ع ۾ شايع ڪيو.

شرح سر يمن ڪلياڻ: هن ڪتاب ۾ سر يمن ڪلياڻ جي بيتن سان گڏ سمجهاڻيون ڏنل آهن. ليڪڪ بيتن جي معنيٰ سمجهائيندي قرآن شريف جون آيتون ۽ حديثون ڏيڻ سان گڏ بزرگن جا قول، مثال طور ۽ مشهور علمي ۽ ديني ڪتابن جا اقتباس حوالي طور ڪتب آندا آهن. هن ڪتاب ۾ پنهنجي پاران نوٽ قمر ميمڻ جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو، لطيف پبليڪيشن فريد آباد، 1976ع ۾ ڇپيو هو، ٻيو ۽ ٽيون ڇاپو، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور پاران 1995ع ۽ ڊسمبر 2005ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

شرح سر ڪلياڻ: هي ڪتاب شاهہ سائين جي سر ڪلياڻ جي بيتن جي سمجهاڻين تي مشتمل آهي. هن ۾ ليڪڪ بيتن جي معنيٰ سمجهائيندي قرآن شريف جون آيتون ۽ حديثون پڻ ڏنيون آهن. ان کان سواءِ بزرگن جا قول مثال طور ڏنا آهن ۽ مشهور علمي ديني ڪتابن مان اقتباسات حوالي طور ڪتب آندا آهن. هن ڪتاب جو مهاڳ برک اديب ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ لکيو آهي. جڏهن تہ الحاج پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا غلام محمد گرامي، سيد صالح شاهہ بخاري، مولانا در محمد خاڪ، مولوي در محمد پنهور ۽ اداري پاران قمر ميمڻ جا رايا شامل آهن. سر ڪلياڻ ۾ شامل ٽنهي فصلن ڪي جدا جدا ورهائي سمجهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو، لطيف پبليڪيشن، فريد آباد 1976ع ۾ پڌرو ڪيو هو، جڏهن تہ ٻيو ڇاپو مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور 1995ع ۾ آندو ۽ ٽيون ڇاپو ڊسمبر 2005ع ۾ شايع ٿيو.

نئين شرح لطيف (سر آسا): زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1994ع. هن ڪتاب ۾ شاهہ جي رسالي جي سر آسا جي چئن فصلن جي شرح ڏني وئي آهي. هن سر جي شرح جي شروعات هن بيت سان ڪئي وئي آهي.

لوچيان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد،
سپريان جي سونهن جو، نڪو قد نہ مد،
هت سڪڻ بي عدد، هت پرين پرواهہ ناهہ ڪا.

هن شرح بابت ڪجهہ عالمن رايا ڏنا ۽ ڏيري صاحب جي ڪم ڪي ساراهيو ويو آهي. جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، درمحمد پنهور ، مولانا غلام محمد گرامي ۽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي لکي ٿو تہ "اهو وهبي فيض جو اثر آهي، جو آيتن جو تفسير بہ صحيح ڪندا ويا آهن ۽ انهن جو ترجمو بہ آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ جي رنگ ۾ پيش ڪيو اٿن جو ڏاڍو سلوڻو ۽ سهڻو پيو لڳي.

شرح سر آسا ۽ سر مومل راڻو (ڪتاب): هن ڪتاب ۾ شاهہ سائين جي ڪلام جي ٻن سرن: سر آسا ۽ سر مومل راڻي جي بيتن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ ليڪڪ بيتن جي معنيٰ سمجهائيندي قرآن شريف جون آيتون ۽ حديثيون پڻ ڏنيون آهن. ان کان سواءِ بيتن جي سمجهاڻين ۽ آسانيءَ لاءِ بزرگن جا قول مثال طور ڏنا آهن. ۽ مشهور علمي ۽ ديني ڪتابن جا اقتباس حوالي طور ڪتب آندا آهن. هن ڪتاب جو مهاڳ اديب ۽ شاعر جوهر بروهيءَ لکيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ان ڪان سواءِ ڪتاب ۾ نامور محقق ۽ اديب، پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي ۽ پبشلر قمر ميمڻ جا رايا پڻ شامل آهن. هن ڪتاب کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين ڀاڱي ۾ سر آسا ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ سر مومل راڻو ڏنو ويو آهي. هن ڪتاب کي مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، نومبر 2011ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ڪتاب، شاهه جو شان، ليکڪ رسول بخش ڏيرو: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فن ۽ فڪر تي مشتمل هن ڪتاب ۾ ليکڪ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي مختلف رخن تي روشني وجهڻ سان گڏ سر مومل راڻي جي شرح پڻ لکي آهي. ناشر پاران: غلام دستگير ڏيرو سيڪريٽري لطيف پبليڪيشن فريد آباد ميهڙ. تنهن کان پوءِ هن ڪتاب ۾ فقير امداد علي سرائي، محمد خان مجيدي ۽ غلام مصطفيٰ مشتاق جو 28 آڪٽوبر 1980ع ۾ لکيل تعارفي رايو پڻ شامل آهي. 152 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب کي لطيف پبليڪشن فريد آباد 1980ع ۾ مدينه پريس لاڙڪاڻي مان ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ تي مضمون فقير امداد علي سرائي جا ڏنل آهن. تنهن کان پوءِ مضمون، بوعلي قلندر ۽ پٽ جو گهوٽ، رسول بخش ڏيري جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ شاهه سائينءَ جا ڪجهه بيت اضافي سٽن وارا ڏنل آهن. مثال طور:

ڪنهين روضي پاڪ رسول جي بيشڪ ڪن بهار،
سائيم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

ڪتاب ۾ ڏنل بيت جي شرح نموني طور هيٺ بيان ڪجي ٿي.

ڪوڙئين ڪاياڻون تنهنجيون لکين لک هزار،
جيءُ سيڪنهن جيءَ سين درسن ڏارو ڏار،
پرين تنهنجا پار ، ڪهڙا ڇئي ڪيئن چوان.

مصنف مٿئين بيت جي شرح روحاني طرح ۽ وٽنڊڙ نموني ڪئي آهي. هن بيت جي فقط آخري سٽ جي شرح نموني طور هيٺ ڏجي ٿي.

حضور ڪريم ﷺ جن معراج جي رات بيت المقدس ۾ پهتا، اتي ٻيا نبي به موجود هيا. حضرت جبرائيل ؑ سڀني نبين کي چيو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته هر هڪ نبي منهنجي تعريف ڪري. پهرين حضرت آدم ؑ تعريف ڪئي، حضرت آدم ؑ فرمايو ته منهنجو ماءُ پيءُ ڪونهي ۽ الله سائين مونکي پيدا ڪيو، مونکي پنهنجو خليفو بنائين، مونکي جنت ۾ رکيائين، داڻي کائڻ کان پوءِ، معافي گهرڻ تي معاف ڪيائين. ان کان پوءِ حضرت نوح ؑ الله پاڪ جي تعريف ڪئي ۽ ان فرمايو ته الله سائين مونکي منهنجي نافرمان قوم کان نجات ڏياريائين، وڏي طوفان مان منهنجي پوئلڳن کي سلامت رکيائين ۽ مونکي سلامتيءَ سان جودي جبل تي لاٿائين. اهو مون تي سندس عظيم احسان آهي. وري حضرت ابراهيم ؑ فرمايو ته الله سائين مونکي نمرود جي آڙاهه مان بچايو، الله سائين ان باهه کي مون لاءِ باغ بڻايو هو. وري حضرت موسيٰ ؑ فرمايو ته الله پاڪ درياءَ نيل کي خشڪ ڪري مونکي ۽ منهنجي قوم کي واٽ ڏني ۽ فرعون ۽ فرعوني لشڪر کي هلاڪ ڪري الله سائين مون تي احسان ڪيو. وري حضرت ايوب ؑ فرمايو ته مونکي ڪيڙن جي بيماريءَ کان الله پاڪ پنهنجي مهربانيءَ سان شفاياب ڪري صحت بخشيائين. وري حضرت عيسيٰ ؑ فرمايو ته مونکي ڪافرن جي ظلم کان ڇڏائي صحيح سالم حالت ۾ آسمان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن ڪٺاياڻين ۾ مونکي پنهنجي حفاظت ۾ رکيائين، اهو سندس مون تي احسان آهي. آخر ۾ جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن جو وارو آيو تڏهن پاڻ فرمايائون ته، مونکي نه اهڙي زبان آهي نه اهڙو عقل فهم آهي جو الله پاڪ جي تعريف ڪري سگهان، جا ڪرڻ کان تمام مٿي آهي. سا ڪيئن ڪري سگهجي. جيئن ڀٽائي گهوٽ چيو:

پرين تنهنجا پار ، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان.

پوءِ حضرت جبرائيل ؑ فرمايو ته، الله پاڪ ٿو فرمائي ته، بس تو منهنجي ڪافي تعريف ڪئي آهي.

شاهه سائين جو سچو شيدائي محقق شارح رسول بخش ڏيرو لکي ٿو ته هن بيت جي معنيٰ ڪرڻ کان تمام گهٽي آهي، ڇو ته هي آفاقي سير بابت ڇيل آهي. سو اسان ناظرين جي بيان ڪرڻ کان گهٽو مٿي آهي.

# عثمان علي انصاري

سنڌي تهذيب، ثقافت ۽ شاهه لطيف جو سچو عاشق، نامور محقق، مترجم، ناٽڪ نويس ۽ ڪهاڻيڪار، عثمان علي ولد هدايت علي انصاري 21 آڪٽوبر 1901ع مطابق سومر 8 رجب 1319هه تي شڪارپور ۾ ڄائو. سندس والد ڀارت جي ضلعي سهارنپور جي ڳوٺ جنت آباد (انبهٽه) مان 1870ع ڌاري لڏي سنڌ ۾ آيو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي، ڪجهه وقت خيرپور ۾ لاڙڪاڻي ۾ به پڙهيو. 1918ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري علي ڳڙهه ويو. اتي 1921ع ۾ انٽر پاس ڪري پوءِ انگلينڊ ويو، اتان ايم. اي ۽ جنرلزم ۾ ڊپلوما ڪري 1925ع ۾ واپس سنڌ آيو ۽ 27 نومبر 1925ع تي ميرپور خاص مدرسي جو هيڊ ماستر ٿيو. پوءِ ترقي ڪندو ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن ان سنڌ جي عهدي تي پهتو. انصاري صاحب رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ادبي سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون.

عثمان علي انصاريءَ جو شاهه لطيف سان دلي لڳاءُ عشق هو. پاڻ لکي ٿو ته فيبروري 1947ع تائين منهنجو ڀلاري ڀٽائي جو مطالعو يا ته ڪن خاص موقعن تي تقريرون تيار ڪرڻ وقت ٿيندو هو يا ته عوام جي ضيافت جو خيال رکندي، سندن پسنديءَ جا خاص سر پڙهي تقريرون تيار ڪندو هئس يا پنهنجي پسند جا ڪي منا سر چونڊي پڙهندو هوس. فيبروري 1947ع ۾ مون کي حادثي دوران ڌڪ لڳا ته حيدرآباد جي اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل ٿيس. اتي ڪنهن سان به ڳالهائڻ جي اجازت ڪين هيم. تنهن ڪري دوستن کي چيم ته ڪي ڳائڻ وارا هٿ ڪري ڏيوم ته سنڌي ڪافيون ويهي ٻڌان ته جيئن ڦٽ به جلدي مڙنم ۽ ونڊر به ٿئي. پوءِ دوستن جي مهربانيءَ سان حيدرآباد جي اسپتال ۾ روزانو چڱو موچارو هاڻڊو شروع ٿي ويو. اتي گواليار گهراڻي جو هڪ نوجوان پروفيسر به مجلس کي زينت بخشيندو هو. سنڌيءَ ۾ جڏهن ياڳيسريءَ مان ڀٽائيءَ جي ڪافي آلا پيندو هو. ”ننڊ نه ڪر تون نماڻي، وجئي ٿي ويل وهاڻي.“ ته آءٌ ايئن سمجهندو هئس ته ڄڻ سرجن جي سموري جراحيءَ کان هي وڏيڪ منهنجي ڦٽن کي ڇٽائيندو ويندو هو.

ايئن انصاري صاحب آگسٽ 1947ع ۾ اسپتال مان گهر موٽي آيو. ۽ هنڌ تي ليٽي ”شاهه جو رسالو“ کڻي پيو پڙهندو هو. اتي ڪيس خيال آيو ته شاهه جي ڪجهه قلمي ۽ ڇاپيل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسخن کي پيتي صحيح رسالو ترتيب ڏجي. ان وقت وٽس ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کان مليل ٻه قلمي نسخا موجود هئا. پوءِ ڪجهه عرصي بعد ڇپيل رسالا ۽ قلمي نسخا پيتي رسالي جي ترتيب ڏيڻ جي ڪم ۾ لڳي ويو. هن ملير ۾ زمين وٺي هڪ باغ لڳرايو ۽ ملير جي پر فضا باغ ۾ ويهي شاهه جي رسالي تي رات ڏينهن محنت ڪري، شاهه لطيف جو رسالو ٻن سالن ۾ ترتيب ڏئي مڪمل ڪيائين. شاهه جو رسالو ڇاپو پهريون سنڌي ادبي ساهت ڪراچي، 1948ع صفحا 180. تنهن بعد سندس ترتيب ڏنل شاهه جو رسالو سنڌ ثقافت کاتي 1997ع ۾ شايع ڪيو.

مولانا غلام محمد گرامي لکي ٿو ته، شاهه لطيف جي رسالي جي ترتيب انصاري صاحب جي جستجو ۽ تحقيق نهايت محققانه ۽ عالمانه آهي. سندس ڇوڙ هو ته هن شاهه کي ايڊٽ ڪيو آهي. پر جيستائين علامه دائود پوٽي جو رسالو شايع نه ٿيو آهي، تيستائين مان پنهنجو رسالو نه ڪيندس. پاڻ سچل سائين جو به سنڌي ڪلام ترتيب ڏنائين. ان کان سواءِ سندس هيٺيان ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن.

1. درس عمل (مضمون 1936ع). 2. گمراهه دوست (شيڪسپيئر جي ڊرامي جو ترجمو 1939ع). 3. ادبي انتخاب (ڪهاڻيون ۽ مضمون 1944ع). 4. يوناني فلسفو (ترجمو 1951ع). 5. جرم وفا (ترجمو - ناٽڪ). 6. پنج ڪهاڻيون (1937ع). 7. سنڌي نثر. 8. سنڌ جي تهذيب (مضمون). 9. رسالو سچل سرمست جو (1948ع). 10. شاهه جو رسالو (ترتيب 1997ع).

شاهه جو رسالو: هي شاهه جو رسالو مشهور عالم ۽ اديب، عثمان علي انصاريءَ جو ترتيب ڏنل آهي. هن رسالي ۾ 30 سر ڏنل آهن. جن ۾ سر ڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ، سر ڪنڀات، سر سريراڳ، سر سامونڊي، سر سهڻي، سر سسئي آبري، سر معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري، سر حسيني، سر ليلا چنيسر، سر مومل راڻو، سر مارئي، سر ڪاموڏ، سر سورٺ، سر سارنگ، سر ڪيڏارو، سر رپ، سر بروو سنڌي، سر پورب، سر آسا، سر رامڪلي، سر ڪاهوڙي، سر گهاتو، سر ڪاپائتي، سر بلاول، سر پرڀاتي، سر ڏهر ۽ سر ڪارايل شامل آهن. عثمان علي انصاري هي رسالو قلمي ۽ ڇاپي نسخن کي پيٽڻ کان پوءِ تيار ڪيو. جن رسالن کي سامهون رکيائين. تن ۾ هي رسالا شامل آهن. 1. بلڙي وارو نسخو (قلمي). 2. ڀٽ وارو قديم نسخو (قلمي). 3. سيوهڻ وارو قديم نسخو (قلمي): جيڪو معجزاتي طور حلوائي وٽان انصاري صاحب کي مليو. 4. ٺٽي وارو قلمي نسخو (قلمي). 5. درٻيلي جي مخدومن وارو نسخو (قلمي). 6. بشير احمد وارو نسخو. 7. ٽرمپ وارو رسالو (1866ع). 8. بمبئي وارو رسالو (1900ع). 9. مرزا قليچ بيگ وارو رسالو (1914ع). 10. ديوان تاراچند شوقيرام وارو رسالو (1900ع). 11. ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو رسالو (ٽي جلد 1923ع - 1924ع ۽ 1931ع). 12. غلام محمد شهواڻيءَ وارو رسالو. 13. محمد عثمان ڏيپلائي وارو رسالو (1957ع). اهي نسخا هٿ ڪري شاهه جو رسالو ترتيب ڏئي رسالي جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ (لغت) پڻ ڏني آهي. هي شاهه جو رسالو، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1997ع ۾ شايع ڪيو آهي. هن رسالي ۾ 2990 بيت ۽ 190 وايون شامل آهن. هي رسالو ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ، ڇاپو ٻيو 2013ع ۽ 2015ع ۾ ٻه ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

انصاري صاحب ڪيترائي سر نئين سر ترتيب ڏئي، مفيد اضافن ۽ معنائن سان مهراڻ رسالي ۾ شايع ڪرايا. ان کان علاوه پاڻ جيڪي مختلف ادبي ڪانفرنسن ۾ مضمون مقالا پڙهيا هئا، پوءِ اهي سنڌ جي مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ پڻ شايع ٿيس. تن مان چونڊ هيٺ ڏجن ٿا.

مضمون، شاهه ڀٽائي، تحفه لاڙڪاڻو، 22 کان 23 آڪٽوبر 1950ع، ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس لاڙڪاڻو. شاهه عبداللطيف جو قاصد ۽ سندس پيغام، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، نومبر 1951ع. شاهه عبداللطيف سنڌي تهذيب جو محافظ، خاص اشاعت، ياد لطيف، اسماعيل ايس خواجه، محڪمه مغربي پاڪستان، ڪراچي ۽ ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، مارچ 1952ع ۾، ۽ 1957ع ۾ به شايع ٿيس. ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، نومبر 1952ع. مقالو، شاهه جي ڪيمياگري، رسالو، ڳوٺ سڌار حيدرآباد، ايڊيٽر. سليم هالائي، سيپٽمبر 1958ع ۽ ڪتاب. لطيفي لات، مرتب. ڪي. ايم. پنهور، ڇاپو پهريون، سگا پبليڪيشن بورڊ حيدرآباد، 1978ع. ساڳيو مقالو ڪتاب. فڪر لطيف، مرتب. بشير احمد شاد، فڪر و نظر پبليڪيشن سکر 1985ع ساڳيو مقالو، ڪتاب. پيهي منجهه پاتال، مرتب. بشير احمد شاد، مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي، 1992ع ۽ ماهوار نئين زندگي، جون 2006ع ۾ به شايع ٿيس. ڀٽائي عبداللطيف سنڌ جي قومي امانت، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، آگسٽ 1958ع ۽ سيپٽمبر 1958ع. مضمون، سر مارئي، رسالو مهراڻ (لطيف سالگره نمبر)، سنڌي مرڪزي بورڊ ڪراچي، 1959ع. مقالو، منهنجو ڪيچ وسي ٿئي ڪيچ، مهراڻ سالگره نمبر. 5-1-1962ع. مضمون، ڀٽائي عبداللطيف وطن جي قومي امانت، مقالو، شاهه لطيف جا قاصد ۽ سندس پيغام. مضمون، آنجهاني گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو. حوالو، ڪتاب. شاعرن جو سرتاج، خديجه دائود پوٽو، ڇاپو پهريون، پاڪستان پبليڪيشن، 1963ع ۾ شايع ٿيس. شاهه عبداللطيف ڀٽائي (هڪ تعارف) مهراڻ، 3. سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو حيدرآباد، 1986ع.

عثمان علي انصاري، شاهه جي سورمي مارئي متعلق لکي ٿو ته، مارئي ۾ ڀٽائيءَ جون گهڻي ڀاڱي سڀئي خوبيون موجود آهن، مارئي جو اخلاق ڀٽائي وارو اخلاق آهي. مارئي جو فقر "الفقر فخري" وارو فڪر آهي. جنهن جو احساس به اٿس. مارئي ۾ ڀٽائي واري غيرت جو سورورو جذبو موجود آهي. جيئن ته:

پرم پاروڙي رهي، جيئن سا اچي ان،
ته پن ويني ونديان، توٽي پونس تن.

ڀٽائي پنهنجي حب الوطني کي ته ڇڻ مارئي جي صورت ڏئي سنڌي دنيا جي اڳيان آندو آهي. جنهن جي هر هڪ لفظ مان سندس ساٽيهه جي سڳنڌ ٿي اچي.

عثمان علي انصاري 2 سيپٽمبر 1962ع آچر 2 ربيع الثاني 1382هه تي ڪراچي ۾ دل تنڻ سبب رحلت ڪئي.

# جي. ايم سيد (سيد غلام مرتضيٰ شاهه)

سنڌ جو محب وطن قومي رهبر، سائين جي. ايم سيد ولد سيد محمد شاهه 17 جنوري 1904ع / آچر 28 شوال 1321هه تي سن تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ سيد حيدر سنائي جي خاندان ۾ پيدا ٿيو. سائين جي. ايم سيد ابتدائي تعليم سن ۾ حاصل ڪئي. سندس بهترين استاد جن ۾ ڏرم داس، ديوا چند ۽ وسٽمل، ۽ انگريزي تعليم مولوي ڊاڪٽر حامد علي هالائيءَ واري وٽان حاصل ڪيائين. عربي ۽ فارسي تعليم مولوي محمد هاشم سنائي، مولوي محمد صالح سيال ۽ مولوي الله بخش دادو واري کان ورتائين. قرآن شريف آخوند ميان سمن وٽ پڙهيو.

سائين جي. ايم سيد کي سنڌ، سنڌي ادب، ثقافت ۽ شاهه لطيف سان ڏاڍو عشق هو. پاڻ سياسي، سماجي، علمي ادبي رخن کان بهترين ڪردار ادا ڪيائون. سائين جي سياسي توڙي سماجي زندگي جي وڏي سفر مان ڪجهه ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون.

1919ع ۾ حڪيم معين الدين ڪنياري واري جي اثر هيٺ لاڙڪاڻي جي خلافت ڪانفرنس 7، 8، 9 فيبروري 1920ع ۾ شامل ٿيو. جنهن جي صدارت حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڪئي. شاهه صاحب وطن پرست هو، جنهن ڪري سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڀرپور ڪم ڪيائين 1930ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو نئون دؤر شروع ٿيو تہ ان ۾ ڀرپور حصو ورتي سنڌ جي مڪمل آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪيائين. 1940ع ۾ پاڻ وزير ٿيو تہ سنڌ يونيورسٽي سينٽرل ايڊوائزري بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر جو بنياد وڌائين ۽ اڳتي هلي ان کي سنڌي ادبي بورڊ جي نالي سان مستقل ۽ آزاد حيثيت ڏيارايائين. هن ڪم ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، علامه داؤد پوٽو، ميران محمد شاهه، لال ڏنو امر ڏنو مل ۽ ڪجهه ٻيا عالم سندس ٻانهه ٻيلي هئا.

سائين جي. ايم سيد جو خاندان، شهيد مخدوم بلاول باغباني جو مريد ۽ معتقد آهي. ان ڪري پاڻ ان جي نظرئي جو قائل هو. سيد امداد محمد شاهه (مرحوم) ۽ سيد مير حيدر شاهه سندس لائق فرزند آهن. سيد جلال محمد شاهه بن سيد امداد محمد شاهه سندس لائق پوٽو آهي. جو سندس سياسي ۽ سماجي خال کي پر ڪرڻ لاءِ عوام کي حق ڏيارڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

سائين جي. ايم سيد ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. جن مان ڪجهه هن طرح آهن:

1. نئين سنڌ لاءِ جدوجهد. 2. موجوده سنڌ جا سياسي مسئلا (سياست). 3. پيغام لطيف (1952ع). 4. جنب گذاريم جن سين (ٻہ جلد، 1967ع). ڇاپو ٽيون، روشني پبليڪيشن 2004ع. 5. جيئڻ ڏنو آهي مون (تصوف 1968ع). 6. شاهه جون وايون ۽ ڪافيون. سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ڇاپو پهريون، 1968ع. ڇاپو ٻيون، نومبر 1991ع. 7. مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟ 8. اچ پڻ ڇڪيم ڇاڪ (تصوف). 9. سنڌ ڪلچر (ثقافت). 10. جديد سياست جا نو رتن، (1967ع) ڇاپو ٽيون جنوري 1997ع. 11. سنڌ جا سورما، ڀاڳو پهريون، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر 1974ع ۽ ڇاپو ڏهون 2014ع. 12. رهاڻ (سيد ميران محمد شاهه مرحوم جا چونڊ خط جي. ايم سيد ڏانهن). مرتب، جي. ايم سيد، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ڇاپو پهريون، 1965ع. ڇاپو ٻيون، 1978ع ۽ ڇاپو ٽيون، جون 2005ع. 13. درياءَ دل ۽ داستان محبت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(روحانيت 1973ع، 1993ع). 14، سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ ؟ فيبروري 1974ع. 15، پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، 2003ع. 16، رهبر : ڇاپو ڇوٿون، جنوري 2013ع. وغيره ان کان سواءِ سندس ٻيا ڪتاب بہ ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل آهن.

ڪتاب ”شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جون وايون ۽ ڪافيون“ ۾ سائين جي. ايم سيد لکي ٿو تہ، جڏهن ٽئين درجي سنڌيءَ ۾ ٿيس تہ، ڪلاس ماستر ريواچند کان شاھ جون ڪافيون ٻڌي، اسان شاگردن کي جو سرور پهچندو هو، سو منظر اجا مون کان وسري نٿو سگهي. جڏهن ڇهہ درجا سنڌي پڙهي، پارسي پڙهڻ وينس تہ، ان وقت منهنجي اها حالت هئي تہ شاھ صاحب جو رسالو ۽ ديوان حافظ سدائين ساڻ هوندا هئم. شاھ جي ڀٽ تي جمعي رات وڃي راڳ ٻڌڻ جو شوق بہ ان وقت کان پيدا ٿيل هو. هالا تعلقي جي ڳوٺن، پاٽوٺ ۽ هالا پراڻا ۾ جڏهن بہ عزيزن ۾ ويندو هوس، تہ اڪثر جمعي جي رات درگاھ تي وڃي راڳ ٻڌندو هوس. اهڙي طرح آهستي آهستي، شاھ لطيف ڏانهن رغبت وڌندي ويئي. ڊسمبر 1924ع جي آخر ۾ برادرم ميران محمد شاھ مرحوم ۽ آءُ گڏجي ڀٽ شاھ تي زيارت لاءِ وياسون. تنهن کان پوءِ تہ ٻيئي سندس شيدائن جي قطار ۾ داخل ٿي وياسون.

سائين ميران محمد شاھ، علمي، ادبي ثقافتي توڙي لطيف جي عرس تي ميلا مچائڻ لاءِ جي. ايم سيد ڏانهن وقت بہ وقت خط لکندو هو. اهڙي طرح سائين جي. ايم سيد، سيد ميران محمد شاھ، ڄيٺمل پرسرام ۽ مخدوم طالب المولىٰ سان گڏجي ڀٽ شاھ ۾ شاھ سائينءَ جي عرس جي موقعي تي راڳ رنگ ۽ ادبي ڪانفرنسون شروع ڪرائڻ جو رواج وڌو. جيڪو هن وقت بہ جاري و ساري آهي.

سائين جي. ايم سيد لکي ٿو تہ، برادرم ميران محمد شاھ مرحوم، ضلعي لوڪل بورڊ حيدرآباد جي پريزيڊنٽ ٿيڻ بعد 1930ع ۾، شاھ جي ميلي جي موقعي تي صوفيانہ ۽ ڪلچرل ڪانفرنس جو جڏهن انتظام ڪيو تہ، ڪراچي مان دادا ڄيٺمل پرسرام، سرڳواسي لالچند جڳتياڻي، منگھارام ٺهلراماڻي ۽ آءُ بہ اچي ان ۾ شريڪ ٿيس. ڪراڙ ڍنڍ جي ڪناري تي تنبو لڳي ويا هئا. اديبن، شاعرن ۽ صوفين جو چڱو تعداد ڪٺو ٿيل هو. بہ ٽي ڏينهن چڱي موج لڳي. انهيءَ ابتدائي ڪوشش اڳتي هلي موجوده ڀٽ شاھ ڪلچرل ڪانفرنس ۽ مرڪز جي صورت اختيار ڪئي. اهڙي نموني شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي ميلي جي موقعي تي، ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنسون ڪوٺائڻ جي شروعات ٿي. ۽ پوءِ هر سال انهن ڪانفرنسن ۾ اسان ۽ ٻين ليکڪن شاھ لطيف جي ڪلام ۽ پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ مقالا پڙهيا.

ڀٽ شاھ تي سيد ميران محمد شاھ، سائين جي. ايم. سيد ۽ ٻين دانشورن عالمن سان گڏ آچر 14 صفر 1351ھ تي 18 جون کان 22 جون 1932ع ۾ عرس جي تقريبن جي شروعات ڪئي وئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڄيٺمل پرسرام، لعلچند امر ڏنومل، منگھارام ٺهلراماڻي، صوفي عبدالستار (جهوڪ)، صوفي روشن الدين (ڊورو نارو)، نواب غلام حيدر خان (تاج پور) کي ڀٽ تي مدعو ڪري، شاھ لطيف جي شخصيت، فن ۽ فڪر بابت گفتگو ڪرائي وئي. هن ڪانفرنس ۾ پهريون دفعو ڀٽ شاھ ۾ اليڪٽرڪسٽيءَ جو بندوبست ڪري، لائوڊ اسپيڪرن تي عرس جون تقريبون ملهايون ويون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد ميران محمد شاهہ ۽ سائين جي. ايم. سيد جي گڏيل ڪوشش ۽ دلچسپيءَ سان 12 ۽ 13 مارچ 1941ع تي ڪراچيءَ جي خالقڏني هال ۾ ”سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ“ طرفان ادبي ڪانفرنس جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن جو افتتاح شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ڪيو ۽ انهن ٻن ڏينهن جي مختلف نشستن جون صدارتون علامہ آءِ. آءِ. قاضي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪيون. هن ڪانفرنس ۾ هنن شاعرن ۽ اديبن ـ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، لعلچند امرڏني مل، عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، آسانند مامتوراءِ، سوڀراج نرملداس، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ليکراج ڪشنچند، مولوي محمد نورنگزاده ـ شاهہ سائينءَ جي فن ۽ فڪر تي مقالا ۽ شعر پڙهيا.

سيد ميران محمد شاهہ ۽ سائين جي. ايم. سيد جي ڪوشش سان سال 1949ع ۾ ڀٽ شاهہ ۾ نہ رڳو ادبي ڪانفرنس ملهائي وئي. پر ان موقعي تي ”شاهہ عبداللطيف يادگار ڪائونسل“ جو پايو وڌو ويو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ 1951ع کان سائين جي ايم سيد جي تائيد ۽ تاڪيد سان راڳ رس جي پهرين محفل ڀٽ شاهہ ۾ ميلي جي موقعي تي قائم ڪئي وئي. ان بعد اهي ساليانہ محفلون پهرين شاهہ لطيف يادگار ڪميٽي پاران ۽ پوءِ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي طرفان ميلي جي موقعي تي وڏي ڌام ڌوم سان ٿينديون رهيون.

سائين جي. ايم. سيد جا لطيف شناسيءَ تي مقالا مختلف ڪتابن، اخبارن، رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. تن مان ڪجھ هن ريت آهن.

مقالو، شاهہ لطيف ۽ سندس خاندان، قسط. 1، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، نومبر 1951ع. قسط. 2، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، جنوري 1952ع. شاهہ صاحب جا سياست تي نظريا، ڪتاب، پيغام لطيف. ساڳيو مقالو، ڪتاب. شاعرن جو سرتاج، خديجہ دائود پوٽو، پاڪستان پبليڪيشن، ڇاپو پهريون، 1963ع ۾ شايع ٿيس. شاهہ صاحب جي قوميت جو تخيل، ياد لطيف، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاهہ، 1953ع ۽ ڀيج ڀٽائي پبليڪيشن حيدرآباد، جنوري 2011ع. شاهہ صاحب جي عقيدتمندي، ڪتاب. نذر لطيف (خاص اشاعت) مرتب. ڊاڪٽر سيد عارف شاهہ گيلاني، ڇاپو پهريون، محڪمہ اطلاعات سنڌ ڀٽ شاهہ، 1954ع. شاهہ سان عقيدت مندي، (شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، خاص اشاعت) اطلاعات کاتو سنڌ. شاهہ ڀٽائيءَ جو احوال، ماهنامہ روح ادب حيدرآباد، آڪٽوبر 1954ع. ٽتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ماهوار روح رهاڻ، زندگي پبليڪيشن حيدرآباد، مئي. جون 1967ع. شاهہ صاحب جي تخيل واري سنڌ، ماهوار پورب، ڪراچي، 1995ع. ڀٽ شاهہ: سنڌي ثقافت جو مرڪز (سووينئر. ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز گولڊن جوبلي 2005ع). شاهہ جي سنڌڙيءَ جي تهذيبي عظمت، ڪتاب. اگهيا سُٽ سندا، مرتب. ڊاڪٽر نور افروز خواجہ، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، ڇاپو پهريون، آگسٽ 2007ع. شاهہ صاحب جو زمانو ۽ ان وقت جو ماحول، ڀيج ڀٽائي پبليڪيشن، فيبروري. مارچ 2008ع. شاهہ صاحب جي زندگيءَ جو مختصر احوال، ڀيج ڀٽائي پبليڪيشن حيدرآباد، فيبروري 2009ع. شاهہ جا مذهبي رايا، ڀيج ڀٽائي مئگزين، 13 / 2014ع. شاهہ صاحب ۽ اسان جون جوابداريون، ڀيج ڀٽائي پبليڪيشن، 15/ 2014ع.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين جي. ايم. سيد. جا شاهه لطيف بابت هيٺيان ٻه ڪتاب مشهور ۽ معروف آهن.

ڪتاب. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون وايون ۽ ڪافيون، ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1968ع. ڇاپو ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،1412هه/ 1991ع. هن ڪتاب جي ناشر طرفان پروفيسر محمد بچل پنهور محبوب سروري، سيڪريٽري ادبي بورڊ ڄام شورو، 28 نومبر 1991ع، مهاڳ: غلام مرتضيٰ شاهه، 15 اپريل 1964ع. هن ڪتاب ۾ 233 وايون ۽ 183 ڪافيون ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ ڏنل وايون اڪثر ميرزا قليچ بيگ جي ڇاپي نسخي تان ورتل آهن. ۽ هن ڪتاب ۾ ڪجهه اهڙيون ڪافيون به ڏنل آهن جيڪي عام رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڏنل ناهن. سائين جي. ايم سيد، جي جاکوڙ قابل تعريف آهي.

ڪتاب. پيغام لطيف، ڇاپو پهريون، محمد عثمان ڏيپلائيءَ اداراه انسانيت حيدرآباد، پاران 1950ع ۾ ڇپرو ٿيو هو. هن ڇاپي جي قيمت 5 رپيا هئي. ايوبي دور ۾ هن ڪتاب تي پابندي لڳل هئي. 1953ع. ڇاپو ٻيو، نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي، 1974ع. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1988ع. ڪتاب جو چوٿون ڇاپو جي. ايم سيد اڪيڊمي پاران 2005ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جي ٻارهن بابن جو انگريزي ترجمو پروفيسر Egbert Azariah ڪيو آهي، جيڪو ’سائين پبلشرز‘ سيوهڻ شريف پاران خادم حسين سومري، لالا عبدالرشيد پرنٽرز ، بابا فريد روڊ لاهور مان 1996ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب جو بئڪ ٽائٽل پنجابي زبان جي اسڪالر قاضي جاويد لکيو آهي. هو لکي ٿو ته، ”جي. ايم سيد هن ڪتاب ۾ پنهنجي مرشد (لطيف) جي ڪلام ۽ تعليمات جي سادي ۽ سڌي شرح ۽ نقط نظر بيان ڪئي آهي. ڪتاب اصل ۾ سنڌي ۾ لکيل هو، پر پبلشر ان جو انگريزي ترجمو ڇپائي، عالمي سطح تي ان جي قارئين ۾ اضافو ڪيو آهي. هي انگريزي ترجمو سچ پچ گهڻ تهذيبي دنيا لاءِ سنڌ پاران هڪ تحفو آهي.

ڪتاب. پيغام لطيف، جي. ايم سيد (جي ايم سيد اڪيڊمي سن ضلعو دادو، اڪيڊمي جو ڪتاب نمبر پهريون) ڪتاب ۾ ڏنل وچور: فصل پهريون: شاهه صاحب جي زندگيءَ جو مختصر احوال. فصل ٻيون: شاهه صاحب جو زمانو ۽ ان وقت جو ماحول. فصل ٽيون: شاهه صاحب سنڌ جو قومي شاعر. فصل چوٿون: شاهه صاحب جي تخيل واري سنڌ. فصل پنجون: شاهه صاحب جي قوميت جو تخيل. فصل ڇهون: شاهه صاحب ۽ ڊاڪٽر محمد اقبال جي نظرين تي هڪ نظر. فصل ستون: شاهه صاحب جا مذهبي رايا. فصل اٺون: شاهه صاحب جي ڪلام جون خصوصيتون. فصل نائون: شاهه صاحب جو سنڌين لاءِ سنيهو. فصل ڏهون: شاهه صاحب جا سياست تي نظريا. فصل يارهون: اسان جون شاهه صاحب ڏانهن جوابداريون. فصل ٻارهون: شاهه صاحب جا چونڊيل بيت مختلف مضمونن تي.

سائين جي. ايم سيد جو ڪتاب. پيغام لطيف، ڪنهن گوهر کان گهٽ ناهي، ان ڪتاب مان هڪ موتيءَ جي صورت ۾ جملو ”سنڌ ديس کي شاهه صاحب وطن، ملير ۽ لوڙ جي نالي سان ياد ڪيو آهي. ۽ انهيءَ جي عوام کي ويڙهيچا، مارو، سنگهار، سيڻ، مٽ وغيره جي نالن سان سڏيو آهي.“ ص: 88.

شاهه صاحب سنڌ جي جملي رهاڪن کي بنا هندو مسلم فرق جي سنڌي ڪري تصور ڪيو آهي. جن ماڻهن کي ساراهيو اٿس تن مان اڪثر هندو هئا. هن نه ڪو محمد بن قاسم جي

تعريف ڪئي آهي. نہ ڪو محمود غزنويءَ کي ساراهيو اٿس، اورنگزيب يا ڪلهوڙن جي مذهبي سياست جو مٿس اثر پوي ها تہ، ضرور انهن جو نالو پنهنجي ڪلام ۾ آڻي ها. پر ڪٿي بہ اهو ڏسڻ ۾ نہ ايندو. ساڳيو ڪتاب. ص: 105.

سائين جي. ايم سيد 25 اپريل 1995ع / اڱارو 25 ذوالقعد 1415ھ تي هن فاني دنيا کي الوداع چئي دار البقا ڏانهن راهي ٿيو. سندس مزار سن جي اباڻي قبرستان ۾ آهي. سندس ڪفن دفن واري رسم ۾ مختلف مذهبن ۽ طبقن جي هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. ان وقت مسلمان قرآن شريف، هندو گيتا ۽ عيسائي بائيبل پڙهي رهيا هئا ۽ ڀٽائي جي رسالي جو ورد بہ جاري هو. اهڙي طرح سنڌ جي تاريخ جو هڪ سونهري باب پڄاڻي تي پهتو. سياسي بصيرت ۽ علم و ادب جي پرک، شاهہ لطيف جو پارکو هئڻ ڪري سنڌ جو ٻچو ٻچو سندس نالي کان واقف آهي.

## پروفيسر عبدالعلي قلباڻي

سنڌ جو مشهور معروف استاد، عالم، شاعر ۽ شاهہ لطيف جو شيدائي. عبدالعلي بن فتح علي (بن امام بخش بن الله ڏتو بن والي ڏنو بن قادر بخش بن قل محمد بن گل محمد بن قلب علي قلباڻي ) 31 مئي 1909ع / سومر 11 جمادي الاول 1327ھ تي روهڙيءَ ۾ پيدا ٿيو (حوالو. شجره جات قلباڻي موساڻي يعقوبي جماڻي، خانواد گان، قلمي). هن ابتدائي تعليم روهڙيءَ مان، مئٽرڪ سنڌ مدرسة الاسلام مان، بي. اي ممبئي يونيورسٽيءَ مان ۽ بي.ٽي جي سند ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. عبدالعلي قلباڻي تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. هن سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ 1949ع ۾ رٽائر ٿيو. هن سچي چمار گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۽ ٻين ڪاليجن ۾ سنڌيءَ جي پروفيسر طور گذاري ڇڏي. ڊاڪٽر سليمان شيخ مضمون ”عبدالعلي قلباڻي“ ۾ لکي ٿو تہ: قلباڻيءَ کي سنڌي ٻوليءَ سان عشق هو ۽ لطيف سائينءَ جو چڱ ودڀو مريد ۽ معتقد هو. سائين سنڌي پڙهائيندو هو. انهن ڏينهن ۾ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ ٻارن ۾ مقابلن جي ڪري سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور هو ۽ قلباڻي صاحب تقرير جي فن تي تربيت ڏيندو هو. تقريرون ياد ڪرائيندو هو. سندس اها روايت هئي تہ تقرير ۾ ڪيئن بہ ڪري شاهہ لطيف جو ڪو نہ ڪو بيت ضرور شامل هجي. ان ڪانسواءِ قلباڻي صاحب هاسٽل جو انچارج بہ رهيو ۽ هاسٽل جي هر ڪمري ۾ وڃي سنڌي شاگردن کي ياد ڏياريندو هو تہ شاهہ لطيف جي ڏهاڙي تي هلڻو آهي ۽ پاڻ اتي ادبي ڪانفرنس ۾ لطيف جي فڪر تي مضمون پڙهندو هو. شاهہ عبداللطيف جي حوالي سان پروفيسر قلباڻيءَ سوين مقالا لکيا ۽ ڪيترائي شاگرد سندس معتقد آهن. سڀ کان پهرين هن ۽ سائين غلام شبير شاهہ تحقيق ڪري شاهہ لطيف جي ولادت جي تاريخ پهرين رجب نروار ڪئي پوءِ پهرين رجب تي شاهہ سائينءَ جو جشن ولادت ملهايو وڃي ٿو. اها تاريخ شاهہ جي هن بيت مان ڪڍي هئائين. نو نيئر ڏهہ ڏانوٽيون پندرهن پيد پياس، جڏهن پربن ياد پياس، تہ چرک نہ چنائين هڪڙي.

قلباڻي صاحب جون علمي ادبي حلقي ۾ بيشمار خدمتون آهن. تن مان سندس اڻ مٽ احسان هي بہ آهي جو، هن انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو کي پنهنجي لائبريريءَ جا 1169 ڪتاب ۽ 897 رسالا تحفي طور ڏنا. جنهن کان پوءِ سندس نالي پويان سنڌالاجيءَ ۾ ”عبدالعلي قلباڻي ڪارنر“ قائم ڪيو ويو. سنڌالاجيءَ ۾ موجود انهيءَ ڪارنر جي ڪيترن ئي ڪتابن تي ”شاهہ لطيف اڪيڊمي روهڙي“ جون مهرون لڳل آهن. قلباڻي صاحب روهڙي ۾ شاهہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف اڪيڊمي قائم ڪئي هئي. هن شاهه لطيف جي شيدائي ڀٽ شاهه ادبي ڪانفرنسن ۾ ۽ ٻين موقعن تي جيڪي مضمون مقالا پڑهيا هئا، تن مان ڪجهه هن ريت آهن.

مضمون، شاهه جو سر مارئي، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، مارچ 1951ع. شاهه عبداللطيف ۽ ڳوناٽي زندگي، رسالو ڳوٺ سڌار (شاهه لطيف نمبر) حيدرآباد، سيپٽمبر 1956ع. سر ڪياڻ ۽ تلميحون، لطيف سالگره مخزن، مرتب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه / حيدرآباد، 1969ع. اسان جو قومي ورثو، لطيف سالگره مخزن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه / حيدرآباد، 1967ع. شاهه عبداللطيف ۽ عوام، ڪتاب. نقش لطيف (خاص اشاعت) مرتب. شيخ عزيز، ڇاپو پهريون، اطلاعات کاتو حيدرآباد، اپريل 1970ع. شاهه لطيف جي مرڪزي حيثيت، رهبر ڊائجسٽ حيدرآباد، مارچ 1973ع. شاهه جو رسالو. سر ليلان چنيسر مان لطيف جو پيغام، ڪتاب. سر ليلا چنيسر، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، آڪٽوبر 1986ع. شاهه جي ڪلام ۾ اخلاقيات، ڪتاب. سر ڪاموڏ، حميد سنڌي، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1988ع.

شاهه سائين سان عقيدت جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيائين.

شاهه جي سَنڌ سَنڌ ۾ سِنڌ آ، سِنڌ جي سَنڌ سَنڌ ۾ شاهه آ،

سِنڌ ساري شاهه جي آ، شاهه سِنڌ جو ساهه آ.

پروفيسر عبدالعلي قلباٽي 9 مارچ 1988ع تي وفات ڪئي، ڪيس شاهه لطيف جي روضي ويجهو دفن ڪيو ويو. جنهن لاءِ هن اڳواٽ اجازت وٺي ڇڏي هئي. حوالو. روهڙيءَ جون ساڃاهون تي سورائٽيون صديون، ص. 374. ( ولادت 2 جون 1909ع ۽ وصال 9مارچ 1988ع. آخري آرامگاهه ڀٽ شاهه، حوالو. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا. جلد.12، ص.184 ) ولادت 7 جون 1909ع ۽ وصال 8 مارچ 1988ع. سنڌس وصيت مطابق ڪيس تمر فقير جي سيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو. (حوالو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي انسائيڪلوپيڊيا (جلد پهريون) ص. 253).

# فقير يار محمد پيرزادو

فقير يار محمد پيرزادو غريب خاندان جو روشن ڏيو هو، ڪتاب، جن سين لنئون لاڳي، ۾ اقرار پيرزادو صاحب لکي ٿو تہ فقير يار محمد جو جنم 1931ع / 1350هه ڏاري فيڊر پرسان ڳوٺ پنڏا شيخ ۾ ٿيو. (ڪجهه ليکڪن سنڌس جنم 1927ع / 1345هه لکيو آهي.) پنجن ڇهن ورهين ڪانپوءِ اهو ڳوٺ سنڌو پاڻي ويو تہ ان ڳوٺ جو وجود ئي ختم ٿي ويو. جنهن ڪان پوءِ سنڌس والد شفيع محمد عرف ملا جمن 1936ع ۾ ٻلهڙيجيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. فقير يار محمد صاحب جواني موهن جي دڙي لڳ ڳوٺ حاجي لعل بخش شيخ (ٻلهڙيجي) ۾ گذاري.

1945ع ۾ سنڌي فائينل پاس ڪري معلم ٿيو. 1952ع ۾ ڪيس داروغي جي ڊيوٽي ملي. ان نوڪريءَ سبب درياهه جا ڪپ ۽ واهڙن جا وڏا سير ڪيائين. ماڻهن سان ميل ملاقاتون، ڪچهريون ۽ انهن جي خيالن مان حاصلات ڪيائين. پر اها نوڪري ڪيس راس نہ آئي تہ گهرو ڪم ڪار ۾ لڳي ويو. فقير يار محمد جڏهن پنجاهه سالن جو سفر طئہ ڪيو تہ ڪنهن موڙ تي ڪيس عشق جي ڪاري ڪانوَ گهائي وڌو ۽ پوءِ هن شاهه جي رسالي ۾ پناهه ڳولي لڌي. عشق سنڌس در پيهي آيو تہ سنڌس دنيا ئي متجي وئي. پوءِ جيڪي راز عيان ٿيس، انهن جي اپٽار هن شاهه لطيف جي بيتن جي شرح لکندي ڪئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير يار محمد کي پٽائيءَ جا تمام گهڻا بيت ياد هوندا هئا، شاهه جا بيت پڙهندي پڙهندي سندس ڳلن تان ڳوڙها ڳڙي پوندا هئا ۽ هر بيت جي روحاني تشريح ڪندو هو. پنهنجي مئخاني تي فقيرن کي پٽائيءَ جا بيت ۽ وايون ياد ڪرائيندو هو. اقرار پيرزادو لکي ٿو ته فقير يار محمد جي مئخاني ۾ هڪ پيري صوفي جانڻ چن به اچي پهتو ته ڳالهين دوران فقير يار محمد کائنس پڇيو ته ”حسين ۽ يزيد ٻئي توهان جي سامهون اچن ته اوهان ڪنهن کي سجدو ڪندا؟“ جانڻ چن جواب ۾ چيو ”ٻنهي کي“ جنهن تي فقير يار محمد چيس ”جيڪو حق ۽ باطل جو فرق نه ڪري تنهن تي اسان جو تبرو آهي.“ ۽ جانڻ چن به جهولي جهليندي چيو ”مون کي اوهان جي لعنت قبول آهي.“

مشهور ليکڪ مرحوم لطف پيرزادو لکي ٿو ته هن جي زبان تي هر وقت لطيف جو بيت هوندو هو ۽ ان جون اکيچار معنائون ڪندو هو. فقير يار محمد ستين سن هجري وارو سنڌي معنيٰ سان قرآن شريف (جيڪو مٽياريءَ جي مولوي عبدالعزيز جو سنڌيءَ ۾ پهريون ترجمو هيو.) جو دور ڪندو هو. ان سان گڏ شاهه جي رسالي بمبئي واري نسخي جو پڻ دور ڪندو هو. ان ورد سبب فقير سائين کي شاهه جا بيت تمام گهڻا ياد ٿي ويا هئا. جيڪي هردم هن جي زبان مان پيا ٻڌندا هئاسين. انهن بيتن جون عجيب عجيب معنائون ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن فتوي واري انداز ۾ چوندو هو ته لطيف فقير آهي، فقير کان سواءِ سندس راز ڪير به پروڙي نه ٿو سگهي، عاشق ئي هن جي ٻوليءَ کي سمجهي سگهن ٿا. جنهن تان اسين سندس سان اختلاف ڪندا هئاسين. زندگيءَ جي آخري سالن ۾ بيمار هوندي به فقير صاحب، شاهه جي رسالي جي شرح لکي هئي. ان شرح لکڻ لاءِ ڪيس شاهه محمد پيرزادي راضي ڪيو هو، پوءِ فقير صاحب تمام ٿوري وقت ۾ اهو ڪم مڪمل ڪيو ۽ ستار پيرزادي ان شرح جا ڪجهه سر ڇپرايا هئا. جنهن کي بدر ابڙي جي صلاح سان فقيراڻي شرح جو نالو ڏنو ويو هو. پوءِ ڪاڇو پبليڪيشن ان سڄي شرح کي ڇاپڻ جا سانباها ڪيا ته، فقير يار محمد کي زندگيءَ وڌيڪ مهلت نه ڏني جو، هي ڪتاب ڏسي سگهي. هي شاهه جو شيدائي 5 آگسٽ 1998ع تي هن جهان کي الوداع ڪري ويو. (ڪجهه ليکڪن سندس وصال 23 جولاءِ لکيو آهي.)

جيسين هئي جيئري، ورچي نه ويٺي،
وڃين پونءِ پيٺي، سارينديءَ کي سڄڻين.

**ڪتاب.** شاهه لطيف جي شرح (فقيراڻي انداز ۾) شاهه جي رسالي جي پنجن سُرن (سر ڪاموڏ، سر ڪيڏاري، سر ڪنيات، سر سريراڳ ۽ سر سامونڊيءَ) تي مشتمل هيءَ شاهه لطيف جي شرح، فقير يار محمد پيرزادي، پلهڙيجيءَ واري جي فقيراڻي انداز ۾ ڪيل آهي. فقير صاحب ڪتاب جي ارپنا، پنهنجي ناني لعل بخش شيخ جي نالي ڪئي آهي. سنڌ ادبي اڪيڊميءَ جي ستار پيرزادي، مون سي ڏنا ماءِ، جي عنوان سان فقير يار محمد جو تعارف ڪرايو آهي. جڏهن ته ”خيالِ فقير“ جي عنوان سان فقير يار محمد پيرزادي پنهنجي خيالن ۽ ڪتاب جو تعارف ڪرايو آهي. هي ڪتاب سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچيءَ ڇاپيو پهريون جون 1999ع ۾ ايجوڪيشنل پريس ڪراچيءَ مان شايع ڪرايو.

هن فقير صفت انسان پٽائي سرڪار سان محبت ۽ عقيدت سبب سندس ڪلام کي پرکي پروڙي پنهنجي انداز ۾ هڪ لاجواب ڪم ڪيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مراد علي مرزا

عظيم ڊراما نگار ، ناول نويس ۽ شاهه سائين جو پارکو مراد علي مرزا جو اصل نالو، علي بچايو ۽ اختر ڪربلائي. والد جو نالو. ميرزا مهر علي بيگ. والده جو نالو. ملڪ النساءِ صاحبہ. مراد علي مرزا جي ولادت: 27 آگسٽ 1929ع / اڳارو 21 ربيع الاول 1348هہ ۾ ٿي. ولادت جو هنڌ: علي آباد، ٽنڊو آغا، حيدرآباد. پهريون استاد: مامو ميرزا امام بخش بيگ. پهريون اسڪول: 1934ع کان آسودو مل پرائمري اسڪول نزد قليلي حيدرآباد پوءِ ٻار سڌار اسڪول ۾ داخل ٿيا. تعليم: انٽر، سٽي آرٽس ڪاليج حيدرآباد. ايم. اي (سنڌي)، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو. نوڪري: حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي بحيثيت ڪلارڪ طور ڪم ڪيائون. 1962ع کان ريڊيو پاڪستان ۾ پروڊيوسر مقرر ٿيا ۽ ڪوئيٽا ۽ حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشنز تي رهيا، بعد ۾ پروگرام مئنيجر جي حيثيت ۾ ريڊيو ڪراچي، خيرپور ۽ حيدرآباد ۾ خدمتون سرانجام ڏئي 1989ع تي پروگرام مئنيجر جي حيثيت ۾ حيدرآباد اسٽيشن تان ريٽائر ٿيا.

ڪي مشهور ريڊيو ٽي.وي ڊراما: 1. ويهين ورهيءَ کان پوءِ. 2. لهرين لڪ لباس. 3. قيد خانو. 4. زنجير. 5. چوراهو. 6. اداس پاڇا. 7. ٻڏگاري ڪئمپ. 8. آئينو. 9. اجرو من. 10. زخم زندگيءَ جا. 11. گنهگار. 12. ناسور. 13. سيئڻ هنيائون سچ ۾. 14. ڪماڙو ۽ ڪنڌ. 15. مونجهارو (ڊرامو).

مراد صاحب پهرين تحرير اختر ڪربلائي جي نالي سان ڊائري ۾ لکي. ڪين اهو تخلص پنهنجي مامي مرزا علي بخش ڪوثر پاران ڏنو ويو هو.

مراد صاحب سان ادبي شامون: 1. مراد صاحب جي ناول ”سامي سچ وڙاءُ“ جي مهورت 21 فيبروري 2009ع تي شاهه لطيف سينٽر اسلام آباد ۾ ٿي. تقريب جو خاص مهمان هو، جناب مرتضيٰ سولنگي، ڊائريڪٽر جنرل، پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن. 2. ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ جناب اڪبر لغاري پاران عمرڪوٽ ۾ مراد صاحب جي ناول ”سامي سچ وڙاءُ“ بابت هڪ ادبي ويهڪ 3 جولاءِ 2010ع تي منعقد ٿي.

**اعزاز:** 1994ع ۾ کين پرائيڊ آف پرفارمنس سان نوازيو ويو. **علالت:** کين ٽي جنوري 2011ع ڌاري فالج جو حملو ٿيو ۽ اها ئي علالت سندن وفات جو سبب بڻي. پوءِ اڳارو پهرين مارچ 2011ع بمطابق 25 ربيع الاول 1432هہ تي 10 هين وڳي صبح جو پنهنجي ٽنڊو آغا علي آباد واري رهائشگاهه ۾ وفات ڪيائون. سندن مڙهه کي داتا جمن شاهه شهيد جي درگاهه واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. جتي سندن ئي تربت جي آس پاس ممتاز مرزا صاحب جي به آخري آرامگاهه آهي.

نصير مرزا، مراد علي مرزا جي مڪمل سوانح حيات ڪتاب ”قلم جنين جي هٿ ۾“ ڏني آهي. سائين نصير مرزا جي ٿورن سان ان مان ڪي خاص ڳالهيون مٿي ڏنيون ويون آهن.

مرزا صاحب جو پسنديده شعر:

پر ٿوو پنهوءَ جو، جُهڙ جيئن جهالا ڏي،
آئون ٽنهن آريءَ کي، ونئو راهه رئان گهٽو.

(شاهه)

مرزا صاحب جا لطيفي پورهئي بابت هي مضمون مقالا نظر مان گذريا.

مضمون، سنڌ جي روايتي موسيقي، (شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو دور) ليکڪ الياس عشقي، (ترجمو: مراد علي مرزا) قسط. 1، الياس عشقي، سنڌيڪار. مراد علي مرزا، ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر 1966ع. قسط. 2، مارچ 1967ع. قسط. 3، مئي 1967ع. قسط. 4، جون 1967ع. قسط. 5، جولاءِ 1967ع. قسط. 6، سيپٽمبر 1967ع. قسط. 7، ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر 1967ع. شاهه جستجو ۽ جدوجهد جو شاعر، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، اپريل 1970ع. شاهه جي ڪلام ۾ تصوف ۽ روحانيت، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، اپريل 1970ع. سامي سچ وڙاءُ، لطيف ڊائجسٽ ڪراچي، اپريل 1985ع، آگسٽ 1985ع، آڪٽوبر 1985ع، نومبر 1985ع، ڊسمبر 1985ع. سامي سچ وڙاءُ، لطيف ڊائجسٽ ڪراچي، جنوري 1986ع، فيبروري 1986ع، مارچ 1986ع، سيپٽمبر 1986ع. (قسطن تي مشتمل). شاهه لطيف ۽ انگريزي شاعري (ايچ. ٽي سورلي جو جهامنداس ڀاٽيا سرگواسي ڏانهن ادبي خط) ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، مئي 1990ع.

مراد علي مرزا جون تصنيفون: 1. دنيا جا عظيم افسانا. 2. ٻارن لاءِ آڪاٽيون. 3. ادبي تنقيد جا اصول. 4. ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون. 5. شاهه عبداللطيف ڀٽائي. 6. موج موج مهراڻ (تعارف اردو ۾). 7. سامي سچ وڙاءُ. 8. Years of Solitude ( گارشيا مارڪيز جي ناول جو سنڌي ترجمو) اڪيلائي جا هڪ سؤ سال. 9. Daughter of the East (جو سنڌي ترجمو) پورب ڌائي، هن ڪتاب تي ڪيس پاڪستان سرڪار پاران صدارتي ايوارڊ ڏنو ويو.

مراد علي مرزا صاحب جا لطيفيات تي انمول ڪتاب هن ريت آهن.

ڪتاب. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي (ٻارن لاءِ) ڇاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 1984ع.

سندس وفات کان پوءِ محترم نصير مرزا ڪتاب "قلم جنين جي هٿ ۾ "سهيڙيو. ڪتاب. قلم جنين جي هٿ ۾ (مضمون، مقالا، انٽرويوز، مهاڳ ۽ ترجما) مرتب. نصير مرزا، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، آگسٽ 2014ع. هن ڪتاب جي صفحي 36 کان 89 تائين شاهه سائين متعلق مراد علي مرزا جون هيءُ تحريرون ڏنل آهن. 1. سامي سچ وڙاءُ (ناول جو آخري باب، 29 نومبر 2007ع). 2. شاهه جي حياتي. 3. شاهه جو زمانو. 4. شاهه لطيف جي شاعري. 5. شاهه جو رسالو. 6. شاهه جو پيغام. 7. شاهه، جستجو ۽ جدوجهد جو شاعر. ان کان علاوه هن ڪتاب ۾ سنڌيءَ ۾ ريڊيائي ناٽڪ، اسٽيج ڊرامو، تاريخي مضمون ۽ مشهور ليکڪن، شاعرن، فنڪارن بابت مراد علي مرزا جون لکڻيون، ترتيب ڏيندڙ نصير مرزا صاحب هن ڪتاب ۾ ڪوزي ۾ سمنڊ بند ڪيو آهي.

مراد علي مرزا صاحب سنڌيءَ ۾ پهريون ڀيرو هڪ منفرد انداز ۾ لاڪيٽي لطيف تي ناول "سامي سچ وڙاءُ" لکيو. ان جون ڪجهه قسطون ماهوار لطيف ڊائجسٽ ۾ شايع ٿيس. ان قسطن جي مقبوليت سبب هن ناول کي اڳتي وڌائيندي ڪتاب جي شڪل ڏني. سامي سچ وڙاءُ (ناول)، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2008ع ۾ شايع ڪيو. "سامي سچ وڙاءُ" نالو مرحوم ممتاز علي مرزا تجويز ڪيو هو. اهو ٻه پڻ شاهه جو شيدائي هيو. هي سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ناول آهي

جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شخصيت توڙي پوري زندگي ناول جي انداز ۾ لکي وئي آهي. هن ناول ۾ هڪ ٻار (ڀٽائيءَ) جي ڄمڻ، ان جي گهر جي ماحول، ان جي تعليم ۽ تربيت، خاص طور پهريون پيرو مکتب ڏانهن وڃڻ، پنهنجي طبيعت جي مطابق اڪيلائيءَ ۾ ويهي فطرت جي رازن رمزن کي سمجهڻ ۽ ڪائنات ۾ موجود سموريءَ سونهن کان متاثر ٿيڻ، جسماني ۽ فڪري واڌ ويجهه، بيقرار طبيعت کي قرار ڏيڻ جا جتن ڪرڻ، مختلف مذهبن ۽ فڪرن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ، شاعري ڪرڻ، سير سفر ڪرڻ ۽ پٽ کي وسائڻ وارا سمورا مرحلا ۽ معاملا، ماحول جي عڪاسي ٻوليءَ جي اُٽت ۽ حساڪيءَ سان هن ناول ۾ پيش ڪيا ويا آهن. ان ڪري يقينن سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ هي ناول پنهنجي اهم جاءِ والاري ٿو. ناول جي شروع ۾ پبلشر نوٽ موهن مدهوش لکيو آهي. جڏهن ته مهاڳ ريتا شهاڻي ۽ پنهنجي پاران مراد علي مرزا خود لکيو آهي. ڪتاب جي ٻئڪ ٽائٽل تي عرفان علي انصاريءَ جا انگريزيءَ ۾ تاثرات ۽ ڪتاب جي فليپ ڪور تي ڊاڪٽر قاضي خادم ۽ نصير مرزا جا رايا شامل آهن. هي ناول سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ متعلق پهريون تخليقي ناول آهي جنهن جي لکجڻ سان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ متعلق لکندڙن وٽ شاهه سائينءَ تي هڪ نئون انداز ۽ موضوع متعارف ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ شاهه تي فقط تحقيقي انداز ۾ لکڻ جو رواج عام رهيو آهي.

## ٻانهون خان شيخ

ڀٽ شاهه ضلعي مٽياري جو وينل بزرگ ٻانهون خان ولد جڙيو شيخ هڪ عالم شخص هو، هي روينيو کاتي جو رٽائر آفيسر هو. 19 اپريل 1928ع / خميس 28 شوال 1346هه تي ڀٽ شاهه ۾ ڄائو. شاهه لطيف جي رسالي سان وڏو شغف رهيس. لطيف سائينءَ جي درگاهه جي فقيرن جو صحبتي رهيو. 20 سال راتين جا اوجاڳا ڪري هن فقير محمد ابراهيم خاصخيليءَ جو راڳ ٻڌو ۽ ان جي يادداشت وارو سمورو ڪلام قلمبند ڪرڻ کان پوءِ تمر فقير جي اوطاق ۾ رکيل شاهه جي گنج (1207هه 1792ع جي لکيل)، ميين احمد ڀٽائيءَ جي لکيل رسالي (1304هه 1886ع)، ميين محمد ۽ حسين جي لکيل رسالي (1300هه 1882ع) ۽ ماسٽر محمد سارنگ لنجواڻيءَ جي لکيل رسالي ۽ سمورن ڇاپي رسالن کي پيٽي هن 1960ع ۾ شاهه جي رسالي جو هڪ مسودو تيار ڪيو. ان وچ ۾ ڪيس ٻه پراڻا قلمي نسخا، ٽنڊي مير محمود جي مير صاحبن جي ڪتب خاني مان ۽ سيد مسڪين شاهه ڪاٺونيءَ جي ڪتب خاني مان هٿ آيا ۽ 1949ع، 1974ع ۽ 1977ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڇپايل رسالن کي به هن آڏو رکيو. اهڙي طرح شاهه جي رسالي جو مڪمل متن 31 سرن، 4469 بيتن ۽ 300 واين تي مشتمل لفظي ۽ اصطلاحي معنيٰ سميت تيار ڪيائين. هن شاهه جي رسالي جا ٽي ڀاڱا ترتيب ڏنا. جن ۾ پاڱو پهريون 2000ع هن پهرين جلد ۾ سر ڪلياڻ، سر جمن، سر ڪنڀات، سر سريراڳ، سر سامونڊي، سر سهڻي، سر سارنگ ۽ سر ڪيڏاري سميت اٺ سر موجود آهن. ڀاڱو ٻيو 2001ع هن جلد ۾ سر سسئي آبري، سر معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري، سر حسيني، سر سورٺ، سر برئو سنڌي ۽ سر راڻو شامل آهن. ڀاڱو ٽيون 2002ع هن جلد ۾ سر ڪاهوڙي،

سر رامڪلي، سر پورب، سر بلاول، سر ليلا، سر ڏهر، سر جاجڪاٽي، سر ڪاپائتي، سر رپ، سر آسا، سر گهاتو، سر شينهن ڪيڏارو، سر مارئي، سر ڪاموڏ، سر ڪارايل شامل آهن. هنن ٽنهي جلدن جو مهاڳ پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين لکيو آهي. اهي ٽئي ڀاڱا شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. ڀانهي خان شيخ بيتن ڪي صحيح اُچارن سان پڙهڻ لاءِ اعرابون ڏنيون ۽ ڏکين لفظن جون معنائون پڻ ڏنيون آهن.

شيخ صاحب رسالي کان اڳ ڪجهه مضمون به لکيا ۽ هڪ تنقيدي ڪتاب به پڻ شايع ڪرايائين.

ڀانهي خان، ڪتاب "شاهه جو رسالو- رسالي جو ڪلام تي هڪ نظر" 1997ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ليکڪ هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي جي ڏهن جلدن تي تنقيد ڪئي آهي.

سندس ڪجهه هي مضمون ملي سگهيا آهن. مضمون، شاهه جو اڻڇپيل ڪلام، ماهنامو ڳوٺ سڌار ڪراچي، سيپٽمبر 1958ع. شاهه جو رسالو، رسالي جو ڪلام، هڪ جائزو، ڀانهو خان شيخ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 1999ع. رسالي جي پڙهڻين بابت ڪي مونجهارا، ڀانهو خان شيخ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2003ع.

ڀانهون خان شيخ لکي ٿو ته، سنڌي زبان۽ ثقافت جو گهڻي کان گهڻو دفينو ۽ ذخيرو سرڪار لطيف سائين جي ڪلام ۾ سمايل آهي. جنهن جي بقا لاءِ شاهه سائين جي ڪلام جي حفاظت ڪرڻ اسان جو مقدس فرض آهي. شاهه سائين جي ڪلام ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جو گهڻو حصو اڍائي سو سال پراڻو آهي. ان ڪري هن وقت اڻ پڙهيل ماڻهو ته ڇڏيو پر ڪيترا پڙهيل ماڻهو به ڪلام جي صحيح پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا.

هي شاهه جو شارح ڊگهي عرصي تائين بيماريءَ سان جهيڙيندي نيٺ آچر 19 آڪٽوبر 2008ع تي راهه رباني ٿيو. ڪيس بهترين محقق جو شاهه لطيف ايوارڊ فيبروري 2008ع ۾ مليو. سندس آخري آرامگاهه درگاهه ڀٽ شاهه لڳ تمر فقير پرسان آهي.

# رسول بخش پليجو

سنڌ جي نالي واري دانشور، اديب، نقاد، سياسي اڳواڻ ۽ شاهه جي پارکو رسول بخش پليجي جو جنم 20 جنوري 1930ع/ سومر 19 شعبان 1348هه تي علي محمد پليجي جي گهر ۾ ضلعي جنگشاهي ۾ ٿيو. هن شروعاتي تعليم مقامي ملا مڪتب مدرسي ۽ سيڪنڊري تعليم ٺٽي هاءِ اسڪول ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ مسلم لا ڪاليج ڪراچي مان قانون جي ڊگري (ايل. ايل. بي) حاصل ڪيائين. سندس شمار ملڪ جي وڏن ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي ناميارن وڪيلن ۾ ٿئي ٿو. رسول بخش پليجو صاحب گهڻ رخين صلاحيتن جو مالڪ هو. ڪيس ادب، سماج، سياست، تاريخ، تنقيد، سماجي سائنس، لطيفيات ۽ جدلياتي علمن جي وڏي ڄاڻ هئي. سندس زندگيءَ جي طويل سفر مان خاص ڳالهيون بيان ڪجن ٿيون.

جڏهن 1968ع ۾ جي. ايم سيد، ايوبي مارشل لا دوران هڪ وڏي عرصي جي نظربنديءَ کان پوءِ آزاد ٿي، سياست کان ڪناره ڪشي جو اعلان ڪري بزم صوفياءِ سنڌ قائم ڪئي ته، جي. ايم سيد ان تنظيم جو صدر ۽ رسول بخش پليجو سيڪريٽري ٿيو. ان پليٽ فارم تان سنڌ جي مختلف درگاهن تي جي. ايم سيد جا خطبا ڏئي ”سنڌي قوم جو جديد تصور“ پيش ڪيو. ان جدوجهد ۾ محمد ابراهيم جويي، شيخ اياز ۽ رسول بخش پليجي اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪن سببن جي ڪري، پليجي صاحب جا سيد سان اختلاف ٿيا ته، هن پنهنجي سياسي واٽ ڌار منتخب ڪئي. ۽ هڪ نئين پارٽي ”عوامي تحريڪ“ جو بنياد 1970ع ۾ حيدرآباد ۾ وڌائين. ان جو پهريون صدر ائڊووڪيٽ حفيظ قريشي ۽ جنرل سيڪريٽري رسول بخش پليجو ٿيا. ۽ ٻين ميمبرن ۾ فاضل راهو، سيد عالم شاهه، سردار محمد خان مگسي، يوسف ڪيڙانو، قاسم پٽر، شير خان لنڊ، قاضي غفار وارهه وارو، گل حسن ڪيڙانو ۽ ٻيا شامل هئا. هن 1970ع ۾ ”تحريڪ“ رسالو به شروع ڪرايو. جنهن جو پهريون ايڊيٽر قاسم پٽر ۽ سيد عالم شاهه هئا. هي رسالو مختلف وقتن تي بندش پوڻ جي باوجود شايع ٿيندو رهيو.

پليجي صاحب، عوامي تحريڪ جون مختلف ذيلي تنظيمون جوڙيون: 1. هاري تحريڪ (1974ع). 2. سنڌي شاگرد تحريڪ (1977ع). 3. سنڌي مزدور تحريڪ (1978). 4. سجاڳ ٻار تحريڪ (1978ع). 5. سنڌياڻي تحريڪ (1986ع). 6. سنڌي گرلس اسٽوڊنٽس تحريڪ (1998ع). 7. هندو سجاڳ تحريڪ (2003ع). قائم ڪيون. پليجو صاحب عوامي تحريڪ سان گڏ مختلف پارٽين ۽ اتحادن ۾ به شامل رهيو.

پليجو صاحب هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار، نقاد، مترجم ۽ لطيف جو پارکو هو. سندس پنجويهن کان مٿي تصنيفون آهن. تن مان ڪجهه هيءَ آهن.

1. اندا اونڌا ويج (تنقيد. 1961ع). 2. صبح ٿيندو. (سياست. 1984ع) 3. ڌراڙن جا ڏڪ. 4. جن جهونا ڳڙهه جلايو (تاريخي مضمون). 5. سنڌي ذات هنجن (تنقيد). 6. پسي ڳاڙها گل (ڪهاڻيون). 7. اوهان جي پڇاڻان (عالمي شاعريءَ جو ترجمو). 8. ڪوٽ لکپت جو قيدي. 9. وڳ ڪيئن وسرياءِ (پٽ ڏانهن خط). 10. سياسي ادب (جلد 1، 2، 3). 11. هرڻ هنيلا بينا سوچن (ڪالم). 12. ڇا وفاقي سياست ـ سنڌين لاءِ حرام آهي؟ 13. واتون ويهه ٿيون. 14.

جيڪي بنگال سان ٿيو. ترجمو (سياسيات. 1973ع). 15. مارن مونجهہ مياس (سياسي ۽ ادبي مضمون). 16. ويهڻ مون وڙاءُ (مضمون ۽ انٽرويو). 17. مائوزي تنگ (شخصيات. 1972ع. 18. هوچي منهہ جي آتم ڪهاڻي (ترجمو. 1972ع). وغيره.

پليجي صاحب جي تنقيدي ڪتابن: ”انڌا اونڌا ويچ“ ”سندي ذات هنجن“ ۽ ”هرڻ هنيلا بيٺا سوچن“ ۾ جديد سنڌي ادب جي تذڪري سان گڏ ڪٿي ڪٿي ان جي تحفظ ۽ جواب ۾ شاهہ لطيف جي بيتن کي پيش ڪيو ويو آهي. هوندئن بہ پليجي صاحب جي اڪثر تقريرن ۾ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي تشريح ۽ فڪر جي دائمي قدرن جو عام ذڪر هوندو آهي. هي محقق ”شاهہ لطيف جو جديد شارح“ سڏجي ٿو.

سندس شاهہ بابت مضمون، مقالا مختلف اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن. تن مان ڪجهہ هن ريت آهن.

مضمون، لطيفي روايت ۽ ان جي پوئواري (ويهڻ مون نہ وڙاءُ: 1967ع. ساڳيو مضمون، رسالي روح رهاڻ حيدرآباد، جون 1967ع ۾ بہ شايع ٿيس.) لطيف جي شاعريءَ جو انقلابي ڪردار (تحريڪ: 1973ع). لطيف جو سال. ماهوار، تحريڪ، اپريل 1978ع. نوريءَ جي نوازيو، ٿيو تماچيءَ تي. روزاني عبرت 25 مئي 2001ع. ڪاهوري ڪيڙائو (سرسامونڊي) ماهوار ڪاپڙي، جنوري 2006ع. وچئينءَ وينا هون، سانجهيءَ رهن سمهي ! اخبار ڪاوش 16 فيبروري 2015ع. لطيف وٽ ڏک جو تصور، ڪتاب. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال، ترتيب ۽ تدوين. ڊاڪٽر فياض لطيف، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، 2017ع ۾ شايع ٿيو. شاهہ لطيف جا فڪري پهلو ۽ انساني چاڻ جا سرچشما، پيج پنائي مئگزين، نومبر 2017ع.

لطيف شناسيءَ تي مٿي ڏنل ۽ ڪجهہ ٻيا ٽڙيل پکڙيل مضمون، مقالا ۽ سندس ليڪچر ڪتاب ”تنين ماڪ ميڙيا“ ۾ ڏنا ويا آهن.

ڪتاب. تنين ماڪ ميڙيا، ليک، رسول بخش پليجو. سهيڙيندڙ، اسماعيل خاصخيلي ۽ لال جروار. روشني پبليڪيشن، ڇاپو پهريون 2016ع. انتساب: سورمن ۽ سورمين جي نانءُ. ٻہ اکر: لال جروار، اسماعيل خاصخيلي 25 آڪٽوبر 2016ع. مهاڳ: مير حسن آريسر 4 سيپٽمبر 2015ع ۾ لکيو. تنهن بعد ڪتاب ۾ ڏنل مواد 1. عالمي انساني فڪري تاريخ ۾ تصوف جو ڪردار. جي عنوان سان 28 ڊسمبر 1997ع ۾ ڳوٺ صوفي فقير تعلقي عمرڪوٽ ۾ صوفي صادق فقير انٽرنيشل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي تقرير ڪيائين. 2. لطيف جي شاعري ۽ ان جو عالمي تاريخي پسمنظر. 3. لطيف جي شاعريءَ جا فڪري سرچشما. جي عنوان سان 19 ڊسمبر 1997ع تي پليجو هائوس، پرنس ٽائون حيدرآباد ۾ ليڪچر ڏنائين. 4. لطيفي روايت ۽ ان جي پوئيواري. 5. لطيف جي تخيل جي اڏام. 6. پاڻ کي هاٿي عظيم شاعري گهرجي. (ڪاوش 18 جنوري 2003ع ۾ ڇپيل) 7. لطيف جي نظر ۾ اعليٰ انساني آدرش. 8، لطيف جي شاعريءَ جو انقلابي ڪردار. 9، لطيف وٽ هڪ انقلابيءَ جو تصور. 10. لطيف وٽ ڏک ۽ سک جو تصور. 11. لطيف سچ جو پير جهلو ۽ طرفدار. (جي عنوان سان 2008ع ۾ قمبر ۾ ليڪچر ڏنائين.) 12. لطيف مظلومن ۽ محڪومن جو آواز. (جي عنوان سان 20 نومبر 2004ع ۾ ميرپور خاص ۾ ليڪچر ڏنائين.) 13. لطيف: بي خبريءَ ۽ غفلت خلاف چتاءُ. 14. ڏکن سکن جي سونهن. 15. ڏيڪاريس ڏکن، گوندر گس پرينءَ جو. 16. ڪاهوري ڪيڙائو. 17.

ماءُ ڪاهوڙي آيا. 18. بروهو پنيور، پر آرياڻي اجاربو. (جي عنوان سان تنديِ سومري ۾ ليڪچر ڏنائين.) 19. نوريءَ جي نوازيو، ٿيو تماچيءَ تي. 20. ڦريا پسي ڦيٽ. 21. وڃئينءَ وينا هون، سانجهيءَ رهن سمهي ! 22. لطيف جو سال. 23. نئون نياپو آئيو. (جي عنوان سان نوشهرو فيروز ۾ 1995ع تي ملهايل جشن لطيف ۾ تقرير ڪيائين. 24. جت نہ پکيءَ پير. (جي عنوان سان "جشن لطيف" جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي ۾ 25 نومبر 1993ع تي تقرير ڪيائين.) 25. هورين هاڙهو لنگهيو. (12 فيبروري 1991ع تي "جشن لطيف" لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري ۾ ڪيل تقرير.) 26. اڪ اُلٽي ڏار. (24 ڊسمبر 1990ع، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ ملهايل "جشن لطيف" ۾ ڪيل تقرير.) 27. گنگا جَر جيئن جڪرو. (26 آڪٽوبر 1994ع تي "جشن لطيف" خيرپور ميرس ۾ ڪيل تقرير.) 28. اڱيان ٽڪر ٽر. (26 جولاءِ 1986ع تي دادو ۾ ملهايل "جشن لطيف" جي موقعي تي ڪيل تقرير.) 29. پکو آئون نہ چوان. (7 مئي 1997ع تي "جشن لطيف" بدين ۾ ڪيل تقرير.) 30. اڄ اڱڙيا آيا. (13 سيپٽمبر 1997ع "جشن لطيف" ڏگهڙي ۾ ڪيل تقرير.) 31. متو آهين مڇ. (14 ڊسمبر 1997ع ۾ "جشن لطيف" جي موقعي تي مٺي ٿر ۾ ڪيل تقرير.) 32. ڪرت وارا ڪي. (17 مارچ 2001ع ۾ "جشن لطيف" ونگي اوٺا لڳ چمبڙ ۾ تقرير.) 33. اونداهيءَ ۾ سوجهرو. (29 آڪٽوبر 1987ع تي "جشن لطيف" سامارو ۾ ڪيل تقرير.) 34. سڌر سين سنگ ٿيو. (15 ڊسمبر 2006ع ۾ "جشن لطيف ڪراچي ۾ ڪيل تقرير.) 35. لٿو اونداهو. (جي عنوان سان "جشن لطيف" ٺٽي ۾ ڪيل تقرير.) 36. ڪيرون ڪاهوڙين جون. (7 مئي 1997ع "جشن لطيف" بدين ۾ ڪيل تقرير.) 37. اِيءَ وڙ ويڙهيچن. (23 جولاءِ 2011ع تي "جشن لطيف" ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪيل تقرير.) 38. وڳر ڪيو وتن. (سال 2004ع "جشن لطيف" ڀنون ۾ ڪيل تقرير.) 39. لطيف بابت سوالن جا ڏنل جواب.

رسول بخش پليجي صاحب هڪ تقرير ۾ لطيف سائين کي ڀيٽا ڏيندي چيو تہ، لطيف گهٽين شين جو عاشق آهي، لطيف پاڻ بہ عاشق هو، پر عاشقن جو بہ عاشق هو، لطيف عاشق هو اعليٰ انساني آدرش جو، اعليٰ انساني گڻن جو، اعليٰ انساني علمن جو، پر جيڪڏهن جن گڻن تي لطيف عاشق هو تن جو نچوڙ ڪيجي تہ لطيف وڏيڪ سونهن جو عاشق هو.

لطيف سائين جي عاشق، دانشور ، مفڪر رسول بخش پليجي 22 رمضان المبارڪ 1439هہ مطابق 7 جون 2018ع ۾ خميس جي ڏينهن صبح جو وفات ڪئي. ڪيس پنهنجي ڳوٺ منگر خان پليجي ۾ دفن ڪيو ويو.

# سراج الحق ميمڻ

شاهہ جو پارڪو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان سچو عشق رکندڙ، دانشور، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ، محقق، قانوندان ۽ ماهر لسانيات ’سراج‘ جو پورو نالو سراج الحق ولد محمد يعقوب ميمڻ هو. هن 24 آڪٽوبر 1933ع بمطابق اڳارو 5 رجب 1352هہ تي ٽنڊي ڄام ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. سندس والد محمد يعقوب ’نياز‘ ميمڻ وقت جو بهترين تعليمدان ۽ علم و ادب سان اٿاهہ چاهہ رکندڙ شخص هو. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ مان وٺڻ کان پوءِ نور محمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ پوري يونيورسٽيءَ ۾ ٽين پوزيشن حاصل ڪئي. سندس تعليم بي. اي (آنرس)، ايم. اي (ايڪانامڪس) ۽ ايل. ايل. بي هئي. سراج ملازمت جي ابتدا محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي پريس ۾ ڪم ڪرڻ سان ڪئي، جتي هو پروف ريڊنگ ۽ ترجمي جو ڪم ڪندو هو. جتان 1953ع ۾ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ ۾ نوڪريءَ لاءِ ڪيس سنڌ جو برک ڏاهو محمد ابراهيم جويو وٺي آيو ۽ 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو. 1957ع ۾ سي. ايس. ايس جو چٽاڀيٽيءَ جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽئڪس کاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيو.

سراج الحق سنڌي ادب جي هڪ گهڻ پاسائين شخصيت رهيو، هن ڪهاڻيون بہ لکيون. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1961ع ۾ (هن جو سن 1971ع بہ ملي ٿو.) ’اي درد هلي آءُ‘ جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ٻيو مجموعو ’اٺون ماڻهو‘ 1985ع ۾ شايع ٿيس. جديد سنڌي ادب ۾ سراج سڀ کان وڌيڪ تخليقي ناول لکيا ۽ هي اهو پهريون سنڌي ليکڪ هو جنهن ٽن ناولن تي ٻڌل ’پياسي ڌرتي رمندا بادل‘ جي نالي سان سنڌي ادب جي پهرين ٽريلا جي لکي. سراج، سنڌ جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو. جن سنڌ جي تاريخ اڳ ۾ ڪانہ پڙهي هئي. تن سراج جا ناول پڙهي پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي ورتي. سراج جو پهريون جڳ مشهور ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ 1979ع ۾ ڇپيو. هي ناول سنڌ جي ارغونن ۽ ترخانن جي ڪُهري دور جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. سندس ٻيو ناول ’مرڻ مون سين آءُ‘ 1988ع ۾ ڇپيو. ان کانسواءِ ’منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا‘، ’منهنجي دنيا هيڪل ويا ڪل‘ ، تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول‘ سندس اهم ناول آهن.

هن ڪيترائي ڊراما ۽ ناٽڪ لکيا جن ۾، ڳهاتو ڳهر نہ آيا (شاهہ جي سر ڳهاتوءَ تي ٻڌل ناٽڪ)، ’ جر ۾ ڦوٽو جيئن‘، ’پوڇا ڏنم پير، ڍڪڻ مٿي ڍول جا‘، ’تنهنجي تند تنوار‘، (سر پيرويءَ تي ٻڌل آزاد نظم ۾ ناٽڪ) ۽ ’پروفيسر‘ وغيره شامل آهن. لسانيات جي حوالي سان سندس اهم تصنيف ’سنڌي ٻولي‘ 1964ع ۾ ڇپيو، جنهن سنڌي ادب ۾ ٻوليءَ جي ارتقا جي حوالي سان نوان بحث ڇيڙيا. هن ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو هن سنڌ جي ٻين عالمن سان اختلاف ڪندي سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت مان نڪتل زبان، دراوڙي ڪل جي زبان ۽ ’سامي سٽ‘ جي زبان وارن نظرين ۽ مفروضن کي رد ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي اصلوڪي ۽ بنيادي ٻولي قرار ڏنو. سندس راءِ کي شروع ۾ جن عالمن قبول نہ ڪيو هو تن بہ تحقيق بعد آخر ۾ اچي ساڳي ڳالهہ ڪئي. هن ڪتاب کي ’پاڪستان رائيٽرس گلڊ‘ پاران انعام پڻ مليس ۽ 2009ع ۾ هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ٻيو ڇاپو ۽ انگريزي ترجمو پڻ شايع ٿيو، جيڪو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ 2009ع ۾ شايع ڪيو. سراج، زندگيءَ جي آخري سالن ۾ ٻه انگريزي ڪتاب لکي مڪمل ڪيا.

1. History of Sindh and Sindhi Language.
2. Biography of an Unknown Sindh.

سنڌ جي هن عاشق ۽ باوقار اديب ۽ عالم ڇنڇر 2 فيبروري 2013ع بمطابق 20 ربيع الاول 1434هه تي اسُر ويل، دل جي دوري سبب نيشنل ميڊيڪل سينٽر ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو. ڪيس 4 فيبروريءَ تي گِزري قبرستان، ڊفينس ڪراچيءَ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. سراج الحق ميمڻ جي سنڌي سماج لاءِ ڪيل خدمتن سنڌ ٻولي کي ترقي ڏيارڻ واري خواب کي پورو ڪرڻ لاءِ سندس ڪيل ڪم تي تحيق ۽ ٻين موضوعن تي تحقيق لاءِ سندس خاندان پاران ڳاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ واقع سندس رهائشگاهه ۾ سراج انسٽيٽيو آف سنڌ اسٽڊيز جي نالي سان ادارو قائم ڪيو آهي. ان اداري سندس وفات کانپوءِ سندس تصنيفون شايع ڪيون آهن. انهن ۾ سندس لطيف شناسي تي ٽڙيل پکڙيل مضمون مقالن کي سهيڙي هڪ بهترين ڪتاب، ”شاهه لطيف جي آفاقيت“ به شامل آهي.

ڪتاب. شاهه لطيف جي آفاقيت. ليکڪ. سراج، سهيڙيندڙ. تاج جويو، سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، حيدرآباد/ ڪراچي. ڇاپو پهريون، جنوري 2017ع. ارپنا. جهمٽمل خوبچند پاوناڻي، ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي ۽ الياس عشقي جي نالي. ڪتاب جو ستاءُ: مهاڳ. سراج ۽ شاهه جي پرک جو نئون انداز: ڊاڪٽر فهميده حسين، 10جنوري 2017ع ۾ لکيو. 1. شاهه جو سياسي فڪر. (روزاني برسات، 29، 8، 1994ع ۾ شايع ٿيل.)، شاهه لطيف جي آفاقيت. (لطيف ڊائجسٽ، اپريل 1985ع.) 3. شاهه لطيف جو مطالعو - هڪ نقطئہ نظر. (ماهوار پيغام، 1986ع.) 4. لطيف ۽ وحدت الوجود (5 قسطون). 5. دانتي ۽ شاهه لطيف. (لطيف ڊائجسٽ، جولاءِ 1985ع.) 6. شاهه جي شعر جا گهاڙيٽا. (لطيف ڊائجسٽ 1985ع). 7. پيٽائيءَ جا بيت ۽ انهن جا گهاڙيٽا. 8. جا عُمر! تُو مل عيد (ڪالم). 9. شاهه جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا جبل. (انگريزيءَ مان ترجمو: ڊاڪٽر فهميده حسين). 10. گهاتو گهر نہ آئيا (شاهه جي سر گهاتو تي ٻڌل هڪ ناٽڪ). 11. موکي ۽ متارا - لوڪ ڪهاڻي. (لطيف ڊائجسٽ، سيپٽمبر 1985ع.) 12. شاهه جي بيتن جو انگريزي ترجمو. 13. سراج: شاهه جو شارح: تاج جويو. 23 جنوري 2017ع ۾ لکيو.

ڪتاب ۾ ڏنل مضمون. شاهه جي شعر جا گهاڙيٽا، هن مضمون ۾ ليکڪ لکي ٿو تہ، شاعريءَ ۾ هنرمندي ٽن قسمن جي آهي. خيال، لفظ ۽ بندش، جي هنر مندي. شاهه سائينءَ ۾ خيال جنهن ۾ احساس ۽ جذبي، تجربي ۽ مشاهدي اظهار ۽ الهام جي تہ پاسي هم آهنگي، (جنهن کي انگريزيءَ ۾ Tri-dimensional Harmony چيو وڃي ٿو.) مرڪزي حيثيت رکي ٿي. اُن تثليث يا تہ پاسي هم آهنگيءَ ۾ هن جو ڪو ثاني ناهي.

سراج جي مٿئين مضمون کي بنياد بڻائي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي تي مضمون ”شاهه جي شعر جو وزن“ ”سنڌي شعر جي مختلف وزنن جو تنقيدي جائزو“ ۽ ”ڪبت نثر آهي يا نظم؟“ لکيا هئا.

# الحاج رحيم بخش قمر لاکو

بلند پايي جو اديب، خطيب، شاعر، صحافي، شاهہ ۽ سنڌ جو شيدائي الحاج مولانا رحيم بخش "قمر" ولد محمد عيسيٰ لاکو. نوابشاهہ ضلعي ۾ دولتپور تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ عمر راهوءَ ۾ 28 ڊسمبر 1933ع بمطابق خميس 11 رمضان 1352هہ ۾ ڄائو. پاڻ اڃان صغير هو تہ سندس سِر تان والدين جو سايو کڄي ويو. هن پنهنجي ابتدائي تعليم شڪاپور جي ديني مدرسي "دارالعلوم مجدديہ" ۾ مولانا عبدالله انصاريءَ ۽ مولانا پير غلام مجدد سرهنديءَ کان حاصل ڪئي. ابتدائي عربي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ قمر صاحب شعر و شاعريءَ ڏانهن متوجهہ ٿيو. پاڻ شروع ۾ رحيم بخش "رحيم" ۽ "نجار" تخلص استعمال ڪندو هو. شاعري جي اصلاح هالن جي مشهور استاد عالم ۽ شاعر آخوند عبدالرحيم "انجم هالائي" کان ڪرائيندو هو. حافظ احسن چنا جي تلقين بعد شاعريءَ ۾ قمر تخلص استعمال ڪيائين. قمر صاحب شاعريءَ جي هر صنف جهڙوڪ: بيت، وائي، ڪافي، غزل، گيت، قصيدو، مثنوي، مخمس، مسدس، مولود، لولي، ڳيچ ۽ همرچي وغيره تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ڪلام سنڌ جي مختلف هفتيوار اخبارن ۽ علمي ادبي رسالن ۾ وقت بہ وقت شايع ٿيندو رهي ٿو. ان کان سواءِ ريڊيو پاڪستان ۽ ٽيليويزن تان بہ سندس ڪلام نشر ٿيندا رهن ٿا.

هن ديني پرچار لاءِ بہ وڏو ڪم ڪيو آهي. 1971ع ۾ نوابشاهہ شهر جي پرسان ڳوٺ "نواب مراد علي" ۾ "قمر العلوم" جي نالي سان هڪ ديني مدرسو قائم ڪيائين. جتي پاڻ قرآن پاڪ ناظره، حديث ۽ فقه جي تعليم ڏيندو هو. پاڻ جڏهن ڳوٺ "نواب مراد علي" مان لڏي، نوابشاهہ شهر ۾ "تاج ڪالونيءَ" ۾ اچي رهيو تہ پنهنجي رهائش گاهہ جي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾، محلي جي ٻارڙن کي قرآن پاڪ جو درس ڏيڻ لڳو.

مشهور ليکڪ ۽ محقق محترم سائين بشير احمد هيسباڻي جو ترتيب ڏنل ڪتاب "الحاج رحيم بخش قمر شخصيت ۽ فن، هن ڪتاب ۾ قمر صاحب جي رحلت جو درست سن ڏيندي لکن ٿا تہ، الحاج رحيم بخش قمر جگر جي سرطان جي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي، 11 جمادالثاني 1414هہ بمطابق 26 نومبر 1993ع بروز جمع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. کيس تاج ڪالوني، نوابشاهہ جي قديم قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

"قمر" صاحب درس و تدريس، شاعري ۽ صحافت کان سواءِ، تصنيف ۽ تاليف جو بہ قابل قدر ڪم ڪيو آهي. هن نظم ۽ نثر ۾ ڪيترائي عمدا علمي، ادبي ۽ ديني ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا. جن مان ڪجهہ ڪتابن تي وقت جي حڪومت ۽ علمي ۽ ادبي ادارن طرفان کيس انعام ۽ اڪرام بہ ڏنا ويا. "قمر" صاحب جا تصنيف ۽ تاليف ڪيل نظم ۽ نثر ۾ 29 ڪتاب شايع ٿيل آهن. تن مان ڪجهہ هن ريت آهن. فضائل القرآن (مذهبيات 1956ع)، دربار مدينہ (شاعري 1956ع)، دربار ڪربلا (شاعري 1959ع)، القول الاظهر في عدم جواز الصلواة (ديني ادب 1959ع)، جمال مصطفيٰ في امام الانبياء (سيرت 1961ع)، آخرت جي پوک (شاعري 1962ع)، جواهر القمر (شاعري 1966ع)، ديوان قمر (شاعري 1967ع)، سڄڻ آيو سهنج ٿيا (شاعري 1969ع)، آئون نہ گڏي پرينءَ کي (لطيفيات، شرح 1976ع)، تندون جي طلب جون (1977ع)، ڪٿي نيڻ خمار مان (شاعري 1978ع)، گهايا گهٽا گهوٽ (رزميہ شاعري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1980ع)، محبت جي ميدان ۾ (شاعري 1981ع)، سهرا ۽ سيج (شاعري 1982ع)، امير المؤمنين سيدنا فاروق اعظم (سوانح 1983ع)، روضي پاڪ رسول جي (نعتيہ شاعري 1983ع)، تنوير الاسلام (مذهبيات 1984ع)، ماڻڪ موتي (شاهہ جي بيتن ۽ واين جي تشريح 1985ع)، سيرت خاتم الانبياءِ (سيرت 1985ع)، سيرت قمر المنير (سيرت 1986ع)، اسلامڪ ڪلچر/ اسلام جا احڪام (مذهبيات 1987ع)، العدل والاحسان في تفسير آية القرآن (مذهبيات 1989ع)، سڳنڌ جي سوغات (شاعري 1992ع)، شهيدن جي شان ۾ (شاعري 1992ع)، الفوزالعظيم (مذهبيات 1992ع)، مصطفيٰ مختيار (سيرت 1993ع)، باراڻا گيت (شاعري 1993ع) ۽ محمد رسول الله (سيرت 1994ع). سندس مٿيان ڪتاب سنڌي زبان ۽ ادب ۾ هميشه يادگار رهندا. هن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي طرز تي پنهنجو هڪ نئون رسالو "رسالو رحيم بخش قمر لاڪي جو" تيار ڪيو هو. جيڪو پڻ شاهہ جي رسالي وانگر مختلف سرن تي مشتمل آهي. اهو رسالو محترم بشير احمد هيسباڻيءَ وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي. ان ڪان سواءِ هن شاهہ لطيف جي ڪجهہ بيتن جي تشريح ڪري هڪ لاجواب ڪتاب "ماڻڪ موتي" 1985ع ۾ شايع ڪرايو.

ڪتاب "ماڻڪ موتي" (شاهہ سائين جي رسالي مان چونڊ بيتن جي تشريح) ليڪڪ: مولانا الحاج رحيم بخش قمر لاڪو. ڇپائيندڙ: الحاج سيد قمر الزمان شاهہ، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1406هہ / 1985ع. ڪتاب ۾ ڏنل فهرست. 1. پنهنجي پاران. 2. تقريظ: جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 28 ذوالقعد 1405هہ / 16 آگسٽ 1985ع ۾ لکيو تہ، الحاج رحيم بخش قمر گذريل ويهن سالن کان شاهہ لطيف جا ڳڻ پئي ڳايا آهن. 3. بيت: هن عنوان ۾ رحيم بخش قمر، شاهہ سائين جي عقيدت ۾ 8 بيت ۽ هڪ نظم لکيو آهي. 4. اول الله عليم (پيش لفظ) رحيم بخش قمر. 5. شاهہ ۽ پورهيت. 6. شاهہ جي زندگيءَ جو مختصر احوال. 7. شاهہ جي ڪلام ۾ واحد جي واڪاڻ. 8. شاهہ جي ڪلام ۾ سيدالمرسلين جي ساراهہ. 9. اکين ۾ تي ويهہ. 10. شهر سڄاتو ڪين ڪي. 11. تيو قلب قرار. 12. راتي ريبارو. 13. روضي پاڪ رسول جي. 14. وڃي ڪيچ چئج. 15. اکيون مينگهہ ملار. 16. راتو رات نہ آيو. 17. تنهن سورهيہ کي شاباس. 18. ڏک سکن جي سونهن. 19. توکي گهوٽ گهرايو. 20. شاهہ جي عالمي شاعري. 21. سر ليلا چنيسر جا روحاني راز. 22. جانب جي جمال سين. 23. اوهان جا ڏنو هو. 24. ماڻهو گهرن مال. 25. ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا. 26. سر ديسيءَ ۾ تلميحون. 27. مديني جا گهوٽ. 28. ماڻڪ ڏيئي مٺ ۾. 29. لک لهي تي لوڏ. 30. ڳاڙيندي ڳوڙها. 31. ڀٽائي گهوٽ جا نعتيہ بيت. 32. شاهہ جون وايون.

سنڌ جي سڄاڻ ليکڪ رحيم بخش قمر هن ڪتاب ۾ شاهہ سائين جي بيتن جي تشريح عارفانہ انداز ۾ ڪئي آهي. ۽ هڪ مقالي "شاهہ جي عالمي شاعري" ۾ لاڪو صاحب لکي ٿو تہ شاهہ لطيف عربيءَ کان سواءِ فارسيءَ ۾ بہ شاعري ڪئي آهي.

نموني طور فارسي وائي:

**شيشه را پُر ڪن و بر دار بيا، جام را پر ڪن و برخيز بيا،**
**ساقيا ! برخيز و درده جا را، خاڪ بر سر ڪن غم ايام را.**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الحاج رحيم بخش، ڀٽائي جي ميلي تي يا ٻين موقعن تي مضمون، مقالن کان علاوه شاهه سائين جي شان ۾ شعر بہ پڙهندو هو.

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي لکي ٿو تہ، هڪ دفعي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل نوابشاهه جي "پير قربان علي هال" ۾ سرڪاري سطح تي هڪ وڏي ادبي محفل منعقد ڪئي وئي هئي ۽ شاهه سائينءَ جو ڏينهن ڪري ملهايو پئي ويو. ان موقعي تي قمر صاحب " منهنجو خواب" جي عنوان سان هڪ نظم پڙهيو تہ، چڱ ڀنيور ڪي باهه ڏيٽي هئي. مجلس جي صدر ۽ ٺٽي جي ڊپٽي ڪمشنر جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ محفل کي اڌ ۾ ئي بند ڪيو ويو. قمر صاحب ان خواب ۾ اهو ڏيکاريو هو تہ "شاعرن جو سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوڙي تي سوار هو ۽ دنيا جا ٻيا سڀ شاعر ان جي استقبال لاءِ حاضر هئا".

الحاج رحيم بخش، لاڪيٽي لطيف جي ميلي تي مضمون مقالن کان علاوه شاهه جي شان ۾ شعر بہ پڙهندو هو. سندس عقيدت جا گل هيٺ ڏجن ٿا. قمر صاحب چيو تہ:

1.

سنڌ سموري سون، سنڌ جو منڙو نام،
سنڌ جو صبح سياڳو، سنڌ سهڻي جي شام،
سنڌ ۾ سانگي سنڌ جا، سنڌ ۾ جهانگي جام،
سنڌ ۾ سنڌو ندي، سنڌ ۾ پوکون عام،
سنڌ ئي مالا مال ٿي، سنڌ ۾ سڀ اقسام،
سنڌ ڏئي سپوت ٿي، سنڌ ڏئي ٿي امام،
سنڌ ڀٽائي گهوٽ ڏنو، سنڌ ۾ آهن چام،
سنڌ ۾ هنجهه هزارين، سنڌ ۾ مور مدام،
سنڌ جا ماڻهو مٺيارا، سنڌ سنياري سام،
سنڌ جو مان مٿاهون، سنڌ کي ڪوٽِ ڪرام،
سنڌ ۾ ماڪي، ڪير، مکڻ، سنڌ ۾ جنس تمام،
سنڌ مٿي نِت رحمتون، سنڌ تي سوَ لک سلام،
سنڌ ۾ وڻ ٽڻ واسيا، سنڌ ۾ لک لک لام،
سنڌ سان قرب "قمر" کي، سنڌ سان نينهن نظام.

2.

سنڌ سموري سون، سنڌ سڄي سرهاڻ
سنڌ سموري سونهن، سنڌ سڄي ساواڻ
سنڌ سموري سچ، سنڌ ڪٿوريءَ کاڻ
سنڌ ڀٽائي گهوٽ جي، سنڌ ڀٽائيءَ ساڻ
سنڌ اسان جو ساهه، سنڌ اسان ئي پاڻ
سنڌ "قمر" ڪريم جي، سنڌ ڏِئي سرواڻ
موج پريو مهراڻ، سدا وهي سنڌ ۾.

3.

سي نہ سياڳا گهر، جن ۾ ناهه رسالو شاهه جو،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهو سڀ پريت سين،  ونيون، توڙي ور
لاکا صدقي لطيف تان. تارا، ڪتيون، قمر

.4

سي نہ سياڳا سانگ، جت ناهہ رسالو شاهہ جو،
قمر چئي ٿو قلب ۾، ماروئڙن جي مانگ،
چيلا ڏيندي چانگ، بيشڪ چرن پيٽن تي.

.5

سي نہ ڳنوارن ڳوٺ، جن ۾ ناهہ رسالو شاهہ جو،
واحد ! خوب وسائيا، پاٿر جا سڀ پوٺ،
قمر ڏئي ٿو ڪوٺ، لاکو لات لطيف جي.

.6

سا نہ سياڳي سيج، جنهن تي ناهہ رسالو شاهہ جو،
پڙهو بيت پريت سين، هر هر منجهان هيج،
روح رسائي ريج، قمر لات لطيف جي.

.7

پڙهي رسالو پريت سين، روح رسايو رنگ،
قمر چئي ٿو قلب ۾، چوريو اهڙا چنگ،
سچائيءَ جا سنگ، ڪٽا ڏين ٽا قرب جا.

.8

راس رسالو شاهہ جو، ياد ڪيو جنهن جوان،
قمر تنهن تان قربان، لک لک پيرا لاکو ٿئي.

.9

لک لک پيرا لاکو چئي، پڙهج رسالو پاڻ،
آهن جنهن ۾ آيتون، چاٽو ٿي سڀ چاڻ،
قمر چئي ڪلياڻ، واحد جي واڪاڻ ۾.

.10

پڙهج رسالو پريت سين، چاڙهي مٿان چپ،
لاکا لات لطيف سين، ڪينو دل مان ڪپ،
نپٽو اتئي تہ نپ، تون ريشميءَ رومال سين.

.11

تنهنجا جانب جيءَ جيارا، بيت پٽائي گهوٽ پيارا.
وايون وحدت واريون آهن، پياريون، پياريون، پياريون آهن
واهہ وٽن ٽا وحدت وارا، بيت پٽائيءَ گهوٽ پيارا.

تنهنجون ڪافيون ڪيف ڪڪوريون، گهوٽ انهن تان گوهر گهوريون
پارس، پارس، پارس پيارا، بيت پٽائيءَ گهوٽ پيارا.

تنهنجو نور پريو آ، نالو، تنهنجو رسالو، آهہ نرالو
جهن جا سر ٿيا سيئي سونهارا، بيت پٽائيءَ گهوٽ پيارا.

’سهڻي‘ ’سارنگ‘ ’سورٺ‘ ’سسئي‘، ’مومل‘ ’ليلا‘ سهڻا سيئي
تنهنجا آهن اعليٰ اشارا، بيت پٽائي گهوٽ پيارا.

تنهنجي سيرت، صورت عالي، ذات نرالي، بات نرالي
شمس و ’قمر‘ ٿيا صدقي سارا، بيت پٽائيءَ گهوٽ پيارا.

تنهنجو قرب پريو آ  قول، سيج ستي او منهنجا ڍول
ماڻي سگهيا ڪوڻ ڪنارا، بيت پٽائيءَ گهوٽ پيارا.

تنهنجي ذات تي صبح و شام، سيد سهڻا سهسين سلام !
تنهنجا ’قمر‘ سان قرب اپارا، بيت پٽائيءَ گهوٽ پيارا.

12.

مرحبا صد مرحبا او سنڌ جا سائين لطيف،
شاعران سنڌ جو سرتاج تون آهين لطيف،
تنهنجي هر هڪ بيت ۾ آهي حقيقت جو بيان،
سنڌ ۽ سنڌي ادب جو باغبان آهين لطيف.

تنهنجي بيتن ۾ سراسر ٿيو صداقت جو سبق،
سنڌ ۽ سنڌي ادب جو باغبان آهين لطيف !
تون پيارو سنڌ کي آ پرت پنهنجي جو پلر ،
قوم جي ڪشتي جو تون نت ناخدا آهين لطيف !

شاهه سائين جي 208 هين ورسيءَ جي موقعي تي هي نظم پڙهيائين.

پٽائي گهوٽ عارف جا ٿيا اذڪار ، اڄ وهوا،
اديبن پيش محفل ۾ ڪيا اشعار ، اڄ وهوا،
پٽائي گهوٽ جو روضو ٿيو فردوس جو منظر ،
هزارين زيارتي آيا ڪرڻ ديدار ، اڄ وهوا.

شاهه سائين جي 215 هين ورسيءَ جي موقعي تي هيٺيون نظم پڙهيائين.

پٽائي گهوٽ جي بيتن برن ۾ ڪئي بهاري آ،
لطيفي لات جي جهر جهنگ ۾ جهونگار جاري آ.

نہ ٿيندو شاعريءَ ۾ شاهه صاحب ساڻ همسر ڪو،
پٽائي گهوٽ جي منزل نرالي ۽ نياري آ.

لکين ٿيا لعل لاکيڻي سندا احسان سنڌين تي،
جياري جو ويو سنڌي زبان پنهنجي پياري آ.

پرينءَ جي پار جي هر چيز ماڪيءَ کان مٺي هن وٽ،
چکين جي چيت سان دلبر نہ ڪوڙي ۽ کساري آ.

”پلي پيا هو چون پر تون نہ واتئون وار ڪا وائي“،
سچڻ ڪهڙي نہ سيڪاري بلاشڪ برد باري آ.

رسول الله جي دربار ۾ تا بيت پهچائن،
اسان تي شاهہ صاحب ڏس ”قمر“ ڪئي قربداري آ.

لاڪي صاحب، لاڪيٽي لطيف جي سرن جو گهرائي سان مطالعو ڪري بهترين مضمون مقالا سرجيا آهن. تن مان ڪجهہ هن ريت آهن.

ڳاڙيندين ڳوڙها، لطيف سالگره مخزن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ / حيدرآباد، 1968ع. ڳاڙيندين ڳوڙها (سر ڪلياڻ جو مطالعو)، ماهوار اديون، ڪراچي، اپريل. مئي 1971ع ۾ لطيف سالگره مخزن 1969ع ۾ بہ شايع ٿيس. سر معذوريءَ جو روحاني راز، ڪتاب. سر معذوريءَ جو مطالعو، مرتب. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڇاپو پهريون، ڀٽ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1977ع. سر سارنگ جا رهيل بيت، الرحيم، شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، جولاءِ. آگسٽ 1978ع. سر ليلان چنيسر جو معنوي مفهوم، ڪتاب. سر ليلا چنيسر، مرتب. حميد سنڌي، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، 1986ع. گهاتو گهر نہ آئيا، ڪتاب. سر گهاتو، مرتب. حميد سنڌي، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، 1987ع. سر ڪاپائتيءَ جا روحاني راز، ماهوار پيغام، سنڌ اطلاعات کاتو، جنوري. فيبروري 1987ع. ساڳيو مضمون، ڪتاب. رهبر لطيف، مرتب. سيد صفدر علي شاهہ، ڇاپو پهريون (سنڌي. اردو) سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي 1988ع. ۽ ماهوار السنڌ، اسلام آباد، آڪٽوبر 1991ع ۾ شايع ٿيو. تخت تماچي ڄام جو، ڪتاب. سر ڪاموڏ، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، سيپٽمبر 1988ع. ساڳيو مقالو، ماهوار السنڌ، اسلام آباد، آڪٽوبر 1992ع ۾ شايع ٿيس. سر رامڪليءَ جو مطالعو، ماهوار السنڌ، اسلام آباد، سيپٽمبر 1992ع. ملير منهنجو ماڳ، ماهوار السنڌ، اسلام آباد، ڊسمبر 1992ع. مُهڙ مڙني مرسلين، ڪتاب. سر بلاول، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون، 1992ع. سر رامڪليءَ جو مجموعي مطالعو، ڪتاب. سر رامڪلي، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 1993ع / 1414هہ.

مضمون، ڳاڙيندي ڳوڙها، ۾ مولوي رحيم بخش قمر لکي ٿو تہ ”حضرت شاهہ ڀٽائي گهوٽ جو شمار يقينن انهن سلف صالحين ۾ الله تعاليٰ جي محبوب ۽ مقبول ٻانهن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي جهانن جي خلقڻهار ۽ پالڻهار جي خوشنودي ۽ رضامنديءَ لاءِ ماڻهن کي قرآن شريف ۽ احاديث پاڪ ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي صراط مستقيم تي هلڻ لاءِ پنهنجو پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا.“

محمد بخش ڏاهري کي انٽرويو ڏيندي الحاج رحيم بخش قمر چيو تہ، شاهہ صاحب جي شاعري هر لحاظ کان اعليٰ آهي. سندس شاعري قرآن مجيد ۽ حديث جو ترجمو آهي. سندس شاعريءَ ۾ هارين سان همدردي ۽ پورهيت سان پريت نظر اچي ٿي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ادا قاضي

ادا قاضيءَ جو پورو نالو، فضل ڪريم ولد محمد امين قاضي ۽ ادبي نالو ادا قاضي. جنم، 8 فيبروري 1939ع / اربع 18 ذوالحج 1357ھ ۾ ٿيو. تعليم. ايم. اي اڪنامڪس 1985ع. ڪرٽ. ڊرائينگ ماسٽرس. ادبي ذوق. 1984ع. ادبي خدمتون. ڇپيل ڪتاب. 1. ڪاري (ڪهاڻيون) 2. شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جو جديد مطالعو (شاهه سائينءَ جي مختلف سُرن تي لکيل تحقيقي مقالن تي ٻڌل ڪتاب). 3. سام (ڪهاڻيون) 1998ع. 4. ٿياس (ڪهاڻيون) 2002ع. 5. آخري ڪاغذ (ڪهاڻيون) 2010ع. 6. ڇَمَرِ (مزاحيه ڪهاڻيون) 2010ع. 7. لطيفي فهم (ادبي، تحقيقي ۽ تجزياتي مقالا). ان کان سواءِ سندس ٻيا ڪتاب به ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن. سندس مضمون مقالا، ڪالم ڪهاڻيون، مختلف رسالن اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن. هن مشهور ڪهاڻيڪار جون ڪهاڻيون ٽيليويزن تي به نشر ٿيل آهن.

هن ليکڪ جا لطيفيات تي به ڪتاب شايع ٿيل آهن. تن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

ڪتاب. شاهه عبداللطيف ڀٽائي فن، فڪر ۽ شخصيت جديد مطالعو، نئون نياپو اڪيڊمي ايم اي جناح روڊ ڪراچي، ڇاپو پهريون، ڊسمبر 2000ع. ڪتاب ۾ ڏنل سٽاءِ. پبلشر جو نوٽ: شاهه سائين تي ايچ ٽي سورلي کان بدر ابڙي تائين ۽ ٻين اٽڪڻين عالمن اديبن جا ڪيل ڪم سراسر ساراهه جوڳا آهن، انعام عباسي چيئرمين نئون نياپو. مهاڳ: شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي لکڻ ڪا معمولي ڳالهه ڪونهي مون جهڙا ڪيترائي سٽڙيا سواءِ چند عقيدت جي لفظن جي، شاهه تي وڌيڪ شايد ئي ڪجهه لکي سگهن. بهرحال ڪجهه نه ڪجهه شاهه جي شان ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ڪتاب، شاهه عبداللطيف ڀٽائي فن، فڪر ۽ شخصيت جديد مطالعو، ادا قاضيءَ جي هن ڪتاب ۾ هي مقالا ڏنل آهن. 1. شاهه جو روحاني راز. 2. شاهه جي شجاعت. 3. شاهه مبلغ جي حيثيت ۾. 4. شاهه عاشق جي روپ ۾. 5. شاهه جي فقيري. 6. شاهه جي اهل بيت سان عقيدت. 7. شاهه بٽيو سسئي. 8. شاهه جا اڪين متعلق ويچار. 9. شاهه حق جي ڳولا ۾. 10. شاهه ساٽيهه جي سڪ ۾. 11. شاهه جو غيب تي ايمان.

هن ڪتاب جي صفحي 14 هين تي ليکڪ لکي ٿو ته، شاهه سائين جي رسالي جي عوامي ٻولي هئڻ ڪري سندس بيتن جي معنيٰ ظاهري طرح آسان آهي. پر سندس روحاني راز کي رند ئي پروڙي سگهندا. ان راز کي پهچڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي.

ادا قاضي ٻيو ڪتاب، لطيفي فهم لکيو. ڪتاب. لطيفي فهم (ادبي تحقيقي ۽ تجزياتي مقالا) ڇپائيندڙ. هيرو پبليڪيشن لاڙڪاڻو 2015ع. هن ڪتاب ۾ پنهنجي پاران: ادا قاضي ۽ اداري پاران ليکڪ جو مختصر تعارف ڏنل آهي. ڪتاب جو مهاڳ منصور قاضي لکيو آهي. تنهن بعد نظام الدين ڪلهوڙي "انسان جي لطيف جذبن ۽ قدرن جو محافظ ادا قاضي" عنوان تحت ادا قاضي جي ادبي شوق ۽ انيڪ خوبين جي ساراهه ڪئي آهي. ان کان پوءِ عزيز منگي، احمد علي صابر، فقير محمد سنڌي ۽ عزيز بلال بروهيءَ ادا قاضيءَ جي لکيل ڪالمن، ڪهاڻين، ڊرامن ۽ لاڪيٽي لطيف سان سندس عقيدت جو اظهار سچن ۽ عاليشان لفظن سان ڪيو آهي. هي ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. ڀاڱو پهريون (لطيفي فهم) ڀاڱو ٻيو (ڪالم ڪٿا). مصنف جا هن ڀاڱي ۾ سياست ۽ سماجيات تي لکيل مضمون ۽ مقالا ڏنل آهن. جيڪي ماضيءَ ۾ مختلف


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخبارن ۾ شايع ٿيا هئس. جڏهن تہ ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ 52 صفحي کان 131 صفحي تائين شاهہ سائين تي لکيل مقالا ڏنل آهن. سندس انهن مقالن ۾ ڪجهہ پروفن جون غلطيون آهن. ان ڪري ڪنهن ڪنهن شعر ۾ لفظ غلط لکيل آهن. ادا قاضيءَ جا لطيفيات بابت هن ڪتاب ۾ يارنهن ساڳيا مقالا ڏنل آهن، جيڪي مٿئين ڪتاب ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فن، فڪر ۽ شخصيت جديد مطالعو“ ۾ آيل آهن. انهن ۾ پروف جي ڪابہ غلطي ناهي. سندس هن ٻئي ڪتاب ۾ فقط هيءُ مقالو ”لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ خدا شناسي“ اضافي طور ڏنل آهي. ڪتاب ”لطيفي فهم“ جي ڀاڱي پهرئين مان فقط شاهہ لطيف بابت مضمون مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. شاهہ سائين عاشق جي روپ ۾. 2. شاهہ سائينءَ جو روحاني راز. 3. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ”خدا شناسي“. 4. شاهہ ساٽيهہ جي سِڪَ ۾. 5. شاهہ سائينءَ جي فقيري. 6. شاهہ سائين جو غيب تي ايمان. 7. شاهہ سائين هڪ مبلغ جي حيثيت ۾. 8. شاهہ جي شجاعت. 9. اهل بيت سان عقيدت. 10. شاهہ بٽيو سسئي. 11. شاهہ جا اکين متعلق ويچار. 12. شاهہ سائين حق جي ڳولا ۾.

مضمون، شاهہ سائين جو روحاني راز ، ليکڪ لکي ٿو تہ، شاهہ سائين جي رسالي جي عوامي ٻولي هئڻ ڪري سندن بيتن جي معنيٰ ظاهري طرح آسان آهي. مگر سندس روحاني راز کي رند پروڙي سگهندا. ان راز کي پهچڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. ان راز حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جستجو جي ضرورت آهي.

# ممتاز مرزا

نامور محقق، ڊرامہ نگار ، ڪمپيئر ۽ لطيف سائين جي وڏي پارکو ممتاز مرزا جو جنم 29 نومبر 1939ع / اربع 16 شوال 1358هه تي مرزا گل حسن "احسن ڪربلائي" جي گهر ٽنڊي آغا ۾ ٿيو. سندس اصل نالو توسل حسين هو ۽ ادبي نالو ممتاز مرزا. هن 16، 17 سالن جي عمر ۾ باقاعدي لکڻ شروع ڪيو. 1950ع واري ڏهاڪي ۾ ڪهاڻي لکڻ شروع ڪيائين. 1954ع ڌاري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ هيٺ جامع سنڌي لغات ۽ لوڪ ادب آفيس ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٽيليگراف آفيس ۾ به ڪجهه وقت ڪم ڪيائين. 1962ع تي حيدرآباد ريڊيو تي اسڪرپٽ رائيٽر ۽ پوءِ پروڊيوسر طور پنهنجا فرض سرانجام ڏنائين. اتي ڪيترائي تاريخي ڊراما، فيچر ۽ معلوماتي پروگرام پيش ڪيائين. هن ڪجهه سال ٽيلويزن تي بهترين پروگرام ڪيا. ڪراچي ٽيليوزن تان لائيو پيش ٿيندڙ پروگرام پارکو ۾ پڇيل سوال جا جواب ڳولي وٺندو هو ۽ اهو پروگرام تمام گهڻو مقبول ٿيس. هن ريڊيو ۽ ٽيليوزن لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا ۽ ترجمو به ڪيا. 1970ع ۾ ريڊيو حيدرآباد ڪي ڇڏي شاهه لطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه جو انچارج مقرر ٿيو. جتي هن ثقافتي مرڪز طرفان شاهه سائينءَ جي ورسيءَ کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي پروگرام ڪيا. هن 1973ع تائين ٽي سال ڀٽ شاهه تي رهي رات ڏينهن لطيفي راڳ ٻڌو. اتان لطيفي تنوار مان ڪيس روح کي راحت ملندي هئي.

ممتاز مرزا، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي همٿ ڏيارڻ تي "ڪل سنڌ مزاحيه ڪانفرنس" ۾ بسنت هال جي اسٽيج تي جلسي جي ڪاروائي هلائڻ لاءِ چڙهيو ۽ بهترين انداز سان اسٽيج جا فرائض سر انجام ڏنائين. اهڙي طرح 1951ع کان وٺي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان گڏ لطيفي سالگره وارين محفلن جا انتظام سنڀاليائين ۽ انهن ڪانفرنسن ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان سواءِ جناب حميد آخوند صاحب ۽ ٻين جو به سهڪار رهيس انهن لطيفي منڊل مچاياءِ ڪوڙ سارن نون فنڪارن کي به متعارف ڪرايو. اهڙيءَ نموني مرزا صاحب 1967ع ۾ پيالوا ۾ مارئي جي ميلي کان وٺي ڀٽائي جي ميلي تائين 35 سال سنڌ جي ثقافتي اسٽيج تي، سنڌي موسيقي، لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت کي دنيا آڏو متعارف ڪرائيندي چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪندو رهيو. ان کان سواءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سالياني عرس جي موقعي تي مسلسل ٽيهه سال موسيقي جي محفلن ۾ ڪمپيئرنگ ڪندو رهيو. ڪمپيئرنگ دوران ڪڏهن ڪڏهن هٿ ۾ چيڙي ڪٽي علڻ فقير سان گڏ شاهه لطيف جي ڪلام تي نچندو هو.

جڏهن حڪومت سنڌ ثقافت، سياحت، راندين ۽ نوجوانن جي معاملن جو نئون کاتو قائم ڪيو تہ 1990ع ڌاري ممتاز مرزا کي ثقافت کاتي جو پهريون ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو. ممتاز مرزا، شاهه لطيف ڀٽائي جو شيدائي هو. سندس ڪتاب ٽوڙي مضمون جي هر لڪڻيءَ جو عنوان شاهه سائينءَ جي شاعريءَ مان ورتل آهي. سندس ڪجهه مضمون، مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

سر ساموندي، لطيف سالگره مخزن، مرتب. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، 1961ع ۽ ماهوار نئين زندگي، جولاءِ 1962ع. مارئي ۽ حب وطن، مهراڻ، شمارو. 1، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1967ع. شاهه ڀٽائي ۽ لطف الله


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قادري، ڪتاب. نقش لطيف (خاص اشاعت) مرتب. شيخ عزيز، ڇاپو پهريون، اطلاعات کاتو حيدرآباد، اپريل 1970ع. ثقافتي مرڪز جون سرگرميون، لطيف سالگره مخزن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، 1972ع. سر سامونڊيءَ جو تاريخي پس منظر، ڪتاب. سر سامونڊيءَ جو مطالعو، مرتب. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڇاپو پهريون ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1974ع. مقالو، وساريان نہ وسرن، ڀٽائي (جرنل) 14- 15 -16 صفر 1400هه، 3 -4 -5 جنوري 1980ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 228 هين عرس جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي حيدرآباد، سنڌي، اردو، انگريزيءَ ۾ يادگار جرنل شايع ڪيو هو.

سر سريراگ اور سر سامونڈی کا پس منظر، ماهنامہ اظہار کراچی، جولائی۔ اگست، ۱۹۸۴ع۔ ساڳيو مقالو، ذڪر لطيف، محڪمہ اطلاعات حڪومت سنڌ ڪراچي، نومبر 1984ع. اردو مقالو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي اور سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان ڪي ملاقات، آواز لطيف (سنڌي. اردو، خاص اشاعت) مرتب. سيد صفدر علي شاهه، شعبہ مطبوعات اطلاعات کاتو ڪراچي، آڪٽوبر 1987ع. مضمون، شاهه جا راڳائي، لطيف ڊائجسٽ ڪراچي، جون 1989ع. سر سامونڊي: سنڌ جي عهد رفتہ جو علميہ داستان، ڪتاب، شاهه عبداللطيف ڀٽائي (چونڊ مضمون)، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1997ع. مقالو، وساريان نہ وسرن، (سووينئر. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز گولڊن جوبلي 2005ع) ۽ سلسليوار فڪر مئگزين، ايڊيٽر. دانش جتوئي، چيف ايڊيٽر. خورشيد ڀگهيو، ڀٽ شاهه، جنوري. فيبروري. مارچ 2010ع ۾ شايع ٿيس.

شاہ عبداللطیف بھٹائی اور سلطان الاولیاء، کتاب۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی (مضامین و مقالاجات) مرتب۔ منظور احمد کناسرو، محکمہ ثقافت حکومت سندھ، طبع اول دسمبر ۲۰۱۳ع۔

**ممتاز مرزا جون تصنيفون:**

1. ڪتاب. سنڌ صدين ڪان، ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، ڪراچي، 1982ع. نوٽ: هي ڪتاب 1975ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ”سنڌ صدين ڪان“ منعقد ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل پيپرن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ هي مواد شاهه لطيف تي آهي. شاهه جو سر سارنگ، ائنيميري شمل. سنڌ جي سرائيڪي صوفياٽي ڪلام جا اسلوب ۽ موضوع، سي.شئڪل. سنڌ ۾ موسيقي ۽ ثقافت، ريگيولا برڪهارڊ قريشي. (355 ڪان 410 تائين).

2. وساريان نہ وسرن (يادگيريون) ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد، 1988ع. 3. سپيريان سنڌي ڳالهڙي (خاڪا) مهراڻ پبلشر ڪراچي، 1991ع. 4. فڪر لطيف (اردو، ترتيب) ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1991ع. 5. لطيفي لاٽ (25 اسڪالرن جا سنڌي، اردو ۾ مقالا ترتيب ڏنل) ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد، 1992ع ۽ 2012ع. 6. ميين عيسيٰ جا بيت (ترتيب) 1993ع. 7. گنج (شاهه جو رسالو، ترتيب) 1995ع. 8. سدا سوئيتا ڪاپڙي، (يادگيريون) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ڇاپو پهريون 1996ع. 9. شاهه جو رسالو (ٽن سرن جو اختصار) ثقافت کاتو

سنڌ 1996ع. 10. غلام محمد شاهواڻيءَ جو ترتيب ڏنل ”شاهه جو رسالو“ ممتاز مرزا ۽ عبدالرحمان نقاش پاران موجوده صورتخطيءَ ۾ سنواريل، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ 2005ع ۾ شايع ڪيو.

شاهه جي رسالي جي ٽن سرن مان بيت ۽ وايون چونڊي جديد صورتخطيءَ ۾ ”شاهه جو رسالو ٽن سرن جو اختصار“ ممتاز مرزا جو هيءُ ڪتاب پٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان 1989ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ 1206هه ڌاري لکيل آڳاٽو قلمي نسخو آڌو رکيل آهي. اڳتي هلي ممتاز مرزا پورو گنج (رسالو) جديد صورتخطيءَ ۾ آندو. ممتاز مرزا صاحب جو اهو عظيم ڪارنامو ايندڙ صدين تائين يادگار رهندو.

گنج (شاهه جو رسالو): گنج شريف درگاهه لطيفي پرسان پٽ ڌڻيءَ جي قائم ڪيل (وڏي اوطاق) تي، تمراڻي فقيرن وٽ دستاويزي حيثيت ۾ محفوظ هو. جنهن جي هر سال 14 صفر تي عقيدت ۽ احترام سان زيارت ڪرائي ويندي آهي. هي شاهه جي رسالي جو قديم قلمي نسخو، 7 جمادي الثاني 1207هه / آچر 20 جنوري 1793ع ۾ ميين اسماعيل خان ڪاهوڙيءَ جي چوڻ ۽ نگرانيءَ ۾ فقير عبدالعظيم عرف وڌل شاهه (لاڙ جي ڏوري لڳ ڳوٺ رمضان جت، بدين) لکي پورو ڪيو. ممتاز مرزا پنهنجي طرفان لکي ٿو ته ”فقير عبدالعظيم نهايت سچاڻ ۽ شاهه جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو هو، جيئن ته لاڙ جي لهجي جي شناسائي ۽ جتن فقيرن سان سنڌس اٿي ويٺي هئي تنهن ڪري هن رسالي جي رهاڻ نهايت خيال سان ٻڌي ۽ منجهس لطيفي لات جو عشق ٿيو. انهيءَ عشق ڪيس پٽ جو پنڌ ڪرايو ۽ اتي پهچي ميين اسماعيل ڪاهوڙيءَ جي خدمت ۾ رهيو ۽ ان جي رهنمائيءَ ۾ گنج لکڻ شروع ڪيائين. ٽاڻن جي آڌار تي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته ڪاتب پاڻ به رسالي جو يادگيرو رکڻ وارو هو ، جو مختلف جاين تي جيڪي بيت ٻيهر لکيا اٿس انهن تي ’هذا مکرر‘ جو ٽاٽو ڏنو اٿس. ڪيس ميين شاهه ڪريم جي ڪلام جي پڻ ڄاڻ هئي جو ضميمي طور ميين شاهه ڪريم جا 35 بيت لکيائين. هن گنج ۾ ڪل 4041 بيت ۽ 287 وايون شامل آهن. ڊاڪٽر نبي بخش جي راءِ موجب گنج جا آڳاٽا ڏهه رسالا ٻيا به آهن. جيڪي شاهه جي وفات ڪانپوءِ اندازن 1165هه کان 1210هه جي چاليهن پنجيتاليهن سالن دوران لکيا ويا. گنج ۾ ڪل 29 سرود / سر آهن ۽ ان ۾ شاهه جي ڪلام ڪانسواءِ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام پڻ درج آهي.

شاهه جي رسالي گنج ڪي موجوده الف.ب ۾ جديد صورتخطيءَ ۾ ممتاز مرزا آندو آهي. هن گنج ۾ هڪ صفحي تي هڪ طرف اصل گنج جو اسڪين ٿيل عڪس ڏنو ويو آهي ۽ ٻئي طرف جديد صورتخطي ڏني وئي آهي. هن گنج ڪي پٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي سيڪريٽري عبدالحميد آخوند صاحب جي ڪوشش سان، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڊيلڪس ايڊيشن طور 1994ع ۾ ۽ اسڪالر ايڊيشن طور 1995ع ۾ شايع ڪيو. ان جي مهورت شاهه سائين جي 250 هين عرس جي موقعي تي 24 جولاءِ 1994ع ۾ وزيراعظم پاڪستان محترمه بينظير ڀٽو ڪئي ته ڪيس اهو تحفو ممتاز مرزا پيش ڪيو.

گنج (شاهه جو رسالو) هن گنج ڪي ڊيمي سائيز ۾ شاهه لطيف جي 251هين عرس جي موقعي، 14 صفر 1416هه مطابق 1995ع تي ٻن جلدن ۾ ممتاز مرزا جي تفصيلي مهاڳ سان شايع ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ گنج جي ڪتابت، اهميت ۽ اشاعت بابت تفصيلي طور لکيو ويو آهي. هڪ جلد ۾ اصلي گنج جو عڪس شايع ڪيو ويو آهي ۽ ٻئي جلد ۾ جديد صورتخطيءَ وارو روپ ڏنو ويو آهي. گنج جي هنن ٻنهي جلدن جي اشاعت، شاهه عبداللطيف پٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد طرفان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي وئي آهي ۽ ٻنهي جلدن جي قيمت ٻارهن سؤ روپيا رکي وئي. جڏهن ته گنج (وڏي سائيز ۾) خاص ايڊيشن جي قيمت پنج هزار روپيا رکي وئي هئي. سڀ کان پهريائين شاهه سائين جي رسالي گنج کي جديد صورتخطيءَ ۾ آڻڻ جو سهرو ممتاز مرزا تي آهي.

وساريان نه وسرن (ڪتاب): هن ڪتاب جو مصنف ممتاز مرزا آهي. مصنف ڪتاب کي ٻه ڀاڱن ۾ ورهايو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪجهه ٻين جا مضمون ۽ ڪجهه ممتاز مرزا جا مضمون مقالا ڏنل آهن. پهرين ڀاڱي ۾ شاهه عبداللطيف جي ورسين، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي چيئرمئن، اعزازي سيڪريٽرين ۽ ڇپايل ڪتابن بابت تحقيقي مواد شامل آهي. هن ڪتاب ۾ ضميمي طور: ڀٽ شاهه واري درگاهه، ڊنگو ڪندنمل ٽڏاڻي. ڀٽ شاهه، جيٺمل پرسرام. ڀٽائي گهوٽ شاهه عبداللطيف جي ورسي، شاهه سيلاني، پيرومل مهرچند. شاهه جي ڪيمياگيري، عثمان علي انصاري. شاهه جي نظر ۾ انسان جو تصور ، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽو. شاهه جو وشنو درشن، مسٽر آسانند مامتورا. ڪان سواءِ شاهه کي منظوم پيغام پڻ ڏني وئي آهي. ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ شاهه صاحب جي راڳائي فقيرن تي تحقيقي مواد شامل آهي. جنهن ۾ نارو ڀڳت، فقير يار محمد مري، منظور علي خان، فقير عبدالغفور ، مائي ڀاڳي، اقبال جوڳي ۽ ٻين مختلف راڳائين جو ذڪر موجود آهي. هي ڪتاب ڀٽ شاهه ثقافت مرڪز طرفان 1988ع ۾ شايع ٿيو.

ممتاز مرزا کي علمي ادبي خدمتن جي عيوض حڪومت پاڪستان پاران پرائيڊ آف پرفارمنس، تمغه حسن ڪارڪردگي عطا ڪيو ويو. ان کان سواءِ (7سيپٽمبر 1990ع ۾ بهترين ڪمپيئر جو شاهه لطيف ايوارڊ)، قلندر شهباز ايوارڊ، سچل ايوارڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ کيس ڏنا ويا. حڪومت سنڌ پاران ممتاز مرزا جي ڪيل خدمتن جي عيوض سنڌ ميوزيم جي آڊيٽوريم کي ممتاز مرزا آڊيٽوريم جي نالي سان منسوب ڪيو ويو ۽ ڪراچيءَ ۾ ايم پي اي هاسٽل سامهون ممتاز مرزا اسٽوڊيو قائم ڪيل آهي.

ڀٽ شاهه ۾ 1996ع ۾ ميڙي جي موقعي تي پڇاڙي واري تقريب ۾ ڪمپيئرنگ دوران ممتاز مرزا جا الوداعي گفتا: هي ڀيٽي سدائين آباد رهندي، قائم رهندي. اسان نه هونداسين، ٻيا يار هوندا. هي ميدان پنهنجي انداز سان ۽ پنهنجي اختيار سان سدائين زندهه رهندو. اڍائي سؤ سال گذري چڪا ڀٽائي کي گذريئي. ان عرصي ۾ اسان جهڙا ڪيترائي ماڻهو آياءِ ويا هوندا، جن هي ڀيٽيون ۽ مقام آباد ڪيا هوندا. انهن کي به سلام ۽ اسان جي به رخصت. خبر ناهي ته اڳئين سال اسين اوهان جي خدمت ۾ هونداسين يا نه هونداسين. پر اسان جي دلي عقيدت، محبت لطيف جي پڙ سان دم جي آخري لمحي تائين قائم رهندي ۽ لطيف سنڌ آهي ۽ سنڌ اسان کي لطيف ٿي ڏيکاري آهي. اسان جي محبت ڪڏهن به ختم ٿيڻ واري ڪانه آهي. ها ممڪن آهي ته اڄ کان پوءِ هن اسٽيج تي آئون نه هجان، ڪو ٻيو دوست اوهان جي خدمت ۾ دوستن کي پيش ڪري، سنڌي فن کي پيش ڪري. اوهان سڀني کي ڌڻي سلامت رکي. آمين.

ممتاز مرزا جو وصال 7 جنوري 1997ع تي دل جو دورو پوڻ سبب ٿيو. کيس ٽنڊو آغا جي اباڻي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. هن آخري ڪتاب. سدا سوئيتا ڪاپڙي، لکيو. هن شاهه جي شيدائي، شاهه لطيف ۽ سچل سائين جي ڪلام کي دنيا ۾ متعارف ڪرايو.

# ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي

نامور اسڪالر، اديب، محقق، ڊاڪٽر عبدالغفور ولد حاجي رحيم بخش ميمڻ، پهرين سيپٽمبر 1939ع / جمع 16 رجب 1358هه تي ميمڻ محلي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. هن پرائمري کان بي. اي تائين تعليم لاڙڪاڻي مان ۽ ايم. اي سنڌي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان، ايم. فل سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1975ع ۾ ۽ 1984ع ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي رهبريءَ ۾ ”اوڻيهين صديءَ جا نثر نويس“ جي عنوان تي سنڌي ادب ۾ پي. ايڇ. ڊي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. ان ڪانسواءِ 1982ع ۾ ايل. ايل. بي پڻ ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات 1957ع ۾ پي. ڊبليو ڪاتي ۾ ڊرافٽس مين کان ڪئي. جتي 16 سال نوڪري ڪرڻ بعد 14 نومبر 1973ع تي تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. جتان ترقي ڪري ايسوسيئيٽ پروفيسر جي عهدي تان 31 آگسٽ 1991ع ۾ رٽائر ڪيائين. ڪيس ننڍپڻ کان ئي ادب سان چاهه هو ۽ پوءِ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صحبت ۾ 1956ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪيائين. سندس سوين تحقيقي مقالا، هند سنڌ جي مختلف اخبارن توڙي رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. ڪيس سنڌي، اردو انگريزي زبانن تي عبور حاصل هو. هن جا ڪيترائي مقالا اردو، انگريزي، براهوي ۽ گجراتي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن.

سڀ کان پهرين هن سنڌي انسائيڪلوپيڊيا جا مختصر جلد لکي متعارف ڪرايا. جنهن جا ڪجهه واليم پڻ ڇپيا. حافظ محمد احسن چنا ڪيس ”قليچ ثاني“ جو خطاب ڏنو. هن شاهه عبداللطيف سميت سچل سرمست تي به ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا. هيءُ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور طرفان ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي جو نگران پڻ رهيو. هن پنهنجي سموري عمر ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ۾ گذاري. سندس 50 کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿيا. جن ۾ ”ملا نصير الدين جا لطيفا، 1961ع. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، 1969ع. زراعت ۽ باغباني (ٽي ڀاڱا). سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، 1976ع. هيرا لعل جواهر، 1976ع. پاڪستان جو اڀياس، 1977ع. ماڊرن اسڪول ڊڪشنري، 1977ع. هيرن جو هار، 1977ع. شرح سر ڏهر، ڇاپو پهريون، مهراڻ پبلشر سکر، 1978ع. اسان جا اديب اسان جا شاعر (پنج حصا، 1980ع کان 1983ع). سنڌي انسائيڪلوپيڊيا (پنج جلد، 1980ع کان 1983ع). محمد رسول الله، 1980ع. عظيم سنڌي انسان، 1981ع. غفور سنڌي گرامر، 1981ع. ادبي خزانو، 1983ع. سچا موتي، 1987ع. ادبي شخصيتون، 1990ع. سئو سنڌي سپوت، 1994ع. وغيره قابل ذڪر آهن.

ڪتاب. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ليکڪ. ميمڻ عبدالغفور سنڌي، مولوي محمد عظيم تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور، ڇاپو پهريون 69 / 1968ع. هن ڪتاب ۾ ڏنل مضمون هن ريت آهن. 1. شاهه عبداللطيف. 2. شاهه جي نظر ۾ ڪامل انسان. 3. شاهه جو رسالو. 4. شاهه جي حب الوطني. 5. شاهه جون سورميون. 6. سر مارئي. 7. شاهه جي رسالي ۾ غير سنڌي ڪلام. 8. شاهه پڙهيل هو يا اُمي هو؟. 9. شاهه جي شعر ۾، سنڌ جي ملڪي حالت. 10. شاهه جي شاعري تي به شاهڪار. 11. شاهه جي ڪلام ۾ اصطلاحي اصلاح. (باب ٻيو.) 12. آءٌ انسان پاڻ سڃاڻ. 13. پاڻ ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿئين ڪتاب جي فهرست ۾ 1. شاهه جو فڪر ۽ فن. 2. آه غريبان قهر خدائي. دعا درويشان رحم الاهي. ان عنوان سان ڪتاب ۾ ڪوبه مضمون ناهي ڏنل. جڏهن ته ڪتاب جي فهرست ۾ اهي عنوان ڏنل آهن.

ميمڻ عبدالغفور سنڌي جا شاهه لطيف جي ڪلام ۽ سير سفر تي هي مضمون، مقالا عوام ۾ دلچسپيءَ سان پڙهيا وڃن ٿا.

مضمون، شاهه جي فڪري بلندي، ڪتاب. فڪر لطيف، مرتب. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڇاپو پهريون، سنڌي ادبي سوسائٽي سکر، 1967ع. لطيفي لات جي جهرجهنگ ۾ جهونگار، (اجرڪ پبليڪيشن گمبٽ، لطيف نمبر) جون، جولاءِ، آگسٽ 1970ع. دنيا جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، جنوري، فيبروري 1975ع. شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ ترقي پسند شاعر، ماهوار نئين زندگي، مئي جون 1975ع. شاهه ۽ سندس ڪلام، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، فيبروري 1977ع. سر ڪنيات، (شاهه نامه، خاص اشاعت) سنڌ اطلاعات کاتو 1980ع. مضمون، شاهه جي نوري، ڪتاب. فڪر لطيف، مرتب. بشير احمد شاد، ڇاپو پهريون، فڪر و نظر پبليڪيشن سکر، 1985ع. شاهه هڪ آفاقي شاعر آهي، هفتيوار وينجهار، حيدرآباد، 27 مارچ 1989ع. شاهه جو شارح، ڊاڪٽر گربخشاڻي، هفتيوار وينجهار، حيدرآباد، 8 فيبروري 1993ع. شاهه جي حب الوطني، هفتيوار وينجهار حيدرآباد، 1 اپريل 1993ع. ساڳيو مضمون، ڪتاب. ڀٽ جو گهوٽ، مرتب. بشير احمد شاد، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو پهريون، اپريل 1998ع ۾ شايع ٿيس. لطيفي سئر، ماهوار پورب، شمارو 7. 6 - 1995ع. سنڌي شاعريءَ جو چاسر، ڪتاب. سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو شاهه ڪريم، سهيڙيندڙ. رڪيل مورائي، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، ڊسمبر 2012ع.

ميمڻ عبدالغفور سنڌي، مضمون، سر ڪنيات ۾، لکي ٿو ته، شاهه سائينءَ جن سر ڪنيات کي پنهنجي زندگيءَ جي اهم حصي، يعني عين جواني جي جوڀن ۾ ڳايو آهي. جوانيءَ جي دور ۾ هر انسان کي تمام ڏکئي امتحان مان پار پوڻو پوندو آهي.

# سگهڙ وريام فقير شيخ

لوڪ ادب جي صنفن جو نامور شاعر، سگهڙ وريام فقير ولد الهيار شيخ جو جنم 1939ع / 1358هه ۾ شڪارپور ۾ ٿيو. سندس خاندان ورياماڻي شيخ سڏجي ٿو. سندن ابا ڏاڏا سائين محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي خاندان جا مريد آهن. راقم ڏانهن 2018ع ۾ لکيل خط مطابق سندس مختصر سوانح ۽ ادبي ڪم هيٺ ڏجي ٿو.

جيئن ته 5 اپريل 2020 تي فقير سائين کان طبيعت جو احوال ورتم، پاڻ ڇيائون ته ڇهه سال ٿيا آهن. سائيءَ جي موذي مرض ۾ مبتلا آهيان ۽ جٿري جو آپريشن به ڪرايو اٿم. پوءِ مون ۾ همت نه رهي جو ان سان وڌيڪ ڪچهري ڪري سگهان. سندس علمي ادبي زندگيءَ جو مختصر احوال هن ريت آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير وريام پرائمري تعليم کان پوءِ مئٽرڪ پاس ڪري هڪ ننڍي نوڪري ڪئي. زندگيءَ جي لاهن چاڙهن سان مهاڏو اٽڪائيندي همٿ نہ هاريائين ۽ پوءِ سگهڙائپ جو شغل بہ جاري رکيائين.

وريام فقير جا سگهڙائپ جا استاد، حاجي فقير مهيسر ۽ ڪريم بخش وسطڙو آهن. پاڻ سگهڙائپ جي بيتن ۾ پهرين ”حر“ تخلص ۽ پوءِ ”فقير“ تخلص استعمال ڪيائين. سندس شايع ٿيل ڪتاب 1. سچ ۽ سونهن وريام ورونهن. 2. سنگ سچ ۽ سونهن جو. 3. وريام جا وسيلا. 4. وريام فقير جو رسالو. 5. فڪر الفقراءُ. 6. لطيفي ڪچهري. 7. عشق اٽانگو آڪرو. 8. پٽ ڏٺي ڪان چٽ ڏٺيءَ تائين. 9. منظوم ملفوظات شريف حضرت روضي ڌڻي. 10. افڪار وريام فقير. 11. ديوان وريام فقير. شامل آهن.

هن درويش صفت انسان تي سيد محمد راشد روضي ڌڻي ۽ لطيف سائينءَ جو سايو آهي. لطيفي آسڻ جي مٽڪي مان پاڻي پيئڻ کان پوءِ لطيفي رنگ ۾ اهڙو تہ رنگجي ويو جو پاڻ شاهہ سائين جي رسالي وانگر ٽيهن سرن تي مشتمل، وريام فقير جو رسالو جوڙيائين.

ڪتاب. وريام فقير جو رسالو، سهڙيندڙ، راشد احمد، ظهور احمد شيخ، شڪارپور ، ڇاپو پهريون، 2013ع. هن رسالي ۾ شاهہ سائين جي ٽيهن سرن ۽ لوڪ داستانن، ڏهہ ڏاتارن ۽ ست سورهين تي شاهہ لطيف جيان، وريام فقير پنهنجي ذات ۽ ڏاهپ ذريعي شاعري سرجي آهي. رسالو مختصر ئي صحيح پر سندس محنت قابل تعريف آهي. هن رسالي ۾ 1. سر ڪلياڻ ۾، 24 بيت هڪ وائي ڏنل آهي. 2. سر يمن ڪلياڻ ۾ ٻہ وايون ۽ پندرهن بيت. 3. سر ڪنيات ۾ ٻہ وايون ۽ پندرهن بيت. 4. سر سريراڳ ۾ هڪ وائي ۽ پندرهن بيت. 5. سر ساموندي ۾ هڪ وائي ۽ ڇهہ بيت. 6. سر سهڻي ۾ ٻہ وايون ۽ ڇهہ بيت. 7. سر سسئي آبري ۾ هڪ وائي ۽ پندرهن بيت. 8. سر معذوري ۾ هڪ وائي ۽ نو بيت. 9. سر ديسي ۾ هڪ وائي ۽ ڇهہ بيت. 10. سر ڪوهياري ۾ هڪ وائي ۽ نو بيت. 11. سر حسيني ۾ هڪ وائي ۽ ڏهہ بيت. 12. سر ليلا چنيسر ۾ هڪ وائي ۽ ڏهہ بيت. 13. سر مومل راڻو ۾ هڪ وائي سترهن بيت. 14. سر مارئي ۾ ٻہ وايون ۽ سورهن بيت. 15. سر ڪاموڏ ۾ هڪ وائي ۽ نو بيت. 16. سر گهاتو ۾ هڪ وائي ۽ تيرهن بيت. 17. سر سورٺ ۾ ٻہ وايون ۽ يارهن بيت. 18. سر ڪيڏارو ۾ هڪ وائي ۽ اٺويهہ بيت. 19. سر سارنگ ۾ هڪ وائي ۽ ٻارهن بيت. 20. سر آسا ۾ پنج وايون ۽ ٽيويهہ بيت. 21. سر رپ ۾ هڪ وائي ۽ چوڏهن بيت. 22. سر ڪاهوڙي ۾ هڪ وائي ۽ يارهن بيت. 23. سر بروو سنڌي ۾ ٻہ وايون ۽ ٻارهن بيت. 24. سر رامڪلي ۾ ٽي وايون ۽ سورهن بيت. 25. سر ڪاپائتي ۾ ٽي وايون ۽ نو بيت. 26. سر پورب ۾ ٻہ وايون ۽ اٺ بيت. 27. سر ڪارايل ۾ هڪ وائي ۽ ڏهہ بيت. 28. سر پرڀاتي ۾ هڪ وائي ۽ ارڙهن بيت. 29. سر ڏهر ۾ هڪ وائي ۽ نو بيت. 30. سر بلاول ۾ هڪ وائي ۽ اٺ بيت ڏنل آهن. سندس شاعريءَ جو نمونو.

حسيني غم ڪيو هو بلڪل اڳي بتول،
حسن مير حسين لاءِ رنو پاڪ رسول،
اهڙي ساڻ اصول، ورهہ ۾ روئجي وريام چوي. (سر ڪيڏارو)

ڪتاب. ديوان وريام فقير، مرتب. راشد احمد شيخ، ڇپيندڙ، مرڪ پبليڪيشن، ڇاپو پهريون، جون 2018ع. هن ڪتاب ۾ حمد، ثناءِ ۽ شاعريءَ جي بيشمار صنفن کان سواءِ شاهہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين متعلق عنوان 1. ”رسالو ڳجھارتون بيتن ۾“ 2. ”شاھ جي سرن تي چيل شعر“ انهن عنوانن تي وريام فقير پنھنجي شاعري ڏني آھي.

تنھن کان علاوه عشق مجاز ۽ صوفيانہ ڪلام تي ڪافي مواد اڻ ڇپيل موجود اٿس. ھن جي ڪلام ۾ وسيع فڪر سمايل آھي. وري جڏھن ھن جي لطيفي ڪڇھريءَ ۾ اچجي ٿو تہ دل باغ بھار ٿيو وڃي، اھا وڏي ڪماليت چئبي جو، شاھ سائين جي ڪلام مان ڳجھارتن وارا بيت چونڊي ۽ ھر ھڪ سر جو مختصر تفصيل ڏئي، ڳجھارتن تي پھريون مختصر رسالو ”لطيفي ڪڇھري“ جوڙڻ وارو وريام فقير ئي آھي. توڙي جو ھن رسالي ۾ بيتن جو تعداد مختصر آھي، پر پوءِ بہ سندس ڏاھپ ۽ سُچيتائي ڪي سلام آھي. ھن شخص شاھ سائين جي ٻين شيدائين کان ھڪ منفرد ڪم ڪري ڏيکاريو آھي.

ڪتاب. لطيفي ڪڇھري، موضوع، لوڪ شاعري، مصنف. وريام فقير شيخ ورياماڻي، مرتب. فقير ظھور احمد شيخ، ڇپائيندڙ، مسرور مصطفيٰ عرف بابو فقير ورياماڻي، داون شاھ محلو شڪارپور، ڇاپو پھريون، 2016ع. ھن ڪتاب جي فھرست: انتساب: وريام فقير شيخ. مھاڳ: پروفيسر محمد شريف شاد سومرو. 1. سر ڪلياڻ (11 ڳجھارتي بيت). 2. سر يمن ڪلياڻ (12 بيت). 3. سر کنڀات (5 بيت). 4. سر سريراڳ (6 بيت). 5. سر سامونڊي (8 بيت). 6. سر سھڻي (سورمي (9 بيت). 7. سر سسئي آبري (سورمي (8 بيت). 8. سر معذوري (9 بيت). 9. سر ديسي (9 بيت). 10. سر ڪوھياري (7 بيت). 11. سر حسيني (10 بيت). 12. سر ليلا چنيسر (سورمي (9 بيت). 13. سر مومل راڻو (سورمي (9 بيت). 14. سر مارئي (سورمي (9 بيت). 15. سر ڪاموڏ (نوري ڄام تماچي) (سورمي (9 بيت). 16. سر گھاتو (4 بيت). 17. سر سورٺ (سورمي (6 بيت). 18. سر ڪيڏارو (7 بيت). 19. سر سارنگ (4 بيت). 20. سر آسا (7 بيت). 21. سر رپ (5 بيت). 22، سر ڪاھوڙي (6 بيت). 23، سر بروو سنڌي (4 بيت). 24، سر رامڪلي (7 بيت). 25، سر ڪاپائتي (7 بيت). 26، سر پورب (4 بيت). 27. سر ڪارايل (5 بيت). 28. سر پرڀاتي (7 بيت). 29. سر ڏھر (5 بيت). 30. سر بلاول (4 بيت).

ڪتاب. لطيفي ڪڇھري، ص. 22 تان نموني طور ڳجھارت ھيٺ ڏجي ٿي.

ڳجھارت: فڪر فقيرن واپاريو راند جو نياڳن،
طعام جو نہ راڳين، ھو جو قل فقيري جو.

پيچٽي: فڪر= ڪم (صبر)، فقيرن = ڪمندن، واپاريو = ڪٽيو، راند جو = ھارايو، ھوڙن، طعام جو = چکيو، راڳين = چوندن، قل = ساءُ، فقيري جو = صبر.

شاھ جو بيت: ڪم! ڪمندن ڪٽيو، ھارايو ھوڙن،
چکيو نہ چوندن، ھو جو ساءُ صبر جو. (سر ڪلياڻ)

ڪيس مجتنا طور شھباز اوارڊ، سچل اوارڊ، مصطفيٰ ڪانفرنس اوارڊ، بھترين سگھڙ اوارڊ 1999ع ۾ بھترين سگھڙ جو شاھ لطيف اوارڊ شاھ سائين جي 267 ھين عرس مبارڪ جي موقعي تي جمعو 17 صفر 1432ھ بمطابق 21 جنوري 2011ع تي سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاھ جي ھٿان مليس. ڪيس تقريبن 22 اوارڊ ۽ 16 ڪن مجتنا سرٽيفڪيٽ ملي چڪا آھن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مير محمد پيرزادو

مير محمد ولد رحمت الله پيرزادو 19 جون 1944ع / سومر 27 جمادي الثاني 1363ھ تي ڳوٺ ٻلھڙيجي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. (ڪتاب. ڪلھوڙا دور جي سنڌي ادب ۾ حضرت سلطان الاولياءُ خواجہ محمد زمان قدس سره جن جي حيثيت، ھن ڪتاب جي بئڪ ٽائٽل تي مير محمد جي ولادت 19 جون لکيل آھي.) پاڻ موجوده دور جو سرموڙ شاعر، اديب ۽ دانشور ھو. ھن شاعريءَ جي شروعات 1970ع ۾ ڪئي. جديد شاعريءَ جي حوالي سان سندس نالو نھايت اھميت وارو آھي. سندس شاعري مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آھي. ھن ايم. ايس. سي (آنرز: زراعت) جي ڊگري 1974ع ۾ زرعي ڪاليج ٽنڊي ڄام مان ۽ ايم. اي. (سنڌي) جي ڊگري 1989ع ۾ شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور مان حاصل ڪئي. پاڻ 20 جنوري 1969ع تي ريسرچ اسسٽنٽ جي حيثيت سان زرعي ڪاليج سڪرنڊ ۾ نوڪريءَ تي چڙھيو ۽ سڪرنڊ شھر ۾ رھائش اختيار ڪيائين. جيتوڻيڪ بعد ۾ سندس بدلي ڏوڪري، سجاول، ڪوٽڏيجي، دادو ۽ ٻين ھنڌن تي ٿيندي رھي. پر سندس مستقل رھائش سڪرنڊ ۾ ئي ھئي. پاڻ زراعت کاتي ۾ مختلف عھدن تي رھندي ترقي ڪري ڪٽڪ جي تحقيقاتي اداري سڪرنڊ جي ڊائريڪٽر (انچارج) جي عھدي تان 2004ع ۾ رٽائر ٿيو.

مير محمد صاحب ڪي سنڌ ۾ نقشبندي بزرگن تي پي. ايچ. ڊي ڪرڻ جو شوق ھو. سندس اھو شوق وقت جي ڏاراڻ ۾ دفن ٿي ويو. ھن جي وفات 8 جنوري 2019ع ۾ ٿي. سندس چاليھي جي موقعي تي سنڌي ادبي سنگت جي ماڪ ملاح ۽ سنڌ ٿنڪرس فورم جي سيد محمد منير شاھ ذاڪريءَ جي ميزباني ھيٺ آچر 17 فيبروري 2019ع تي سڪرنڊ ۾ تعزيتي ميڙاڪو ۽ مرحوم مير محمد پيرزادي جي ھنن پنجن ڪتابن، ڪتاب. پٽائيءَ جي ڳولا، جوڳيءَ تي جڙاءُ، ڪير چوي ٿو تون سڀ ۾ ناھين، نياز ھمايون لغت ۽ سندس تعزيت نامو ريڪائون اديب شاعرن پاران مھورت ڪئي وئي. ھن تقريب ۾ ناليوارن اديبن، شاعرن ۽ سياسي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي.

سندس ڪجھ ٻيون تصنيفون ھن ريت آھن.

1. مڪڙيون ماڪ ڦڙا (شاعريءَ جو پھريون مجموعو - 1981ع). 2. يادگار حمل فقير (ترتيب - 1988ع). 3. سوانح خواجہ محمد فقير گاڏھي (1990ع ۽ 1994ع). 4. ليار نيڻن ۾ ڦٽا (شاعري - 1999ع). 5. ڪلھوڙا دور جي سنڌي ادب ۾ حضرت سلطان الاولياءُ خواجہ محمد زمان قدس سره جن جي حيثيت (تحقيق - 2011ع). 6. جي تو سٽ سڪڻ جي (مضمون - 2012ع). 7. ضلع شھيد بينظير آباد محققن جي نظر ۾ (مرتب ڪيل - 2013). ڪيس ڪتاب. مڪڙيون ماڪ ڦڙا تي سگا طرفان گولڊ ميڊل 1981ع ۽ سنڌالاجيءَ طرفان سرٽيفڪيٽ ۽ ھڪ ھزار روپيا نقد انعام مليو. مجتا طور ٻيا بہ ڪيترائي ايوارڊ مليل اٿس.

ڪيس لطيف سائينءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌي توڙي اردو شاعرن جو ڪافي ڪلام ياد ھو. ان ڪان علاوه پاڻ مختلف علمي ادبي ۽ سماجي ادارن ۽ تنظيمن سان لاڳاپيل رھيو. ۽ شاھ لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ بہ شموليت اختيار ڪندو ھو. شاھ فھميءَ تي سندس ڪجھ مضمون مقالا ھيٺ ڏجن ٿا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر رپ ۾ تشبيهن جو استعمال، ڪتاب. سر رپ جو مطالعو، چپائيندڙ. عاشق حسين ميمڻ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون، 2002ع. شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات، ڪتاب. شاهه لطيف هڪ تحرڪ. هڪ تحريڪ، مرتب. تاج جويو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون، اپريل 2002ع ۾ ماهوار پيچ ڀٽائي مئگزين حيدرآباد، مارچ. اپريل 2007ع ۾ شايع ٿيس. سلطان الاولياءُ خواجه محمدالزمان جي ڪلام ۾ لاڙ جي ٻولي، ڪتاب. خواجه محمدالزمان (هڪ مطالعو)، مرتب. آزاد قاضي، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد/لاڙڪاڻو، ڇاپو پهريون، 2002ع. مومل جي راڻي سان پاڻ ارپڻ جي شدت، ڪتاب. سر مومل راڻو: هڪ مطالعو، مرتب. تاج جويو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهه، ڇاپو پهريون، اپريل 2004ع. شاهه جي شاعريءَ ۾ مشاهدي جي تيزي، ڪتاب. سر ڪوهياري، مرتب. منظور احمد قناصرو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، فيبروري 2007ع. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شعر جي جوڙجڪ جو انوکو انداز، ڪتاب. سر ڪيڏارو، مرتب. منظور احمد قناصرو، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو پهريون، 2008ع. شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل تشبيهون، امرتا (شاهه لطيف نمبر) مرتب. فقير محمد ڏول، گاڏي کاتو حيدرآباد، مارچ 2011ع. سر رپ ۾ درد ۽ سور سان لاڳاپيل تشبيهن جو استعمال، ڪتاب. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال، ترتيب ۽ تدوين. ڊاڪٽر فياض لطيف، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، 2017ع. ان کانسواءِ سندس مقالو "پڇڻ گهڻا پڇايا تون پڇڻ کي پڇاءِ" شايع ٿيل آهي.

مقالو، شاهه جي شاعريءَ ۾ مشاهدي جي تيزي، ان مقالي مان خاص نقطا، ليکڪ مير محمد پيرزادو لکي ٿو ته، ڀٽائي صاحب قيدياٽيءَ "مارئي" کي صلاح ڏئي ٿو ته، انهن رڙين، ڪوڪن، دانهن ۽ روئڻ مان ڪجهه ڪين ورندو. پر جڏهن هي لوڪ ننڊ ۾ هجي يعني آڌي رات جو اٿي ٻئي ٻانهون کڻي ۽ خداءِ تعاليٰ کان دعا گهر ته اهو تنهنجي جان ان مصيبت مان ڇڏائي.

# غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ

تعليمي ماهر، اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ مترجم غلام مصطفيٰ ”مشتاق“ ولد عبدالرحيم ميمڻ، 15 آڪٽوبر 1945ع بمطابق سومر 8 ذوالقعد 1364هه تي لاهوري محلي، لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. (اردو ڪتاب، لاڙڪانہ تاريخ وتهذيب، ص: 102، سندس ولادت 15 آڪٽوبر 1943ع لکيل آهي.)

پرائمري ڪان بي. اي تائين تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪيائين. جنهن بعد سکر جي گورنمينٽ ڪاليج مان 1966ع ۾ بي. ٽي ڪري ايچ. ايس. ٽي مقرر ٿيو. نوڪري ملڻ بعد ايم. ايڊ ۽ ايم. اي (مسلم هسٽري) پڙ ڪيائين. انهن سالن تائين ضلعي جي مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪرڻ بعد سپروائيزر، پوءِ 1968ع ۾ سترهين گريڊ ۾ ترقي ماڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول وڳڻ ۾ هيڊماستر مقرر ٿيو. جون 1991ع ۾ تعليم کاتي ۾ تعلقہ آفيسر شهدادڪوٽ، نومبر 1992ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪري ۾ هيڊماستر، مارچ 1993ع ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (اسپورٽس) لاڙڪاڻو، مئي 1990ع ۾ گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ هيڊماستر، آگسٽ 1993ع ۾ تعلقہ آفيسر شهدادڪوٽ، اپريل 1995ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول چڪ ۾ هيڊماستر، آگسٽ 1995ع ۾ ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر (ميل) لاڙڪاڻو، جون 1996ع کان گورنمينٽ ديني مدرسہ هاءِ اسڪول جو هيڊماستر، اپريل 1997ع ۾ هاءِ اسڪول گجڻ پور ۾ هيڊماستر رهيو. جتان 1 مئي 1998ع تي رٽائر ٿيو. هيڊماستريءَ جي عهدي تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. جتان سندس ڪتاب شايع ٿيا.

سندس ڇپيل ڪتابن ۾: 1. شيطاني چڪر. 2. سوين سچ. 3. سستو خون مهانگا جذبا. 4. معلومات مهراڻ. 5. سچو سرواڻ صہ. 6. پاڪستان ڪوئز. 7. مخدوم بلاول. 8. مسلمانن جا سائنسي ڪارناما. 9. ملا شمن جو وظيفو. 10. سوچن جي سرهاڻ. 11. مديني جو مير صہ. 12. مذهب ۽ سائنس (ترجمو). 13. خدا، اسلام ۽ جديد سائنس (ترجمو). 14. منڙو رسول صہ. 15. جنرل ناليج. 16. نفس جو محاسبو (ترجمو). 17. ڳالهيون شاهہ لطيف جون. 18. شاهہ جو رسالو (ترتيب) درسي ڪتابن ۾. 19. سنڌي پنجون ڪتاب. 20. سنڌي ڇهون ڪتاب. 21. سنڌي ستون ڪتاب. 22. استادن جو رهبر پنجين درجي لاءِ. 23. تاريخ اسلام (چار حصا). 24. مطالعہ پاڪستان (بي. اي، بي. ايس. سي لاءِ). 25. شهريت (يارهين ڪلاس لاءِ). 26. شهريت (ٻارهين ڪلاس لاءِ). 27. پوليٽيڪل سائنس (بي. اي پارٽ ون لاءِ). 28. شرح آسان اردو (ڏهين ڪلاس لاءِ). 29. شرح سنڌي (نائين ڪلاس لاءِ). 30. دنيا جا آئين (بي. اي پارٽ ٽو لاءِ). 31. مشتاق رهبر (درجي ٻئين کان پنجين لاءِ). 32. ڪامران مضمون نگاري وغيره شامل آهن.

هن پنهنجي ڪيترن ئي نصابي ڪتابن تي انعام پڻ حاصل ڪيا. ان کان سواءِ سندس ڪيترائي مضمون ۽ تحقيقي مقالا پڻ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. سندس مضمون ”سر لطيف سائينءَ جا“ ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، جنوري 1980ع ۾ شايع ٿيو. هن شاهہ سائين جي چونڊ ڪلام، لغات ۽ شاهہ سائين جي سوانح حيات ۽ سفر تي بهترين انداز ۾ ڪم ڪيو آهي. هن عظيم مدبر، معلم ۽ شاهہ جي شيدائيءَ جي وفات 2010ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿي.

غلام مصطفيٰ مشتاق 1988ع ۾ شاهه سائين جي عرس جي موقعي تي شاهه سائين سان عقيدت جو اظهار هن طرح ڪيو.

### ”رسالو شاهه جو“

دلربا افڪار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
رمز جا اسرار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

دين جي پرچار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
آيتون اذڪار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

وقت جي رفتار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
قول ۽ اقرار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

شعر جا پندار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
دلنشين اشعار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

گل سندا گلزار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
جبل ۽ وٽڪار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

سچ پري گفتار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
وطن جي هڪار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

سهڻي ۽ ميهار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
مارئي حبدار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

محب ۽ منٺار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
عشق آ پينار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

دل گهريا دلدار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
سونهن جا سينگار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

جوت جلويدار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو،
آ سچو سنسار جنهن ۾ سو رسالو شاهه جو.

2

عظيم شاعر لطيف خاطر ، جهان ڪي احترام آهي،
جنهن ڏنو آ سنيالي، سڀ ڪي محبتن جو پيغام آهي.

سندس لطيف شناسيءَ تي هيٺيان ڪتاب مشهور آهن.

1. شاهه جو رسالو (رسالي مان چونڊ شعر). آگسٽ 2000ع ۾ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور پاران شايع ٿيو. هن ۾ 30 سر، 1262 بيت ۽ 30 وايون شامل آهن. هيءُ سر ڪلياڻ کان شروع ٿي ڪارايل تي مڪمل ٿئي ٿو. هي پاڪٽ سائيز منتخب شعرن جو مجموعو آهي.

2. لغت شاهہ جو رسالو (ڏکين لفظن جي معنيٰ، الف -بي وار): هن رسالي ۾ شاهہ جي رسالي جي ٽن سرن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ سر وار ترتيب ڏني وئي آهي. 410 صفحن جي هن پاڪيٽ سائيز لغت کي مهراڻ اڪيڊمي 2000ع ۾ شايع ڪيو.

3. ڪتاب، ڳالهيون شاهہ لطيف جون (رسالي جي سرن جو تعارف، چونڊ بيتن سميت)، غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ، ڇاپو ستون: اپريل 2013ع. ڇاپو اٺون: سيپٽمبر 2016ع. ڪتاب ۾ ڏنل فهرست: 1. شاهہ لطيف جي وڏڙن جي مختصر تاريخ. 2. شاهہ لطيف جو جنم. 3. شاهہ لطيف جو ننڍپڻ ۽ جواني. 4. شاهہ لطيف جو سير سفر. 5. شاهہ لطيف ۽ مغل بيبيءَ جي آگر. 6. شاهہ لطيف سان مرزا مغل جو وير رکڻ ۽ مارجي وڃڻ. 7. شاهہ لطيف جي شادي. 8. شاهہ لطيف ۽ معجون جي دٻلي. 9. شاهہ لطيف جي دعا ۽ بد دعا. 10. شاهہ لطيف ۽ پارس پٿر. 11. شاهہ لطيف ۽ خليفو اسماعيل. 12. شاهہ لطيف ۽ ميان جي گهوڙي. 13. شاهہ لطيف جا مريد ۽ مڃر. 14. شاهہ لطيف ۽ ساز سرود. 15. شاهہ لطيف ۽ بيبي لعل جا پائر. 16. شاهہ لطيف جو پٽ وسائڻ. 17. شاهہ لطيف ۽ هندو جو مسلمان ٿيڻ. 18. شاهہ لطيف ۽ غار ۽ وينل شخص. 19. شاهہ لطيف ۽ ڏاچيءَ جو کير. 20. شاهہ لطيف ۽ تمر فقير. 21. شاهہ لطيف جي گلان کي دعا. 22. شاهہ لطيف جا مريد ۽ پلو. 23. شاهہ لطيف جو وصال ۽ چنگل گهوڙي. 24. شاهہ لطيف جو لباس ۽ عادتون. 25. شاهہ لطيف جي الله تي توڪل. 26. شاهہ لطيف جي رحمدلي ۽ تحمل. 27. شاهہ لطيف جي عبادت ۽ رياضت. 28. شاهہ لطيف جي رسالي جي سرن جو تعارف. 29. شاهہ جي رسالي مان چونڊ بيت.

ڪتاب، لطائف لطيفي، احوال شاهہ عبداللطيف ۽ لطف لطيف مان غلام مصطفيٰ مشتاق خاص خاص ڳالهيون چونڊي شاهہ جي شيدائين لاءِ هڪ جامع ڪم ڪيو آهي.

# ڊاڪٽر ملڪ نديم

مشهور تجريدي شاعر نقاد، محقق، بهترين معلم، شاهہ ۽ سچل جي شيدائي، ملڪ نديم جو اصل نالو عبدالرزاق ملڪ هو. سندس جنم 8 اپريل 1946ع / سومر 6 جمادي الاول 1365هہ تي ڪنڊڪوٽ ۾ ٿيو. هن عمر جو وڏو حصو درس ۽ تدريس جي شعبي کي ڏنو. ۽ آخر ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي جي سربراه جي عهدي تان رٽائر ٿيو. جتي هُو "شيخ اياز چيئر" جو انچارج پڻ رهيو. سندس هڪ سجاٽپ "تجريدي نظم" پڻ آهي. هن سنڌي ۾ پهريون دفعو تجريدي نظم لکڻ جو ساهس ڪيو ۽ ان حوالي سان سندس ڪتاب "تجريدي نظم" وڏي شهرت ماٺي. هن پنهنجي نظمن وسيلي آمريتي قوتن آڏو ڀرپور مزاحمت ڪئي. 1973ع واري دور ۾ جڏهن هن جا تجريدي نظم ڇپيا هئا تہ (مهراڻ ۾) ڪافي گوڙ گهمسان ٿيو هو. ان وقت ڪجهہ سنڌ جا شاعر هن تي چڙي پيا هئا. تجريديت ۾ هڪ غير محسوس پر اسراريت آهي ۽ هن ضياء جي ڏاڍ ۽ مارشلائي دور ۾ اندر جو اظهار پنهنجي تجريديت سان ڪيو هو. ملڪ نديم جي ٻين ڇپيل ڪتابن ۾ "اياز ڏوهي آ" "پتائي ٻڪ هڙتال تي" سچل سرمست (سنڌي) 1985ع سچل جي سيني ۾ سنگرام 2005ع ۽ سوديس مسافر منهنجوڙي، ملڪ نديم/ ادل سومرو ۽ ڪجهہ ٻيا ڪتاب پڻ شامل آهن. جڏهن تہ سندس

شاعريءَ جا مجموعا ”منهنجي جواني ڪنهن بہ موسم نہ چورائي“ شاعريءَ جي خوابن جي خوشبوءِ 1996ع بهترين شاعريءَ جا مجموعا اٿس. جيئن تہ سنڌس ڪافي تخليقي ۽ تحقيقي ڪم اڻ ڇپيل حالت ۾ بہ پيو آهي. ڊاڪٽر ملڪ نديم لطيف يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي پاران ڇپايل تحقيقي جرنل ”پتائي“ جا 8 پرچا مرتب ڪيا. سچل سائين جي حوالي سان هن هر سال پنهنجي مقالن ۾ سچل جي ڪلام ۽ فلسفي جي حوالي سان نوان نڪتا نروار ڪيا. جنهن جي مڃتا ۾ ڪيس سنڌس زندگي ۾ سچل ايوارڊ سان پڻ نوازيو ويو. ۽ پاڻ ”سچل سرمست جي شاعريءَ جو جائزو“ ان عنوان تحت ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو جي سرپرستيءَ ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان 1997ع ۾ پي. ايچ. ڊي ڪيائين. هيءُ پهريون مجيل تحقيق ڪندڙ عالم هو ، جنهن سچل سائينءَ جي فڪر ۽ فلسفي تي باقاعده پي ايچ ڊي ڪئي. پي. ايچ. ڊي ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر ملڪ نديم صاحب گائيڊ جي حيثيت سان ڪيترن ئي پي. ايچ. ڊي جي شاگردن جي رهنمائي پڻ ڪئي. ملڪ نديم مختلف اخبارن ۾ علمي ادبي، سياسي ۽ سماجي موضوعن تي ڪالم پڻ لکيا جيڪي پڙهندڙن ۾ بيحد مقبول ٿيا. پاڻ ريڊيو پاڪستان خيرپور سان بہ مختلف علمي ادبي پروگرامن جي حوالي سان جڙيل رهيو. ملڪ نديم جي پسند جا اديب جمال ابڙو، امر جليل، پسند جا شاعر، شاهه لطيف، سچل سائين، شيخ اياز ۽ قمر شهباز، پسند جا صحافي، غلام نبي صوفي ۽ دستگير ڀٽي.

ڳاڙهي ۽ سائي رنگ کي پسند ڪندڙ، مينڊي رتن هٿڙن جي مهڪ سان محبت ڪندڙ هن عظيم انسان تي فالج جو حملو ٿيو تہ، مختصر علالت کان پوءِ ڪراچي ۾ سونهن جا سڀ رنگ سميٽي اڱارو 9 مارچ 2010ع موجب 23 ربيع الاول 1431هہ تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيائين. سنڌس وفات کان پوءِ سنڌس نالي تي قائم ”ڊاڪٽر ملڪ نديم اڪيڊمي“ طرفان سنڌس اڻڇپيل ڪم کي سنڌس فرزند جناب سڪندر مهراڻ، ڇپرائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي.

ڪتاب. سچل جي سيني ۾ سنگرام، ليکڪ، ڊاڪٽر ملڪ نديم، ڇپائيندڙ. ڊاڪٽر ملڪ نديم اڪيڊمي خيرپور، ڪنڊڪوٽ. ڇاپو پهريون آگسٽ 2005ع. هن ڪتاب ۾ ڪل ٽيهہ مضمون مقالا ڏنل آهن. تن ۾ ليکڪ حضرت سچل سرمست جي دور ۽ سنڌس شاعري کي انقلابي شرح سان پيش ڪيو آهي. ۽ شاهہ سائين جي شاعريءَ تي نئين انداز ۾ لکيو آهي. اهي سڀ مضمون مقالا اڳ ۾ مختلف اخبارن، رسالن، مئگزينن ۽ تحقيقي جرنلن ۾ شايع ٿيل اٿس. هن ڪتاب ۾ شاهہ سائين ۽ سچل سائين متعلق ڪل ٽي مضمون ۽ مقالا هن ريت آهن. 1. ڀٽائي ۽ سچل بہ هڪجهڙا بہ منفرد شاعر. 2. ڀٽائي ۽ سچل جي سر سارنگ ۾ فرق. 3. سچل تي ڀٽائيءَ جو اثر.

ڪتاب ، سچل جي سيني ۾ سنگرام، ص: 47، ڀٽائي شاعرانہ فني ۽ ثقافتي روايتن جي پابندين سبب فڪر جي اظهار ۾ اهي حدون نہ ٽپيون آهن. جنهن کي ڪي ڪي نقاد نعريبازي تہ ڪي شارح حق گوئي ۽ شاعرانہ بيباڪي چون ٿا.

ڀٽائيءَ جا وقت جي ڪلهوڙن حڪمرانن سان دوستي وارا ناتا نہ هئا. جڏهن تہ سچل سائين جا وقت جي حڪمرانن ٽالپرن سان دوستانہ تعلقات هئا. ميرن کين جاگير بہ عطا ڪئي

هئي. هوڏانهن پنائي کي ڪلهوڙي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي طرفان زهر جي دٻلي موڪلي وئي هئي. ساڳيو ڪتاب. صفحو 49.

ڪتاب. ڀٽائي بک هڙتال تي، ليکڪ. ڊاڪٽر ملڪ نديم، ڇپائيندڙ. ڊاڪٽر ملڪ نديم اڪيڊمي خيرپور ڪنڊڪوٽ، ڇاپو پهريون، جولاءِ 2006ع. ڪتاب ۾ ڏنل فهرست: ٻہ ٽي ڳالهيون، سڪندر مهراڻ چيئرمين ملڪ نديم اڪيڊمي. 1. ڀٽائي بک هڙتال تي. 2. ململ منجهان سون. 3. ڀٽائي سنڌو درياءَ جي اوج. 4. ڀٽائي هاٽوڪي دور ۾. 5. شاهه لطيف کي متاثر ڪندڙ شاعر. 6. ڀٽائي جو سچل تي اثر سر رامڪلي ۾ سر جو راڳ. 7. ڀٽائي جو سچل تي اثر سرمارئي. 8. جنين سندي منهن ۾ نهايون نڪن. 9. ٻہ بيت ٻہ فلسفا. 10. سرڪار، خوشامد ۽ ڀٽائي. 11. ڀٽائي جي بات. 12. تون حبيب تون طبيب. 13. ٽڪيائي ٽر ٽيلهہ. 14. ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾. 15. پيهي جن پروڙيو. 16. ٻہ اکيون ٽيون نڪ. 17. سنڌ جا ڪلاسيڪل شاعر. 18. سر گهاتو جو مطالعو. 19. شاهه جا ڪردار موڪي ۽ متارا. 20. ڀٽائي. فن ۽ فڪر ۾. 21. ڀٽائي، سچل ۽ اياز. 22. سچل تي ڀٽائي جو اثر. 23. ڀٽائي بک هڙتال تي.

هن جا لطيف شناسيءَ تي مشهور مضمون، مقالا هن ريت آهن.

شاهه ۽ سچل، سووينئر ، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 1987ع. شاهه لطيف کي متاثر ڪندڙ شاعر، ملڪ نديم، ڀٽائي / مرتب. حافظ ارشد انيڙ ، ڇاپو پهريون سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، سيپٽمبر 1989ع. سر ڪاپائتي ململ منجهان سون، ڪتاب. سر ڪاپائتي، مرتب. حميد سنڌي، ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1991ع. سر گهاتو جو مطالعو، ڀٽائي (تحقيقي جرنل. 1) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ، ڇاپو پهريون جولاءِ 1991ع. ڀٽائي ۽ سچل ٻہ منفرد شاعر، ماهوار پيغام، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، آگسٽ 1992ع. ڀٽائي ۽ سچل جو سر رامڪلي ۾ سر جوڳ، ڪتاب. سر رامڪلي، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 1993ع / 1414هہ. سنڌو درياهہ جو اوج، ڪتاب. شاهه ۽ سنڌ (جلد ٻيو) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون، نومبر 1998ع. شاهه جو پيغام، ڀٽائي (تحقيقي جرنل) سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ڇاپو پهريون 1999ع.

ملڪ نديم شاهه سائين جي ٻولي ۽ ان سان اظهار عقيدت هن ريت ڪئي آهي:

سنڌي ٻولي سهڻي، جا سانديم اندر ساهہ،
رسالو شاهہ لطيف جو، آهہ رحمت جو درياهہ،
اتي آهي اونداهہ، جتي ناهي نانءُ لطيف جو.

شاهه لطيف ۽ سچل سائين جي حوالي سان ڊاڪٽر ملڪ نديم جون خدمتون ايندڙ صديون ٻہ لاياڻتيون ثابت ٿينديون.

# محمد رحيم راولاڻي

شاهہ سائينءَ جو پارکو محمد رحيم خاصخيلي ولد حاجي آدم خاصخيلي (پاڙو راولاڻي) 15 اپريل 1946ع مطابق سومر 13 جمادي الاول 1365هہ تي ڳوٺ ٻاپيهو لڳ ميرپور ساڪرو تعلقو ڪيٽي بندر ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو.

1950ع ڌاري سنڌس وڏا ڪيٽي بندر کان سمنڊ جي سواريءَ ۾ ٻيڙيءَ وسيلي ابراهيم حيدريءَ جي بندرگاهہ تي لنگرانداز ٿيا. سائين رحيم جو ابو ڏورن جو ڌڻ ٻـہ ڪراچي ڪاهي اچي چنيسر ڳوٺ ۾ آباد ٿيو. ڪجهہ عرصي بعد سندس خاندان بچل ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪئي. محمد رحيم پرائمري تعليم ڪراچيءَ جي چنيسر ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ مئٽرڪ سنڌ مدرسة السلام مان ۽ بي. ڪام سنڌ مسلم ڪامرس ڪاليج مان پاس ڪيائين. ڪيس 1968ع ۾ پرائمري ماستري ملي. سندس پهرين پوسٽنگ ميمڻ ڳوٺ ۾ ٿي ۽ ترقي ڪندو وڃي پروفيسر جي عهدي تي رسيو. سندس ادبي ذوق ايترو تہ هوندو هو، جو سندس هٿ ۾ سدائين ڪو نہ ڪو، ڪتاب هوندو هو ۽ لبن تي لطيفي وايون پيو آلاپيندو هو.

پروفيسر ديدار علي بيدار جعفري لکي ٿو تہ، راولاڻي صاحب جي ادبي ذوق بچل خاصخيلي ڳوٺ (ملير) ۾ هڪ وڏي مهراڻ لئبرري جوڙي ڇڏي، ان لئبرريءَ ۾ ممتاز علي پٽو، رسول بخش پليجو، انور پيرزادو، پروفيسر پرسرام ضياءِ، پروفيسر ارباب علي نوناري، انب گوپانگ، علي حسن چانڊيو، رياض علي خاصخيلي سميت لاتعداد ڏاها ايندا ويندا رهيا. سندس گهراڻو بيحد محبتي آهي.

خاصخيلي لطيف راولاڻي لکي ٿو تہ، سائين رحيم راولاڻي شاهہ جو پارکو، تعليمي ماهر ، سماجي اڳواڻ، دانشور ، تاريخدان ۽ لغات جو ماهر ، مطلب تہ مڙوئي خوبين جو مالڪ هو. هن سنڌي لغت جي لاءِ لفظن جو ذخيرو گڏ ڪري سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ وارن ڏانهن اماڻيو، جيڪو سندس نالي سان لغت جي ٽئين حصي ۾ درج ٿيل آهي. هن شاهہ جي شيدائيءَ جي لئبرريءَ ۾ شاهہ جا قلمي نسخا ۽ پراڻا ڇپيل شاهہ جا رسالا موجود آهن. ڪيس شاهہ جي شاعريءَ تي عبور حاصل هو، هر پروگرام ۾ شاهہ جا شعر پڙهندو هو. هن وقت سندس لئبرري سندس فرزند عبدالرشيد خاصخيلي جي نظرداري هيٺ هلي رهي آهي.

محمد رحيم راولاڻي صاحب درس وتدريس جي مشغلي سان گڏوگڏ ٻـہ ڪتاب پڻ لکيا. هڪ ڪتاب 2005ع ۾ ٺمينہ بوڪ شاپ ملير طرفان شايع ٿيس ۽ ٻيو ڪتاب. شاهہ جي شاعريءَ ۾ قرآني آيتن تي مشتمل حج جو سفرنامو، ڪتاب "سوئي راحت روح جي" نالي سان پيڪاڪ پبلشرس ڇاپو پهريون اپريل 2013ع ۾ آغا نور محمد پٺاڻ جي ٿورن سان شايع ٿيس. پاڻ 2007ع ۾ حج جي سعادت حاصل ڪيائون تہ، هن سفرنامي ۾ دعائن، التجائن، قرآني آيتن ۽ رسول پاڪ جي فرمانن کي سنڌ جي سرتاج شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شعرن سان پيٽا ڏنائون، جنهن سان هن سفرنامي ۾ هڪ نواڻ آئي آهي. ڪتاب جي شروع ۾ نبي سائين جي مبارڪ زندگيءَ جي سفر جا سال، سال جا مختصر احوال پڻ ڏنا ويا آهن ۽ حج بابت قرآني احڪام پڻ بيان ڪيا اٿس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ”سوئي راحت روح جي“ (قرآني آيتن ۾ شاهه ڀٽائيءَ جي بيتن سان سنواريل) ليکڪ. پروفيسر محمد رحيم راولاٽي، پيڪاڪ پبلشر ڪراچي، ڇاپو پهريون، اپريل 2013ع. انتساب - ارپنا: مرحوم حاجي آدم خاصخيليءَ جي نالي جنهن ڪيس ٻالڪپڻ کان ڀٽائيءَ جي بيتن سان محبت ۾ سچ جو درس ڏنو. تنهن بعد هن پيج تي ڀٽائيءَ جا ٻه بيت سر سامونڊي ۾ هڪ بيت سر مومل راڻي مان ڏنل.

ڪتاب ۾ ڏنل سٽاءُ: واحد جي واکاڻ - بيت. اول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي. عنوان، نبي سڳوري جي مبارڪ زندگيءَ جو سفر. عنوان، سهڻي سردار جي ساراهه. محبت جا ٻه اکر، آغا نور محمد پٺاڻ. عنوان، هت نه ڳولين هوت کي، پروفيسر ديدار علي بيدار جعفري. عنوان، سرهو ساٿ سفر جو، پروفيسر حاجي محمد عثمان خاصخيلي. عنوان، سوئي راحت روح جي، احسن علي احسن. عنوان، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، مون وڏا وس ڪيا (اندر جي اور)، هن عنوان ۾ ليکڪ لکي ٿو ته مڪه مڪرمه ۾ مدينة المنور ۾ مون کي اتي هر هنڌ، هر جاءِ ۾ هر منظر تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيت ذهن تي تري آيا ٿي، جيڪي مون پنهنجي حج جي ساٿي گروپ اڳواڻ پروفيسر حاجي عثمان خاصخيلي کي ٻڌايا ٿي.

منهنجا پنهنجا جذبا ۾ اندر جي اور لکيل ڊائري جيڪا سلسليوار تاريخن جي حساب سان مڪه مڪرمه ۾ مدينة المنور شهرن ۾ ڀٽائيءَ جي بيتن سان سينگاري لکندو هئس. ان مناسبت سان هن ڪتاب ۾ پلي پار تان پيرو ڪرڻ وقت ليکڪ انهن منظرن کي قلمبند ڪيو آهي. جن ماڳن کي اکئين ڏسي آيو هو. سفر جي مضمون کي وڌيڪ مانائتو بنائڻ لاءِ ليکڪ عنوانن سان لاڳاپيل قرآن مجيد جون ٿيهارو آيتن جو ترجمو سورتن ۾ آيتن جي نمبرن سان ڏنو آهي. ۽ 125 شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيت مختلف سرن مان پڻ چونڊ ڪري ڏنا ويا آهن. جيئن پڙهندڙن ۾ وڌيڪ چاهه ۾ شوق جو جذبو اڀاري سگهجي. نموني طور عنوان هيٺ ڏجي ٿو.

عنوان، شاهه جي شاعريءَ ۾ عبادت جو ذڪر. هن عنوان ۾ ليکڪ لکي ٿو ته، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سر ڪاپائتيءَ ۾ سٺي عبادت ۾ ڏيکاءُ (رياءُ ڪاري) واري عبادت بابت ڪيترائي بيت چيا آهن، عبادت کي سٽ ڪتڻ سان تشبيهه ڏني آهي.

قبوليت واري عبادت:

محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن،<br>
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهايو.

ڏيکاءُ واري عبادت:

چائٽ پائي چت ۾، سنهون ڪتيو جن،<br>
تن جو صرافن، دکو داخل نه ڪيو.

نيڪ ۾ سچن ٻانهن جي عبادت:

ست ان جو سڦرو، جي پر ۾ پڇائين،<br>
آواز ارٽ سندو ساهه نه سڻائين،<br>
لڪايو لطيف چئي ڪنبيو ڪتائين،<br>
جي ماڻڪ مٽائين، توءِ ملهه مهانگو ان جو.<br>
(سر ڪاپائتي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب، ”سوئي راحت روح جي“ هن سفرنامي ڪي پڙهڻ وقت مطالعو ڪندڙ ائين محسوس ڪري ٿو، ڄڻ تہ اهو پاڻ بہ راولاٽي صاحب سان گڏ سفر ڪري رهيو آهي. هن شاهہ جي شيدائيءَ ڪي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن ايتري تڪليف نہ ڏني جيتري تڪليف ڪيس ڄنگهہ جي سور ڏني، اهو سور وڌي ڪينسر جي شڪل اختيار ڪري ويس. سندس علاج ڪرڻ اسپتال ۾ هلندڙ هو، پر ڏينهون ڏينهن سندس صحت خراب ٿيندي پئي وئي، آخر ان ئي اسپتال ۾ خميس پهرين محرم 1437هہ بمطابق 15 آڪٽوبر 2015ع تي هارٽ اٽيڪ جي ڪري راهہ رباني ٿي ويو.

# هدايت الله منگي

شاهه جو پارکو، مشهور ڪهاڻيڪار، براڊڪاسٽر، صحافي ۽ ليکڪ هدايت الله منگي ناميارياستاد ۽ عالم غلام الرسول منگيءَ جو پٽ هئو. پاڻ مهين جي دڙي لڳ ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ 18 هين آڪٽوبر 1946ع / جمع 22 ذوالقعد 1365هه تي پيدا ٿيو. هدايت الله منگي جنهن جو قلمي نالو هدايت منگي ۽ هيميم هيو، شروعاتي تعليم پنهنجي والد وٽ ئي حاصل ڪيائين. 1963ع ۾ هن سنڌي ورنيڪيولر فائينل پاس ڪئي. 1968ع ۾ شاهه لطيف اورينٽل ڪاليج قنبر مان اديب سنڌي ۽ ساڳئي هنڌان 1970ع ۾ اديب عالم جا امتحان پاس ڪيائين. مئٽرڪ خانگي طور 1970ع ۾ حيدرآباد بورڊ مان ۽ بي. اي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان 1973ع ۾ پاس ڪيائين. (حوالو، ڪتاب. سپ پسندا پار، ص. 8).

هدايت منگي 23 نومبر 1964ع کان جُون 1974ع تائين پرائمري استاد طور تعليم کاتي ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. پوءِ 16 هين جون 1974ع تي ڪراچيءَ مان جاري ٿيندڙ اخبار روزاني هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر ۽ ترانسليٽر طور نوڪري شروع ڪيائين. هو اخبارن لاءِ روزاني خبرون لکڻ سان گڏ ڪيترائي آرٽيڪل ۽ فيچرس بہ لکندو رهيو. نيوز ليٽرس ۽ ڊائريون لکڻ جو رواج پڻ هن وڌو.

منگي صاحب جو صحافت جي ميدان ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي. هيءُ 1992ع ۽ 1993ع ۾ عوامي آواز اخبار ۾ لاڙڪاڻي ضلعي لاءِ بيورو چيف مقرر ٿيو. هن صحافت کان سواءِ 70ع واري ڏهاڪي کان وٺي ريڊيو پاڪستان ڪراچي، حيدرآباد ۽ خيرپور تان مختلف پروگرام ڪيائين. 1995ع ۾ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي قيام کان وٺي پنهنجي وفات تائين انائونسر، ڪمپيئر، ماڊريٽر ۽ انٽرويوئر طور پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيائين. ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي سندس پروگرام رسالو، روبرو، لطيف رنگ، عوامي آواز، ريڊيو هيلپ لائين، انٽرويوز ۽ ٻيا ڪوڙ پروگرام ڏاڍا مقبول ٿيس. اتي ڪيس بهترين انٽرويوئر جي ايوارڊ سان بہ نوازيو ويو.

هدايت منگيءَ صحافت سان گڏ ادب ۾ بہ پاڻ موکيو. سندس شاعري، ڪهاڻيون، ترجمان، تنقيدي مضمون، تبصرا سنڌ جي مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا. هو شاهه لطيف جي شاعريءَ جو وڏو پارکو هو. ثقافت ۽ قديم آثارن جي علم تي عبور حاصل هئس. حفيظ منگي لکي ٿو تہ، هدايت صاحب موسيقي ۽ راڳ رنگ جي تمام سني ڄاڻ رکندو هو. استاد منظور علي خان کان سنڌيءَ ۾ "خيال" هِن ئي ڳائرايو ۽ اهو ئي سندس پسند جو راڳ بہ هو. سندس آواز ڳرو ۽ اُچار چِٽا ۽ تڙُ هوندا هئا. هو هميشہ کلمک ۽ ٽهڪڙين جو مور هوندو هو. سندس سموري زندگي جدوجهد ۽ ڪوشش ڪندي گذري. ڪراچيءَ ۾ نوڪريءَ دوران نومبر 1988ع ۾ ڦڦڙن پيرو دل جو عارضو ٿيس. انهيءَ دل جي بيوفائيءَ 22 هين ڊسمبر 1999ع تي سندس آخري ساهہ کسي ورتا. هدايت منگي مُهين جي دڙي جي اولهہ ۾ دادو ڪئنال جي سڄي ڪناري تي قائم ڳوٺ بگيءَ جي پيرُ حمل واري قبرستان ۾ متيءَ ماءُ جي هنج ۾ سُتل آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي لطيف سائين جو سچو شيدائي ۽ وڏو پارکو هو. سندس پوئير هدايت منگي صاحب جا ٽڙيل پکڙيل مضمون مقالا سهيڙي ڪتاب ”سپ پسندا پار“ شايع ڪرايو.

ڪتاب. سپ پسندا پارُ، ليکڪ. هدايت منگي، مرتب. عزيز منگي، ڇپائيندڙ. سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري، ڇاپو پهريون جنوري 2018ع. ارپنا، سراج، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، شميرالحيدري، انور پيرزادو ۽ فقير محمد لاشاري جي نانءُ. ڪتاب جو سٽاءُ: پبلشر نوٽ، عيسيٰ ميمڻ. هدايت منگي جو تعارف، حفيظ هدايت منگي. مرتب پاران، عزيز منگي. مهاڳ، انور ڏنگڙائي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حياتيءَ جو احوال. 1. سر ڪلياڻ، ان جا موضوع ۽ ڪردار. 2. سر يمن ڪلياڻ. 3. سر ڪنيات. 4. سر سريراڳ (ڀٽائيءَ جي دور ۾ ساموندي واپار ۽ ٻيا ڪم ڪاريون. 5. سر ساموندي (ڀٽائيءَ جي دور جو ساموندي واپار ۽ اتان جو ماحول). 6. سر سهڻي (ماحول ۽ ڪردارن جو جائزو). 7. سر سسئي آبري. 8. سر معذوري. 9. رُڃن ۾ رڙتي. 10. ديسي سيڻ ڪڄن، پرديسي ڪهڙا پرين. 11. سر ڪوهياري. 12. سر حسيني. 13. سر ليلا چنيسر. 14. سر مومل راڻو. 15. ڪل شيءِ يرجع الا اصلہ. 16. مارو پاڻ امُلُ، مليرونِ مرڪٽون. 17. پکا ۽ پنهوار. 18. مارئيءَ جو ڪوهه. 19. ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچيءَ ڄام جو. 20. سر گهاتو (ماحول، ڪردار ۽ محققن جا رايا). 21. سر سورٺ. 22. سر ڪيڏارو. 23. بهادر گڏيا بهادرين. 24. سر آسا. 25. سر آسا جا ڪجهه عجيب بيت. 26. سر رِپ. 27. جنين ڏٺو پرينءَ کي. 28. سر بروو سندي. 29. ڀٽائيءَ جي ڪاپائتيءَ ۾ صنعت ۽ زراعت. 30. سر پورب. 31. سر ڪارايل. 32. سر ڪارايل (شاهه ڀٽائي ۽ فريدالدين عطار). 33. سر پرڀاتي. 34. سر ڏهر. 35. سر بلاول.

مضمون، مارئي جو ڪوهه، هن مضمون ۾ ليکڪ هدايت منگي لکي ٿو تہ، ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ مارئي جي مائٽن جي ڳوٺ جو نالو ڪاروڙو ڪنيو آهي. ڪاروڙو ٿر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن هنڌن تي ملي ٿو. مارو مارئي جي اغوا کان پوءِ لڏو ڪٽي ويڙهيجهپ ڳوٺ ڏانهن هليا ويا.

ڪاروڙئان ڪٽي ويا، ڳالهيون ڳڻ ڇڏي،
وينا ويڙهيجهپ ۾، اجهائون اڏي،
سؤنڪي سندي سومري، ويا راڄ لڏي،
ٻيري ٻاڳ وڏي، ملان ماروئڙن سان.

ڪتاب، ”سپ پسندا پار“ صفحي 141 تي ليکڪ لکي ٿو تہ، چون ٿا تہ مارئي جو هڪ الميو پورو ٿيو تہ وري ٻيو شروع ٿيو. مارن ڪيس نہ قبوليو ۽ ٿرن ۾ مهينن جا مهينا ڦرندي ڦرندي سندس لتا ليڙون ٿي ويا. ڪٿي رهڻ جي لاءِ ڪنهن بہ اجازت نہ ڏنس، نيٺ ڇاڇري کان چاليهہ ميل ڏکڻ طرف ڀٽن تي هڪ وڏي ڪوهہ ۾ پاڻ اچلي ڇڏيائين ۽ ٿر جو هيءُ دکدائڪ باب اتي پورو ٿيو.

# محمد رحيم راهمون

محمد رحيم ولد محب علي راهمون، هن وقت پنهنجي نالي سان ڳوٺ محمد رحيم جي ڏاٽي، يوسي پيلو، ننگر پارڪر ۾ رهائش پذير آهي. سنڌس جنم هڪ ٻئي ماڳ وڏندي ماتر ۾ 1947ع / 1366ھ ۾ ٿيو.

پاڻ جڏهن مارئي متعلق مختلف محققن جا ڪتاب پڙهيائين تہ ڪيس اوائلي توڙي موجوده دور جي تحقيق ۽ روايتون ڪمزور محسوس ٿيون. پوءِ چار سال تحقيق ڪري سڄي ٿر جي مختلفن علائقن ۾ وڃي شاهہ سائين جي سورمي مارئي متعلق حوالا ڪٺي ڪري پوءِ شاهہ لطيف جي رسالي مان بيتن وسيلي مارئي جي جنم جو ماڳ ڪاٿر واضع ڪري پنهنجي تصنيف ۾ پيش ڪيائين. مارئي جي تحقيق تي سنڌس پهريون ڪتاب. ساٿيهہ سان سچائي، سهڻي پرنٽرز، ڪوڪر پاڙو حيدرآباد مان آگسٽ 2017ع ۾ شايع ٿيس، هن ڪتاب ۾ ڪل 48 صفحا آهن. هن ڪتاب ۾ عنوان ”مارئي جي زندگي جو مختصر حوالو“ ۽ ٻيو عنوان ”عمر ۽ مارئي جو داستان“ هن عنوان ۾ فقير محمد رحيم هڪ علائقي پائر، ٻئي ملير ۽ ٽئين ڪاٿر تي شاهہ سائين جي بيتن ذريعي سڃاڻپ ڪرائي آهي. ليکڪ لکي ٿو تہ ڪاٿر مارئي جو ڳوٺ آهي. پائر ۽ ملير علائقا آهن. هن ڪتاب ۾ حوالو ڏيندي محمد رحيم لکي ٿو تہ، اٺويهين صديءَ جي شروعات ۾ شاعر ابريو درس پنهنجي بيت ۾ چيو آهي.

مارئي سنڌي مڙهي آهي، پوڏيسر جي پير ۾.

پوڏيسر جي اولهہ طرف هڪ ڳوٺ رٻارن جو آهي. جنهن جو نالو مئو آهي. پراڻي زماني کان وٽي اتي رٻاري آباد آهن. مارئي جي ذات رٻارڻ (رٻاري) آهي. رٻاري قوم جي عورتن کي چوڙا پاتل هوندا آهن. اهي گلاس جهڙو ٿلهو هڪڙوئي چوڙو پائيندڻيون آهن. جيڪو صرف ڪرائيءَ ۾ هوندو اٿن. ان چوڙي متعلق شاهہ صاحب چوي ٿو تہ.

جن ڪراين ڪچ جا چوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروئڙن، جهاءِ لوڪ لڄي ٿئي.

فقير محمد رحيم جو مارئي جي تحقيق تي هڪ ٻيو ڪتاب ”سَتي سامائي ٻڌا موڙ ملير ڪي“ سورج پرنٽرس، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، آگسٽ 2019ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ عنوان ”مارئي بابت من وٹندا چند الفاظ“ ۾ انور گل هاليپوٽو لکي ٿو تہ فقير محمد رحيم جنهن نموني جدا جدا ڪري مارئي جو ماڳ لڌو آهي. جنهن سان سمورن سنڌ جي محققن کي چئلينج ڪيو آهي. شابس هجي هن ٿر جائي سگهڙ کي جنهن مارئي جو حقيقي سچو ماڳ چٽو ڪري ڏيکاريو آهي.

هن ڪتاب ۾ ”مارئي جي ڳوٺ ۽ علائقي جي حقيقت“ هن عنوان ۾ محقق لکي ٿو تہ مارئي جي ڳوٺ جو نالو ڪاٿر آهي. ۽ ٻيون سڀ ڳالهيون من گهڙت آهن. فقير محمد رحيم پنهنجي ڪتاب ۾، شاهہ سائين جي رسالي مان ڪاٿر لفظ وارن پندرهن بيتن جون سٽون حوالي طور ڏنيون آهن. انهن مان فقط ڇهہ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

1. ڪاٿر ڪٿيون خاصيون، اوچيون اُت اُڃن.
2. ڪاٿر پيئن ڪير، جي امانت اُت وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. ڪاٺر جون ڪٺيون، مري شل ماٺيان.
4. منجو پچائج ملير ڏي، ڪاٺر پاس ڪٺي.
5. وجي ڪلان ڪاٺر ۾ جتي پورو ٿئي پساهه.
6. مران جي هٽ ماڙيين، ته ڪاٺر ڏي ڪٺيج.

مڪمل بيت:

عرض ڪريان ٿي ميان سومرا منهنجو الله لڳ سٺيج،
مران جي هٽ ماڙيين ڪاٺر ڏي ڪٺيج،
مارو منهنجي ملير جا ڪانڌي سڀ ڪريج،
ڪٺي ڪفن ڏيج، ته سرتين ۾ سچي ٿيان.

وڏيڪ ليڪڪ لکي ٿو ته، ڪاٺر مارئي جي ڳوٺ جو نالو آهي. پاٺر ۽ ملير مارئي جي علائقي جا نالا آهن. اهو هڪڙو ئي علائقو آهي. مارئي جي نالي هڪ پراڻو کوهه (ڪاٺر جو کوهه) اهو ساڳيو آهي. جيڪو هن وقت پالوا جي پرسان اوير طرف ٿوري پنڌ تي آهي. جنهن تي هڪ نشاني پٿر جي ڪونڊي آهي. هن ماڳ تي سسئي پليجو ثقافت کاتي جي وزير ڇهه پڪا چونٺرا ٺهرايا ۽ ميلو به لڳرايو هو. مارئي جي کوهه کان اتر طرف ڪاٺر جو ڳوٺ هڪ سؤ هڪ قدمن تي هو. هن وقت ڪاٺر جي زمين خالي آهي. جڏهن رٻاري ڪاٺر کي خالي ڪري ويا. ڪجهه وقت کان پوءِ سنڌ کان مسلمان آيا وري ڪاٺر علائقي ۾ اچي آباد ٿيا. ڪاٺر جي زمين وري به خالي رهجي وئي. ٻيا ڳوٺ آباد ٿيا، هڪ ڳوٺ ڏانو ڏانڌل ٻيو ڳوٺ رتنياري، رتني رٻاري جو هو، ٽيون ڳوٺ پالواهه، پاني رٻاري جو هو، چوٿون ڳوٺ ڪاٺر جو هو، جيڪو خالي رهيو وري آباد نه ٿيو. اهي سڀ ڳوٺ پاٺر علائقي جا آهن. ڪي ماڻهو چون ٿا ته مارئي ڪاروڙي جي آهي. هن ڳالهه ۾ ڪابه صداقت نه آهي. فقير محمد رحيم لکي ٿو ته آئون توهان کي اصل حقيقت ٻڌايان ٿو. پراڻي زماني ۾ چار سؤ سال اڳ ڪاروڙو ڳوٺ سيدن جو هئو. ان جي پرسان ٻيو ڳوٺ ويڙهيجهپ آهي. ڪاروڙي ۾ شاهه ڪريم پوٽا سيد رهندا هئا. هي ڳوٺ ڏيپلي تعلقي ۾ آهي. شاهه ڀٽائي جا سئوٽ اتي رهندا هئا. شاهه لطيف ان وقت جي شاهه صاحب سان ملڻ آيو هو. ڪاروڙو سيدن جو ڪري سڏبو هو. ڪاروڙي جي پرسان ويڙهيجهپ ۾ شاهه لطيف، راول فقير ۽ ٻين فقيرن سان ملاقات ڪئي.

سگهڙ فقير محمد رحيم راهمون ڪتاب "ستي سامائي ٻڌا موڙ ملير کي" ص: 21 تي لکي ٿو ته، 1. مارئي جو مڪان پوڏيسر جي پرسان مئو جي ڳوٺ ۾ مڙهي آهي. 2. مارئي جي ڳوٺ جو نالو "ڪاٺر" آهي. 3. مارئي جو علائقو "پاٺر ۽ ملير" آهي. 4. مارئي جي مڙس جو نالو کيت رٻاري آهي. 5. مارئي جي ماءُ جو نالو ماڏوئي آهي. 6. مارئي جي ذات رٻاري آهي. 7. مارئي جي پيءُ جو نالو پالهوٽو رٻاري هيو.

مارئي جو سڱ کيت سان ٽيل هو. مارئي جي پيءُ وٽ ڦوڳ نالي شخص سڱ نه ملڻ جي ساڙ ۾ مارئي کي عمر جي هٿان اغوا ڪرايو. جڏهن عمر مارئي کي ڪنيو ته رٻارين پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيو ته عمر سومري سان وڙهي ته نه سگهنداسين! آخر ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پوءِ ٻئي ڏينهن هنن گڏجي فيصلو ڪيو ته سوڳ ۾ مرد ۽ مايون ڪارو ويس پائين. جيڪو اڄ ڏينهن تائين رٻاري قوم وارا ڪارو ويس پائيندا آهن. شاهه صاحب چوي ٿو ته.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمر جا تو مل عيد، سا اسان سوڳ ڪئي سومرا،
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۾ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو جي ملير جا.

جڏهن عمر سومري جي محلن، طعامن، سون جواهرن، حيلن وسيلن مارئي تي اثر نہ ڪيو تہ پوءِ عمر پائر علائقي جا سڀ ربارِي گڏ ڪيا، انهن کي چيائين تہ آئون عمر سومرو توهان جو قصور وار آهيان. مون جيڪو ڏوهہ ڪيو آهي. ان جي معافي ٿو گهران. پوءِ پائر علائقي وارن گڏجي عمر سومري کي معافي ڏني. عمر هيو عرض ڪين تہ سڀ ڪارا ڪپڙا لاهي اڇا ڪپڙا پايو. ۽ پوءِ عمر سومري پائر علائقي جو محصول بہ معاف ڪين. مارن گڏجي سوڳ لاٿي ۽ اڇا ڪپڙا پاتائون. ڀلاري ڀٽ ڌڻي چيو آهي تہ:

ڪٿي منجهہ خلاف، رهيو نہ رتي جيترو،
لاٿو لوئيبارئين تان، گوندر جو غلاف،
ميرا لاٿا ماروئين، سڀ اوڊيائون صاف،
ملير مڙيئي معاف، عمر سڀ انعام ڪيو.
مليون ڪيرون ڪائر ۾ خوشيون ٿيون ڪاڄ،
ملهايو مارن سڀ روح رتا راڄ،
سيئي ٿيا سڪاڄ، سانگين جا ساٿيهہ ۾.

ڪارن ڪپڙن بابت تاريخن ۾ هيءَ روايت بہ ملي ٿي، هڪ روايت مطابق چنيسر سنڌ جي راڄداني روپا تي لشڪر چاڙهي آيو ۽ جنگ ۾ دودو سومرو شهيد ٿي ويو تہ، سام پيپل ربباري قبيلي جي سنڌ ۾ رهندڙ عورتن، مردن ۽ ٻارن ڏک ۾ ڪارا ڪپڙا پاتا. اڳتي هلي اها سوڳ واري رسم صدين تائين هلي. ربباري قوم وارا ميت کي ڪفن ۾ بہ ڪارا ڪپڙا اوڍيندا هئا. 1965ع ۾ سومرا ذات جي ولي پائي تندي باغي اچي سوڳ ختم ڪرايو. پوءِ ربباري قوم جي ماڻهن رنگين ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا.

مارئي متعلق مختلف روايتون لکيل آهن. ڪتاب، تاريخ طاهري مطابق مارئي پالڻيءَ نالي هڪ هاريءَ جي گود ورتل ڌي هئي، پر چيو وڃي ٿو اصل ۾ همير سومري جي ڌيءُ ۽ عمر جي ڀيڻ هئي. سندس مڱڻو ڦرٻائين بعبوڪ نالي شخص سان ٿيل هو. ڪتاب، تحفہ الڪرام مطابق مارئي تلها ڳوٺ ۾ رهندڙ هئي، سندس مڱڻو پنهون نالي شخص سان ٿيو. ڪن وري مارئي کي لاکي قلاٽي جي ڌي. مارئي جي ماءُ مهران ڏي يا ميران ڏي کي پالڻو پڃائي ڪٽي آيو هو. ڪن ننگر پارڪر جي نندي سمي جي ڌي ڪوٺي آهي. تہ وري ماڙيچي لکي آهي. ڪي وري پنهوار قبيلي جي چائي چاڻائين ٿا. ڪن تاريخدانن مطابق مارئي ربارڻ آهي. لاکي قلاٽي ۽ همير وارين ڪهاڻين ۾ عجيب روايتون آهن. انهن اڪثر ڪهاڻين ۾ مارئي ملير جي ڳوٺ ۾ پالڻي جي گهر وڏي ٿئي ٿي. ڪن محققن مارئي جي ماءُ جو نالو ماڏوئي لکيو آهي. تہ ڪي وري مهراڏي يا ميراڏي لکن ٿا. منگهارام اوجها مطابق پالڻو سوٿهڙ قبيلي سان تعلق رکندڙ آهي. جنهن وٽ هڪ سهڻو ۽ تيز رٿ آهي. ناميارو محقق پروفيسر هوتچند گربخشاڻي مارئي ملير جي پنهوار پالڻي جي ڌي لکي ٿو. ملير پالوا ويجهو ڳوٺ هو. آءِ حسن ايڇ نديم لکي ٿو تہ، ملير سائي زمين جو نالو آهي. اهو انهي علائقي جو نالو آهي. جيڪو ٿر جي دل

جهڙي حيثيت رکي ٿو. ليکڪ، ڪنڪيڊ، ڪتاب ”سنڌ جون لوڪ آکاڻيون“ (Sindh Folk Tales) ۾ مارئي جو ڳوٺ ملير ۽ مارئي جي پيءُ جو نالو پالوي ۽ ماءُ جو نالو ميراد لکيو آهي. ڪتاب، لطيف جا ٽي تان پيرا، مطابق مارئي ڪاروڙي جي هئي. هما جليل عباس لکيو آهي ته، مارئي پالوا جي ڳوٺ جي رهندڙ هئي. پالوا جو لفظ ”پلي واءِ“ مان نڪتل آهي يا ”پيل واءِ“ اهو هڪ سوال آهي. پالوا جي پرسان ست راڄي ۾ پيل به رهن ٿا. جن جو چوڻ آهي ته، مارئي رباڙڻ هئي. اهي چون ٿا ته اڳ ۾ هن علائقي ۾ بارنهن تڙ رباڙين جا هئا. مارئي جي واقعي جي ڪري لڏي ويا. محمد قاسم راهمون (ساڪري) جي ترتيب ڏنل ”شاهه جو گنج“ مطابق مارئي جو اصل پيءُ ڦول سمون ۽ ماڏوئي ماءُ هئي. ڦول جي مرڻ بعد ماڏوئي پالڻي پنهوار سان نڪاح ڪيو. مارئي جو کيت سان مڱڻو ٿيو. ڦوڳ عمر سومري هٿان، مارئي کي پائر ماڳ مان ڪڍايو.

فقير محمد رحيم راهمي پنهنجن مٿين ڪتابن ۾ سڀني ليکڪن کي چئلينج ڪيو آهي. ۽ مارئي جي جنم جوماڳ ڪائر لکيو آهي. پر ليکڪ شاهه سائين جي بيتن بابت ڪنهن به رسالي جو حوالو نه ڏنو آهي. پوءِ به سندس تحقيق قابل تعريف آهي. راقم کي باگوجي واري سهيڙيل ”شاهه جو رسالو“ سر مارئي ۾ ڪائر ماڳ متعلق فقط هي بيت مليو:

جانڪي ستين سير ، تان ڪين وهنديس ڪوٽ ۾،
سپ سمنڊين سپجي، نديءَ پيئي نه نير ،
جئن هوءَ ابر آسري، تئن مون من ملير ،
ڪائر پيين ڪير ، جي امانت ات وڃي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# استاد محمد خان زرداري

مشهور ريڊيو لسنر، ڪمپيئر، اديب، ليکڪ ۽ شاهه جو شيدائي محمد خان زرداري 14 مارچ 1953ع موجب ڇنڇر 27 جمادي الثاني 1372هه ۾ ڳوٺ عالم خان زرداري تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. ۽ مڊل گورنمينٽ مڊل اسڪول لنڊو مان پاس ڪيائين. مئٽرڪ ڊي.سي هاءِ اسڪول نواب شاهه مان 1970ع ۾. انٽر 1974ع، بي.اي. 1976ع، ايم.اي اڪنامڪس ۾ ايم.اي سنڌي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ۽ 1983ع ۾ بي.ايڊ اولڊ ڪئمپس مان ۽ سال 1998ع ۾ ايم.ايڊ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان ڪيائين. S.V جو امتحان سڪرنڊ ڪاليج مان پاس ڪري پوءِ 1971ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. سائين محمد خان زرداري 1980ع ۾ JST ٿيو ۽ سال 2006ع کان گورنمينٽ هاءِ اسڪول لنڊو ۾ هيڊ ماستر مقرر ٿيو. ان ئي اسڪول ۾ درس وتدريس جا فرائض سرانجام ڏئي پوءِ سال 2013ع ۾ رٽائرڊ ٿيو.

سائين محمد خان جو ريڊيي جي دنيا ۾ وڏو نالو آهي. ڪيس نصير مرزا، وسند علي مهر، اعجاز وساڻ، منور علي ڏاريجو، مير محمد لنجار، ثناءُالله وسطڙو، عبدالمجيد مغيري، محمد موسيٰ چانڊيو ۽ نظر علي نائڇ جا پروگرام ۽ ڪمپيئرنگ پسند آهي. ريڊيو جي لسنرن ۾ حاجي عبدالجليل لغاري، راهب علي لاڙڪ، غلام شبير پيراهين، ممتاز علي عالماڻي، استاد محرم علي مشوري، استاد محمد عالم شر، نادر علي ڳبول، محمد ميرڻ جکراڻي، عبدالغفار جعفري، عابد حسين ٻرڙو، ناچيز عاشق علي خاصخيلي، محمد امين امر سومرو، الهه بچايو سولنگي، مزار خان فراش ۽ ذوالفقار علي مگسي سندس پسند جا لوچيندڙ آهن. پاڻ ڏيهي توڙي پرڏيهي پروگرامن ۾ خط لکي حصو وٺندو رهي ٿو. ريڊيو زاهدان جي ڪوئيز پروگرامن ۾ ڪيس ٻه دفعا انعام ملي چڪو آهي. تنهن ڪانسواءِ پاڻ ريڊيو پاڪستان ڀٽ شاهه FM.93 تي بهترين علمي ادبي پروگرام ڪري رهيو آهي. ريڊيو سان چاهه سبب 2010ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڀٽ شاهه تي ڪمپيئر مقرر ٿيو. اتي شاهه سائين جي سوانح حيات، ڪلام ۽ راڳ تي هفتيوار ڪوئيز پروگرام لطيفي چاڻ شروع ڪيائين ۽ بعد ۾ اهو پروگرام ڏورڻ منجهان ڏس ۽ هاٺوڪو نالو ”آنداؤن عميق مان“ جي عنوان سان سندس ميزبانيءَ ۾ نشر تي رهيو آهي. 13 ڊسمبر 2018ع تي ريڊيو پاڪستان ڀٽ شاهه جي 10 هين سالگره جي موقعي تي سائين محمد خان زرداريءَ کي ”لائيف ٽائيم اچيومينٽ“ ايوارڊ سان نوازيو ويو.

هن ريڊيو تي لکڻ جي شروعات 1968ع ۾ ڪئي. ان کان پوءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مقبول پروگرامن ۽ ڪوئيز سلسلن ۾ ”اسان جو سوال اوهان جو جواب“ (موجوده نالو لوچين سي لهن) ۽ پروگرام پڇن سي پسن ۾ خط لکي شرڪت ڪئي. ريڊيو پاڪستان خيرپور جي ڪوئيز پروگرام پرک، ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي پروگرام پڙهو ۽ پرايو، ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي ڪوئيز پروگرام ڄاڻ خزانو مان گهڻي ڄاڻ حاصل ڪري مضمون، مقالا ۽ ڪتاب ترتيب ڏئي شايع ڪرايائين. سندس پهرين تحرير ”سنڌ جا سِڪا تاريخ جي آئيني ۾“ ماهوار نئين زندگي رسالي ۾ سيپٽمبر 1983ع ۾ شايع ٿي. تنهن کان پوءِ هن شاهه سائين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام فن ۽ فڪر تي تحقيقي مضمون مقالا مختلف سرن تي، جن ۾ سر ڪيڏارو، پورب، پرڀاتي ۽ سر آسا تي ڀرپور انداز ۾ لکيا. سندس اهي مقالا ثقافت کاتي پاران شايع ٿيل ڪتابن ۾ ۽ مئگزين پيج پٽائي ۾ پڻ شايع ٿيل آهن.

سندس شايع ٿيل مضمون. مقالن جو مختصر وچور.

مقالو. سر ڪيڏارو تاريخ جي آئيني ۾، ڪتاب. سر ڪيڏارو، مرتب. منظور احمد قناصرو، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو پهريون، 2008ع. ۽ پيج پٽائي پبليڪيشن 14/ 2013ع ۾ بہ شايع ٿيس. سر آسا جو پسمنظر، ڪتاب. سر آسا، مرتب. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون، 2009ع. سر پرڀاتيءَ جو تاريخي پسمنظر ، ڪتاب. سر پرڀاتي، مرتب. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافتي ۽ سياحت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، 2010ع. سر پورب جو پسمنظر، ڪتاب. سر پورب، مرتب. محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، 2011ع.

استاد محمد خان زرداريءَ جا ترتيب ڏنل هينيان ڪوئيز ڪتاب، گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد پاران شايع ٿيا.

ڪتاب. 1. لطيفي رنگ رهاڻ، 2006ع. 2. لطيفي مٽيادار موتي، 2007ع. 3. موتي جي مهراڻ جا، 2008ع. 4. مهراڻ ڪوئز، 2009ع. 5. مهراڻ عالمي معلومات حصو پهريون 2016ع. حصو ٻيو 2017ع. 6. سرها گل ساٽيهہ جا 2019ع. سندس هڪ ڪتاب پڻ ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.

زرداري صاحب جو پهريون ڪوئيز ڪتاب، لطيفي رنگ رهاڻ، 13 جون 2006ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ شاهہ سائينءَ جي خاندان، سير سفر، همعصر بزرگن، فقيرن، راڳ راڳڻين، ميلن ملاکڙن، ادبي ڪانفرنسن، ورسين، شاهہ جي قلمي نسخن، ڇپيل رسالن، ڪتابن، مضمون مقالن، اوتارن تڪين، فنڪارن ۽ شاهہ لطيف ايوارڊ سميت لاجواب معلومات ڏنل آهي. هن اهڙي نوعيت جو هڪ ٻيو ڪتاب، لطيفي مٽيادار موتي ترتيب ڏئي 15 اپريل 2007ع ۾ شايع ڪرايو. 228 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ بہ سائين محمد خان وڏي محنت ڪري لطيفي ادب ۾ هڪ شاهڪار پيش ڪيو آهي. مطلب تہ هن جي ترتيب ڏنل ڪتابن ۾ ڏيهي پرڏيهي ادب، شخصيات، سائنس، تاريخ جاگرافي، رانديون، سنڌ شناسي، لطيف شناسي متعلق ڪوئيز جو ڀنڊار آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پروفيسر محمد هنگورجو

مارئي جي ديس جو نقاد، مشهور شاعر، ليکڪ، شاهہ جو شيدائي محمد هنگورجو ولد حافظ متارو تعلقي مٺي جي ڳوٺ ڏنديءَ ۾ 1948ع / 1367ھ ۾ ڄائو. هن 1954ع ۾ بنيادي تعليم کان پوءِ ايم. اي (پوليٽيڪل سائنس) ۾ ايم. اي سنڌي نمايان نمبرن سان پاس ڪيائين. کيس ادبي ماحول ۾ شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي پرک پنهنجن وڏڙن ۾ استادن کان ملي.

محمد هنگورجو بهترين جاکوڙي ليکڪ کانسواءِ بهترين شاعر بہ آهي. سندس شاعري، اخبار الفقراءِ سانگهڙ ۾ هفتيوار اخبار همدرد ميرپورخاص، ماهوار نئين زندگي، ٽماهي مهراڻ، تحريک رسالو، سهڻي رسالو ۾ جاکوڙ رسالي ۾ پڻ شايع ٿيل آهي. ڪجهہ عرصي بعد ڪن مجبورين سبب شاعري توڙي نثر ۾ ”ملزم ٿري“ تخلص استعمال ڪيائين. سندس بہ ڪتاب شاعريءَ جا جن ۾ هڪ ”ڪيرون ڪاهوڙين جون“ ۾ ٻيو ڪتاب ”ٿوري قوت قراريا“ پڻ ڇپيل آهن. ان کان علاوه ڪتاب ”مون سي ڏنا ماءُ“ مرحوم محمد حيات ٻجير جي شخصيت تي ترتيب ڏئي شايع ڪرايائين.

هنگورجي صاحب جو لکڻ پڙهڻ جو سلسلو جاري آهي، کيس شاهہ جي رسالي تي مڪمل عبور حاصل آهي. هڪ انٽرويو ۾ محترم علي حسن چانڊيي جي پڇيل سوال: شاهہ سائين جي ڪلام تي هيستائين ٿيل تحقيقي ڪم جي معيار بابت توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ ٻيو تہ شاهہ جي رسالي جو قابل قبول معياري متن اڃا تائين ڇو نہ جڙي سگهيو آهي؟ ڇا اهو ممڪن بہ آهي؟ آهي تہ ڪيئن؟ سائين محمد هنگورجي جواب ۾ چيو تہ، شاهہ جي ڪلام جي سهيڙ وارو ڪم تہ 1866ع ۾ ارنيسٽ ٽرمپ کان شروع ٿيو مگر تحقيق جي اعليٰ اصولن تحت شرح وارو ڪم ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ڪيو. سندس ڪم جي جتي وڏي واکاڻ ٿي اتي تنقيد بہ ان حساب سان ٿي. جنهن تي سنڌي ٻوليءَ جي سچاڻ خير خواه ۾ بزرگ ليکڪ مرزا قليچ بيگ صاحب ان وقت جي تعليم کاتي جي آفيسرن کي لکيو تہ ”ڪن عالمن جي ڪميٽي مقرر ڪئي وڃي، جيڪا رسالو گڏ ڪري شرح لکي هڪڙو مستند ۾ مڪمل نسخو تيار ڪري جيئن سنڌي ماڻهن کي آئنده اهڙن اختلافن ۾ مونجهارن مان ڇوٽڪارو ملي وڃي. مگر افسوس اهڙي ڪميٽي ڪڏهن بہ جڙي نہ سگهي. انفرادي طور وڏن وڏن عالمن، سنڌ جي مايہ ناز محقق ۾ عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ تائين وڏي محنت ۾ عرق ريزيءَ سان رسالي جي شرح ۾ سهيڙ وارو ڪم ڪيو، سو انهيءَ ۾ ڪي ٿوريون ئي سهي پر ڪوتاهيون وري بہ رهجي ويون آهن. ان ڪري جو مستند رسالي جي تڪميل ڪنهن هڪ عالم ۾ محقق جي وس جي ڳالهہ ناهي. لهذا اڄان بہ وقت آهي اسان جا وڏا اديب، عالم ۾ ادبي ادارن جا سربراهہ ملي، مرزا قليچ بيگ واري صلاح تحت اڄ بہ ڪي ڪميٽيون ناهي خلوص سان ڪم ڪن تہ هڪڙو مستند رسالو مرتب ٿي سگهي ٿو. ورنہ لطيف جي نالي تي مون پاران لکڻ وارا هٿي ڪم ٿي لاهي ڇڏيندا.

شاهہ سائين جي ڪلام تي مختلف اديبن جي تحقيق کي سامهون رکندي محمد هنگورجي هڪ تنقيدي ڪتاب ”ڏورينديون ڏسن“ لکيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب. ڏوربنديون ڏسن (شاهه جي ڪلام ۾ محققن جي مونجهارن جي چند ڇاڻ). ڇپائيندڙ. نئين جاڪوڙ پبليڪيشن مٺي، ٿرپاڪر، ڇاپيندڙ. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2014ع. ڪتاب ۾ ڏنل سٽائُ: ارپنا. پنهنجي پاران: ۾ مصنف لکي ٿو ته رسالي جا ٽي سر مارئي، سارنگ ۽ ڏهر سڌا سنوا ٿر سان لاڳاپيل آهن. لطيف سائين هتان جي هر شيءِ جو وڏي وستار سان اهڙي آسان پيرائتي ۾ ذڪر ڪيو آهي جو هر ماڻهو سمجهي، ٻجهي ان مان حظ حاصل ڪندو رهي ٿو. ڪتاب جو مهاڳ: ”جئائين اکر جڙيا...“ جي عنوان سان نور احمد جنجهي لکيو آهي. پسو جا پٽن ۾ ڪٿوريءَ خوشبوءِ، آڪاش انصاري. 1. ”ڇپر ڪين ڏي“ معنائون ۽ مونجهارا. 2. جياريس سنپار (خط). 3. شاهه جي ٻولي: تحقيقي جائزو ۽ تضاد. 4. شاهه جو سر مارئي ۽ محقق. 5. شاهه جي سر ڏهر بابت محققن جا مونجهارا. 6. شاهه جو سر سارنگ ۽ شارح. 7. ”لطيفي انسائيڪلو پيڊيا“ ۽ الجهاءُ. 8. شاهه جي سچائي ۽ سچاڻ شارح. 9. شاهه جا شيدائي ۽ سندس شرح وارو ڪم.

مٿئين ڪتاب ۾ ليکڪ شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ ڪتب آيل لفظن جي مختلف عالمن پاران لکيل معنائن کي پيٽيندي ڪنهن مناسب معنيٰ کي ظاهر ڪرڻ جي جاڪوڙ ڪئي آهي. هن مجموعي ۾ آيل سندس اهي تنقيدي مضمون اڳ ”جاڪوڙ رسالي“ ۾ شايع ٿيل آهن. هنگورجي صاحب جا ڪجهه لطيفيات تي مضمون. مقالا هن ريت آهن.

لطيفي انسائيڪلوپيڊيا ۽ اُلجهاءُ، ماهوار پيغام ڪراچي، جولاءِ. آگسٽ 2014ع.

شاهه جا شيدائي ۽ سندن شرح جو معيار، اديون عبداللطيف چئي (خاص اشاعت) اطلاعات ۽ آرڪائيوز کاتو سنڌ، ڊسمبر 2014ع. لطيفي لات ۽ لائق شارح، ڪتاب. سخن لطيف (خاص اشاعت) اطلاعات کاتو ڪراچي، نومبر 2016ع. وارو! مون وٽراهه، ڪتاب. جيڏو تنهنجو نانءُ (خاص اشاعت) مرتب. اسلم پرويز جتوئي، اطلاعات کاتو سنڌ، آڪٽوبر 2019ع.

# عبدالواحد آريسر

سنڌ جو قومپرست، سياستدان، تاريخدان، اديب ۽ شاهه لطيف جو شيدائي، عبدالواحد ولد جادو آريسر 11 آڪٽوبر 1949ع / اڳارو 18 ذوالحج 1368هه تي ڳوٺ انڙ آباد لڳ هاسي سر ريلوي اسٽيشن، (ڳوٺ وائوڙي) تعلقي عمرڪوٽ ۾ ڄائو. هن عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ ڇاپي جي پرائمري اسڪول مان پنج درجا سنڌي پڙهڻ بعد مختلف مدرسن، پيرڀڏي شريف، مدرسه هاشميه سجاول، ڪنگوري (تعلقي ڏگهڙي) واري مدرسي، مدرسه مفتاح العلوم حيدرآباد ۽ شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪئي. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي سندس استاد رهيو. هن اورينٽل ڪاليج حيدرآباد مان 1968ع ۾ مولوي عربيءَ جو امتحان پاس ڪيو. ڪيس ابتدا کان وٺي مطالعي ۽ لکڻ پڙهڻ جو شوق هو. عبدالواحد آريسر جو پهريون مضمون ”ربيع الاول جا چار چنڊ“ هفتيوار همدرد ۾ شايع ٿيو ته عوام ۾ ڏاڍو پسند ڪيو ويو. اهڙي طرح ٻيو مضمون ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“ غلام علي الانا جي ڪتاب تي تنقيدي جائزي طور لکيائين. هن اهي مضمون مدرسن ۾ ديني تعليم پرائڻ دوران لکيا هئا. ممتاز علي پٺي تي مضمون لکڻ بعد سندس لاءِ گرفتاري جا وارنٽ جاري ٿيا ته پوءِ باقائده سياست ۾ لهي پيو. ان کان سواءِ شاهه سائين جي ڪلام تي مضمون ”شاهه سائين جا ٻه بيت“ مومل پبليڪيشن پاران، راڌڻ ضلعو دادو، آگسٽ 1980ع ۾ شايع ٿيس. عبدالواحد آريسر جو علمي، ادبي، مذهبي ۽ سياسي سفر وڏو آهي. سندس خدمتون قابل فخر آهن. پاڻ مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا حسين احمد مدني ۽ سنڌ جي رهبر جي ايم سيد کان بيحد متاثر هئا.

آريسر صاحب، سائين جي. ايم سيد جي وفات کان پوءِ قائم ٿيل ”جيئي سنڌ قومي محاذ“ (جسقم) جو چيئرمين ٿيو ۽ ان ئي ناليءَ سان اڳتي هلي هڪ گروپ جو چيئرمين آريسر صاحب ۽ ٻئي جو چيئرمين بشير خان قريشي ٿيو.

آريسر صاحب 25 کان وڌيڪ ڪتابن جو مصنف رهيو. تن مان ڪجهه هن ريت آهن. 1. مولانا عبدالڪلام آزاد ۽ سرمد شهيد. 2. سر جي صدا سر ۾. 3. اسان جيئڻ جيئي ڪو (جيل ڊائري) ٻيو ايڊيشن فيبروري 1999ع. 4. روح جا ريلا (تقريرون: 1999ع). 5. مجيب ۽ پٽو (2003ع). 6. سنڌي سماج جو جائزو. 7. چانڊوڪي ۽ چيٽ. 8. صدين جون صدائون (1975ع). 9. تي نه محبت مات. 10. قومي تحريڪ ۾ رڪاوٽون. 11. ترم ياترا. 12. متيءَ هاٿا ماٿهو (ترجمو فلسفو). 13. ماڙين ماريس ڪينڪي. 14. تهڪي نڪتا توهه. 15. ڳچيءَ ڳانا لوهه جا (ڊائري). 16. جي ايم سيد (1976ع). 17. پرهه جا پيغام (1975ع). 18. سر ۾ سانجهي وير (1979ع/ 1981ع). 19. سچ وڏو ڏوهاري آهي. 20. وريا واهرو (لطيفيات: 1980ع). 21. نئين دور جا نوان چار درويش (2016ع).

هن غريب طبقي ۽ سنڌ جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪئي ته ڪيس ڪيترائي ڀيرا جيلن ۾ بند ڪيو ويو. هن جي سياسي ۽ ادبي پورهئي سان گڏ شاهه لطيف تي جديد نقطه نظر سان اهم تحقيق آهي. هن جا شاهه لطيف جي شاعريءَ تي مضمون ۽ تقريرون مختلف ڪتابن ۾ ڇپيل آهن. پر سندس ڪتاب ”وريا واهرو“ 1961ع ۾ جي. ايم سيد جي ڪتاب ”پيغام لطيف“ کان پوءِ اهم ڪتاب آهي. جنهن ۾ شاهه جي هن قومي نقطه نگاهه کان جديد تشريح ڪئي آهي. ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف سان ايتري تہ عقيدت هئي جو هر تقرير جي شروعات شاهہ سائين جي بيت سان کندو هو. ۽ ان بيت جي تشريح سان عوام ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ وسان نہ گهٽايائين. سندس انهن مضمونن مقالن، ليڪچرن ۽ تقريرن کي ڪتابي شڪل ڏئي ڪتاب"وريا واهرو" جي نالي سان شايع ڪيو ويو. جنهن کي نوجوان نسل مان بيحد موٽ ملي. ۽ اهو ڪتاب مختلف ادارن پاران شايع ڪيو ويو. ڪتاب "وريا واهرو" ۾ ڀٽائي جي فڪر تي نئين رخ کان نظر وڌي وئي آهي. ڪتاب جو انتساب، هن قومي ڪارڪن ۽ پنهنجي دوست علي محمد شاهہ لڪياري جي نالي ڪيو آهي. مصنف ڪتاب ۾ لطيف جي فڪر تي روشني وجهڻ کان اڳ پيش لفظ ۾ لکيو آهي تہ، سياستدان، فاتح حڪمران ۽ جوڌا، پنهنجي بهادري ۽ ڏاهپ وسيلي وقتي طرح ملڪ حاصل ڪري وٺندا آهن. پر ان کي عوام جي دلين ۾ وطن ۽ ماتر ڀوميءَ واري حيثيت سان نقش ڪرڻ شاعر جو ڪم هوندو آهي. لطيف اهو ڪم اهڙي نموني ڪيو، جو انسانيت جي سموري تاريخ ۾ ڪوبہ شاعر اهو ڪم ان نموني نہ ڪري سگهيو آهي. لطيف ڪنهن هڪ شخص، وليءَ، شاعر يا فلاسافر جو نالو نہ آهي. پر لطيف هڪ ادارو، هڪ تحريڪ ۽ هڪ تنظيم آهي. اها تحريڪ ۽ تنظيم، سنڌي سماج کي عين منتشر ٿيڻ ۽ ڇڙوڇڙ ٿيڻ واري وقت، ثقافتي، لساني ۽ فوجي بنيادن تي متحد ۽ آزاد رکڻ لاءِ وجود ۾ آئي. ان کي وسيع، سنڌگير ۽ عوامي بنائڻ لاءِ لطيف سڄي سنڌ جو گشت ڪيو.

ڪتاب "وريا واهرو" ۾ عبدالواحد آريسر ، شاهہ لطيف جي ڪن بيتن ۽ بيتن جي سٽن جي سمجهاڻي لکي آهي. هي ڪتاب لطيف شناسي جي تعليمات ۾ هڪ اهم اضافو آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو غلام اڪبر اوٺي، شهيد عبدالقادر هاليپوٽو پبليڪيشن سيوهڻ، جون 1981ع ۾ سنڌ پرنٽنگ پريس اڪال پونگالين حيدرآباد مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ڪتاب، وريا واهرو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو ٻيو، 2017ع. هن ڇاپي ۾ ٽي عنوان اضافي ڏنل آهن. 1. شاهہ سائينءَ جا ٻہ بيت. 2. سنڌ منهنجو ساهہ (تقرير). 3. آيت آيت بيتن ۾ (تقرير). هن ڪتاب ۾ ضميمي وارو مضمون، شاهہ سائينءَ جا ٻہ بيت، مومل پبليڪيشن راڌڻ، ضلعو دادو، آگسٽ 1980ع ۾ شايع ٿيس. 18 آگسٽ 1974ع تي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ "يوم لطيف" جي موقعي تي عبدالواحد آريسر "آيت آيت بيتن ۾" عنوان تي ڀرپور انداز ۾ تقرير ڪئي. سندس تقرير مان خاص نقطا بيان ڪجن ٿا. جناب صدر ، نوجوان ساٿيو، لطيف جا وارثو، جيئي سنڌ! آءُ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن شهدادپور جو نهايت ٿورائتو آهيان. جنهن مون کي لطيف جي ورسيءَ تي سندس حضور ۾ عقيدت جا گل پيش ڪرڻ جو موقعو عنايت ڪيو آهي.

شاهہ، سنڌ جي نوجوانن کي پٽڪا ڇيلهين سان ٻڌي جڏهن نادر شاهي ڪٽڪن سان وڙهندي ڏٺو آهي، ان وقت خوشيءَ ۾ ائين پرجي ويو آهي، جيئن واريءَ جو هرڻ پلر جي پاڙيءَ کي ڏسي خوش ٿيندو آهي ۽ سنڌي نوجوانن جي خصوصيت ۽ خوبي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

ڪاري ڪکر هيٺ، مون جهيڙي چڏيا،
ڪارا ڪُند هٽن ۾، اڙل وڇيرا هيٺ،
ٿي ٽنين سين ڏيٺ، موٽڻ جنين ميهڻو!

شاهہ لطيف جو جهر جهنگ ۾ پيغام پهچائيندڙ هن سنڌي سپوت، شاهہ جي شيدائي جي وفات 3 مئي 2015ع ۾ لياقت نيشنل اسپتال ڪراچيءَ ۾ ٿي تہ پوءِ ڪيس اباڻي ڳوٺ انڙ آباد ۾ دفنايو ويو.

# حافظ ارشد انڙ

سنڌ جو يگانو عالم، محقق، نقاد، دانشور، تعليمدان، ٽي. وي ڪمپيئر، اسلامي ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ علمن جو حافظ، حافظ ارشد انڙ ولد رازق ڏنو انڙ 10 ڊسمبر 1950ع / آچر 29 صفر 1370هه تي ڳوٺ ستابو انڙ، تعلقي پني عاقل ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. عربي تعليم مدرسي مدينه العلوم پني عاقل، محبوب ڳوٺ، قاسم العلوم گهوٽڪي ۽ جامعه دينيه دارالهدي ٺيڙهيءَ مان حاصل ڪيائين. 15 سالن جي ڄمار ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيائين. 1973ع تائين ايم. اي. ۽ ايل. ايل. بي جون ڊگريون حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات درس ۽ تدريس سان ڪئي. 1974ع جي شروع کان وٺي 2010ع جي پڇاڙيءَ تائين تعليم کاتي سان ڳنڍيل رهيو. سنڌ جي مختلف انتظامي عهدن تي رهيو. جن ۾ سکر ۽ حيدرآباد جي تعليمي بورڊن جو ڪنٽرولر به ٿيو. ڪراچيءَ جي ٽن وڏن ڪاليجن جو پرنسپال رهي نوڪري تان رٽائر ٿيو. اٽڪل ٽيهارو سال ريڊيي ۽ ٽي. ويءَ تي سندس ميزبانيءَ هيٺ ڪيترائي پروگرام نشر ٿيندا رهيا آهن. خاص ڪري 'صراط مستقيم' سندس مقبول پروگرام رهيو آهي. هن قرآن، حديث کان علاوه سنڌ جي تاريخ ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شخصيت ۽ تعليم تي گهڻو ڪم ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سندس سنو مطالعو آهي. ڪيس شاهه لطيف جو ڪلام ڪوڙ سارو ياد آهي. وٽس سٺي لائبريري به آهي. جنهن ۾ ڪيترائي قديم ڪتاب به رکيل آهن. 2019ع ۾ حافظ صاحب جو ڪتاب، "اقوال محمد صہ" شايع ٿيو آهي. ۽ شاهه لطيف جي شخصيت، فن ۽ شاعريءَ تي هڪ عالماڻو ڪتاب "شاهه جو ڪلام" 2019ع ۾ شايع ٿيس. سندس مضمون مقالا به شايع ٿيل آهن. شاهه لطيف جي شخصيت، ڪلام، فڪر بابت سندس هيٺيان مضمون، مقالا سنڌ جي حيثيت رکن ٿا.

مضمون، جي تو بيت پائيا، ڪتاب. فڪر لطيف، محڪمه اطلاعات حڪومت سنڌ ڪراچي، نومبر 1983ع. رسالي جي قلمي ۽ ڇاپي نسخن جو مختصر جائزو، ڪتاب. گوهر لطيف (سنڌي. اردو، خاص اشاعت) سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، آڪٽوبر 1986ع. شاهه جي رسالي ۾ اسلامي اصطلاح، ماهوار پيغام، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، مئي 1988ع ۾ شايع ٿيس ۽ ڪتاب. ڀٽ جو گهوٽ، مرتب. بشير احمد شاد، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو پهريون، اپريل 1998ع ۾ شايع ٿيس. شاهه جي رسالي ۾ اسلامي تشبيهون، ماهوار پيغام، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، نومبر. ڊسمبر 1988ع. لاکو ڦلاڻي، ڪتاب. سر ڏهر، مرتب. ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1989ع. لطيف جي ڪلام ۾ فلسفو، ڪتاب. ڀٽائي (خاص اشاعت) مرتب. حافظ ارشد انڙ، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، سيپٽمبر 1989ع. مارو منجهه ٽرن، ڪتاب. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شعبه مطبوعات، محڪمه اطلاعات کاتو ڪراچي، سيپٽمبر 1990ع. ڏريائين ڏار، ڪتاب. سر مارئي، مرتب. حميد سنڌي، ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، 1990ع. شاهه جو تاريخي ڪردار مومل راڻو، ماهوار پيغام، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، آگسٽ 1992ع. اوسيئڙو ۽ انتظار ـ لطيفي ڪلام


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾، هفتيوار نئين سوچ ڪراچي، مارچ 1992ع. شاهه جو ڪيڏارو، هفتيوار نئين سوچ ڪراچي. عشق جي چاڙهيءَ جو اولين ڏاڪو نماڻائي، ماهوار پيغام ڪراچي، آڪٽوبر. نومبر 2001ع. اديون عبداللطيف چئي، ڪتاب. سخن لطيف (خاص اشاعت) اطلاعات کاتو ڪراچي، نومبر 2016ع. شاهه جي رسالي ۾ توحيد جو بيان، هفتيوار سنڌ منظر، 15 جنوري 2017ع.

حافظ صاحب جو هڪ لاجواب تحقيقي ڪتاب. ”شاهه جو ڪلام“ شايع ٿيل آهي. جنهن جي ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.

ڪتاب. شاهه جو ڪلام. ليکڪ: حافظ ارشد انيڙ. ڇپائيندڙ: بڪس انٽر پرائيز، ڪراچي. ڇاپو پهريون 2019ع. هن ڪتاب جي فهرست: مقدمو:

1. شاهه لطيف ڇا ٿو چوي؟ 2. عشق ۽ شاهه لطيف. 3. تصوف ۽ شاهه لطيف. 4. شاهه جو رسالو ”انسان“ جو ڪلام آهي. 5. شاهه جي ڪلام جي پنهنجي عقيدن موجب تشريح نه ڪريو. 6. شاهه جي ڪلام ۾ ڏاريو ڪلام. 7. شاهه جا خوبصورت بيت. 8. راڳ ۽ شاهه لطيف. 9.شاهه لطيف ۽ سنڌي سماج. 10. شاهه: سنڌي ٻوليءَ جو محافظ. 11. سنڌ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڏهاڙن ۾. 12. شاهه جي ڪلام ۾ سنڌ جي جاگرافي. 13. شاعري ۽ شاهه لطيف. 14. سر ڪلياڻ. 15. سريمن ڪلياڻ. 16. سر رامڪلي. 17. سر ڪنيات. 18. سر ٻروو. 19. بلاول. 20. سر سارنگ. 21. سر ڏهر. 22. سر ڪاپائتي. 23. سر ڪارايل. 24. سر مارئي. 25. شاهه صاحب ۽ ويدانتي فڪر. 26. تصوف ۽ شاهه. 27. روح ۽ شاهه لطيف. 28. شريعت ۽ شاهه لطيف. 29. عشق نه پر ٻانهپ. 30. ڪانيون ۽ ڪرامتون. 31. سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جو قصو. 32. لاکو ڦلاڻي. 33. شاهه جو ڪلام ڪڏهن لکيو ويو. 34. شاهه جي ڪلام ۾ قرآن، حديث ۽ درويشن جو ڪلام. 35. صوفياڻا اصطلاح. 36. شاهه جي رسالي ۾ محنت ۽ جدوجهد جو پيغام. 37. عالمگير فڪرن جو شاهه تي اثر. 38. ماخذ ۽ حوالا. هن ڪتاب جو ٽيهن صفحن تي مقدمو حافظ ارشد انيڙ لکيو آهي.

حافظ صاحب جي، مقالي مان چونڊ نقطا ”اڄ اسان کي لطيف سائينءَ سان هڪ وچن ڪرڻو آهي ته اسان سمورن ديس واسين ۽ خاص طرح سان سنڌ واسين کي ڏاڍ، ڏمر ۽ ڏوجهري خلاف هڪ ٿيڻو آهي.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پروفيسر محمد سليم ميمڻ

ناميارو ليکڪ، نيوز ڪاسٽر، ڪمپيئر ۽ شاهه جي شيدائي پروفيسر سليم ميمڻ 29 مئي 1950ع بمطابق سومر 11 شعبان 1369هه تي ڪراچيءَ ۾ عبدالقادر ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. مئٽرڪ اين. جي. وي هاءِ اسڪول 1966ع، ايم. اي. (سنڌي) 1972ع ڏاري ۽ ايل. ايل. بي 1974ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. سليم ميمڻ مارچ 1973ع کان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان پنهنجي عملي زندگي جي شروعات ڪئي ۽ مختلف عهدا ماڻيندو مئي 2010ع ۾ پروفيسر، ڊائريڪٽر شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڊين فيڪلٽي آف آرٽس ۽ سوشل سائنسز، سيڪريٽري الحاق ڪاميٽي ۽ ڊائريڪٽر فور ايئر بي. ايس. پروگرام جي حيثيت سان رٽائر ڪيائين. هن وقت به ڊائريڪٽر شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. يونيورسٽي جي چاليهن سالن واري عرصي ۾ سنڌس بهترين انتظامي صلاحيتن سبب ڪيس هميشه واڌو انتظامي ذميواريون ڏنيون ويون. هي ڏهن سالن تائين سيميسٽر امتحانن جو ڪنٽرولر، چئن سالن تائين چئن سالن واري بي. ايس. پروگرام جو ڊائريڪٽر رهيو. يونيورسٽيءَ جي مختلف باڊين تي ميمبر رهيو. 1970 کان فني زندگيءَ جي شروعات ريڊيو پاڪستان ۾ نيوز ڪاسٽر جي حيثيت سان ڪيائين. 1973ع کان پاڪستان ٽيلي ويزن تان خبرون پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ 2010ع تائين پاڪستان ٽيلي ويزن تي اردو ۽ سنڌيءَ ۾ خبرون ۽ ڪرنٽ افيئرز جي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪندو رهيو. پاڪستان ٽيلي ويزن جي تاريخ ۾ 38 سالن تائين لڳاتار ڪم ڪرڻ جو رڪارڊ قائم ڪندڙ اڪيلو آرٽسٽ ۽ اينڪر آهي. ڪيس مختلف موقعن تي ڪيترائي اوارڊ ۽ انعام به مليا.

پروفيسر سليم ميمڻ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) ۾ ڪيترن سالن تائين سماجي خدمتون سرانجام ڏيندي مختلف عهدن تي رهيو آهي. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) پاران سنڌس خدمتن جي مڃتا ۾ ڪيس اعليٰ اعزاز ”گريجوئيٽ گولڊ ميڊل“ 1991ع ۾ ڪيس ڏنو ويو. پاڻ سنڌ جي اوائلي اداري، سنڌ مدرسي بورڊ جو پنجن سالن تائين اعزازي سيڪريٽري به رهيو آهي. ان کان سواءِ مهراڻ تعليمي فائونڊيشن جو 1991ع کان اعزازي سيڪريٽري آهي. اها فائونڊيشن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ تعليمي ادارا هلائي رهي آهي. هي يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت آف پاڪستان جي مينيجنگ ڪاميٽي جو 2010ع کان عهديدار آهي. هي 92 - 1993ع ۾ ڪافي عرصي تائين ’جاڳو‘ اخبار ۾ ’ڪکر ۾ ڪڙو‘ جي عنوان سان ڪالم لکندو رهيو آهي. 1973ع کان سنڌس ليک، مضمون ۽ مقالا ڇپجندا رهن ٿا.

ڊاڪٽر فهميده حسين کان پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي تحقيقي جرنل ’ڪلاچيءَ‘ جو 2008ع کان هيل تائين پروفيسر سليم ميمڻ ايڊيٽر جون ذميواريون سر انجام ڏيندو ٿو اچي. هي تحقيقي جرنل هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ڪيل سنڌي ٻوليءَ جو اڪيلو ڪوجنائي جرنل آهي. پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران به ڏيهان ڏيهي ۽ ڪيترين ئي قومي ڪانفرنسون منعقد ڪرائي چڪو آهي. ڏيهي ۽ پرڏيهي سطح تي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي مقالا به پيش ڪيا اٿس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2012ع ۾ دهليءَ ۾ ”نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج“ (NCPCL) اداراي پاران ڪوٺايل بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ پاڪستاني اديبن جي وفد جي اڳواڻي ڪندي ڪانفرنس ۾ مقالو پيش ڪيائين. 2011ع ۾ ڀوپال هندستان ۾ سارڪ ليکڪن جي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي وفد جي اڳواڻي ڪندي صوفي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري مقالو پيش ڪيائين. سنڌي کان سواءِ اردو ۽ انگريزي ۾ سندس ليک، مقالا ۽ مضمون شايع ٿيل آهن. تن مان شاهه سائينءَ جي فن ۽ فڪر متعلق لکيل سندس ڪجهه مضمون، مقالن جي ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.

شاهه جي رسالي ۾ آيل قصا، ماهوار پيغام، مارچ 1988ع. ڪاپائتي پورهيت جو سر، ڪتاب. سر ڪاپائتي، مرتب. حميد سنڌي، ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1991ع. وڳنڌ سان ورونهه، ڪتاب. سر بلاول، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون، 1992ع. رامڪليءَ جو ڪاپڙي، ماهوار نئين زندگي، فيبروري 1994ع. شاهه عبداللطيف سنڌي ٻوليءَ جو محسن، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، جون 1995ع. لطيف جي ڪلام ۾ انساني ڪردار جي پرک، ڪتاب. شاهه ۽ سنڌ (جلد پهريون) سهيڙيندڙ. ڊاڪٽر فهميده حسين، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون، مئي 1998ع ۾ ۽ ڀيج ڀٽائي، جنوري. فيبروي، 2010ع ۽ ڀيج ڀٽائي پبليڪيشن حيدرآباد، جنوري 2011ع ۾ شايع ٿيس. شاہ لطیف کی شاعری میں فلسفہ غم، ڪتاب، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق، سهيڙيندڙ ، پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، مئي 2012ع. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي اميد پرستي، ڪتاب. دائم آباد لطيف (خاص اشاعت) شعبه مطبوعات اطلاعات کاتو ڪراچي، 2003ع. شاہ لطیف: اتحاد واخوت کے پیمبر، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ، ڪراچي يونيورسٽي، جون 2014ع.

پروفيسر محمد سليم صاحب جا ڪجهه ترتيب ڏنل ۽ لکيل ڪتاب.

فيض صدي جي حوالي سان فيض تي لکيل ٽن ڪتابن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين. جيڪي ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ پاران شايع ڪرايا ويا آهن. جن ۾ 1. فيض سان رهاڻيون (2010ع). 2. فيض: يادون ۽ ڳالهيون (2013). 3. جن کي عشق جي ڏوهه تي ناز هو (2013ع) شامل آهن. محترمه بينظير ڀٽو جي 1987ع کان 2007ع تائين مختلف اردو رسالن ۽ اخبارن کي ڏنل انٽرويوز مان چونڊ انٽرويوز ”تم جيت گئي هم هار گئي“ نالي ڪتاب ۾ سهيڙيا اٿس، جيڪي ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران 2012ع ۾ شايع ٿيل آهن. ڪتاب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيت، فن ۽ فڪر: ترتيب، 2011ع). شاہ عبداللطیف بھٹائی ایک مفکر شاعر، مترجم عبدالحق عظیم، مرتب پروفیسر محمد سلیم میمن، شاہ عبداللطیف بھٹائی چیئر، شعبہ سندھی جامعہ کراچی، اشاعت جون ۱۹۹۹ع۔ ڪتاب، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق، سهيڙيندڙ ، پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، مئي 2012ع. ڪتاب، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ، سهيڙيندڙ ، پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ثقافت ۽ سياحت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، نومبر 2014ع. شاهه عبداللطيف ڀٽائي انسائيڪلو پيڊيا (جلد


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون) چيف ايڊيٽرز ، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ پروفيسر محمد سليم ميمڻ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ، ڪراچي يونيورسٽي پاران ڊسمبر 2017ع ۾ شايع ٿيو.

ڪتاب، وڪريل ورق، ليکڪ، پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ڇپائيندڙ ، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، مئي 2012ع. هن ڪتاب ۾ شاهه سائين متعلق هي مضمون مقالا ڏنل آهن. 1. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ 'وجدان'. 2. لطيف جي ڪلام ۾ انساني ڪردار جي پرک. 3. رامڪلي جو ڪاپڙي. 4. وڳند سان ورونهه. 5. ڪاپائتي پورهيت جو سر. 6. شاهه جي ڪلام ۾ آيل قصا. تنهن بعد هن ڪتاب ۾ شخصيات متعلق مضمون مقالا ڏنل آهن. ڪتاب جي اردو حصي ۾ هڪ مضمون "شاہ لطیف کی شاعری میں فلسفہ غم" ان ڪان پوءِ سنڌي ثقافت، سنڌي افسانو، جديد سنڌي شاعريءَ بابت ناليوارن ليکڪن تي مضمون مقالا ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ آخري انگريزي حصو سنڌي لٽريچرن تي مشتمل آهي. مطلب ته محترم پروفيسر سليم صاحب جا مختلف موضوعن تي لکيل تحقيقي مضمون، مقالن ۽ مهاڳن تي مشتمل هي ڪتاب سنڌي ۽ اردو ادب سان چاهه رکندڙ ماناڻن لاءِ رهنماء طور ڪم ايندو.

# عبدالرحمان نقاش

سنڌي ادب جو چمڪندڙ ستارو معروف شاعر ، نقاد، طنز نگار ۽ صحافي عبدالرحمان نقاش، 1951ع / 1370هه ڏاري لنواري شريف (ضلعو بدين) ۾ ڊاڪٽر الله رکيو جي گهر ۾ ڄائو. (31 آگسٽ 1947ع تي ڪراچي جي سولجر بازار ۾ جنم ورتو.) بنيادي تعليم حاصل ڪري پوءِ خانگي طور سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ۽ ماسٽرس جون ڊگريون حاصل ڪري. 1969ع ۾ ايم. اي سنڌي ڪرڻ کان پوءِ عبدالرحمان نقاش، لنواري شريف جي اسٽيٽ ۾ نوڪريءَ جي شروعات ڪئي. بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي اسڪول ۾ ماستر مقرر ٿيو.

پروفيسر محمد سليم ميمڻ صاحب لکي ٿو ته، اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني ۾ قمر شهباز ۽ الطاف عباسي سندس استاد رهيا، جن جي صحبت ڪيس ادب ۽ شاعريءَ ڏانهن مائل ڪيو. شروعاتي دور ۾ هن ڪجهه شاعري به ڪئي. هڪ انٽرويو ۾ هن پنهنجي شاعريءَ بابت ٻڌايو ته "مان شاعري نه ٿو ڪري سگهان، ان ڪري شاعري نه ٿو ڪيان. هن چيو ته ڪالم لکڻ لاءِ مون کي چيو ويو، تنهن ڪري هڪ اخبار ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيم". نقاش جي ڪالمن جو تجزيو ڪبو ته اهي نهايت ئي حساس موضوعن تي ڪڏهن حساسيت سان ته وري ڪڏهن طنز ۽ مزاح جي نشترن سان ڀرپور ملندا. ميمڻ سڏرائيندڙ نقاش هڪ پيارو انسان هو. هن گهٽو ڪجهه لکيو، شاعري به ڪئي پر بدقسمتيءَ سان سندس اهي لکڻيون ڪنهن ڪتابي صورت ۾ نه اچي سگهيون ان ڪري جو سندس مواد ڪنهن وٽ به موجود نه آهي. البت لنواري واري بزرگ جي حوالي سان هن آسودو مل چانڊواڻي سان گڏجي هڪ ڪتاب "ڏکڻ ڏنو چنڊ" 1989ع ۾ ترتيب ڏنو ۽ ڪتاب. ماٺيو تن ملير ، عبدالرشيد صابر سان گڏجي ترتيب ڏنو جيڪو لواري شريف ادبي اڪيڊميءَ 1996ع ۾ شايع ڪيو. سندس تعلق درگاهه لنواري شريف سان گهڻي عرصي تائين جڙيل رهيو. لنواري شريف ادبي اڪيڊمي جي جوڙجڪ سندس

ڪارنامو آهي. ڪتاب ”لنواريءَ جا لال“ ”فتح الفضل“ جو ترجمو علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ ڪان ڪرايو هئائين.

عبدالرحمان نقاش 16 آڪٽوبر 1997ع تي ٽنڊي غلام علي وٽ رات جو نائين وڳي روڊ حادثي جو شڪار ٿي ويو. پاڻ ڪراچيءَ لاءِ نڪتو هو. جتي ڪيس ٻئي ڏينهن اداري جي ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. ان حادثي واري وقت گاڏيءَ ۾ ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي ۽ ڊاڪٽر ڪاٺائو بہ موجود هئا. ڊاڪٽر سوني کي بہ ڌڪ لڳا پر ڊاڪٽر ڪاٺائو جو بچاءُ ٿي ويو. سنڌ جي اجڙيل رستن تي حادثن ۾ اسان ڪان ڪئين دولهہ کسجي ويا، اهڙي نموني عبدالرحمان نقاش جهڙو برک صحافي بہ اسان ڪان کسجي ويو. (وفات آڪٽوبر 2001ع بہ ملي ٿي. حوالو، سنڌيانا انسائيڪلو پيڊيا)

ڪتاب ”شاهہ جي رسالي جا سر“. هي ڪتاب عبدالرحمان نقاش جي وفات ڪان پوءِ پروفيسر سليم ميمڻ سندس لکڻين کي ترتيب ڏئي شايع ڪرايو. هن مجموعي ۾ عبدالرحمان نقاش جون ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان شاهہ جي رسالي جي مختلف سرن تي ڪيل تقريرون شامل آهن. نقاش، شاهہ جو وڏو پارکو هو ۽ انور پيرزادي جي صحبت ۾ رهندي هن شاهہ جي شاعريءَ جو وڏيڪ گهرو اڀياس ڪيو هو.

ريڊيو پاڪستان ڪراچي اسٽيشن جي پروگرام پروڊيوسر نثار ميمڻ، عبدالرحمان نقاش جي لطيف شناسي کي ريڊيو ٻڌندڙن تائين پهچائڻ جو رٿيو. 1988ع ۾ هفتيوار ريڊيو پروگرام ”رسالو“ ۾ نقاش ڪنهن هڪ سر تي اڻ لکيل تقرير اچي ڪندو هو ۽ ان جي سمجهاڻي ليڪچر واري انداز ۾ ڏيندو هو. ڪنهن زماني ۾ اهڙن ليڪچرن کي ٽاڪ ۽ ريڊيو تان نشر ٿيندڙ ليڪچرن کي ”ريڊيو ٽاڪ“ ڪوٺبو هو. هي حقيقت ۾ عبدالرحمان نقاش جون اڻ لکيل ”ريڊيو ٽاڪس“ آهن. ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليويزن جي پاليسين موجب جيڪو بہ پروگرام نشر ٿيندو هو ان جو متن يعني اسڪرپٽ جو هئڻ ضروري هوندو آهي. جنهن کي پروگرام جو پروڊيوسر نهايت ڌيان سان ڏسندو آهي. حڪومتي پاليسيءَ تي ان کي پرکيو ويندو آهي، پر عبدالرحمان نقاش شايد پهريون ۽ آخري عالم يا ماهر هو جنهن کي اها اجازت ڏني ويئي هئي تہ هو سنئون سڌو پنهنجي تقرير نشر ڪري سگهي. 1990ع جي شروع واري ڏهاڪي ۾ نامياري ليکڪ ۽ ڀٽائيءَ جي شارح عبدالرحمان نقاش، ”آنڌائون عميق مان“ عنوان تحت انور پيرزادي جا شاهہ سائينءَ جي رسالي متعلق مضمون ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي پڙهيا هئا. هن مانائتي ماڻهوءَ جي شاهہ سائينءَ سان عقيدت واري پهلوءَ جو قدر ڪندي سنڌس پورهئي کي جناب پروفيسر محمد سليم ميمڻ صاحب ڪتابي شڪل ڏني آهي.

ڪتاب. شاهہ جي رسالي جا سر، عبدالرحمان نقاش، سهيڙيندڙ. پروفيسر محمد سليم ميمڻ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي، ڇاپو پهريون، نومبر 2018ع. ڪتاب جي فهرست: 1. سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ. 2. سر کنڀات. 3. سر سريراڳ. 4. سر ساموندي. 5. سر معذوري. 6. سر ديسي. 7. سر ڪوهياري. 8. سر حسيني. 9. سر ليلا چنيسر. 10. سر مومل راڻو. 11. سر مارئي. 12. سر ڪاموڏ. 13. سر گهاتو. 14. سر سورٺ. 15. سر ڪيڏارو. 16. سر سارنگ. 17. سر آسا. 18. سر رپ. 19. سر ڪاهوڙي. 20. سر رامڪلي. 21. سر ڪاپائتي. 22. سر ڪارايل. 23. سر پرڀاتي. 24. سر ڏهر (پاڳو پهريون). 25. سر ڏهر (پاڳو ٻيو).


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر عابد مظهر

نامور اديب، اسڪالر، محقق، ڪهاڻيڪار ، شاعر ۽ شاهه سائين جي شيدائي عابد مظهر جو پورو نالو سيد عابد شاهه ولد سيد مظهر سيوهاڻي آهي. سندس جنم 21 مئي 1951ع / سومر 14 شعبان 1370هه تي ڳوٺ باجارا، تعلقي سيوهڻ، ضلعي ڄامشوري ۾ ٿيو. هن پرائمري تعليم ڳوٺ باجارا جي پرائمري اسڪول مان، مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول طالب المولىٰ دادو مان، انٽر سٽي ڪاليج حيدرآباد مان، بي. اي سچل ڪاليج حيدرآباد مان، ايم. اي. اڪنامڪس، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان، ايم. اي (سنڌي) 1983ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. هن شاهه جي دور ۾ تصوف جا سلسلا جي عنوان سان ڊاڪٽر نواز علي شوق جي رهنمائيءَ ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان 2008ع ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي. جيڪا پوءِ 2012ع ۾ شايع ٿي. ڊاڪٽر عابد مظهر ڪراچي يونيورسٽي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ اتان 2011ع ۾ سنڌي شعبي مان انچارج چيئرمين جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيائين. ڊاڪٽر عابد مظهر کي ننڍ پڻ کان ئي لکڻ سان لڳاءُ هو. هيءُ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ جو باني، سنڌي ادبي سنگت سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جو باني، سنڌي ادبي سنگت گلشن جديد جو باني ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ سيوهڻ جو باني سيڪريٽري رهيو آهي.

سائين عابد مظهر 1976ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ مسلسل لکندو پيو اچي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 1. پڪا ۽ پيرون (مضمون) 2. ڳرٿيل محبتون (ڪهاڻيون) 3. وڇوڙي جو آٽوگراف (شاعري) سيپٽمبر 2000ع. 4. شاهه لطيف جي دور ۾ تصوف جا سلسلا (پي. ايڇ. ڊي ٿيسز 2012ع) 5. بزم غزل (سيد مظهر سيوهاڻي جو ڪلام، ترتيب) 6، محبت ۽ مايا (ڪهاڻيون) مئي 2020ع وغيره قابل ذڪر آهن.

ڪتاب. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ تصوف جا سلسلا، ليکڪ. ڊاڪٽر عابد مظهر، نگران عالم. ڊاڪٽر نواز علي شوق، سال 2012ع. ڇپائيندڙ. عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتو سنڌ. هن ڪتاب ۾ پبلشر پاران عبدالعزيز عقيلي ۽ به اکر ڊاڪٽر عابد مظهر لکيا آهن. ڪتاب ۾ ڏنل باب پهريون. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي خاندان جي سنڌ ۾ آمد جو مختصر احوال. شاهه حبيب جو ڪٽنب. شاهه عبداللطيف جي ولادت. شاهه صاحب جي ابتدائي تعليم. شاهه لطيف سائين جو ڪماليت ڏانهن وڌڻ وارو دور. ڀٽ وسائڻ وارو دور. شاهه ڀٽائي جي والد جو انتقال. والد صاحب جي گادي سنڀالڻ. شاهه سائين جون، عقيدتمندن، مريدن، عالمن ۽ صوفي فقيرن سان صحبتون. شاهه صاحب جي وفات. باب ٻيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي همعصر صوفي بزرگن ۽ شاعرن جو مختصر احوال. هن عنوان ۾ شاهه سائين جي چوٽيتاليهه همعصر صوفي شاعرن، بزرگن جي سوانح ۽ شاعري ڏنل آهي. باب ٽيون. تصوف جي تشريح. هن عنوان ۾ تصوف جي معني، ابتدا ۽ تصوف متعلق مختلف عالمن جا رايا، ننڍي کنڊ ۽ سنڌ ۾ تصوف جي شروعات ڪيئن ٿي. ان متعلق تفصيلي ۽ تحقيقي ڄاڻ ڏنل آهي. باب چوٿون. چشتي سلسلي جي ابتدا، هن عنوان ۾ ننڍي کنڊ ۾ چشتي سلسلي جي اوسر تي تفصيلي ذڪر کان پوءِ عنوان، "شاهه لطيف ۽ سماع" ان عنوان تحت مختصر ڄاڻ ڏنل آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن بعد عنوان ”نئدي کنڊ جا مشهور چشتي بزرگ“ هن عنوان ۾ تفصيلي معلومات ڏنل آهي. باب پنجون. سهروردي سلسلي جي ابتدا، هن عنوان کان پوءِ سهروردي سلسلي مان نڪتل ٻيا سلسلا، مشهور سهروردي بزرگ ڏنل آهن. باب ڇهون. قادري سلسلي جي اوسر، هن عنوان کان پوءِ مشهور قادري بزرگ ڏنل آهن. باب ستون. نقشبندي سلسلي جي ابتدا، هن عنوان جي تفصيل کان پوءِ مشهور نقشبندي بزرگن متعلق جامع معلومات ڏنل آهي. مطلب تہ ستن ئي بابن ۾ تصوف متعلق ڏيهي توڙي پرڏيهي بزرگن جي علمي، ادبي ڪارنامن بابت تمام وسيع معلومات ڏنل آهي. ڊاڪٽر عابد مظهر ڪوڙ سارا مضمون ۽ مقالا لکيا آهن ۽ اهي مختلف ادبي ڪانفرنسن ۾ پڙهيا بہ آهن. تن مان چونڊ هتي ڏجن ٿا.

مضمون، جان جان دعويٰ دم، ڪتاب. سر مارئي، مرتب. حميد سنڌي، ڇاپو پهريون، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، 1990ع. سر ساموندي ۾ وَر جي وڇڙڻ وارا احساس ۽ ڪيفيتون، ڪتاب. سر ساموندي، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 1997ع / 1418هہ . ۽ ڀيج ڀٽائي پبليڪيشن حيدرآباد، جنوري 2011ع ۾ شايع ٿيس. سر بروي سنڌي ۾ عشق جا احساس ۽ ڪيفيتون، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مارچ 2000ع. شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ مرد ڪردارن جي اهميت جو مختصر جائزو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مارچ ۽ جون 2001ع. شاهہ سائين جو سر ليلا چنيسر، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، مارچ 2002ع. سر ديسيءَ ۾ جدوجهد جو درس، ڪتاب. ديسي سيڻ ڪجن، مرتب. تاج جويو، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون، جولاءِ 2005ع. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٻي ساهن ۽ ساهہ وارن سان علامتي گفتگو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 2006ع.

*شاہ عبداللطیف بھٹائی کی صوفیانہ شاعری، کتاب۔ پاکستانی زبانوں کے صوفی شعراء، مرتب۔ ڈاکٹر انعام الحق جاوید، علامہ اقبال اوپن یونیورسٹی اسلام آباد، ۲۰۰۸ع۔* 1. شاهہ ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ ڀٽن ۽ پاراتن جو جائزو. 2. سر ليلا چنيسر ۾ ڏاهپ لفظ جو اڀياس. ڪتاب. شاهہ جي ساڃاهہ، سهيڙيندڙ. ماستر حيدر بخش هڪڙو، مهراڻ پبليڪيشن، گلشن معمار ڪراچي، ڇاپو پهريون جنوري 2010ع. شاهہ ڀٽائيءَ جي صوفياڻي شاعريءَ جو جديد شاعريءَ تي اثر، امرتا، شاهہ لطيف نمبر، مرتب ۽ ايڊيٽر. فقير محمد ڏول، ڳاڙهي ڪاتو حيدرآباد، مارچ 2011ع. لطيفي پيغام جو انساني زندگيءَ جي مختلف پاسن تي اثر، ڪتاب. سرتاج صوفي حضرت شاهہ عبداللطيف (خاص اشاعت) اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، جنوري 2012ع. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو احوال، ڀيج ڀٽائي مئگزين، 14/ 2013ع. شاهہ لطيف ۽ سماع، فڪرِ لطيف مئگزين، ايڊيٽر. مريد حسين احسن ٻگهيو، پريس ڪلب ڀٽ شاهہ، 2019ع.

لطيف سائين جا سخن ڳائيندي ڊاڪٽر عابد مظهر چوي ٿو تہ:

**قلم جي ڪرامت ڀٽائي**

سخن تنهنجو سارو صداقت ڀٽائي!
زماني جي لئہ آ هدايت ڀٽائي!

ٻڌي ۽ پڙهي بيت، وايون هي تنهنجون،
اچي دل کي بيحد ٿي راحت ڀٽائي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا نقش رهندي اسان جي دلين تي،
اوهان جي قلم جي ڪرامت پيٽائي!

ڪپي خاڪ تي ويا اوهان جي دعا سان،
رکي سنڌ سان جنهن عداوت پيٽائي!

منهنجي ديس سمڻي کي سائين دعا ڪر!
رهي تا قيامت سلامت پيٽائي!

سڏائي ٿو ’عابد‘ سنڌءِ در جو سائل،
خدارا ڪرايو زيارت پيٽائي!

ڊاڪٽر عابد مظهر کي ڪيترائي اوارڊ ملي چڪا آهن. جن ۾ يوٿ ويلفيئر اسٽوڊنٽس ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان بهترين استاد اوارڊ، انيس انصاري اڪيڊميءَ طرفان بهترين ڪهاڻيڪار اوارڊ، سنڌي شعبي ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان اوارڊ، سپر سوشل ويلفيئر ڪراچي اوارڊ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان اوارڊ، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ ۽ مهراڻ ڪلچر گروپ دبئيءَ طرفان مڃتا اوارڊ قابل ذڪر آهن.

## لطف پيرزادو

لطف پيرزادو ولد درمحمد پيرزادو جنم 8 جنوري 1952ع بمطابق اڳارو 10 ربيع الثاني 1371هه تي بلهڙيجي جي ڳوٺ ۾ ٿيو. سندس امڙ ٽن مهينن اندر گذاري وئي. ته سندس پالنا هن جي وڏي مامي فقيريار محمد پيرزادي جي گهرواريءَ ڪيس ڏيج پياري ۽ پالي وڏو ڪيو. لطف پيرزادو 1957ع ۾ ڳوٺ جي مسلم پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. جتان پرائمري تعليم پرائي. پوءِ 1962ع ۾ شهداد ڪوٽ جي هاءِ اسڪول ۾ ڇهين درجي ۾ داخل ٿيو. 1965ع ۾ اٺين جماعت پاس ڪيائين، 1970ع ۾ (مئٽرڪ پرائيوٽ) ۽ 1972ع ۾ انٽر پاس ڪيائين. فقير لطف پيرزادي جي زندگيءَ متعلق سندس فرزند عنايت پيرزادي طويل سوانحي خاڪو موڪليو. ان مان خاص نقطا هيٺ ڏجن ٿا.

هن ننڍ پڻ ۾ ئي پنهنجي ڏاڏي ميان غلام حسين، ناني ملان جمن ۽ مامي فقيريارمحمد کان پيٽائي جا بيت ٻڌا ۽ چوٿين درجي کان اسڪول ۾ اينڊڙ اخبار تعليم ۾ استاد الله بخش قريشيءَ جا پيٽائي تي مضمون پڙهڻ شروع ڪيا. ان ڪان سواءِ ڳوٺ ۾ ٿيندڙ ڪچهرين مان به پيٽائي بابت گهڻو ڪجهه پرايو. ۽ پوءِ جوانيءِ واري دور ۾ پيٽائيءَ ۽ موهن جي دڙي تي تمام گهڻو لکيائين.

هن 1970ع ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو. سندس پهريون مضمون، اديون رسالي ۾ شايع ٿيو ۽ پوءِ هلال پاڪستان اخبار ۽ ٻين اخبارن، مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ تاثر مضمون، مقالا شايع ٿيس.

فقير لطف پيرزادو ڪيترن ئي مسئلن، مالي پريشانين، ڏکن، سورن ۽ تڪليفن باوجود ٿورڙي عرصي ۾ ادب، صحافت، سياست، سماجيات، تاريخ آرڪيالاجي، ڊاڪٽري ۽ لطيفيات سميت زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ پاڻ مڃائيو.

1978ع ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ ڪرايل ڀٽائي جي ورسي واري پروگرام ۾ سندس اهم ڪردار رهيو. هن پروگرام ۾ سموري سنڌ جي اديبن شرڪت ڪئي هئي. ان تقريب جي صدارت تاج بلوچ ڪئي هئي ۽ مهمان خاص شمشير الحيدري هو. جنهن پهريون ڀيرو پنهنجو مشهور نظم ان تقريب ۾ پڙهيو هو. (نظم: ڪنهن شهنشاهه جو فرمان اسان تي نه هليو، نيهن وارن جي نياپن تي هليا آيا سين.)

مختلف ادبي گڏجاڻين کان علاوه سچل سرمست جو ميلو يا ڀٽائيءَ جي ميلي تي هفتو کن اڳ مور فقير جي مڪان تي ڀٽائي جي پانڌيئڙن جي خدمت ڪندو هو. سندس فقرائي سلسلو لاهوتي فقيرن سان به سلهاڙيل هو. عاجزي، نماڻائي ۽ غريب فقراء جي خدمت سبب ڀين ڪوڙ سارن لقبن کان سواءِ ڪيس ”لطيف جو تمر ثاني“ جو لقب مليو.

لطف پيرزادي جا شاهه سائين جي ڪلام فن ۽ فڪر بابت لکيل ڪجهه مضمون، مقالن جي ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.

مقالو، شاهه جي رسالي جا پاٽيءَ وارا سر، ماهوار پيغام، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، جولاءِ 1992ع. شاهه جي رسالي ۾ سهڻيءَ جو ڪردار ، ماهوار پيغام ڪراچي، مارچ. اپريل 2011ع. ڀٽائيءَ وارو ٿر ۽ مينهن، ڪاوش مئگزين، اربع 6 آگسٽ 2014ع. ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي، ڪتاب. اديون عبداللطيف جئي (خاص اشاعت) اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، ڊسمبر 2014ع. شاهه ڪريم: جيڪا چماران، سا منجهه گوندر گڏري، ڪتاب. سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو شاهه ڪريم، سهيڙيندڙ. رڪيل مورائي، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، ڊسمبر 2012ع. ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي، اديون عبداللطيف جئي (خاص اشاعت) اطلاعات ۽ آرڪائيوز کاتو سنڌ، ڊسمبر 2014ع. شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جا ڪردار ، ڪتاب. سخن لطيف (خاص اشاعت) اطلاعات کاتو ڪراچي، نومبر 2016ع. جنهن جِهو ناهه ڪو، ڪتاب. توحيد جي تنوار (خاص اشاعت) اطلاعات کاتو حڪومت ڪراچي، نومبر 2017ع.

شاهه جي پارکو، مشهور ليکڪ ۽ صحافي لطف پيرزادي 2018ع ۾ سنڌ واسين کان موڪلاڻي ڪئي ته، سندس چاليهي جي موقعي تي ڳوٺ ٻلهڙيجي ۾ 20 آڪٽوبر 2018ع تي ڪتاب، ”وڻجارو ويو اوهري“ جي مهورتي تقريب ٿي. جنهن ۾ سياسي، سماجي، ادبي، صحافتي ڏرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ناليواري اديب تاج جويو، آزاد انور ڪانڌڙو، ڪامريڊ گلاب پيرزادو، صحافي زرار پيرزادو، اقرار پيرزادو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته لطف پيرزادو ”ڀٽائيءَ جو تمر هو.“ جنهن شاهه جي رسالي مان سنڌ ڳولي. هي ڀٽائي جو ڪاهوڙي فقير 9 سيپٽمبر 2018ع بمطابق آچر 28 ذوالحج 1439هه ۾ راهه رباني ٿيو ته سندس فرزند محترم عنايت پيرزادي سندس ٽڙيل پکڙيل مضمون مقالن کي سهيڙي ڪتاب، نت نت آهه نئون، ترتيب ڏئي شايع ڪرايو. ان ڪتاب جي ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب. نت نت آهہ نئون، ليکڪ. لطف پيرزادو، سهيڙيندڙ. عنايت پيرزادو، ڇپيندڙ. مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڇپائيندڙ. لطف پيرزادو اڪيڊمي، ڇاپو پهريو 2019ع. سٽاءُ: پبلشر نوٽ، مرتضيٰ لغاري. مهاڳ: مِٽي ان خمير ، تاج جويو 25 آگسٽ 2019ع تي لکيو. سهيڙيندڙ پاران، عنايت پيرزادو. 1. سنڌ جو شاهہ (جنهن جيهو ناهہ ڪو). 2. اک التي ڏار. 3. شاهہ لطيف جي ٻولي. 4. شاهہ لطيف تي تحقيق ڪان رهجي ويل موضوع. 5. شاهہ لطيف انساني نفسيات، ڪيفيتن ۽ جذبن جو شاعر. 6. شاهہ لطيف جي شاعريءَ جا محرڪات. 7. شاهہ جي رسالي ۾ حيات ۽ موت جو فلسفو. 8. جي لوڻ لڳين مون لائين. 9. سندي سور صفت. 10. ماڙيءَ من ڦڪو ڪيو ! (شاهہ جي رسالي ۾ جيل جي شاعري). 11. حيف تنين کي هوءِ (شاهہ جي رسالي ۾ وطن جي حب). 12. مئي هاٿيءَ سين مامرو، اڇي پيو انڌن. 13. شاهہ جي شاعريءَ ۾ عورت جا ڪردار. 14. شاهہ جي رسالي ۾ سهڻيءَ جو ڪردار. 15. مونکي ٻانئي ٻاچ (سسئيءَ جي پس منظر ۾ لکيل). 16. شاهہ جي شاعريءَ ۾ ٿر تي وسڪاري جا رنگ. 17. ڀٽائي صاحب جو مذهبي پهلو. 18. روزي ۽ عيد بابت لطيفي خيالات. 19. ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ قلندري طريقت جا اهڃاڻ. 20. صوفي تي ٿيا، جيئن ڪين ڪنياڻون پاڻ سين. 21. صوفي لا ڪوفي. 22. ملڪ مڙوئي منصور. 23. ڪيو مطالع مون. 24. هو جي جهونا پسجن جهوپڙا. 25. شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي شاعري. 26. ڀٽائي جا آثار جتي رهن راتڙي، سي سونهارا هنڌ. 27. جمعو شاهہ جمال جو. 28. نائچن وارو ڀٽائيءَ جو لوڙهو. 29. شاهہ لطيف جي وائي ۽ ان جا راڳائي فقير. 30. اجرڪ جي صنعت سان لاڳاپيل لفظن ۽ اصطلاحن جو شاهہ جي رسالي ۾ استعمال. 31. گنج شريف ڪيئن ڇپيو؟. 32. خبر تو ڪيهي، قاضي هن ڪتاب جي. 33. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انسائيڪلوپيڊيا جو اپياس. 34. ڀٽائيءَ جي جنم ڏينهن جون تقريبون. 35. آيو سو اَتور، جنهن ڏکيون ڏِک وهاريون. 36. ڀٽ شاهہ جي خوبصورتيءَ وارو منصوبو. 37. ڪراڙ ڊنڊ، ڀٽ شاهہ بيوٽيفڪيشن پلان، تعارف ۽ تجويزون. 38. لوچيان ٿي لاحد ۾! ڀٽائيءَ جي نالي نهندڙ تنظيمن ڏانهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منصور قادر جوڻيجو

مشهور ليکڪ، پبلشر ، شاعر ، شاهہ جو شيدائي، سياسي ۽ سماجي ڪارڪن، نقاد، محقق منصور قادر جوڻيجي جو اصل نالو عبدالقادر ولد محمد يوسف جوڻيجو آهي. هن 15 مئي 1957ع بمطابق اربع 15 شوال 1376ھ تي ڳوٺ گهاڙي تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو. (جڏهن تہ ڪتابن ۾ 15 مئي 1958ع لکيل آهي.) پرائمري تعليم ڳوٺ جي مُلان اسڪول مان پرايائين. ڇهين درجي کان اٺين درجي تائين ناز پائلٽ سيڪنڊري اسڪول خيرپور ميرس ۾ پڙهيو. اٺين درجي کان مئٽرڪ تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊي ڄام ۾ پڙهيو. هن 1973ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي پوءِ فرسٽ ايئر گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد مان ۽ انٽر سائنس، مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. ايم. ايس. سي (فزيالاجي) سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان 84-1983ع ۾ ڪيائين. ايم. ايس. سي ڪرڻ کان پوءِ 1984ع کان وٺي ڊاڪٽر ميڊم حميده کهڙو جو آفيس سيڪريٽري پوليٽيڪل سيڪريٽري رهيو. ٽن مهينن لاءِ ڪيئر ٽيڪر حڪومت ۾ تعليم کاتي لاءِ منسٽر ڊاڪٽر حميده کهڙو جو او. ايس. ڊي رهيو ۽ بيو پيرو 2003ع کان 2006ع تائين وزارت تعليم ۾ پرسنل اسٽاف آفيسر رهيو. ڪجهہ وقت لاءِ پروٽوڪول آفيسر ۽ پبلڪ رليشن آفيسر سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ گورنمينٽ آف سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ رهيو.

عبدالقادر ادبي سرگرمين جي شروعات 73_1972ع ڌاري ٽنڊي ڄام گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهائي دوران بزم لطيف جو فائونڊر ميمبر ٿي ڪئي. هن جو سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان بہ وڏو ڪم ڪيل آهي. ان ڪانسواءِ هيءُ سنڌ نيوز ۽ مهراڻ اخبارن ۾ اسٽنٽ ايڊيٽر رهيو ۽ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون ۽ ڪالم لکندو رهيو. ڪيس شروع کان ئي سياست، ادب، صحافت ۽ لطيف سان لڳاءُ هو. سندس لکڻين ۾ شاهہ ۽ سنڌ جي ماروئڙن سان پيار ۽ پاٻوهہ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. عبدالقادر آنڌي مانڌي ۾ پيو پنهنجي فڪري دوستن سان گڏ سنڌ جي مسئلن لاءِ ڳوٺ، ڳوٺ، شهر ، شهر پيو هلندو وتندو آهي. مشهور اديب سائين سليم چنہ لکي ٿو تہ، هن ڪلٽي ملٽي محبتي ماڻهوءَ جي پسند جو جملو آهي ”سنڌ سلامت، سونهن سلامت، سچ سلامت.“ ۽ سندس تڪيہ ڪلام ”پائي جان“.

منصور قادر جوڻيجو شاگرديءَ واري زماني ۾ پنهنجي اصلي نالي عبدالقادر جوڻيجو، سان تنقيدي ڪالم ۽ مضمون لکندو هو. جن ۾ حڪومت تي تنقيد هوندي هئي. ان دور ۾ ڊي ايس پي دائود جوڻيجو انڪوائريون ڪرڻ لاءِ مشهور ليکڪ، ڪهاڻيڪار عبدالقادر جوڻيجي کي تنگ ڪندو هو. اهڙن بيانن سبب عبدالقادر جوڻيجو کي هر پيري پريشان ٿيڻو پي پيو. هڪ دفعي منصور قادر، شاهہ عبداللطيف ۽ علامہ اقبال جي فڪر تي هڪ تحقيقي تقرير ڪئي هئي. جيڪا حڪومت کي نہ وڻي هئي. هڪ ڏينهن استاد بخاري عبدالقادر جوڻيجو وٽ سنڌالاجي ڄامشورو ۾ پهتو تہ هن ان سان انهيءَ مسئلي تي ڳالهايو. جنهن چيو تہ اهو مسئلو حل ڪريون ٿا. پوءِ استاد بخاري مناٽي گهرائي هن عبدالقادر کي چيو تہ تنهنجا ڪم ٿي آهن. منصورن وارا ، سو تون اڄ کان منصور قادر جوڻيجو آهين. اٿين بہ عبدالقادر جوڻيجن جي

نالن جو مسئلو حل ڪيو ويو. تنهن ڪان پوءِ هن منصور قادر جوڻيجو سڏرايو ۽ لکڻ بہ ان لقب سان شروع ڪيائين.

منصور قادر خانگي طرح 80 واري ڏهاڪي ۾ پبلشنگ جو ڪم شروع ڪيو. سندس پهريون ڪتاب ”فلسطين جي قومي جنگ“ شايع ٿيو. ان ڪانسواءِ اجرڪ پبليڪيشن، مارئي اڪيڊمي فائونڊيشن، مٽر لئنڊ پبلشرز ۽ آڪاش پرنٽرز ۽ پبلشرز نالي ادارن جو بانيڪار رهيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا آهن. جن جو تعداد چاليهن کان وڌيڪ ٿيندو. تن مان ڪجھ ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا.

1. بنگال جو لطيف (رابئندر ناٿ ٽئگور، 1983ع). 2. بغاوت ۽ آزادي (خليل جبران، ترجمو 1991ع). 3. فلسطين جي قومي جنگ (1982). 4. جرنيل هوش محمد شيدي (ڇاپو پهريون 2012ع). 5. شيخ اياز: تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ (2000ع). 6. سنڌ ورهاڱو ۽ سازشون (2002ع). 7. سنڌ جا شهيد (1985ع). 8. سنڌي ٻوليءَ جا شهيد (1985). 9. دنيا جا عظيم فلسفي، ڇاپو ٽيون 2002ع. 10. حر تحريڪ (2004ع). 11. جناح پور تقسيم سنڌ ڪي سازش (اردو. 1994ع). 12. حڪمران ۽ غلامي (پرنس آف ميڪائولي جي ڪتاب جو ترجمو: 1987ع). 13. منهنجي ڌرتي منهنجا گيت (قاضي نذرالاسلام جي شاعري ترجمو). 14. ڪوڙي دنيا سچا ماڻهو. 15. سنڌي شهيدن جي تاريخ. 16. ڪالا باغ ڊيم ۽ غازي بروٽا ڊيم. 17. ٽئگور ۽ آزادي (ٽئگور جون ڪهاڻيون). 18. سوئيڪارنو جي سوانح حيات. 19. رابندر ناٿ ٽئگور (شخصيت، ڪهاڻيون ۽ ڪردار). 20. لطيف سنڌ آهي. 21. وڃايل سنڌ، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2010ع. 22. جاڳيا جنگ جوان (بشير خان قريشي جي زندگيءَ تي مضمون مقالا، ترتيب) ڇاپو ٻيو 2013ع. 23. گوريلا جنگ. 24. جوزف اسٽالن. 25. پنج فڪري نظريا. 26. عالمي سياسي نظريا ۽ اصطلاح. 27. دنيا جي سياست. 28. ماڪ ڦڙا، لڙڪ ڦڙا (شاعري) آڪٽوبر 2019ع. 29. سنڌ، سيد ۽ پيتو (ترتيب) جنوري 2019ع. 30. رابندر ناٿ ٽئگور (شخصيت ۽ ڪهاڻيون) ڇاپو پهريون ڊسمبر 2019ع.

ان ڪان علاوه هن محترمہ حميده کھڙو جا هيٺيان ڪتاب ڇپايا ۽ ترتيب ڏنا: 1. تاريخ جو پلاند. 2. محمد ايوب کھڙو: جرئتمندانہ سياسي زندگي (2000). 3. سنڌ، ماضي، حال، مستقبل (2006). 4. ٽوڙي ڦاٽڪ سانحو: عدالتي بيان (1990).

منصور قادر جوڻيجو کي ڪيترائي مختا طور ايوارڊ ملي چڪا آهن. جن مان ڪجھ هن ريت آهن. فرسٽ پرائيز ”شاهہ جو رسالو“ تقرير ۽ نمائش گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊو ڄام موضوع. ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ڊاڪٽر علامہ محمد اقبال“ پهريون انعام. تقرير جو موضوع هو. ”سنڌ ماضي حال ۽ مستقبل“ سنڌ يونيورسٽي پاران ٻيو نمبر انعام ۽ ايوارڊ 19 يونيورسٽين هڪ لا ڪاليج پاران پاڪستان ليول تي هجره ڪانفرنس خانپور ايوبيا آن سوشل انسٽيٽيوشن اينڊ ديئر رول ان ڊولپمينٽ پاران يونيورسٽي گرانٽس ڪميش ۽ فيڊرل منسٽري آف ايجوڪيشن پاڪستان جي سهڪار سان. فرسٽ پرائيز ايوارڊ آف ڊبيٽ ان انٽيگريشن اينڊ ڪو آپريشن وٽ ان دي مسلم ڪنٽريز ايٽ ڪالا باغ ريسٽ هائوس پاران يونيورسٽي گرانٽ ڪميشن ۽ منسٽري آف ايجوڪيشن پاڪستان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب، لطيف سنڌ آهي، هي عبدلقادر جوڻيجي (جونيئر) جي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت لکيل مختصر مضمونن تي مشتمل آهي. ڪتاب ۾ هيٺيان عنوان شامل آهن. 1. شاهه لطيف: شاعر يا تاريخدان. 2. لطيف جي باغي سورمين جي روايت کان بغاوت. 3. لطيف جي فلسفي ۾ جنگ جو تصور. 4. لطيف جي فڪر ۾ سونهن ۽ سچائي جو تصور. هي ڪتاب رابيل اشاعت گهر ، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شوري طرفان 1983ع ۾ شايع ٿيو. هي ڪتاب 64 صفحن تي مشتمل آهي. ۽ هن جي قيمت 5 روپيا آهي. هن ڪتاب جو وڌايل ڇاپو هن ريت آهي.

ڪتاب، لطيف سنڌ آهي، ليکڪ: منصور قادر جوڻيجو، ڇاپو: چوٿون، آگسٽ 2008ع. ڇپائيندڙ: فيصل خان (شهيد فهد عزيز اڪيڊمي سنڌ). انتساب: شهيد فهد عزيز عرف عبدالسلام جوڻيجو. فهرست: 1. ٻه اکر: سليمان ڏاهري. 2. ليکڪ طرفان: لطيف انسان دوست شاعر: 82 - 1981ع دوران ايل. ايم. سي ۾ جشن لطيف ۾ تقرير ڪندي مون سنڌ سرڪار کان لطيف بابت هڪ سنجيده سوال پڇيو هئو ته ”لطيف جي پاڪستان ۾ قومي حيثيت ته نهيو پر صوبائي حيثيت به ناهي، پر آخر لطيف اهڙو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو سنڌ ۾ به سندس حيثيت ڊويزنل شاعر واري آهي! آخر ائين ڇو آهي؟“ (منصور قادر جوڻيجو). 3. شاهه لطيف ڀٽائي جي سوانح، فڪر ۽ فلسفو. 4. شاهه لطيف ڀٽائي جا سوانح نگار. مير علي شير قانع، سر رچرڊ برٽن، سر بارٽل فريئر، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، مير عبدالحسين سانگي، ديوان ڏيا رام گدومل، مرزا قليچ بيگ، ديوان ليلا رام، ڀيرومل، مهر چند آڏواڻي، پروفيسر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي، دين محمد وفائي، علامه آءِ آءِ قاضي، سائين جي ايم سيد، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. 5. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ دنيا جي ملڪن شهرن ۽ ڳوٺن جي جاگرافي (استنبول، مغرب پار ، چين، سمرقند، روم، ڪابل، قندار ، دهلي، دکن، گرنار ، جيسلمير ، بيڪانير ، پڇ، ڊٽ، عمرڪوٽ، سنڌ). 6. شاهه لطيف شاعر يا تاريخدان؟ 7. لطيف جي باغي سورمين جي روايت کان بغاوت. 8. لطيف جي فلسفي ۾ جنگ جو تصور. 9. لطيف جي فڪر ۾ سونهن ۽ سچائي جو تصور. 10. شاهه جي رسالي ۾ پنجاب ۽ لاهور جو ذڪر ۽ سٽن جو واڌارو ڪنهن جي اشاري تي؟ هن مضمون ۾ ليکڪ لکي ٿو ته، رسالي ۾ پنجاب ۽ لاهور جو ذڪر اچڻ ڪنهن گهري سازش جو ڏس ڏئي ٿو. اهو ذڪر ڪٿان آيو. 11. شاهه جي ڏهاڙي تي تقرير. 12. ايل ايم سيءَ ۾ 1983ع تي ڪيل تقرير. هي ڪتاب 144 صفحن تي مشتمل آهي.

منصور قادر جوڻيجو ڪتاب، لطيف سنڌ آهي، ڇاپو چوٿون، 2008ع، ص: 60 - 63 تي لکي ٿو ته، سنڌ جي ٻهراڙيءَ جو عام ماڻهو شاهه لطيف کي پڇائيندڙ ۽ پٽ ڌيندڙ پير ٿو تصور ڪري ۽ سنڌ جو پڙهيل ماڻهو لطيف کي دنيا جو عظيم شاعر ٿو سڏي، پر لطيف منهنجي نظر ۾ هڪ مهان شاعر هئڻ سان گڏ هڪ تاريخدان به آهي.

لطيف جي لکيل تاريخ نه هڪ فرد جي آهي نه هڪ ماڻهوءَ جي آهي، نه هڪ ٽولي جي، نه هڪ قبيلي جي آهي، پر لطيف جي لکيل حقيقتن تي مبني تاريخ هر هڪ سنڌيءَ جي آهي، هر هڪ سنڌ واسيءَ جي آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني ڪنڀار

عبدالعزيز رحماني ولد محمد قائم ڪنڀار 2 آڪٽوبر 1958ع / خميس 18 ربيع الاول 1378هه تي ڪاروڙي چارڻ جي تاريخي ڳوٺ ۾ جنم ورتو. ڊاڪٽر عزيز پرائمري تعليم ڪاروڙي چارڻ جي اسڪول مان مڪمل ڪري انگريزي پڙهڻ جي لاءِ مڊل اسڪول نيوڇور ۾ داخلا ورتي. 1974ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول عمرڪوٽ مان مئٽرڪ ۽ عمرڪوٽ جي ڪاليج مان 1976ع تي انٽر جو امتحان ڏنائي. ايم. بي. بي. ايس. جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڄامشوري پهتو. اتي رات ڏينهن هڪ ڪري پڙهائي ۾ دلچسپي ورتائين. هن جي اندر جي تمنا ڪر موڙي اٿندي هئي، تہ دکي انسانن جي خدمت ڪرڻ انسانيت جو اعليٰ گڻ آهي. پوءِ 1984ع ۾ تعليم مڪمل ڪري پنهنجي علائقي ڏانهن موٽي آيو پوءِ اتي ڪجهہ وقت پرائيوٽ اسپتال قائم ڪري خلق خدا جي خدمت ڪرڻ لڳو. ڪجهہ عرصي بعد 1986ع ۾ ميڊيڪل آفيسر طور ڪوڪرا پار جي اسپتال ۾ سرڪاري نوڪري شروع ڪيائين. 1988ع تائين نيو ڇور ۽ عمرڪوٽ جي تعلقہ اسپتال ۾ پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنائين. پوءِ ڊاڪٽر عزيز صاحب قدرتي ڏات ۽ ڏانءُ وسيلي تحقيق ڪري واريءَ جي جراثيم مان ورتل مريضن جو علاج ڪري ٿر جي ماروئڙن کي واريءَ جي جراثيم مان ڇوٽڪارو ڏياريو تہ مريضن ۽ سندس ٿر جي ماڻهن کيس بيشمار دعائون ڏنيون. هن عظيم انسان ۾ اهڙا اعليٰ گڻ هن وقت بہ موجود آهن.

ڊاڪٽر عزيز صاحب 1991ع کان 2001ع تائين عمرڪوٽ ۾ پهرين ميڊيڪل آفيسر ۽ پوءِ سينيئر ميڊيڪل آفيسر طور رهيو. 2001ع کان 2011ع تائين ڊپٽي تعلقہ هيلٿ آفيسر طور ڪم ڪيائين. 2011ع کان 2014ع تائين ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر جي حيثيت ۾ عمرڪوٽ ضلعي جي خدمت ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب ڊي. ايچ. او. هئڻ دوران سرڪاري منصوبن سان گڏ مخير ماڻهن کان بہ مدد وٺي ماڻهن کي صحت جي سهولت بهتر ڪري ڏيڻ جي اڻ ٿڪ ڪوشش ڪئي. نومبر 2014ع تي عمرڪوٽ جي ضلعي هيڊڪواٽر واري اسپتال جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو. جتان هن نومبر 2015ع ۾ رٽائرمينٽ ورتي. ڊاڪٽر صاحب جو خاندان پنچاڻن وسيلي پنهنجي علائقي ۾ غريب ۽ هڏ ڏوکي انسانن جي سهائتا وقت بہ وقت ڪندو رهي ٿو. هن اتم انسان کي تاريخي ۽ تهذيبي شعور ورثي ۾ مليل آهي. پنهنجي تهذيب ۽ ساٿيهہ جي ڪردارن کي قلم جي نوڪ ذريعي هن جاڪوڙي انسان منفرد طريقي سان نروار ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڏيهہ جي مارئي ۽ لطيف جي ڪردارن تي قلم کڻي نت نوان مضمون مقالا لکيا آهن. تن مان ڪجهہ هن ريت آهن.

سر مارئيءَ ۾ ماڳ ۽ مڪان، تہ ماهي سامي سماچار ، ايڊيٽر. مير حسين آريسر ، جولاءِ. سيپٽمبر 2012ع. ڇا مارئيءَ جو مارو قبيلي سان تعلق هو؟. ڪاوش دنيا، آچر 28 مئي 2017ع. هاڪڙي ۽ پراڻ جي ڪنڌيءَ جا ماڳ، ڪاوش دنيا، آچر 25 جون 2017ع. عمر ڪوٽ ۽ سومرا حاڪم، ڪاوش دنيا، آچر 26 آگسٽ 2018ع.

ڊاڪٽر صاحب مٿين مقالن کان پوءِ هڪ تحقيقي ڪتاب ”ڪاروڙو چت آيو“ لکيو. هن محقق ۽ شاهہ جي شيدائي، مارئي تي تحقيق لاءِ اڙانگا سفر ڪري هاڪڙي وادي جي ولهار پٽڻ جي آثارن وٽان لنگهي شو مندر تي پهچڻ کان سواءِ ٻين ماڳن تائين وڃي مارئي تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحقيق ڪئي. هن پنهنجي تحقيق چارٽي ديوي آوڙ جي ڪهاڻي تاريخ جي ڪتابن مان، چارڻ ڪوين جي چندن ۾ ڀِتائي جي بيتن جي آڌار، مارئي جو ڳوٺ ڪاروڙو چارڻ ۽ مارئي چارڻ قبيلي جي مارو نک مان ثابت ڪئي آهي. سندس تحقيق موجب ڳوٺ ڪاروڙو چارڻ عمرڪوٽ کان اتر طرف 9 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. هن محقق ماضيءَ واري تحقيق کي نظر ۾ رکندي ڪاروڙي لڳ ڳوٺ ”رباريو“ ۽ ربارين کي بہ تذڪري ۾ آندو آهي. اها تحقيق سندس هيئنئين ڪتاب ۾ درج آهي.

ڪتاب. ڪاروڙو ڇت آيو (هاڪڙي جو ماڳ ڪاروڙو چارڻ ۽ لطيف سائين جي سر مارئيءَ جو مطالعو). ليکڪ. ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني ڪنيار، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، جولاءِ 2019ع. هن ڪتاب جو سٽاءُ: ارپنا، جيجل امڙ، سندس والد ۽ اولاد جي نالي. فهرست: 1. پبلشر پاران: ساجد سنڌي. 2. ليکڪ پاران: ڊاڪٽر عبدالعزيز 3 اپريل 2019ع. 3. مهاڳ: هاڪڙي جا آثار ۽ مارئي جو ماڳ، پارومل امراٽي سوٽهڙ 20 مارچ 2019ع ۾ لکيو. 4. بہ اکر: ڊاڪٽر اسد جمال پلي. باب پهريون: ڪاروڙو چارڻ، عمرڪوٽ ۽ سومرا حاڪم، چارڻ ديويون. 5. ڪاروڙو چارڻ ۽ هاڪڙي جو پراڻو وهڪرو. 6. موجوده ڪاروڙو چارڻ ۽ پراڻي ڪاروڙي چارڻ جو ڦَٽڻ. 7. عمرڪوٽ جا حاڪم، عمر ٻيو، پونگر ٽيون ۽ همير سومرو. 8. آوڙ ديوي. 9. ڏيول ديوي ڪاروڙو چارڻ. 10. ڏيول ديوي ۽ پابوجي. باب ٻيو. 11. همير جي قيد ۾ جاسل. باب ٽيون: شاهہ لطيف جو سر مارئي. 12. سر مارئي ۾ آيل ڪردار. باب چوٿون. 13. سر مارئي ۾ آيل ماڳ مڪان. 14. مددي ڪتاب ۽ ماڃهو.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب مان خاص نقطا هيٺ ڏجن ٿا.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ مشهور ليکڪ ۽ محقق، پارومل امراٽي سوٽهڙ لکي ٿو تہ، اسان جي محققن ۾ ڪن مارئي کي لاکي ڦلاڻي جي ڌي ڄاڻائي آهي. مارئي جي ماءُ مهران ڏي يا ميران ڏي کي پالڻو ڀچائي ڪٽي آيو هو. تہ ڪن وري همير جي ڌي ٻڌايو آهي. شڪار تي آيل همير شادي ڪئي ۽ مارئي جي ماءُ کي ڇڏي هليو آيو. ڪن ننگر پارڪر جي ننڊي سمي جي ڌي ڪوٺي آهي. تہ وري ماڙيچي لکي آهي. ڪي وري پنهوار قبيلي جي ڄائي ڄاڻائين ٿا. ڪن تاريخدانن مطابق مارئي رباڻ آهي. لاکي ڦلاڻي ۽ همير وارين ڪهاڻين ۾ عجيب روايتون آهن. انهن اڪثر ڪهاڻين ۾ مارئي ملير جي ڳوٺ ۾ پالڻي جي گهر وڏي ٿيئي ٿي. ڪن محققن مارئي جي ماءُ جو نالو ماڏوئي لکيو آهي. تہ ڪي وري مهراڏي يا ميراڏي لکن ٿا. منگهارام اوجها مطابق پالڻو سوٽهڙ قبيلي سان تعلق رکندڙ آهي. جنهن وٽ هڪ سهڻو ۽ تيز رٿ آهي. ناميارو محقق پروفيسر هوتچند گربخشاڻي مارئي ملير جي پنهوار پالڻي جي ڌي لکي ٿو. ملير پالوا ويجهو ڳوٺ هو. آءِ حسن ايچ نديم لکي ٿو تہ، ملير سائي زمين جو نالو آهي. اهو انهي علائقي جو نالو آهي. جيڪو ٿر جي دل جهڙي حيثيت رکي ٿو. ليکڪ، ڪنڪيڊ، ڪتاب ”سنڌ جون لوڪ آکاڻيون“ (Sindh Folk Tales) ۾ مارئي جو ڳوٺ ملير ۽ مارئي جي پيءُ جو نالو پالوي ۽ ماءُ جو نالو ميراد لکيو آهي. هما جليل عباس لکيو آهي تہ، مارئي پالوا جي ڳوٺ جي رهندڙ هئي. پالوا جو لفظ ”پلي واءِ“ مان نڪتل آهي يا ”پيل واءِ“ اهو هڪ سوال آهي. پالوا جي ڀرسان ست راڄي ۾ پيل بہ رهن ٿا. جن جو چوڻ آهي تہ، مارئي رباڻ هئي. اهي چون ٿا تہ اڳ ۾ هن علائقي ۾ بارنهن تڙ ربارين جا هئا. مارئي جي واقعي جي ڪري لڏي ويا.

ميون شاهہ عنايت پنهنجي هڪ بيت ۾ مارئي جو ماڳ وچيون ٿر چيو آهي.

اوريون ٿر اوري، تهان پريون پارڪر،
ويهن ويڙهيچا وچ ۾ سانيڪا سوري،
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”وچيون ٿر“ ڏات ڪي سڏي ٿو. لطيف سائين چيو آهي ته.
ڍولي مکي ڏت ڪان، سوڪڙي سائي،
آئي اباڻن ڪان وني وڏائي،
ساعت اهائي، سومرن سندو ٿيو.
ڊاڪٽر عبدالعزيز ، پٽ ڏٽي جي بيتن آڏار مارئي جو پورو ٿر بيان ڪيو آهي. هڪ روايت موجب اڇڙي ٿر ۾ رتي ڪوٽ جي ڏکڻ اوير ۾ مارئي ديهه آهي. اتي هڪ پٽ تي قبر آهي، جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته، اها مارئي جي قبر آهي. ربارين ۾ اڄ به ريت آهي ته، هڪ خاص قسم جي ڪٽي جو ڪفن ڏنو ويندو آهي. پٽ ڏٽي چوي ٿو ته:
سائين لڳ سومرا هڪڙو عرض مجيج،
جي مارُين منجهه مري وڃان، ڪٽي ڪفن ڏيج،
اتي لوڙهه لنيج، جتي جهوپا جهانگيئڙن جا.
ڪتاب. ڪاروڙو چٽ آيو، ص: 36. تي ليڪڪ لکي ٿو ته، عمرڪوٽ ڪان اتر طرف 9 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ڳوٺ ڪاروڙو چارڻ هاڪڙا واديءَ جي عروج واري زماني جو مکيه واپاري مرڪز هو. جيڪو وقت جي گردش ۾ پنهنجا پراڻا آثار ڇڏي هاڻي هڪ نئين ڳوٺ جي صورت ۾ آباد آهي.
ڊاڪٽر عبدالعزيز، مضمون، ”سر عمر مارئي ۾ آيل ڪردار“ ۾ جن ڪردارن متعلق لکيو آهي. اهي هي آهن. مارئي. مارو. ستي. همير. عمر. سومرو. هي وڌيڪ لکي ٿو ته مارو چارڻن جو تمام وڏو قبيلو آهي. جيڪو مارواڙ ڪان اٿيو ۽ سچي نندي ڪنڊ ۾ پکڙجي ويو. مارو قبيلي جا اڳتي هلي 300 ڪان مٿي مختلف پاڙا يا نکون آهن. جيڪي اڄ به نندي ڪنڊ ۾ آباد آهن.
ڪاڇي جو شاعر حيات لغاري پنهنجي هڪ شعر ۾ چئي ٿو ته،
جڏهن عمر ڪنئي هئي مارئي، تڏهين چارڻ هئا چوڌار،
شاعر عبداللطيف هو، جنهن کي هئي ڳجهه جي خبر چار.
سڀ ڪان وڌيڪ پختي ۽ مستند شاهدي ڀٽائي صاحب جو رسالو آهي. جنهن ۾ 100 ڪان وڌيڪ ڀيرا لفظ مارو استعمال ٿيل آهي. جنهن ۾ مارئي جو مارو سان ازل ڪان ۽ اڻ ٽٽ رشتو ڄاڻايو ويو آهي. هيٺيون بيت انهيءَ ازلي رشتي جو ثبوت آهي.
نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪو لڳ لحم،
بنيو هو نه بت ۾ اڃان ڪو آدم،
مون مارو سين سڱ، سو ئي آهي سومرا.
(ص: 76، 77.)
سر مارئي ۾ آيل ماڳ مڪان: 1. ڪاروڙو. 2. ولهار. 3. عمرڪوٽ. 4. موهر/ موهراٽو/ مهراٽو. 5. ڪائڙ. 6. ڏاهلي. 7. ڏٽ. 8. پائر. 9. ويڙهيجهپ. 10. ڪوهه. (ص: 92.)
هن باب ۾ مٿين ماڳن متعلق تفصيلي ڄاڻ ڏنل آهي. ڊاڪٽر عبدالعزيز صاحب لکي ٿو ته، ڀٽائي صاحب ڪڏهن موهر، ڪڏهن ڪائڙ، ڪڏهن ڏت، ته ڪڏهن وري پائر کي ملير سڏي ٿو.

# حبيب حضوري

حبيب حضوري 15 جون 1959ع / سومر 8 ذوالحج 1378هہ تي ڳوٺ لاکو تکيو ڪاڇو ۾ حاجي محمد عثمان ڏيرو جي گهر ۾ جنم ورتو.

20 آڪٽوبر 1983ع تي اورينٽل ٽيچر طور سن هاءِ اسڪول ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. ۽ 14 جون 2019ع تي هاءِ اسڪول ون ميهڙ مان رٽائرمنٽ ورتائين.

سندس ڇپيل ڪتاب: 1. موهيا ڪنهن نہ مال، 2000ع (شخصيت، سيد علي اڪبر شاهہ جون علمي ادبي سياسي ۽ سماجي خدمتون.). 2. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، 2015ع. 3. سوينيئر 2015ع هاءِ اسڪول ون ميهڙ ضلعو دادو. 4. جيجل جهولي 2016ع. ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻيون، عام معلومات ۽ شاعري. 5. سندا ڇولين ڇوهہ 2017ع. حبيب حضوري جي شاعري. 6. اسڪولي شاگردن لاءِ تقريرون 2018ع. 7. قرآن مجيد ۽ شاهہ لطيف 2019ع. 8. ڀلا ڀونءِ نہ وسرن 2019ع. شخصيت علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي جون علمي ادبي فقهي ۽ سماجي خدمتون. سندس مٿيان ڪتاب علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد مان ڇپجي پڌرا ٿيا. جن جي مهورت 2019ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ پاران ٿي.

هن بزرگ جو شاهہ لطيف جي چونڊ ڪلام تي ڪتاب "قرآن مجيد ۽ شاهہ لطيف" هڪ بهترين تخليق آهي.

ڪتاب "قرآن مجيد ۽ شاهہ لطيف" ليکڪ، حبيب حضوري، ڇپائيندڙ، علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ ڇاپو پهريون ڊسمبر 2018ع هن ڪتاب جو مهاڳ: "اهدنا صراط المستقيم اي پنهوارن پنڌ" عنوان سان جوهر بروهيءَ 21 آگسٽ 2018ع تي لکيو. پنهنجي پاران: شاهہ جو ڪلام قرآن مجيد کي ڪيترو قريب آهي! حبيب حضوري 25 سيپٽمبر 2018ع تي لکيو. هن ڪتاب ۾ قرآن شريف جي 131 آيتن جي ترجمي سان گڏ شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي ٽيهن سرن مان بيتن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏئي قرآن مجيد سان ڀيٽا پيش ڪئي وئي آهي. حبيب حضوري صاحب جو هيءُ انمول تحقيقي ڪم هن دؤر ۾ ۽ ايندڙ دؤر جي نسل لاءِ بہ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

ڪتاب "قرآن مجيد ۽ شاهہ لطيف" صفحو 20: لطيف سائين رڳو وحدت الوجود جو قائل نہ هو. جيئن ٻيا صوفي آهن. چو تہ هيءُ عالمن جو صحبتي هو، قرآن ڪريم تي سندس گهري نظر هئي. تنهن ڪري ايئن چوڻ تہ شاهہ صوفي هو، سراسر نا انصافي ٿيندي!

ساڳئي ڪتاب جي ص: 21. تي ليکڪ لکي ٿو تہ "لطيف سائين پڪو موحد مسلمان هو، اسلامي تعليمات جو وڏو پرچارڪ هو. قرآن جو موضوع انسان ذات آهي. لطيف سائين بہ انسان جي عظمت کي جهر جهنگ ڳايو وڄايو آهي."

# ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي

تعليم جي زيور سان آراسته ڪندڙ انسان بهترين معلم سائين ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي، 2 مارچ 1960ع / اربع 4 رمضان 1379هه تي ڳوٺ ڏُبي، تعلقي ميرواهه، ضلعي خيرپور ۾ استاد حسن بخش جسڪاڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. سنڌي تعليم پرائمري اسڪول ڏُبي، اٺون درجو مڊل اسڪول عثمان رند، مئٽرڪ هاءِ اسڪول نري ميرواهه ۽ انٽر ممتاز ڪاليج خيرپور مان ڪيائين. جنهن بعد ايران، عراق، ترڪي، اردن ۽ شام ملڪن ۾ تفريح لاءِ ويو. هڪ سال تائين شام ۾ رهي عربي ٻوليءَ جي مڪمل سکيا ورتائين. وطن ورڻ بعد سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري مان 1983ع ۾ ايم. اي (عربي) ڪيائين. جنهن بعد مختلف وقتن تي تعليم کاتي، سينٽرل ايڪسائيز ۽ لينڊ ڪسٽم ۾ ملازمت ڪرڻ ڪانسواءِ پاڪستان اسٽيل جي تعليم کاتي سان پڻ منسلڪ رهيو. ملازمت دوران 1986ع ۾سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ايم. اي سنڌي، 1986ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم. اي صحافت، 1996ع ۾ ايم. فل ۽ 2008ع ۾ ”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر“ جي عنوان سان ڊاڪٽر نواز علي شوق جي نگرانيءَ هيٺ تحقيقي مقالو لکي پي. ايڇ. ڊي ڪيائين. سندس پي. ايڇ. ڊي ٿيسز سياحت ۽ ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ پاران ڇپيل آهي. ڊاڪٽر عبدالرحمان تعليم سان گڏ سماجي خدمتن جي شعبي سان تعليم، صحت ۽ ڀلائي جي ڪيترن ئي منصوبن تي ڪم ڪيو آهي. جڏهن ته ريڊيو ۽ ٽي وي جي مختلف چئنلن تي علمي ادبي، سماجي ۽ مذهبي موضوع تي پروگرام ڪيائين. هي جاکوڙي انسان پاڪستان اسٽيل ڪيڊٽ ڪاليج، اسٽيل ٽائون ڪراچيءَ ۾ پرنسپال ۽ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏئي مارچ 2020ع تي رٽائر ٿيو.

سندس لکيل ڪيترائي علمي ۽ ادبي مضمون مقالا سنڌي ۽ اردوءَ جي مختلف اخبارن توڙي مختلف يونيورسٽين جي تحقيقي جرنلن ۾ ڇپيل آهن. ان ڪانسواءِ نصابي ڪتابن نائين، ڏهين ۽ ٻارهين جي سنڌي ۽ اسلاميات جي تياريءَ ۾ شامل رهيو ۽ ترجمي ۾ سندس ڪيترائي مضمون مقالا ۽ ڪتاب پڻ ڇپيا آهن. هن شاهه جي شيدائي جا شاهه لطيف جي ڪلام بابت مضمون مقالا مختلف اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن. تن مان ڪجهه هن ريت آهن.

مضمون، شاهه جي ڪلام تي قرآن مجيد جو اثر، هفتيوار وينجهار حيدرآباد، 25 آڪٽوبر 1992ع. سرتاج الشعراء حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام تي عربيءَ جو اثر، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 1999ع. سر کوهياري ۾ اسلامي قدر، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 2006ع. سر ڪيڏاري جو روحاني راز ، ڪتاب. سر ڪيڏارو، مرتب. منظور احمد قناصرو، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو ٻهريون، 2008ع. سر آسا جو روحاني راز ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي، ڊسمبر 2009ع.

شاہ عبداللطیف بھٹائی کے کلام کا مذہبی پسمنظر، ڪارونجهر (تحقيقي جرنل) ڇپائيندڙ، وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي، ڊسمبر 2012ع ۽ ساڳيو مقالو، کتاب۔ شاہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبداللطیف بھٹائی (مضامین ومقالاجات) مرتب۔ منظور احمد کناسرو، محکمہ ثقافت حکومت سندھ، طبع اول دسمبر ۲۰۱۳ع ۾ ڇپايو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي کے کلام میں توحید ورسالت، ڪارونجهر (تحقيقي جرنل) ڇپائيندڙ. وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، عبدالحق ڪئمپس ڪراچي، جون 2013ع.

ڪتاب: شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر. هي ڪتاب ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي جو شاهه لطيف تي پي. ايڇ. ڊي لاءِ لکيل تحقيقي مقالو آهي. جنهن کي ثقافت کاتي حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون 2010ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو. هن ٽيسز جو خاڪو ڪيس استاد اياز حسين قادريءَ ڏنو هو. هن ڪتاب ۾ مضمون مقالا هن ريت آهن. باب پهريون: شاهه لطيف جي سوانح عمري ـ هن باب ۾ هي عنوان ڏنل آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ولادت باسعادت ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي تعليم ۽ ترتيب ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا دوست ۽ همعصر ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عبادت ۽ رياضت ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ جا آخري ڏينهن ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ جو آخري ڪلام ـ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو شجرو مبارڪ حضور صلعم تائين ـ باب ٻيون: تصوف جو تعارف ۽ تاريخ ـ هن باب ۾ لفظ تصوف جي لغوي معنيٰ، تصوف قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ اسلامي تصوف جي سلسلن جي تفصيلي ڄاڻ ڏنل آهي. باب ٽيون: شاهه عبداللطيف ۽ تصوف ـ هن باب ۾ هي عنوان: شاهه جي ڪلام ۾ تصوف جي جهلڪ ـ شاهه لطيف ۽ وحدت الوجود ـ شاهه جي ڪلام ۾ تصوف جو مقصد ـ شاهه جي ڪلام ۾ صوفياڻو فڪر ـ شاهه جي ڪلام ۾ شريعت ـ باب چوٿون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ سنڌ جي حالت ـ هن باب ۾ سنڌ جي سماجي، سياسي، اقتصادي، علمي، مذهبي حالت تي روشني وڌي وئي آهي. باب پنجون: سنڌ باب الاسلام ـ هن باب ۾ نبي ڪريم جي دور کان وٺندي عباسي دور حڪومت ۾ سنڌ جي سرزمين تي اسلام جي اچڻ سبب سنڌي جي معيشت ۽ معاشرت، اخلاق ۽ ڪردار ۾ تبديلي سان گڏ سنڌ ۾ نئين تهذيب ۽ تمدن تي لکيو ويو آهي. باب ڇهون: سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ: هن باب ۾ سنڌي ٻولي تي اسلامي اثر ۽ صورتخطيءَ تي عربي زبان جو اثر تاريخي ثبوتن مان واضع ڪيو آهي. باب ستون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ ذات باري تعاليٰ. باب اٺون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ حضور اڪرم جي ذات. باب نائون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ عبادت ۽ بندگي. باب ڏهون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ اخلاق ۽ ڪردار. باب يارهون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ انساني معاملات. باب ٻارهون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ انساني اخلاق جي خامين جو ذڪر. باب تيرهون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ دنيا ۽ آخرت.

# پروفيسر عبدالغفار گوهر دائود پوٽو

هيءُ نالي وارو محقق، اديب، شاهه جو پارکو ۽ تعليمدان عبدالغفار گوهر دائود پوٽو ولد واحد بخش دائود پوٽو، پهرين فيبروري 1961ع / اربع 14 شعبان 1380هه تي ڳوٺ دائوپوٽا (لکي - مديجي روڊ تي لڳ دائودجي واند بس اسٽاپ تي واقع) تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور سنڌ ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان، مئٽرڪ 1977ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مرزاپور ۽ نئون ديرو مان، انٽرميڊيئيٽ 1979ع ۾ ڊگري ڪاليج مان ڪرڻ بعد سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان بي. ايس. سي آنرز 1984ع ۽ ايم. ايس. سي علمبدن (فزيالاجي) ۾ 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪئي. ايم. فل (تعليم همدرد يونيورسٽي ڪراچيءَ مان سال 1999 - 2000ع ۾ ڪيائين. ان جو عنوان آهي:

An Integrated Approach of Assessment of Biology Papers of Class, XI - XII of Larkana, Sindh.

ان بعد هن سال 2008 - 2002 ۽ 2010ع ۾ ساڳيءَ يونيورسٽيءَ مان پي. ايڇ. ڊي جو ڪورس ورڪ ڪيائين پر ڪيس اڃا تائين ڊگري نه ملي آهي. سندس ٿيسز جو عنوان آهي:

Information Need of Public Policy Makers and Education Leaders of Sindh.

ان ڪانسواءِ بي. ايڊ 1990ع - 1991ع ۾ ۽ ايم. ايڊ 1994ع - 1995ع ۾ فرسٽ پوزيشن فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيائين. هيءُ تعليم مڪمل ڪرڻ بعد تعليم کاتي ۾ 13 مارچ 1986ع تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول خانپور ۾ سائنس ٽيچر گريڊ 16/15 ۾ مقرر ٿيو. 1993ع ۾ ڪيس پروموشن ڏيئي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (بائالاجي) 17هين گريڊ ۾ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول غوثپور ۾ مقرر ڪيو ويو. 2005ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ۽ 2013ع ۾ پرنسپال / ايسوسيئيٽ پروفيسر طور گريڊ 19هين ۾ ترقي ماڻيائين. درس و تدريس جي شعبي سان صداقت رکندڙ پروفيسر عبدالغفار صاحب هن وقت گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول بنگل ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پرنسپال جي عهدي تي فائز آهي. گڏوگڏ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول رتوديرو ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول اگهم جون به اضافي ذميواريون سنڀالي رهيو آهي.

عبدالغفار دائودپوٽو صاحب ملڪي ۽ صوبائي سرڪار ۾ اعليٰ عهدن تي به فائز رهيو جن ۾ بورڊ آف انٽرميڊيئٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن لاڙڪاڻي جو 2003ع کان 2009ع تائين ڪنوينر ايفيليئشن ڪميٽي، يونيسڪو جي اسڪولن ۾ تعليم جي واڌاري واري پراجيڪٽ ۾ حصيداري (2004غ. وفاقي حڪومت طرفان 2005ع ۾ اسٽبليشمينٽ ڊويزن هيٺ قانون واري وزارت ۾ سيڪشن آفيسر ۽ ڊپٽي ڪوآرڊينيشن رهيو، جتي 2010ع تائين سنڌ جي نمائندگي ڪيائين. هيءُ سنڌ حڪومت طرفان قانون ۽ هيومن رائيٽس کاتي ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي ريجن جو ڊپٽي ڊائريڪٽر جنوري 2011ع کان مئي 2011ع تائين رهيو. ان ڪانسواءِ نثار بزمي اڪيڊميءَ جو باني چيئرمين، رسالي "علم" مرزاپور جو چيف ايڊيٽر پڻ رهيو.

کيس علمي، ادبي، سماجي خدمتن طور ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا آهن. جن ۾ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ طرفان شاهه سائينءَ جي 262هين عرس مبارڪ جي موقعي تي خميس 16 مارچ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2006ع ۾ بهترين محقق جو شاهه لطيف ايوارڊ 2006ع ۾. سينٽرل آرگنائيزيشن آف ٽيچرس پاڪستان طرفان بهترين استاد ايوارڊ (2004ع). حڪومت پاڪستان طرفان استادن جي عالمي ڏينهن تي وزير اعظم شوڪت عزيز جي هٿان گولڊ ميڊل، بهترين استاد ايوارڊ ۾ روڪ رقم سميت سرڪاري خرچ تي وفد جي صورت ۾ عمري جي ادائگي (2004)، امير بهادر ثاني ايوارڊ 2018ع (شڪارپور 400 سالہ جشن / تاريخ ڪانفرنس) سنڌي ادبي سنگت پاران قابل ذڪر آهن. ان کان علاوه سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جو ميمبر ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ مرزاپور جو عهديدار بہ رهي چڪو آهي.

عبدالغفار گوهر پنهنجي ادبي سفر جي شروعات 1979ع ۾ غزل سان ڪئي، سندس پهريون غزل ”قول وتي“ مئگزين ۾ مرتضيٰ سيال جي ادارت ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ سندس شاعري ۽ ڪالم ان وقت جي سنڌي اخبارن جن ۾، روزاني سنڌ نيوز، روزاني هلال پاڪستان، روزاني عبرت حيدرآباد جي ادبي صفحن ۽ ماهوار ”پيغام“ ڪراچي ۾ شايع ٿيندا رهيا. شاعريءَ ۾ اصلاح لاءِ مشهور شاعر نثار بزمي کان بحر وزن ۽ علم عروض بابت فقط ون - لائين سبق ورتائين ۽ باقي شاعريءَ بابت ڄاڻ ”گلدستو“ ڪتاب مان حاصل ڪيائين.

سندس ڪجهہ تصنيفون هن ريت آهن:

1. شاهہ جو رسالو. الف. بي. وار ترتيب ۽ ڏسٽي سميت سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون 1994ع. 2. نفسيات ۽ علم، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ايڊيشن 1994ع، 2008ع، 2013ع، 2017ع. 3. گلابي گل - ٻارن لاءِ شاعري ڪفايت اڪيڊمي ڪراچي سنڌ 1996ع. 4. ثقافت ڪاتي جي سنڌ جا سپوت سيريز ۾ علامہ عمر بن دائود پوٽو (1994ع). 5. عمر بن دائود پوٽو (اردو) نونهال ادب همدرد فائونڊيشن ڪراچي (1994ع).

6. Sindh Tourism: A World Class Religious Destination, Sindh Tourism Development Corporation, 2013 and 2016.

7. خوش ڪلامي (شاعري) (ڇپائي هيٺ).

عبدالغفار دائود پوٽو مٿي درج ڪيل ڪتاب، سنڌ ٽوئرزم جي ارپنا ۾ لکي ٿو:

Shah Abdul Latif Bhitai: A Great Tourist Poet Philosopher.

هن ”سنڌ ٽوئرزم“ نيوزليٽر ۾ انگريزي ٻولي ۾ مضمون پيش ڪيو:

Shah Abdul Latif Bhitai: Sindh’s Tourist Poet Philosopher of the World.

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي سال 2016ع ۾ ايڇ. ٽي. سورلي جي ڪتاب، شاهه عبداللطيف آف ڀٽ کي ٻيهر ڇاپي پڌرو ڪرڻ وقت ڪاڇي پبليڪيشن جي سرواڻ ماجد سومري معرفت مواد ڪيس ڪراچيءَ مان شڪارپور اُماڻيو ويندو هو. ان نظرثاني جي ڪم ڪرڻ سبب ڪتاب جي ٽيڪنيڪل پيج تي هن ريت لکيو ويو:

Reviewed by: A.G.Daudpoto.

دائود پوٽي صاحب کي 20 سالن جي عمر ۾ لطيفي رنگ لڳو تہ سندس ذهن ۾ شاهه لطيف جي ڪلام کي الف. بي. وار ترتيب ڏيڻ جو خاڪو جڙيو. هن جواني واري دور ۾ هڪ ڏکيو ڪم هٿ ۾ کڻي اديبن، دانشورن ۽ اسڪالرن کان صلاح مشورن خاطر خط لکيا تہ، ڪيس اديبن ۽ اسڪالرن کان ڪا ڀرپور موٽ نہ ملي. سندس الف. بي. واري ترتيب واري ڪم کي خاص


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همٿايو نہ ويو، پوءِ 15 سيپٽمبر 1981ع ۾ روزانہ هلال پاڪستان اخبار ۾ ”شاهہ جي رسالي جي نئين ترتيب“ عنوان سان خط شايع ٿيس. جناب محمد عالم سومري صاحب ان ڇپيل خط جي موٽ ۾، عبدالغفار دائود پوٽي ڏانهن هڪ خط لکيو تہ ”اوهان جهڙا ساٿي لطيف سائين جي ڪلام تي جنهن نموني ڪم ڪن پيا، آءُ بہ ساڳئي نموني الف. بي. وار ترتيب سان شعرن کي مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهيان. مون بہ ڪو ٿورو گهڻو ڪم ڪيو آهي. اوهان مون سان ملو پاڻ گڏجي ان ڪم کي وڌائي ۽ ان جي ڪا بهتر صورت ڪڍي سگهون. اهو ڪم جيترو جلد ٿئي اوترو چڱو. ان سلسلي ۾ دائود پوٽو صاحب ذاتي طور تي سندس رهائشگاهہ تي سلاوٽ پاڙي حيدرآباد ويو پر دائود پوٽي پنهنجو ڪم الڳ جاري رکيو. ان ڏس ۾ لکيل ٻين خطن ڊاڪٽر عبدالله آفتاب ابڙو جن جو لکيل هڪ خط بہ گوهر دائود پوٽي جي تخليقي سگهہ جي نشاندهي ڪري ٿو. آفتاب ابڙي جن ڪيس خط ۾ لکيو تہ جڳ مشهور سنڌ شناس شخصيت آسڪو پارپولا جن ساڻس شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۽ پيغام کي وڌيڪ عام ڪرڻ لاءِ ان نئين ترتيب جهڙي تحقيق ۽ ترتيب ڏيڻ جي اهميت جو ذڪر ڪيو هو. ان ريت چئي سگهجي ٿو تہ پروفيسر دائود پوٽي جو ترتيب ڏنل شاهہ جو رسالو (نئين ترتيب ۽ ڏسٽي) در اصل هڪ ريڊيريڪنر آهي. سنڌ جي مشهور قوم پرست شخصيت مرحوم سيد ظفر حسن شاهہ، پروفيسر جاگرافي، سنڌ يونيورسٽي جن بہ ڪيس هن ڪم لاءِ ڏاڍو همٿايو هو.

دائود پوٽي صاحب ڪجهہ عرصي بعد شاهہ جي رسالي کي الف. بي. وار ترتيب ڏئي ڪجهہ قسطون ماهوار پيغام رسالي ۾ شايع ڪرايون. جنهن تي بہ ڪيس سٺي پذيرائي ملي. سندس اهو اوائلي ڪم هن ريت آهي.

شاهہ جي رسالي جي نئين ترتيب، ماهوار پيغام، اپريل 1987ع. قسط. 2، جون 1987ع قسط. 3، ماهوار پيغام 1987ع قسط. 4، ماهوار پيغام، ڊسمبر 1987ع. شاهہ جي رسالي جي نئين ترتيب، ماهوار پيغام، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، فيبروري 1988ع. هيءُ ڪم پهريان سندس هٿ اکرن ۾ ڇپيو جنهن کي ڊاڪٽر غلام علي الانا جن ڏاڍو ساراهيو هو. ان بعد ساڳيون قسطون ٻيهر بلاڪ پرنٽنگ ۾ ماهوار پيغام، سيپٽمبر 1992ع ۽ آڪٽوبر 1992ع ڇپيون. سندس شايع ٿيل رسالي جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

الف بي وار شاهہ جو رسالو ۽ رسالي جي ڏسٽي (ڪتاب): شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام کي الف بي وار ڏسٽي موجب ترتيب ڏيندڙ برک ليکڪ ۽ اديب عبدالغفار گوهر دائود پوٽو آهي. شاهہ جي ڪلام کي الف بي وار ڪري پڙهندڙن لاءِ نهايت آساني ڪئي وئي آهي. بيت جي شروعات واري اکر سان ئي پڙهندڙ کي شاهہ سائينءَ جو ڪلام آسانيءَ سان ملي سگهي ٿو. هن رسالي ۾ شاهہ سائين جي بيتن ۽ واين کي ڳولڻ لاءِ ساڍا ٽيرهن هزار اسمن، صفتن ۽ ظرفن جي ڏسٽي بہ شامل آهي. شروعات ۾ پبلشر پاران نوٽ، اداري جي چيئرمين نور احمد ميمڻ لکيو آهي. جڏهن تہ ’مرتب پاران‘ سري هيٺ مرتب جا ويچار ڏنا ويا آهن. هن رسالي ۾ بيتن کي الف ب وار ترتيب ۽ بيتن جي ڏسٽي، پوءِ واين جي الف بي وار ترتيب ۽ ڏسٽي ڏار ڏنل آهي. دائود پوٽي، دراصل شاهہ جو هي الف بي وار رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ غلام محمد شاهواڻيءَ وارن رسالن تان پيٽي تيار ڪيو آهي. هن رسالي ۾ مرتب هر بيت جي هيٺان سر جو نالو ۽ داستان نمبر پڻ ڏنو آهي. تحقيق ڪندڙن لاءِ هي ڏسٽيءَ تي مشتمل رسالو نهايت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاپائتو آهي. ان لاءِ جو ترت گهربل بيت ۾ وائي يا وري گهربل موضوع تائين رسائي ڪرڻ ۾ وڏو مددگار ثابت ٿيو آهي.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو صاحب پنهنجي ٿيسز ۾ لکي ٿو تہ، هن رسالي جا ٻہ مقصد آهن. ”1. الف بي وار رسالو. 2. رسالي جي ڏسٽي.“ صفحي 15 کان 213 تائين الف بي وار رسالو ڏنل آهي ۽ صفحي 214 کان 411 تائين بيتن جي ڏسٽي ڏني وئي آهي. هن رسالي جون خاص خوبيون هي آهن. 1. لکت ۾ سامهون رکيل بيتن جي صورتخطي ۽ پڙهڻي، هي رسالو کولي سيڪنڊن ۾ پيتي وٺبي ۽ غلطيءَ جي صورت ۾ بيت يا وائي سڌاري سگهبي. 2. حوالي جي طور ڪنهن بہ مضمون يا لکت ۾ ڪوبہ بيت شامل ڪرڻو هوندو تہ، ڏسٽي مان ان نسبت جو لفظ ڏسي بيت تائين آسانيءَ سان پهچي سگهبو يا ڪنهن بہ بيت جو ڪوبہ هڪ لفظ، سٽ يا اڌ سٽ ذهن ۾ هرندڙ هوندي تہ ڏسٽي جي مدد سان ترت اهو مڪمل بيت ڏسي حوالي ۾ ڪم آڻي سگهبو. 3. ڪنهن بہ بيت لاءِ سر ۽ داستان جو حوالو جلدي ڳولي سگهبو. 4. ڪنهن بہ موضوع جي حوالي سان بيتن ڳولڻ ۾ آساني ٿيندي.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ جي ڳالهہ بلڪل سورنهن آنا صحيح آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڪوئيز پروگرام پڇن سي پسن، ريڊيو پاڪستان خيرپور جي پروگرام پرک، ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي پروگرام پڙهو ۽ پرايو، ريڊيو پاڪستان ڀٽ شاهہ جي پروگرام آنڌائون عميق مان ۽ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي پروگرام ”چاڻ خزانو“ ۾ ڪڏهن ڪڏهن لطيف سائين جي بيت جي هڪ سٽ سوال طور ڏئي ان ۾ بيت مڪمل ۽ سر جو نالو پڇندا آهن. تہ اسان جا 200 ريڊيو لسنر هن رسالي جي مدد سان مڪمل بيت ۽ سر آسانيءَ سان ڳولي لهندا آهن.

هيءُ پهريون الف. بي وار مڪمل رسالو جنهن کي سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ڇاپو پهريون 1994ع، ڇاپو ٻيو 2001ع، ڇاپو ٽيون 2004ع، ڇاپو چوٿون 2009ع ۽ ڇاپو پنجون 2013ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. (رسالي تي چوٿون ڇاپو 2013ع لکيل آهي.)

الف. ب. وار شاهہ جي رسالي 2001ع واري ڇاپي ۾ بيتن ۽ واين جو سٽاءُ هن ريت آهي:

آ. ا. الف سان شروع ٿيندڙ بيتن جو تعداد 387 بيت. ب. 22 بيت. ٻ. 41 بيت. پ 48. ت 120 بيت. ٿ 16 بيت. ٽ 5 بيت. ٺ 1 بيت. ث 1 بيت. پ 191 بيت. ج 301 بيت. ڄ 10 بيت. جهہ 20 بيت. ڃ 77 بيت. چ 19 بيت. ح 19 بيت. خ 2 بيت. د 36 بيت. ڌ 10 بيت. ڏ 109 بيت. ڊ 10 بيت. ذ 1 بيت. ر 68 بيت. ز 2 بيت. س 336 بيت. ش 4 بيت. ص 18 بيت. ط 7 بيت. ظ 1 بيت. ع 34 بيت. غ 1 بيت. ف 3 بيت. ڦ 2 بيت. ق 15 بيت. ڪ 314 بيت. ک 49 بيت. گ 27 بيت. ڳ 18 بيت. گهہ 28 بيت. ل 75 بيت. م 255 بيت. ن 105 بيت. و 214 بيت. هہ 134 بيت. ي 2 بيت. ان ريت رسالي ۾ ڪُل 3158 بيت ڏنل آهن، جڏهن تہ پروفن جي نظر چڪ سبب بيتن تي نمبرنگ غلط ٿيل آهي. ان جو ذڪر مرتب رسالي جي منڍ ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ 20 بيتن جي نمبرنگ ۾ غلطي آهي، جڏهن تہ ڪجهہ بيتن ۾ وري بيت جي پد جي اڳتي يا پٺتي هجڻ جي ڪري بہ ڪي بيت ٻيهر ڏنل آهن، هن ڇاپي ۾ الف. ب. وار ڪل 200 وايون ڏنل آهن انهن جي ڏسٽي بہ گڏوگڏ ڏنل آهي.

پروفيسر عبدالغفار شاعري تہ تمام ٿورڙي ڪئي آهي. پر ڀٽائي گهوٽ سان عقيدت جو اظهار ڪندي، ڏسو تہ ڪيڏي نہ مهڪار پيو وکيري:

## گهوٽ پيٽائي

گهوٽ پيٽائي، سنڌ جا والي،
سنڌ ڌرتي آ باغ، تون مالهي،
تو سان ساري سنڌڙي سائي،
گهوٽ پيٽائي، گهوٽ پيٽائي!

گهر گهر تنهنجا گيت ٿا ڳائن،
بيت ٻـ تنهنجا سرڏن آهن،
هر هڪ وات آ تنهنجي وائي،
گهوٽ پيٽائي، گهوٽ پيٽائي!

لاٽيون تنهنجيون لالڻ گهر گهر ،
جهانگي ٿا جهونگارن جهنگ جهر ،
تنهنجا بيت ۽ تنهنجي وائي،
گهوٽ پيٽائي، گهوٽ پيٽائي!

تنهنجو ميهر ، عمر ، پنهل،
تنهنجو راڻو، تنهنجي مومل،
تنهنجي سسئي، سهڻي ٻائي،
گهوٽ پيٽائي، گهوٽ پيٽائي!

سنڌين جو تون آهين ساٿي،
ڏس ڏک ۾ تون پائج جهاتي،
توسان ٿيندي سوڀ سٺائي،
گهوٽ پيٽائي، گهوٽ پيٽائي!

پروفيسر عبدالغفار گوهر ۽ ڊاڪٽر محمد عالم صاحب جي الف. بي وار شاهه جي رسالي جي ترتيب جي مقبوليت کي مدي نظر رکندي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي الف. بي وار شاهه جي يارنهن رسالن جي ڏسڻي، ترتيب ڏئي ”شاهه جو رسالو ڪشف الابيات“ عنوان سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي ڇاپو پهريون، سيپٽمبر 1995ع ۾ شايع ڪرايو. تنهن بعد نوجوان اديبن ۽ اسڪالرن صفدر حسين مرزا ۽ شوڪت حسين چاچڙ صاحب، شاهه جو رسالو، گنج الف. بي وار ترتيب ڏنو. جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ،ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي 2012ع ۾ شايع ڪيو. ان نظريعي سان ڏنو وڃي تـ لطيفيات بابت هڪ نئون خيال ”آئيڊيا“ ۽ عمل جي منفرد اپروچ مطابق جيڪڏهن سائين عبدالغفار جي ذهن ۾ اهڙو خاڪو نـ جڙي ها، تـ اهڙو ڪم شايد اڳتي نـ وڌي سگهي ها. ان مان سندس تخليقي صلاحيتن ۽ زرخيز ذهن هجڻ جي پروڙ پوي ٿي، جنهن جي قوهه جوانيءَ ۾ ڪيل شاهه لطيف جي ڪلام تي ڏنل نئين ترتيب نـ فقط سنڌ ۽ هند پر پوري دنيا ۾ لطيف شناسيءَ ۾ وڏو واڌارو ڪيو آهي اهو لطيفيات تي ڪيل ڪم سنڌي ادب جي تاريخ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي جاري ترقيءَ ۾ هڪ حصيداري طور هميشہ هميشہ بهترين لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو ۽ سونهري لفظن ۾ لکيو ويندو. بس! ايترو ئي تـ: هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو.

# ڊاڪٽر بدر ڏامراهو

مشهور ليکڪ، تنقيد نگار، مقالا نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاهه جي شيدائي استاد بدر الدين جو مختصر تعارف هن ريت آهي. نالو بدرالدين ولد عبدالمجيد ڏامراهو. جنم 15 ڊسمبر 1961ع / جمع 7 رجب 1381هه ۾ ڏامراها تعلقو ۽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ادبي دنيا ۾ 1980ع ۾ پير پاتائين. مئٽرڪ: 1977ع ۾ ڏامراها مان ۽ انٽر 1979ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان ۽ بي. ايس. سي 1981ع ۾ ۽ ايم. اي. سنڌي 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. ايم. فل، شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور 1996ع. موضوع "سنڌي ادبي جماعتون ۽ اشاعتي ادارا". پي. ايڇ. ڊي. موضوع "ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ادبي خدمتن جو تحقيقي جائزو". رهبر ڊاڪٽر ادل سومرو سال 2014ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور مان ڪيائين. ڊاڪٽر بدر صاحب جو لکڻ پڙهڻ سان بيحد لڳاءُ آهي. سندس مختلف موضوعن تي مضمون مقالا شايع ٿيل آهن. جن مان چونڊ هيٺ ڏجن ٿا.

مقالو، شاهه جي رسالي ۾ وليون، وڻ ۽ ٻوٽا، ڀٽائي (تحقيقي جرنل) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ڇاپو ڀهريون 1995ع. شاهه جي رسالي جا وڻ ٽڻ ۽ پکي پکڻ، ڪتاب. شاهه ۽ سنڌ (جلد پهريون) سهيڙيندڙ. ڊاڪٽر فهميده حسين، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون، مئي 1998ع. ۽ ڀيج ڀٽائي مئگزين، حيدرآباد، جنوري 2012ع. شاهه لطيف جو سائنسي شعور، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 2003ع. سر ديسيءَ جا مبهم ڪردار، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، مارچ 2005ع. ساڳيو مقالو ڪتاب "ديسي سيڻ ڪجن" ۾ شايع ٿيس. شاهه جي رسالي ۾ وراڻ يا تڪرار جي سٽاء، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون ۽ سيپٽمبر 2006ع. سر ڪوهياريءَ ۾ وراڻ جي سٽاء، ڪتاب. سر ڪوهياري، مرتب. منظور احمد قناصرو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، فيبروري 2007ع. ۽ ڀيج ڀٽائي مئگزين، نومبر 2016ع ۾ شايع ٿيس. "شاهه عبداللطيف ڀٽائي انسائيڪلو پيڊيا" تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو، رسالو تخيل، ايڊيٽر. بشير احمد هيسباڻي، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ، اپريل، جون 2018ع.

سندس ڇپيل ۽ اڻڇپيل مواد جو تفصيل، 110 مقالا، 16 ڪهاڻيون ۽ 16 ڪتاب جيڪي ادبي تحقيق، تنقيد، لغت، تاريخ ۽ ڪجهه درسي ڪتاب ۽ شاهه سائينءَ تي ڇپيل پهرين انسائيڪلوپيڊيا "لطيفي انسائيڪلوپيڊيا" قابل ذڪر آهن. هن "لطيفي تلميحون" عنوان سان هڪ ضخيم ڪتاب تيار ڪيو آهي. جيڪو ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي. ڊاڪٽر صاحب جي شايع ٿيل ڪتابن مان ڪجهه چونڊ ڪتابن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

ڪتاب "سنسڪرت ـ سنڌي لغت" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2008ع. ڪيس هن ڪتاب تي بهترين تحقيقي ڪتاب طور سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۽ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران اوارڊ ۽ ڏار ڏار 25000 رپين جو انعام مليل چڪو آهي. هن ايم. اي جي سنڌي شاگردن لاءِ سنڌي ادب لسانيات، سنڌي لوڪ ادب، سنڌي جديد ادب، سنڌي ادب مضمون، لطيفيات،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف شخصيات تي انمول ڪتاب لکيا آهن. سندس ڪتاب ”لاڪيٽو لطيف“ ايم. اي جي شاگردن لاءِ رهبر طور ثابت ٿيو آهي.

ڪتاب. لاڪيٽو لطيف، ڪانيا واڙ اسٽورس لاڙڪاڻو/ڪراچي، ڇاپو پهريون 97 - 1996ع. ڪتاب ۾ ڏنل سٽاءُ: ٻه اکر. مهاڳ. حصو پهريون (مختلف سرن جو جائزو). 1. سرڪلياڻ. 2. سرکنڀات. 3. سرسريراڳ. 4. سرساموندي. 5. سرسهڻي. 6. سرسسئي آبري. 7. سرمعذوري. 8. سرحُسيني. 9. سرمارئي. 10. سرسارنگ. 11. سرڏهر. 12. سربلاول. حصو ٻيو (شاهه جي رسالي جو اڀياس). 1. شاهه جي رسالي جي سهيڙ. 2. رسالي جي مختلف ڇاپن جو جائزو. 3. شاهه جي شاعريءَ جون فني ۽ ادبي خوبيون. 4. شاهه جي ڪلام ۾ تشبيهون. 5. شاهه جي رسالي ۾ وليون، وڻ ۽ ٻوٽا. 6. شاهه جي رسالي ۾ وراڻ جو اڀياس. 7. شاهه جي ڪلام ۾ صنعت ۽ واپار جو ذڪر. 8. شاهه جو آفاقي ڪردار. حصو ٽيون (تقابلي مطالعو). 1. شاهه لطيف جون سنڌ جي بزرگن سان ملاقاتون. 2. قاضي قادن ۽ شاهه لطيف. 3. شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف. 4. مخدوم محمد معين ۽ شاهه لطيف. 5. شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه لطيف. 6. شاهه لطيف ۽ شاهه عنايت رضوي. 7. خواجه محمد زمان ۽ شاهه لطيف. 8. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۽ شاهه لطيف. حصو چوٿون (لطيفيات جو تنقيدي جائزو) -شاهه جون آڪاٽيون: چيتنمل پرسرام. لطيفي سٿر: ڪاڪو ڀيرومل. شاهه جي رسالي جو مطالعو. ڀٽ جو شاهه_ ايچ_ ٽي سورلي.

ڪتاب: لطيفي انسائيڪلو پيڊيا، روشني پبليڪيشن، ڇاپو پهريون 2007ع، ارپنا: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي نانءُ. پيش لفظ: بدر ڌامراهو 6 جون 1999ع ۾ لکيو. ڪتاب ۾ ڏنل فهرست: باب پهريون: شاهه جي شاعريءَ ۾ وڻ، ٽڻ، ميوا ۽ اناج : -اَڪُ، آراڙي، ٿوهر، پان، پون، توهه، جَرُ، جمر، جائو، ڇيهو، ڏاڙهون، ڏونرا، ڊامڻ، ساڏوهي، سائون، سَرُ، سيارچ، ڦنگيون (ڪنيپون)، ڦوٽا، ڦرهه، ڦوڳ، ڪانڊيرو، ڪانهه، ڪرڙ، ڪُسر، ڪافور، ڪنول، ڪوٽيون، ڪوڏر، ڪنڊي، ڪاٺونبا، ڪارڪون، ڪه، گگريون، گلاب، گولاڙو، گوندا، ڳنڊير، لاٽي، للر، لنب، لوهيڙا، لوت، ليار، مرت، مڪٽي، ووئڻ. باب ٻيون: شاهه جي شاعريءَ ۾ پکي پکڻ : - آڙي، اڙ (ارون)، باز، ٻگهه، ٻاٻيهو، ٽاڙو، ٽتر، چٻ، چتون، ڇيهو، سيچاٽو، شڪرو، ڪبوتر، ڪوئل، ڪنگ، ڪانيرو، ڪونج، ڪانگ، ڳجهه، مور، هدهد، هنج، هماءُ. باب ٽيون: شاهه جي شاعريءَ ۾ چوپايا جانور : -اُٺ، ٻوٽو، ٻور، ٽوڏو، پربت، جماز، چانگو، ڏاگهو، شتر، روڏو، دوئڪ، ڪرهو، ڪرهل، ڪنوات، گنگو، گونگو، گورو، ليڙو، مهري، ميو، ناقو، ٻڪر، جنبو، ڏاند (ڍگو، ٻڙد)، روجهه، سرهه، ڪتو، ڪيسر، ڪيهر، مرون، هاٿي، هرڻ. باب چوٿون: شاهه جي شاعريءَ ۾ جيت جڻيا ۽ بلائون : -اڏوهي، پؤنر، پتنگ، جيون، چيڙ، سِپ، ڪيڙ، هنڊوو، مانگر مڇ، نانگ، ڪاريهر، واسينگ، ڪَپُرُ، واڳون. باب پنجون: شاهه جي رسالي ۾ الله پاڪ ۽ ان جي پيغمبرن ۽ پنجتن پاڪ جو ذڪر : -احد، جبار، جليل، خالق، رب، رباني، رازق، الرحمان، رحيم، سُبحان، ستار، سميع، عليم، فائق، قادر، قهار، حضرت محمدﷺ، احمد، آدم، آذر، حسن رضہ، حسين رضہ، داؤد عليه السلام، علي رضہ، موسيٰ عليه السلام. باب ڇهون: شاهه جي شاعريءَ ۾ سورما ۽ سورميون : -ابڙو اڙٻنگ، ابڙو اگهام، ٻيجل، ٻنرو ٻداماٽي، پنهل، جاني، جسودن، جسو ۽ جسراج، چام اوڍر سمون، چام تماچي، چام جکرو ڳهڙ راءِ، چام جکرو اوڍاٽي، چام راهو، چام ڪرن، چنبيلي، چنيسر، دولت، ڏونگر راءِ سمون، راول، رٽمل، راٿو، راءِ ڏياچ، سپڙ

چام، سنگھار، صالح، عنايت ڏيرو، علاؤالدين، عمر سومرو، سسئي، سورٺ، سھٽي، سکر، ڪؤنرو، گلبوءِ، لاکو ڦلاڻي، ليلا، مارئي، متارا، مومل، ميھار، ناٿ، نوري. باب ستون: شاھ جي رسالي ۾ پورھيت : ـ آڳڙيا، اوڏ، ڏراڙ (ڏنار)، پرٽ (ڌوٻي)، ڪاتب، سونھون، صراف، غواص، ڪاپائتي، ڪنڀار، ڪوري، لھار (لوھار)، ملاح، مھاڻا، واڍا، وڻجارا، ھاري. باب اٺون: شاھ جي شاعريءَ ۾ ذاتيون : ـ اوڏ، برھمڻ، ٻروچ، جت، راھوجا، سما، ريباري، سومرا، ملاح، وانڍي. باب نائون: شاھ جي رسالي ۾ جوڳي فقير : ـ آديسي، آڌوتي، اگوري، بيکاري، ڀيوتي، جوڳي، سامي، سنياسي، ڪاپڙي، ڪن پٽ ۽ ڪن چير، ڪنوٽيا/ ڪنوٽي، ڪاھوڙي، گودڙيا، لانگوٽيا، لاھوتي، مھيسي، نانگا، ويراڳي (بيراڳي). باب ڏھون: شاھ جي رسالي ۾ ھٿيار :ـ ڀالو، تبر، تلوار، تنڪ، تير، بان، تنگر، پيلو، لوري، لوھ، ڀاڪر، خنجر، ڪات، ڪاتي، ڪان، ڪُند، ڪنگول، ڪمان، ڪير، ھول. باب يارھون: شاھ جي شاعريءَ ۾ ماڳ مڪان، ڍنڍيون، ڍورا ۽ درياءَ : ـ استنبول، ٻَڪار، بيڪانير، ٻَلھار، ٻني، ٻيلو، ڀُڄ، ڀنڀور، ٿَر، پاندر، پائر، پٽيھل، پراڻ، پور بندر، جر، جيسلمير، جھونا ڳڙھ، چوٽاڻو، حب ندي، دڪن، دوارڪا، دھلي، ڏھر، ڍٽ، ڍورو، سانگاھ درياءُ، سمر قند، سورٺ، طورسينا، عرفات، عمر ڪوٽ، قلات، قنڌار، ڪابل، ڪاڪ محل، ڪاڪ ندي، ڪڇ، ڪلاچي، ڪوھيار، ڪينجھر، ڪاروڙي، لريڻ، ڪنيات، گرنار، گڙنگ، گنجو ٽڪر، گھاڙي، لاھوت، لڏاڻو، لنڪا (سلون)، لوٽي، مڪو، ملير، مھراڻ درياءُ، ناني، وَٽ، ولھار، ويڙھي جھپ، وندر، ھاڙھو، ھبو، ھالار، ھڏاڪٽ، ھنگلاج، ھنگلور، وڻڪار. باب ٻارھون: شاھ جي شاعريءَ ۾ رنگن جو استعمال : ـ اڇو رنگ، پيلو رنگ، ڏاڇو رنگ، سائو رنگ، ڪارو رنگ، ڳاڙھو رنگ، گيڙو رنگ، نيرو رنگ.

شاھ جي ڪجھ مختلف رسالن ڪتابن جي مطالعي بعد (راقم الحروف) ڪي ھيٺئين چاڻ ملي آھي. ان تي ڊاڪٽر بدر صاحب ٻيھر ڪم ڪري تہ سندس وڏا وڙ ٿيندا.

1. وڻ ٽڻ ميوا ۽ اناج :ـ ٻاجھر، ڪارا ڪبڙ، سگر سر مارئي ۾ ـ مڪ، مانڌاڻو، ميھا، چيڙ سر سارنگ ۾. 2. پکي پکڻ :ـ جھرڪي، ڪاپائتي ۾ سر آسا ۾. چمڙو، ڪبر سر ڏھر ۾. مالاري سسئي آبري ۾. سرڻ. 3. چوپايا جانور :ـ خچر، گڏھ، سھو، شينھن، سر معذوري ۾. 4. پورھيت :ـ شيشي سازي، وينجھار، رنگوٽي، ڪشتيبان، قاضي، معلم، ويڄ، طبيب، ڏٿ ڏورينڊڙ ڪاھوڙي، فرنگي، ملان، جوڳي، سامي، سنياسي، پير، مريد، چارڻ، مگڻھار. 5. رسالي ۾ ھٿيار :ـ بندوق، ڍال، ڇٽيون، سينگ. 6. شاعريءَ ۾ ماڳ مڪان :ـ ڪوفو، ڪربلا، ڪشمير. 7. عنوان، شاھ جي شاعريءَ ۾ سورما ۽ سورميون: موکي.

لطيفي انسائيڪلو پيڊيا کي ٻيھر سنواري سڌاري شايع ڪرڻ وقت جي ضرورت آھي. ھيءُ تمام اوکو ڪم ھئو. جيڪو ڊاڪٽر بدر صاحب بنيادي ڪم ڪري اڳتي تحقيق جو گس ڏسيو آھي. ھيءَ ”لطيفي انسائيڪلوپيڊيا“ شاھ سائينءَ جي رسالي جي پھرين انسائيڪلوپيڊيا آھي. ڊاڪٽر صاحب ھن ڪم تي جس لھڻي.

# ڊاڪٽر غفور ميمڻ

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ولد محمد اسماعيل ميمڻ، لاڙ جي شهر دڙي، ضلعي ٽنڊي (هاٽوڪي ضلعي سجاول) ۾، 25 آگسٽ 1962ع / چنڇر 24 ربيع الاول 1382هه ۾ جنم ورتو. مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. انٽر گورنمينٽ ڪاليج سجاول مان ڪرڻ بعد، هن وڏي جفاڪشي ڪان پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم. اي. (سنڌي) 1992ع ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ حاصل ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيو. هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان فلسفي ۾ پڻ ايم. اي. ڪئي. 1995ع ۾ پي. ايڇ. ڊي ۾ رجسٽر ٿيو. جتان 2000ع ۾ پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين جي رهنمائيءَ ۾ ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“ تي ٿيسز لکي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري ورتائين. (پي. ايڇ. ڊي جو سال ڪجهه ڪتاب ۾ 2001ع لکيل آهي.) ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ اسٽيل مِل جي تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان پنجن سالن تائين پڙهائيندو رهيو. پوءِ شاهه لطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ۾ ريسرچ آفيسر جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. انهيءَ دوران 2001ع ۾ پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار ٿيو. پر ڪنهن اسٽي آڊر وٺي ڪيس جوائن ڪرڻ نه ڏنو. ان وچ ۾ سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي ۾ ليڪچرار لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪيائين. پر پوسٽنگ سانگهڙ ۾ ملڻ جي ڪري نوڪري جوائن نه ڪيائين. آخر 2003ع ۾ ڪيس ختم ٿيڻ ۽ اسٽي خارج ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو. 2014ع ۾ سليڪشن بورڊ مان ڪاميابي ماڻي پروفيسر جي عهدي تي پهتو. ساڳئي سال پاڻ سنڌي شعبي جو چيئرمئن ٿيو. آڪٽوبر 2016ع ۾ ثقافت کاتي سنڌ جي سرچ ڪاميٽيءَ ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري لاءِ چيئرمئن چونڊيو ۽ وزيراعليٰ سنڌ کي سفارشون موڪليون. جتان ڪيس آڊر ملڻ جي نتيجي ۾ پاڻ 14 آڪٽوبر 2016ع تي چيئرمئن مقرر ٿيو.

سندس لکڻين جو موضوع تصوف، نفسيات، فلسفو، ادبي تحريڪون، ادبي تنقيد، شاهه لطيف، لسانيات ۽ سماجي ۽ سياسي اڀياس آهن. پاڻ هڪ ئي وقت ڪالم نويس، مضمون نگار، ڪهاڻيڪار ۽ محقق رهيو آهي. پاڻ 50 کان وڌيڪ مختلف ڪتابن جا مقدما پڻ لکيا اٿس. ڊاڪٽر صاحب هن وقت ڪيترن ئي جرنلن جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ شامل آهي. ساڳئي وقت ايڇ. اي. سي جي سنڌي نصابي ڪاميٽي جو ڪنوينر آهي. علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ۾ پاڪستاني ٻولين جي شعبي ۾ نصابي ڪاميٽيءَ جي ميمبر سان گڏ ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊيءَ جو ٽيوٽر ۽ سيني يونيورسٽين جي سنڌي ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي ٿيسز جو examiner آهي. پاڻ 2017ع کان ٻن سالن لاءِ بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر آهي. 2018ع کان پاڻ مرزا قليچ بيگ چيئر، يونيورسٽي آف سنڌ ڄام شورو جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر آهي.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ صاحب جا لکيل ڪتاب. جن ۾ 1. جتي نينهن اڇل (ڪهاڻين جو مجموعو: 1995ع). 2. ڪتاب. سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر (پي. ايڇ. ڊي ٿيسز) شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون، فيبروري 2002ع. هن ڪتاب ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪل چار باب ڏنل آهن. هن جو ٻيو ايڊيشن 2017ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپايو ويو. 3. گلدستو (نصابي ڪتاب: 2004ع). 4. انسان، سماج ۽ فطرت (سماجي، فڪري ۽ نفسياتي مضمونن تي ٻڌل ڪتاب: 2005ع). 5. شاهه لطيف جا فڪري رخ (تحقيق: 2015ع). 6. جديديت پڇاڙان (تنقيد: 2016ع). 7. سنڌي سماج، نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾ (نفسيات جي موضوع تي ڪتاب: 2017ع) ۾ شايع ٿيس. ڊاڪٽر صاحب ادبي خدمتن جي مڃتا ۾ ڪيترين ئي شيلڊون، ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري چڪو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جا 40 کان مٿي تحقيقي مقالا مختلف جرنلن ۾ ڇپجي چڪا آهن. مختلف موضوعن تي 200 کان وڌيڪ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ ڪيترين ئي قومي ڪانفرنسون ۽ سيمينار منعقد ڪرايا اٿس ۽ ڪيترين ئي بين الاقوامي ۽ قومي ڪانفرنسن ۾ تحقيقي مقالا پڙهي چڪو آهي. سندس مقالا ۽ ليڪچر سنڌي ادب جو اثاثو آهن. سندس هڪ ليڪچر مان خاص جملا هيٺ ڏجن ٿا.

پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم، سنڌالاجيءَ ۾ 24 آگسٽ 2017ع تي ”عالمي تناظر ۾ شاهه جو تصوف ۽ ان جا سنڌي سماج تي اثر“ عنوان تي ليڪچر ڏيندي ڊاڪٽر صاحب چيو ته، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ پڻ پاڻ سڃاڻڻ جي ڳالهه آهي. هن جي فلسفي ۾ ڪٿي به دنيا کي ترڪ ڪرڻ جي ڳالهه ناهي. شاهه سائين جو تصوف اهو آهي ته، دنيا کي سمجهي ان ۾ پير پائڻو آهي.

ان کان علاوه سندس هيٺيان مضمون، مقالا به شاهه سائين جي فن، فڪر ۽ فلسفي تي سهڻي نموني سرجيل آهن.

شاهه عبداللطيف ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 1999ع. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ علم جو فلسفو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2000ع. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڏک جو فلسفو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 2000ع. ساڳيو مقالو، ڪتاب. اول الله عليم (سنڌي. اردو، خاص اشاعت) مرتب. گل حسن عارباڻي، اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ، مئي 2001ع ۾ ڪتاب. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال، ترتيب ۽ تدوين. ڊاڪٽر فياض لطيف، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو ڇهريون، 2017ع ۾ به شايع ٿيس. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جو فلسفو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو ڇهريون، مارچ 2002ع ۾ ۽ ساڳيو مقالو، ڪتاب. امرتا (شاهه لطيف نمبر) مرتب ۽ ايڊيٽر. فقير محمد ڍول، گاڏي کاتو حيدرآباد، آڪٽوبر 2010ع/ مارچ 2011ع ۾ شايع ٿيس. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ زمان ۽ مڪان جو فلسفو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو ڇهريون، جون 2002ع ۾ ۽ ساڳيو مقالو، ڪتاب. شاهه جي ساڃاهه، سهيڙيندڙ. ماستر حيدر بخش هڪڙو، مهراڻ پبليڪيشن، گلشن معمار ڪراچي، ڇاپو ڇهريون جنوري 2010ع ۾ شايع ٿيس. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڳاڙهي رنگ جو اپياس، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مارچ 2003ع. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تقدير ۽ تدبير جو فلسفو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2003ع ۾ ۽ ساڳيو مقالو، ڪتاب. سر مومل راڻو، مرتب. تاج جويو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو ڇهريون، اپريل 2004ع ۾ به شايع ٿيس. شاهه لطيف جي شاعريءَ جا تحقيقي رخ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، مارچ 2005ع. جمالياتي تنقيد، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2006ع. شاهه لطيف جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعريءَ ۾ پيار جو فلسفو، ڪتاب. اگهيا سُت سندا، مرتب. ڊاڪٽر نور افروز خواجہ، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، ڇاپو پهريون، آگسٽ 2007ع. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ رينڊم ۽ ريگيولر ٿيورين جو عڪس، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، سيپٽمبر 2008ع. شاهہ لطيف ۽ سندس ڪردارن جون ذهني ڪيفيتون، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ، ڪراچي يونيورسٽي، ڊسمبر 2009ع. شاهہ جو ڪامل انسان، ڪتاب، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق، سهيڙيندڙ ، پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ڇپائيندڙ ، ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون، مئي 2012ع. شاهہ ڪريم جي شاعريءَ جو فڪري پسمنظر، ڪتاب. سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو شاهہ ڪريم، سهيڙيندڙ. رکيل موريائي، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، ڊسمبر 2012ع. شاهہ جي شاعريءَ ۾ تڪراري لفظن جو اپياس، تحقيقي جرنل ڪلياڻ، شمارو پهريون. وحدت کان وحدت الوجود تائين، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ، ڪراچي يونيورسٽي، جون 2013ع. ما بعد جديديت (جديديت پڄاڻان) ۽ صوفي مت (شاهہ جي شاعريءَ جي پس منظر ۽ پيش منظر ۾) ڪارونجهر (تحقيقي جرنل) ڇپائيندڙ، وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، عبدالحق ڪئمپس ڪراچي، جون 2015ع. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ وجدانيت جو فلسفو، ڇهہ ماهي سنڌي ٻولي (تحقيقي جرنل) سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، جون 2016ع. شاهہ لطيف: انسانيت جو شاعر ، ڪينجهر (تحقيقي جرنل. شمارو. 19) سال 2016ع ۾ ۽ ساڳيو مضمون، ساليانو سنڌي ادب، ايڊيٽر. ڊاڪٽر اسحاق سميجو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 2019ع ۾ شايع ٿيس.

ڊاڪٽر صاحب جو شاهہ سائين متعلق لکيل ڪتاب، ”شاهہ لطيف جا فڪري رخ“ جي ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.

ڪتاب. شاهہ لطيف جا فڪري رخ، سهيڙ ۽ ترتيب. ڊاڪٽر غفور ميمڻ، سوجهرو پبليڪيشن ڪراچي، ڇاپو پهريون، جنوري 2015ع. ڪتاب ۾ ڏنل وچور: ليکڪ پاران، ڊاڪٽر غفور ميمڻ، 12 ڊسمبر 2014ع. مهاڳ: تاج بلوچ، 7 ڊسمبر 2014ع ۾ لکيو. 1. شاهہ لطيف جو مابعد الطبعياتي تصور. 2.شاهہ جو ڪامل انسان. 3. شاهہ وٽ زمان ۽ مڪان جو فلسفو. 4. شاهہ جي ڪردارن جون ذهني ڪيفيتون. 5. رينڊم ۽ ريگيولر ٿيوريز. 6. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ پيار جو فلسفو. 7. شاهہ لطيف جا فڪري رخ. 8. شاهہ جي شاعري ۾ ڏک جو فلسفو. 9. شاهہ جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جو فلسفو. 10. شاهہ جي شاعريءَ جا تحقيقي رخ. 11. شاهہ ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر. 12. شاهہ وٽ عورت. 13. وحدت ۽ وجودي وحدت.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب، مٿئين ڪتاب ۾ شاهہ سائينءَ تي سائنسي حوالي سان جديد علمن ۽ فلسفن جي روشنيءَ ۾ لاجواب ڪم ڪيو آهي.

ڪتاب. شاهہ لطيف جا فڪري رخ، ص. 181 تي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ، شاهہ لطيف جي گهڻن داستانن جي سورمي عورت آهي ۽ شاهہ شاعريءَ ۾ پاڻ کي بہ عورت بڻجي ڳايو آهي ۽ مخاطب بہ عورتن کي ٿيو آهي. شاهہ جي شاعريءَ جو سفر ”اديون عبداللطيف چئي“ کان شروع ٿي ”لالئون لال لطيف چئي“ تي ختم ٿئي ٿو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پروفيسر علي راز شر

نامور اديب، ڊراما نگار، ڪهاڻيڪار ، نيوز ڪاسٽر ، شاهه جو پارکو، استاد علي راز شر ولد غلام علي شر ، پهرين جنوري 1966ع تي ڳوٺ محمد زمان شر، تعلقي ناري، ضلعي خيرپور ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان، مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نري ميرواهه مان 1981ع ۾، انٽر گورنمينٽ ممتاز ڪاليج خيرپور مان 1984ع ، بي. اي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان 1986ع ۾، ايم. اي. اڪانامڪس ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان 1988ع ۾ ۽ ايم. اي (سنڌي) ڪراچي يونيورسٽيءَ مان 1991ع ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. جنهن تي کيس گولڊ ميڊل پڻ مليو. علي راز شر پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1994ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور ڪئي. 1997ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. جتي 2005ع تائين خدمتون سرانجام ڏنائين. جنهن بعد ملير ڪينٽ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ 2005ع کان 2006ع تائين خدمتون سرانجام ڏنائين. 2006ع ۾ تعليم کاتي جي صوبائي وزير جو پي. آر. او مقرر ٿيو. جتي 2007ع تائين رهيو. جنهن بعد 2007ع کان 2008ع تائين اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نان فارمل ايجوڪيشن رهيو. هيءُ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچيءَ تي 1998ع کان 2005ع تائين سنڌيءَ جو نيوز ڪاسٽر رهيو ۽ پوءِ پي. ٽي. وي تي هفتيوار ادبي پروگرام ”ادبيات“ جو 2000ع کان 2002ع تائين ميزبان رهيو. سندس ڪيترائي ڊراما پي. ٽي. وي سميت مختلف سنڌي چئنلن تان نشر ٿيندا رهن ٿا. سندس مشهور ڊرامن ۾ پي. ٽي. وي تان مور جا پر، ڪيمو فلاج، امام دين درزي وغيره قابل ذڪر آهن.

سندس ڇپيل ڪتابن ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري (تحقيق: 1994ع)، گئلريءَ مان ڪريل وجود (ڪهاڻيون: 2004ع)، تهذيب جي ارتقا (ترجمو: 2005) ۽ جرنل سنڌي رهنما (سنڌي ادب: 2004ع) قابل ذڪر آهن. کيس ڪيترائي اوارڊ مليا آهن. جن ۾ ڪراچي يونيورسٽي پاران گولڊ ميڊل (1991ع)، پي. ٽي. وي طرفان بهترين ڊراما نگار (2008ع)، ايم. بي سميجو اوارڊ (2008ع)، سنڌ حڪومت پاران بهترين استاد اوارڊ (2006ع)، ماهوار پرک مئگزين طرفان بهترين ليکڪ اوارڊ (2016ع) ۽ ٻيا قابل ذڪر آهن. هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي ۽ گورنمينٽ اسلاميه ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي.

ڪتاب. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري (ايم اي سنڌي آخري سال لاءِ لکيل تحقيقي مونوگراف) نگران ڊاڪٽر نواز علي شوق، مشعل اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون، 15 جنوري 1994ع. مونو گراف جو اسڪيچ گل محمد کتري ڏنو. هن ڪتاب جي فهرست: ٻه اکر ڊاڪٽر نواز علي شوق. پنهنجي پاران راز شر ، 15 جنوري 1994ع. باب پهريون. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح عمري. باب ٻيو. شاعري ڇا آهي؟ باب ٽيون. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جون خوبيون. باب چوٿون. منظر نگاري. باب پنجون. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري. هن عنوان ۾ شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي منظر چٽيا آهن. انهن تي سائين راز شر ، منظر نگاري جا 6 قسم تفصيل سان بيان ڪري پوءِ شاهه سائين جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسالي جي ٽيهن سرن مان پنهنجي ذات وسيلي بهترين تحقيق ڪري منظر نگاري جي حوالي سان تفصيلي بحث ڪيو آهي.

علي راز شر جا شاهه جي فن ۽ فڪر تي لکيل مضمون مقالن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا.

مقالو، اصطلاح ۽ شاهه لطيف جي شاعري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، مارچ 1999ع. شاهه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مئي 1999ع. خاڪ مٽي ڪا ٻان، ڪتاب. سر سورٺ، مرتب. تاج جويو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع. شاهه لطيف ثابت قدميءَ جو شاعر، ڪتاب. شاهه جي ساڃاهه، سهيڙيندڙ. ماستر حيدر بخش هڪڙو، مهراڻ پبليڪيشن گلشن معمار ڪراچي، ڇاپو پهريون جنوري 2010ع. شاهه لطيف تي هڪ نئين نظر، پيج ڀٽائي مئگزين، چيف نگران نور سنڌي، نومبر 2017ع.

علي راز شر صاحب مختلف ادبي گڏجاڻين ۾ شموليت اختيار ڪري لاجواب ليڪچر ڏيندو آهي. انهن ليڪچرن مان هڪ ليڪچر جو اقتباس هيٺ ڏجي ٿو.

سگا پاران روشن تارا اسڪول سچل ڳوٺ ۾ شاهه سائين جي عرس جي موقعي تي آچر 13 آڪٽوبر 2019ع تي عنوان ”پيغام شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ جي موضوع تي ليڪچر پروگرام منعقد ٿيو. جنهن ۾ ڪجهه اديبن پڻ ليڪچر ڏنا. ان موقعي تي پروفيسر علي راز شر چيو تہ شاهه لطيف جي شاعري پهرين ڪلاس کان گريجوئيشن تائين سليبس ۾ شامل هجڻ گهرجي. مستقبل جا معمار شاهه جي پيغام کي سمجهڻ چاهين ٿا. شاهه لطيف جي شاعري کي عقيدت ۽ مذهبي انداز سان پوڄڻ يا پڙهڻ بجاءِ عملي ۽ تحقيقي پهلوئن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ليڪچر پروگرام جي ڪاروائي سگا سچل شاخ جي جنرل سيڪريٽري محمد سليمان وساڻ هلائي.

# شڪيل احمد طاهري

شڪيل احمد جو مختصر تعارف: نالو: شڪيل احمد، ادبي نالو: شڪيل احمد طاهري. ولادت 2 جون 1966ع / بمطابق خميس 12 صفر 1386هه پڊعيدن، موجوده ضلعي، نوشهرو فيروز ۾ ٿي. سنڌس تعليم ايم. اي (اسلامڪ ڪلچر) آهي.

هن شاهه جي شيدائيءَ ”شاهه جو رسالو“ پنجابي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. جيڪو شاهه جي29 سرن جي چونڊ بيتن ۽ واين جي ترجمي تي مشتمل آهي. مترجم جيئن تہ نوابشاهه (موجوده شهيد بينظير آباد) ضلعي جي پڊعيدن واري علائقي ۾ ڄائو هو ۽ سنڌي زبان ۾ تعليم حاصل ڪئي هئائين. ان ڪري ڪيس سنڌي ٻوليءَ سان گڏ شاهه جي رسالي سان بہ اُنسيت رهي. هن ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي رسالي مان (شاهه جو رسالو) چونڊ ڪلام پنجابيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جيڪو پاڪستان پنجابي ادبي بورڊ، لاهور 1997ع ۾ شايع ڪيو. جنهن ۾ اشفاق احمد، ڊاڪٽر افتخار بخشي ۽ ارشاد گراميءَ جا رايا شامل آهن. هن شاهه جي مڪمل رسالي جو (شاهه جو رسالو دا مڪمل منظوم پنجابي ترجما) بہ ترجمو ڪيو آهي، جيڪو اڃان ڇپجي نہ سگهيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نور احمد جنجهي

نور احمد ولد غلام محمد جنجهي جو جنم ٿر پارڪرجي وڏي ڳوٺ وڪڙيو ۾ 30 نومبر 1968ع /چنچر 9 رمضان 1388ھ ۾ ٿيو. سنڌي زبان ۽ ادب ۾ ماسٽرس ۽ تعليم جي شعبي ۾ ماسٽرس جي سند رکندڙ، سنڌ جو هي نرالو ليکڪ جڏهن قلم کڻي ٿو تہ سندس لکڻين ۾ جتي نئين چاڻ اوتجي ٿي تتي نج نبار سنڌي ٻوليءَ جو واهپو سندس لکڻين کي لاکيڻو بنائي ڇڏين ٿيون. لسانيات، لوڪ ادب ، لطيفيات، سماجيات، تصوف، لغات نويسيءَ ، ترجمي ، تعليم ۽ سکيا جي ميدان کي 25 سال ارپيندڙ هي ٻهڳڻ ليکڪ جڏهن ٻوليءَ جي ميدان ۾ معنيٰ جا موتي پوئي ٿو تہ سندس منفرد انداز موهي ٿو.

لطيفيات تي ترقياتي اقتصاديات جي روشنيءَ ۾ جديد دنيا ۾ لطيف جي فڪر کي اجاڳرڪرڻ ۽ سنڌي نوجوان ۾ ان بابت جاڳرتا ۽ شعور بابت سندس ليڪچر سيريز بہ املھ علمي ڪم آهي. سنڌي سماج جي تحرڪ ۽ ان ۾ نوجوانن جي ڪردار ۽ ڳوٺن جي ماڻهن ۽ مسئلن بابت سندس لکڻيون ڪارائتيون آهن. لغات نويسي جي ميدان ۾ آڪسفرڊ يونيورسٽي پريس پاران تيار ڪيل بہ ٻوليائي لغاتن کانسواءِ سنڌي لئنگويج اٿارٽي پاران تيار ٿيندڙ مفصل سنڌي لغات بورڊ جي ميمبر طور سندس ڪم ساراهڻ جهڙو آهي. تصوف تي ڪبير، شاھ لطيف، شاھ ڪريم، ميران ٻائي، رومي، غلام محمد جنجهي، اعجاز سائين، خليفي نبي بخش لغاريءَ جي شاعري جي روشنيءَ ۾ ڪيل ڪم بہ پڙهڻ وٽان آهي. سنڌي، اردو، انگريزي، عربي، فارسي، ڍاٽڪي، هندي ٻوليون ڄاڻندڙ هن ليکڪ ترجمي جي ميدان ۾ ڪشني قلواڻي جي ڪتاب "راجستان جا ڳائجندڙ داستان" جو هندي ديوناگري لپيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي جيڪو تمام گهڻو مقبول ٿيس. سندس سنڌيءَ مان انگريزي ۾ ڪيل ترجمن ۾ "گورک" ۽ " وائس آف ساليٽيوڊ " آهن. "پلر پاٽي گڏ ڪرڻ جي اهميت ۽ ان جي گڏ ڪرڻ جا طريقا" ۽ "ٻالجتيءَ جون شاديون ۽ انهن جا اثر" نالي سان بہ بهترين دستي ڪتاب بہ سندس محنت جو نتيجو آهن. "جاڳرتا"، "مني" ۽ "لوئي " ميگزينون ايڊٽ ڪرڻ سان گڏوگڏ هن مختلف قسمن جي سکيا ڪاري جا دستي ڪتاب بہ تيار ڪيا آهن. گذريل ڪجھ سالن کان وٺي اڄ تائين هن اورچ ليکڪ جون تصنيفون "ساڏ کهاوڻ ڪنن هي"، "ٿر کي پانيون ٿوڪ"، "ڪارونجهر تي باهڙي"، "سنڌ جي سينڌ ميري نہ ٿئي" ، "وڏيل تي وايون ڪري " ، "وڄي ٿو وجود ۾" ۽ "ٻنيءَ منجھ ٻتون"، "سامين سفر ڪتيو"، "ڏور تئائين ڏس (لطيف شناسي) " ، "ادائي اکر عشق جا (ڪبير شناسي)"، "پوڙهو ٿئي نہ سچ " ، "ميوزنگس (انگريزي) " ۽ "مون ۾ ڏسي پاڻ کي (اياز شناسي) " جهڙا ڪتاب قوم کي ڏنا آهن. گذريل ڪجھ سالن کان وٺي هن پنهنجي سالگرھ تي بہ ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪرڻ جي روايت شروع ڪئي آهي . ان کانسواءِ نئين سال جي آجيان شيخ اياز جي شاعري تي لکيل ڪتابن جي روايت بہ هن ئي شروع ڪئي آهي. 2020ع جي آجيان اياز شناسيءَ بابت لکيل ڪتاب " مون ۾ ڏسي پاڻ کي " سان ڪئي اٿس. اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ سندس تحريرون مسلسل ڇپجنديون رهن ٿيون ان کانسواءِ سندس ڪافي تحقيقي مواد اڻ ڇپيل آهي جيڪو تاريخ ، ٻولي ۽ لوڪ ادب متعلق آهي. ترجي هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻ رُخي ليکڪ 100 کان وڌيڪ ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪانفرنس ۽ سيمينارن ۾ پنهنجا مقالا پيش ڪيا آهن. سندس علمي ۽ ادبي ڪم ساڳي رفتار سان جاري آهي.

سندس شاهه فهميءَ تي ڪجهه مضمون مقالن جي ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.

مضمون، جا هڙ اندر جيءَ، ماهوار سنڌيا مئگزين ڪراچي، ايڊيٽر. عقيل عباس سومرو، ايم 14 هالا پريس مارڪيٽ اڪبر روڊ صدر ڪراچي، نومبر 2016ع. ڀٽائي جو پيغام ۽ دنيا جي غربت، عوامي آواز سنڌي مئگزين، آچر 4 ڊسمبر 2016ع.

سائين نور احمد جنجهي صاحب، هيٺئين ڪتاب ۾ مرشد لطيف جي پيغام جي پرچار نهايت سهڻي نموني ڪئي آهي.

ڪتاب. ڏور ٿئائين ڏس (لطيف شناسي)، ڪنول پبليڪيشن قمبر، ڇاپو پهريون، نومبر 2018ع. ڪتاب جي فهرست: مهاڳ (انگريزيءَ ۾) گل محمد عمراڻي. ”لطيف جا لطيف خيال، لطف سان لطيف جي“ عنوان سان مير منصور مگريو. 1. حرف ڇتي هڪڙي. 2. تون ڇئو الله هيڪڙو. 3. دارون دنيا جي دردن جو. 4. عشق ناهي راند. 5. ذات ناهي ذات تي. 6. ڀٽائي جي ٻولن ۾ يادگيري جي يادگيري. 7. جر، ٿر، ٿڪ، تنوار. 8. ڀٽائي جو پيغام ۽ دنيا جي غربت. 9. لهوارو لوڪ وهي. 10. جاڳڻ منجهان جس. 11. وڇن ويڙهيچن سان. 12. سنهي سئيءَ سبيو، مون ماروءَ سين من. 13. عالم سڀ آباد ڪرين. 14. هل هنيين سين هوت ڏي. 15. صبر جني سينگ. 16. هلڻ ناهه حسن ري. 17. ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو. 18. مٿي اُتي منهنجي. 19. نا اميدي آجڪو. 20. سارنگ آڇي سرهائي سنسار ڪي. 21. ڪوءِ آسون عمرڪوٽ جون. 22. پسڻ پوءِ پرين جو. 23. ساجن سڀ چمار ڏکي ڏورج ڏيل ۾. 24. گهڙيا سي چڙهيا. 25. هلو هلو ڪورين. 26. جا هڙ اندر جيءَ. 27. ڄاڻين ته به نه ڄاڻ، اي در اڄاڻن جو. 28. پڇاڳ (جئائين اڪر جڙيا)، نور احمد جنجهي.

ڪتاب. ڏور ٿئائين ڏس، ص: 82، 83 تي ليکڪ لکي ٿو ته، مارئي جي وطن جي نسبت سان ڀٽائي ٿر جي طبعي ڀاڳن جو به ذڪر ڪيو آهي. جيئن: ڀائر، ڪانڊ، ڏٽ وغيره. ڀائر ٿر جو اهو ڀاڳو آهي، جيڪو ڪنڌي کان شروع ٿي ٿرپارڪر سان لڳي ٿو. مارئي جو ماڳ به انهيءَ ڀاڱي ۾ آهي.

ڏٽ ٿر جو اپرنديون ڀاڱو آهي، جنهن جي اتر ۾ ڪانڊ آهي. اولهه ۾ ڪنڌو ۽ مهراڻو آهن. ته ڏکڻ ۾ ڀائر جو پلراڻو پٽ آهي. ڏٽ، ڏات ٻنجي اڳتي هليو وڃي. قدرتي طبعي چر پر کي ڪا شئي روڪي نٿي سگهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ساگر حنيف ٻڙدي

ناليوارو قومپرست اڳواڻ ساگر حنيف ٻڙدي، 1 مئي 1969ع بمطابق خميس 13 صفر 1389هه تي پڊعيدن ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو هن پرائمري تعليم پڊعيدن، انٽر سائنس سچل سرمست ڪاليج نوابشاهه مان، بي. اي ۽ ايم. اي سنڌي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان ڪيائين. 1986ع ۾ حافظ محمد سومري کان متاثر ٿي سنڌ ساگر اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شامل ٿيو ۽ 1990ع ۾ ان جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. 1995ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شامل ٿيو. تعليم پوري ڪري جيئي سنڌ قومي محاذ سان سلهاڙجي ويو. ساگر حنيف، سائين جي. ايم سيد جي نظريي سان وابسته رهيو. 2005ع ۾ جسقم پاران ڪالا باغ ڊئم خلاف ڪيل ”مرڻ گهڙيءَ تائين“ واري بک هڙتال ۾ ڪئمپ اڳواڻ طور مسلسل 31 ڏينهن فاقا ڪشيءَ جي حالت ۾ رهيو. ساگر حنيف جيئي سنڌ هلچل سان واڳيل هئڻ سبب جوانيءَ جا ڪيترائي ڏهاڙا جيل ۾ گهاريا. هن مرد مٿير جي وفات ڇهرين آگسٽ 2018ع ۾ ٿي.

ساگر حنيف جو شمار بهترين مقررن، ڪمپيئرن، ڪالم نگارن ۽ شاهه جي شيدائين ۾ ٿئي ٿو. هن جا ادب سماجيات، سياست، لطيفيات جي موضوع تي مضمون ۽ ڪالم سنڌ جي اڪثر رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن. محترم شفيق جسڪاڻي صاحب ٻڌايو ته، سائين ساگر حنيف ٻڙدي، شاهه سائين جي سيني سرن تي ڳوٺ ۽ شهرن ۾ ليڪچر ڏنا. خاص ڪري دوستن سان رهاڻ وقت شاهه سائين جي سر مارئي، سارنگ ۽ سر ڏهر جي بيتن جي سمجهاڻي ۽ ليڪچر بار بار ڏيندو هئو. ساگر صاحب انهن ليڪچرن، مضمونن ۽ ٽڙيل پکڙيل وسيع مواد مان فقط ڪجهه مواد کي ڪتابي شڪل ڏئي شاهه جي شيدائين تائين پهچايو آهي. راقم کي ساگر صاحب جا فقط هي مضمون ملي سگهيا.

مضمون. سر سورٺ ۾ وچن، سر ۽ سخاوت جو ذڪر، ڪتاب. سر سورٺ، مرتب. تاج جويو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو ڇهريون، اپريل 2003ع. لطيف: سچ ۽ سنڌ جو ترجمان، پيج ڀٽائي مئگزين، حيدرآباد، جنوري 2012ع.

ڪتاب. پيار ۽ آزادي، ليکڪ، ساگر حنيف ٻڙدي، ڇپائيندڙ. ساگر اڪيڊمي نوابشاهه، ڇاپو ڇهريون 2015ع. ارپنا، شهيد مقصود خان قريشي، شهيد سلمان وڌو، شهيد سرائي قربان کهاوڙ، شهيد روپلو چولياڻي ۽ شهيد نور الله ٽنيو. جن کي سنڌ سان عشق جي ڏوهه ۾ گولين سان پروڻ ڪيو ويو. ڪتاب ۾ ڏنل فهرست: اداري پاران: شفيق جسڪاڻي. گهڻا اکر: ساگر حنيف ٻڙدي. سک نه ستا ڪڏهين: بخشل باغي. 1. شاهه جي ڪيڏاري ۾ انقلابي پيغام. 2. سر سورٺ ۾ وچن، سر ۽ سخاوت جو فڪر. 3. شاهه جي سهڻي، باغي ڪردار. 4. ڀٽائي جي سرگهاتو ۾ انقلابي پيغام. 5. لطيف: سچ ۽ سنڌ جو ترجمان. 6. شاهه لطيف صاف دل صوفي هو. 7. شاهه لطيف ۽ وطن دوستي. 8. شاهه لطيف جي سر ڏهر جو امر ڪردار لاکو ڦلاڻي. 9. شاهه لطيف جي شاعريءَ جو امر ڪردار ٻڍاماڻي ٻُنرو.

مٿئين ڪتاب ۾ شاهه سائين متعلق 9 مضمون مقالن کان سواءِ ٻيون 41 تحريرون به ڏنل آهن. جيڪي نفسيات، سماجيات، لسانيات ۽ شخصيات تي لکيل آهن. انهن ۾ به شاهه سائين جي بيتن ذريعي مسڪين ماروئڙن سان همدردي ۽ سنڌي سماج ۾ سجاڳي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر شازيہ پتافي

ناليواري قلمڪار ۽ شاهہ جي پارکو، شازيہ پتافي 20 آگسٽ 1981ع / خميس 19 شوال 1401ھ تي ڳوٺ رسول بخش پتافي تعلقي سوڀيديري ضلعي خيرپور ميرس ۾ ديدار حسين پتافيءَ جي گهر جنم ورتو. هن 1996ع ۾ مئٽرڪ، 1998ع ۾ انٽر، سوڀيديري مان ڪرڻ بعد 2003ع ۾ بي. اي (آنرس) ۽ ايم. اي (2004ع) ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پهرين پوزيشن گولڊ ميڊل سان پاس ڪئي. 2006ع ۾ وفاقي اردو يونيورسٽيءَ ۽ 27 آڪٽوبر 2009ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرر مقرر ٿي. شازيہ پتافي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختلف موضوعن تي ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا آهن. جيڪي ”ڪلاچي، نئين زندگي، سنڌي ٻولي، ڪينجهر“ مخزنن ۾ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. ڪيس نصابي سرگرمين عيوض مئٽرڪ ۾ اعزازي شيلڊ، بي. اي ۽ ايم. اي ۾ گولڊ ميڊل مليا آهن.

هن جا لطيفيات بابت ڪجهہ مضمون، مقالا هن ريت آهن.

مضمون، سر مارئي ۽ ڪاموڏ ۾ سماجي ۽ حڪومتي نظام ۽ شاهہ جو مثالي رياست بابت تصور، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2004ع. هتان ڪٽي هٿ جن رکئو سي رسيون، ماهوار نئين زندگي جون 2006ع. ۽ ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مارچ 2006ع ۾ شايع ٿيو. ڪتڻ: هڪ پيار ڀريو پورهيو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ڊسمبر 2010ع. شاهہ عبداللطيف جو ڪمال، ڪتاب. لوچيان ٿي لاحد ۾، مرتب. پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجہ، سنڌي شعبو آرٽس فئڪلٽي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، ڇاپو پهريون 2010ع. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ وٽ رهبر جو تصور، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي، جون 2011ع. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ پورهيتن جي ٻولي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي، ڊسمبر 2014ع. شاهہ جي شاعريءَ ۾ درد جو ڪارج، ڪتاب. ڀٽائي هڪ آدرشي انسان، مرتب. غلام اڪبر لغاري، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي، ڇاپو پهريون، 2017ع. سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ ترقيءَ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪردار، ساليانو سنڌي ادب، ايڊيٽر. ڊاڪٽر اسحاق سميجو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 2019ع.

سندس مضمون مقالن کان سواءِ ڪجهہ تصنيفون سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاريِن ٿيون. سندس هڪ ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسي جي ارتقا“ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ 2009ع ۾ ڇپيو آهي. شازيہ پتافي 2014ع ۾ ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي لسانياتي جائزو“ جي عنوان تي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽر فهميده حسين جي نگرانيءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي آهي. هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر آهي. شعبي مان نڪرندڙ ”ڪينجهر“ رسالي جي سب ايڊيٽر آهي. هوءَ حيدرآباد ۾ رهي ٿي. سندس شادي سفير احمد سان ٿي تہ شازيہ سفير نالي سان لکڻ شروع ڪيائين.

ڪتاب. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو ”لسانياتي اڀياس“ ڊاڪٽر شازيہ سفير ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2017ع. ناشر، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ چيئرمئن، 20 سيپٽمبر 2017ع. هن پي. ايڇ. ڊي جو مهاڳ ڊاڪٽر غلام علي الانا 20 جنوري 2017ع تي لکيو. هن ۾ ڪل پنج باب آهن. باب پهريون ٻوليءَ جي وصف ۽ اهميت. باب ٻيو، سنڌي ٻوليءَ متعلق ماهرن جي راءِ تنهن بعد سنڌي ٻوليءَ جا مختلف دور بيان ڪيل آهن. هن باب ۾ عنوان، شاهه ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي اهميت. باب ٽيون، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۽ مختلف پورهيو ڪندڙن جي ٻوليءَ جو اڀياس.(تنهن بعد هي موضوع ڏنل) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪوهستاني لهجي جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ٿري لهجي جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اترادي لهجي جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ وچولي / معياري لهجي جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجي جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو پنهنجو نمايان لهجو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو عربي، فارسي، هندي، سرائڪي ۽ بلوچي ٻولين تي مهارت جو مختصر اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ مختلف پورهيو ڪندڙن جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ مهاڻن جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ناکئن ۽ وڻجارن / سوداگرن جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ لوهارن جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڀاڳين جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪتين جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ طبيبن / ويڄن جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪنيارن جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪاپائتين / ڪورين جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪلاڙن جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ مڱڻهارن جي ٻوليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ گهرو سماجي ٻوليءَ جو اڀياس. حوالا. باب چوٿون، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو لسانياتي اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو صوتياتي اڀياس. لفظن ۾ حرف علت (vowel) جي اضافي ڪري آوازن ۾ تبديليءَ جو اڀياس. عربي ۽ فارسي لفظن ۾ صوتياتي تبديليءَ جو اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو صرفياتي اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو نحوياتي اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو معنوياتي اڀياس. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو پهاڪي طور استعمال. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو چوٽين جي روپ ۾ سنڌي سماج ۾ استعمال. حوالا. باب پنجون، پڄاڻي ۽ نتيجا. ببليوگرافي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر ساجده پروين

نوجوان ليکڪ ، اسڪالر، تعليمدان ڊاڪٽر ساجده پروين جو جنم 5 جولاءِ 1982ع / سومر 13 رمضان 1402ھ تي ڳوٺ مهتاٽا تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ عاشق علي ٻهليم جي گهر ۾ ٿيو. سندس والد روزگار سانگي ڪراچيءَ رهائش پذير ٿيو. جنهن سبب ساجده صاحبہ سموري تعليم ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. هن 2007ع ۾ ايم. اي سنڌي ادب ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. هن ايم. فل جي ٿيسز لاءِ عنوان، ”سائين جي. ايم. سيد جون ادبي خدمتون.“ تي مقالو لکيو. جنهن کي ڪتابي شڪل ڏئي گنجو ڏونگر پبليڪيشن حيدرآباد پاران 2009ع ۾ شايع ڪيو. ساجده صاحبہ ساڳي يونيورسٽيءَ مان 2015ع ۾ نامور اسڪالر پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي نگرانيءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي. سندس پي. ايڇ. ڊي جو عنوان ”جديد تنقيدي نظرين جو سنڌي ادب تي اثر“ هو.

ساجده پروين 2012ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي. جتي هينئر اسسٽنٽ پروفيسر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. ۽ ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي. ساجده نئين ٽهيءَ جي اسڪالر آهي. سندس ڪيترائي تحقيقي مقالا ڪراچي يونيورسٽي طرفان نڪرندڙ ”ڪلاچي“ تحقيقي جرنل ۽ وفاقي اردو يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران نڪرندڙ ”ڪارونجهر“ تحقيقي جرنل ۾ ڇپيل آهن. جن ۾ ”استاد بخاريءَ جي رومانوي شاعري. “ ساختياتي تنقيد ۽ سنڌي ادب. شيخ اياز جو هائڪو - هڪ مطالعو“ ان کان سواءِ شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ سورمين بابت بہ سندس تحقيقي مضمون مقالا قابل ذڪر آهن. ان کان علاوه مقالو، شاهہ وٽ غير جاندار شين جي ڪردارنگاري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي، جون 2010ع. شاهہ لطيف جي مارئي - پرٽيل عورت جي روپ ۾، ڇهہ ماهي سنڌي ٻولي (تحقيقي جرنل) سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، ڊسمبر 2016ع. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ پيار جو تصور، ڪتاب. ڀٽائي هڪ آدرشي انسان، مرتب. غلام اڪبر لغاري، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي، ڇاپو پهريون، 2017ع. ساڳيو مقالو، ساليانو سنڌي ادب، ايڊيٽر. ڊاڪٽر اسحاق سميجو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، سال 2019ع ۾ شايع ٿيس. ساجده پروين، شاهہ لطيف جي عرس تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس سميت ٻين ادبي ادارن جي سيمينارن ۾ پنهنجا تحقيقي مقالا پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو آهي.

ساجده ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي بورڊ آف اسٽڊي جي 2012ع کان هن وقت تائين ميمبر، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سوشل سائنسز جي بورڊ آف فيڪلٽي جي 2012ع کان ميمبر، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي 2014ع کان 2016ع تائين اسٽوڊنٽ ايڊوائيزر رهي. ساجده پروين جي ماسٽرس جو مونوگراف عنوان ”شاهہ لطيف ۽ وليم ورڊس ورٿ جي رومانوي شاعري (تقابلي جائزو)“ هو. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ ”جي. ايم سيد جون ادبي خدمتون 2009ع“ ۽ ”جديد تنقيدي نظرين جو سنڌي ادب تي اثر“ قابل ذڪر آهن. هيءُ ڪتاب ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي 2016ع ۾ ڇپرايو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب. شاهه لطيف ۽ وليم ورڊس ورٿ جي شاعريءَ ۾ رومانويت، ڊاڪٽر ساجده پروين، ڇپائيندڙ، سچائي اشاعت گهر دڙو حيدرآباد، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2017ع. ارپنا: پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جي نانءُ. پنهنجي پاران: ڊاڪٽر ساجده پروين 6 سيپٽمبر 2017ع ۾ لکيو. ڪتاب ۾ ڏنل فهرست. باب پهريون رومانويت، 1. رومانويت.وصف. 2. رومانويت جو پس منظر. 3. رومانويت بحيثيت فڪري تحريڪ. 4. ڪجهه اهم انگريزي شاعرن جي شاعريءَ ۾ رومانويت. 5. سنڌي شاعريءَ ۾ رومانويت ۽ اهم رومانوي شاعر. 6. نتيجا. 7. حوالا. باب ٻيو، شاهه لطيف ۽ وليم ورڊس ورٿ. 1. شاهه لطيف جو دور ۽ ان جا لاڙا. 2. وليم ورڊس ورٿ جو دور ۽ ان جا لاڙا. 3. نتيجا. 4. حوالا. باب ٽيون، شاهه لطيف ۽ وليم ورڊس ورٿ جي فڪري ڀيٽ. 1. شاهه لطيف وٽ رومانويت جو تصور. 2. وليم ورڊس ورٿ وٽ رومانويت ۽ رومانوي عڪس. 3. شاهه لطيف ۽ وليم ورڊس ورٿ جو رومانوي حوالي سان تقابلي جائزو. 4. نتيجا. 5. حوالا.

ڪيس مختا طور ڪيترائي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ملي چڪا آهن. جن ۾ ” جي. ايم سيد ميموريل ڪاميٽي هيوسٽن. آمريڪا طرفان مختا ايوارڊ (2011ع). ڪراچي يونيورسٽي ٽيچرس سوسائٽيءَ طرفان پي. ايڇ. ڊي ريسرچ اوارڊ (2015ع) ۽ ڪراچي يونيورسٽي ٽيچرس سوسائٽيءَ طرفان ڪتاب ”جديد ادبي تنقيدي نظرين جو سنڌي ادب تي اثر“ تي مختا اوارڊ (2016ع) قابل ذڪر آهن.

# راز شاهاڻي

مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، شاهه جو شيدائي، ريڊيو، ٽي وي جو رائيٽر ۽ صحافي راز شاهاڻيءَ جو اصل نالو ربڏنو ولد سائين بخش شاهاڻي، 15 جولاءِ 1976ع / خميس 18 رجب 1396هه تي تعلقي جوهيءَ جي ڳوٺ حمل خان شاهاڻيءَ ۾ ڄائو. هيءُ ڳوٺ جوهيءَ جي ڏکڻ ۾ 18 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي منڇر ڍنڍ، کير ٿر ۽ گورک جبل جي نزديڪ آهي. راز شاهاڻي پرائمري تعليم 1988ع ۾ پنهنجي ڳوٺ مان ۽ مئٽرڪ 1993ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جوهيءَ مان، انٽر 1996ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج جوهيءَ مان ۽ بي. اي 2001ع ۾ گورنمينٽ استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادوءَ مان ۽ 2003ع ۾ ايم. اي (سنڌي) خانگي شاگرد جي حيثيت ۾ سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي.

راز شاهاڻي مختلف سنڌي اخبارن، رسالن ۾ اسٽاف رپورٽر، سب ايڊيٽر ۽ انچارج جي حيثيت ۾ فرض سر انجام ڏنا. ان کان سواءِ مهراڻ ٽي. وي چينل ۽ سنڌ ٽي. وي چينلن لاءِ به رپورٽنگ ڪئي ۽ ڪي. ٽي. اين تي سنڌس 3 سولو پلي هلي چڪا آهن. راز شاهاڻي صاحب جو ريڊيو پاڪستان جي مختلف اسٽيشنن سان به قلمي ساٿ رهيو. جن ۾ ريڊيو پاڪستان خيرپور ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 2003ع کان 2010ع تائين نوجوانن ۽ عورتن جي مسئلن تي هن ڪافي اصلاحي فيچر لکيا. جيڪي نشر ٿيا هئا. سنڌس شاعري ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد تي استاد امير علي، استاد سوڍو جوڻيجي ۽ غلام شبير شاهاڻي جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهي. جيڪا وقت به وقت نشر ٿئي ٿي. سنڌس ڪتابن مان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڪوئيز پروگرامن ۾ سوال به ڏنا وڃن ٿا. سنڌس ڪتاب لسنرس جي دنيا ۾ مقبوليت ماڻي چڪا آهن.

راز شاهاڻي جولاءِ 2012ع ۾ پراونشل انسٽيٽوٽ آف ٽيچرز ايجوڪيشن (پي. آءِ. ٽي. اِي) لاءِ ايڊيٽر، گريڊ 18 جي عهدي تي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري، هن وقت نواب شاهه ۾ آفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي.

راز شاهاڻي صاحب لکڻ جي شروعات 1995ع کان ڪئي. هو انهن ڏينهن ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جوهيءَ جو ميمبر ٿيو. جاني اسحاق ملاح ۽ عزيز ڪنگراڻيءَ شاعريءَ ۾ سندس رهنمائي ڪئي. راز شاهاڻيءَ شاعريءَ ۾ ٻه مجموعا ترتيب ڏنا آهن. ان کان سواءِ سندس ٻين تصنيفن ۾: لطيفي معلومات ڪوئيز (ترتيب، فيبروري 2002ع)، بلوچ ۽ عشق (ترجمو، 2003ع)، قرت العين جي اردو ناول جو ترجمو ۽ چونڊ قول، اهي ڪتاب. سنڌ بڪ ڪلب حيدرآباد ڇپائي پڌرا ڪيس ۽ لطيفيات تي ڪتاب. ٻارڙن جو شاهه، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري 2014ع ۾ شايع ڪيس.

ڪتاب. لطيفي معلومات، ترتيب، راز شاهاڻي، سنڌ بڪ ڪلب حيدرآباد، فيبروري 2002ع. ارپنا، لطيف سنڌ سچ ۽ سونهن سان پيار ڪندڙ جي نالي. پنهنجي پاران ۾ شاهاڻي صاحب لکي ٿو ته "شاهه سائين جي زندگي ۽ شاعريءَ تي ڪنهن به حوالي سان ڪم ڪرڻ سچ ته وڏو ڪم آهي. توڙي جو هن ڪم جي شروعات کان اڳ مون هن ننڍڙي ڪم کي عام نوعيت جو سمجهيو هو، پر جيئن جيئن شاهه سائين جي باري ۾ مختلف ڪتاب پڙهندو رهيس ۽ ڪم ٿورو ٿڪو اڳتي وڌندو رهيو ته، ان ڳالهه جو شدت سان احساس ٿيو ته شايد مان هن ڪم جي بهتر مڪملتائي جو ساهس ساري نه سگهان." اهي جملا راز شاهاڻي 21 ڊسمبر 2001ع ۾ لکيا. تنهن کان پوءِ هن ڪتاب ۾ آغا سليم جو مضمون "شاهه لطيف پس منظر کان منظر تائين" ان بعد هن ڪتاب ۾ سوال جواب ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ راز شاهاڻي، شاهه سائين جي حالاتِ زندگي، شاهه جو ڪلام، سورما سورميون، همعصر فقير، مضمون مقالا، شاهه جا شيدائي ۽ شاهه لطيف ايوارڊ وغيره بابت 690 سوال جواب ڏنا آهن.

ڪتاب. ٻارڙن جو شاهه، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 2014ع. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي چونڊ بيتن ۽ ان جي سمجهاڻين تي مشتمل هن ڪتاب کي مشهور اديب راز شاهاڻيءَ ترتيب ڏنو آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران نڪرندڙ ٻارڙن جي ماهوار رسالي "گل ڦل" ۾ ڇپيل شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪجهه بيتن جو مجموعو آهي. جنهن ۾ هر بيت سان گڏ سمجهاڻي، ڏکين لفظن جي معنيٰ سان گڏوگڏ اسڪيچ پڻ ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ شامل اسڪيچ نامور مصور مراد علي شاهه بڪيرائيءَ جا ٺهيل آهن. ڪتاب جو مهاڳ ناليواري اديب نصير مرزا لکيو آهي. جڏهن ته پبلشر نوٽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري الهڏتي وگهيي ۽ ٻه اکر جي سري سان راز شاهاڻيءَ جا رايا ڏنل آهن. هن ڪتاب کان اڳ ڪتاب. ٻارن جو شاهه، مرتب انور هالائي، سگا ڪراچي 1972ع ۾ شايع ڪيو. ان ۾ ٻه ٻارن لاءِ بيت ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. پر ان ناياب ڪتاب کان پوءِ راز شاهاڻيءَ صاحب لطيف سائين جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ بهترين ڪم ڪيو آهي.

# فقير حاجن نظاماڻي (شاهه سائينءَ جو راڳي)

ادبي نالو، فقير حاجن نظاماڻي. اصل نالو، حاجي شير محمد نظاماڻي. ولد فقير غلام حيدر نظاماڻي. جنم 15 ڊسمبر 1979ع. ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻي ۾ تعلقه هالا ۾ ٿيو. پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪول حيات خان نظاماڻي مان حاصل ڪيائين. مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ۽ انٽر هالا مان پاس ڪيائين. ايم. اي سنڌي (2011) سنڌ يونيورسٽي، ايم. اي صوفي ازم ۾ پيس (2016)، ايم.فل صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهه.

مشغلا، حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو راڳ 2000ع کان هر خميس جي رات شاهه جي درگاهه تي ڳائيندڙ.

شاهه جي راڳ جي سکيا پنهنجي والد فقير غلام حيدر نظاماڻيءَ کان ۽ فقير الهڏني نظاماڻيءَ کان ورتائين. هن ڏهن سالن جي عمر ۾ درگاهه تي راڳ ڳائڻ شروع ڪيو. هيءُ نوجوان شاهه لطيف جي راڳ ۽ تصوف ۾ گهڻي دلچسپي رکي ٿو.

تصنيف، ڪتاب. مونا طور سينا (لطيفيات) ۽ ايڊيٽر، مئگزين "مڙيا مٽي مچ"

فقير حاجن، حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ويب سائيٽ جو به ناهي آهي.

www.shahabdullatifbhittai.com

هن صوفي منش انسان، 2017ع ۾ ڀٽ شاهه ۾ "صوفي فائونڊيشن ڀٽ شاهه" جو بنياد وڌو.

فقير حاجن نظاماڻي، شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ ڏنل پيغام کي پنهنجي انداز ۾ پرکي پروڙي نِت نوان مضمون مقالا، وقت به وقت لکندو رهي ٿو. سندس اهي تحريرون روزاني عبرت اخبار 2017ع کان شايع ٿينديون رهن ٿيون ۽ سوجهرو مئگزين، عبرت مئگزين ، مئگزين پيچ ڀٽائي، مئگزين نئين آس وغيره ۾ به ڇپيل اٿس. تن جي ببليوگرافي هن ريت آهي.

مضمون. شاهه سائين جو راڳ روحاني عشق، پيچ ڀٽائي پبليڪيشن، 15/ 2014ع. شاهه جي شاعري، سوجهرو مئگزين، مارچ 2015ع. جيسلميراڻين جس، سوجهرو مئگزين، فيبروري 2015ع. مڙيا مٽي مچ، مڙيا مٽي مچ مئگزين، ڊسمبر 2015ع. دل دنبورو جن، عبرت مئگزين، سيپٽمبر 2015ع. شاهه سائين جو دنبورو، پيچ ڀٽائي مئگزين، ڊسمبر 2015ع. سنڌي ٻوليءَ ۾ تصوف جو باني، مئگزين مڙيا مٽي مچ، 2017ع. دوست ڪمائي دادلا، عبرت اخبار ، آچر 1 آڪٽوبر 2017ع. سنڌ ۾ تصوف جي پهرين درسگاهه، جمع 6 آڪٽوبر 2017ع. وڳر ڪيو وتن، عبرت اخبار ، آچر 15 آڪٽوبر 2017ع. پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾ ، عبرت اخبار ، اڱارو 24 آڪٽوبر 2017ع. تنهنجي تند تنوار ، سوڀ اخبار ، آچر 29 آڪٽوبر 2017ع. شاهه جا راڳي، عبرت اخبار ، ڇنڇر 4 نومبر 2017ع. جا براد ٻتن جي، عبرت اخبار ، اڱارو 14 نومبر 2017ع. مديني جا شاهه سڻ منهنجا سڏڙا، عبرت اخبار ، اڱارو 26 ڊسمبر 2017ع. ڪن ڪٽ ڪاپٽ ڪاپڙي، عبرت اخبار ، خميس 18 جنوري 2018ع. ڪي چمڪن چين تي، عبرت اخبار ، خميس 1 فيبروري 2018ع. مٽي ڪان مٽي وڃي جو ڳيءَ ڏني جوءِ ، عبرت اخبار ، خميس 22 فيبروري 2018ع. ڳر ڪي گڏيا ڪاپڙي، عبرت اخبار ، خميس 8 مارچ 2018ع. طالب قصر سونهن سر ، عبرت اخبار ، خميس 22 مارچ 2018ع. دل ۾ درختن، عبرت اخبار ، خميس 29 مارچ 2018ع. تدبيران تقدير ، عبرت اخبار ، خميس 5 اپريل 2018ع. رات سمائي پونءِ ، عبرت اخبار ، خميس 12 اپريل 2018ع. هاري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنئيون مَ لوڏ، عبرت اخبار، خميس 19 اپريل 2018ع. پڳهه پاسي ڳهار، عبرت اخبار، جمع 4 مئي 2018ع. واقف نہ وڏڪار جي، عبرت اخبار، خميس 10 مئي 2018ع. سٽ انهين جو سڦرو ... عبرت اخبار، خميس 17 مئي 2018ع. ڪيو مطالع مون ... عبرت اخبار، خميس 24 مئي 2018ع. شاهہ جو راڳ، عبرت اخبار، خميس 31 مئي 2018ع. لطيفي سماع، عبرت اخبار، 21 جون 2018ع. لطيفي ذڪر، عبرت اخبار، خميس 28 جون 2018ع. غافل غفلت ڇوڙ ... عبرت اخبار، خميس 5 جولاءِ 2018ع. آسرو مَ لاهيج ... عبرت اخبار، خميس 12 جولاءِ 2018ع. ڏهاڳ بہ ڏنوم، سهاڳ بہ سنيران، عبرت اخبار، 2 آگسٽ 2018ع. توتي لڄ لطيف، هن منهنجي حال جي، عبرت اخبار، 22 آگسٽ 2018ع. آيو علي شير مرڪيو مديني ڏٺي، عبرت اخبار، خميس 13 سيپٽمبر 2018ع. جيئن ٿا پڇن ان ڪي ... عبرت اخبار، 4 آڪٽوبر 2018ع. لٽو ڏيهہ ڏڪار، سلسليوار مئگزين "مڙيا مٿي مڇ" آڪٽوبر 2018ع. لوچان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد، عبرت اخبار، 12 آڪٽوبر 2018ع. بيڪاريءَ ڪي بر ۾، ويو ڪيف چڙهي، عبرت اخبار، 19 آڪٽوبر 2018ع. بادشاهہ پلا پٽ ڏٺي، عبرت اخبار، 25 آڪٽوبر 2018ع. جي فنا ٿيا فقير، عبرت اخبار، 26 آڪٽوبر 2018ع. مشاهدو محبوب جو سامي سڃاڻيج، عبرت اخبار، 1 نومبر 2018ع. اول الله عليم (سر ڪلياڻ) عبرت اخبار، 8 نومبر 2018ع. وحدت جي وهان ... عبرت اخبار، 16 نومبر 2018ع. ڪر ڪُل ٿي، قادر حوالي ڪم، عبرت اخبار، 29 نومبر 2018ع. پهرين رات ملير ريءَ، مون ڪي جا پيئي، عبرت اخبار، 20 ڊسمبر 2018ع. جوڳي تنهنجي جوڳ ۾، عبرت اخبار، 29 ڊسمبر 2018ع. ستا سپ پئي، سندي معلم آسري، عبرت اخبار، 3 جنوري 2019ع. لطيفي راڳ جون وايون، عبرت اخبار، 10 جنوري 2019ع. لطيفي ساز دنبورو، عبرت اخبار، 17 جنوري 2019ع. مونا طورسينا، سندا سنياسين، عبرت اخبار، 25 جنوري 2019ع. عدد ناهي عشق پڇاڻي پاڻ لهي، عبرت اخبار، 1 فيبروري 2019ع. مارينديئي مجاز، گهٽين ٿورين ڏينهڙين، عبرت اخبار، 7 فيبروري 2019ع. سوڪو هوندو سو، جنهن عشق الله سين، عبرت اخبار، 21 فيبروري 2019ع. اي عشق جو آواز ماٺهو رکن ... عبرت اخبار، 28 فيبروري 2019ع. هل هنئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار، عبرت اخبار، 28 مارچ 2019ع. هوت تنهنجي هنج ۾.... عبرت اخبار، 5 اپريل 2019ع. بروڏو بار گهٽو، ويجهو نہ وڏڪار، عبرت اخبار، 19 اپريل 2019ع. هيڪلائي هيل پوريندس پنهون ڏي، عبرت اخبار 27 اپريل 2019ع. وڃين ڇو وڏڪار، هت نہ ڳولين هوت ڪي، عبرت اخبار، خميس 9 مئي 2019ع. ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهٽي ... عبرت اخبار، جمع 24 مئي 2019ع. منڪرءِ نڪير ڪي سسئي ڏنا سلام، عبرت اخبار، جمع 31 مئي 2019ع. جنين سندو آهين، سي جي چونئي هڻ، مئگزين فڪرِ لطيف، ايڊيٽر مريد حيسن احسن، چيف ايڊيٽر نوشاد خورشيد ڀڳيو، شاهہ لطيف پريس ڪلب ڀٽ شاهہ، 20/ 2019ع. تئي پرچا پاڻ ۾، تند ڪتارو ڪنڌ، عبرت اخبار، خميس 27 جون 2019ع. سيئي سهاڳڻيون سيني ڳڇيءِ هار، عبرت اخبار، خميس 8 آگسٽ 2019ع. ڏاهي هيس ڏيهہ ۾، سرتين منجهہ سڃاڻ، عبرت اخبار، 16 آگسٽ 2019ع. لڪين ليلائون رهن تنهنجي راڄ ۾، عبرت اخبار، 22 آگسٽ 2019ع. ڪامل ڪربلا ۾، اهل بيت آيا، عبرت اخبار، 7 سيپٽمبر 2019ع. ڪالهہ ڳڌيوسين ڪاپڙي بابو بيڪاري، عبرت اخبار، 13 سيپٽمبر 2019ع. مومل ڪي مجاز جا اکين ۾ الماس، عبرت اخبار، 19 سيپٽمبر 2019ع. جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٺن ويس، عبرت اخبار، 4 آڪٽوبر 2019ع. ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو، سومر 14

آڪٽوبر 2019ع. لڏيو لطيفن، پلاٽي پنڌ پيا، 24 آڪٽوبر 2019ع. سو ڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين، مڙيا مٽي مچ مئگزين، آڪٽوبر 2019ع. راٽي وٽان رات، نئون نياپو آيو، عبرت اخبار ، جمع 15 نومبر 2019ع. ساهڙ جا سينگار ، عبرت اخبار ، 24 ڊسمبر 2019ع. گهڙو پڳو تہ گهوريو، آسر مَ لاهيج، روزاني عبرت، جمع 10 جنوري 2020ع. لهريون لنگهيائين، لطف ساڻ لطيف چئي، روزاني عبرت، جمع 17 جنوري 2020ع. ساهڙ سٽج ڪا فرياد فقير جي، روزاني عبرت، خميس 23 جنوري 2020ع. سڪ تنهنجي سپرين، جيئن تران تيئن تار ، روزاني عبرت، خميس 30 جنوري 2020ع. تڙ تڪڙ تار گهڙڻ، اي ڪانيارين ڪم، روزاني عبرت، چنچر 8 فيبروري 2020ع. هلو تہ پچون سهٽي، جا ڪر ڇاٽي نينهن، روزاني عبرت، خميس 13 فيبروري 2020ع. جياريس سنيار ، ڪه ڪريندم گڏجي، روزاني عبرت، خميس 20 فيبروري 2020ع. گهڙيا سي چڙهيا، ائين اٿيئي، روزاني عبرت، خميس 27 فيبروري 2020ع. اکيون پير ڪري، وڃجي، وو ! وڃجي، روزاني عبرت، خميس 5 مارچ 2020ع. نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي، روزاني عبرت، خميس 12 مارچ 2020ع. ٻڌندي ٻوڙن ڪي، ڪي هاتڪ هٽ وجهن، روزاني عبرت، خميس 19 مارچ 2020ع. پئي ڪٽي پساهہ پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، نئين آس مئگزين، فيبروري مارچ 2020ع. نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا مورت ماهہ، روزاني عبرت، آچر 5 اپريل 2020ع. قسمت قيد ڪياس، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾، روزاني عبرت، خميس 9 اپريل 2020ع. سنهي سئيءِ سبيو، مون ماروءَ سين ساهہ، روزاني عبرت، ڇنڇر 2 مئي 2020ع. منهنجو من ميان واڳيو ويڙهيچن سان، روزاني عبرت، خميس 7 مئي 2020ع. مارو مت ملير جا سيئي پرڪيا سون، روزاني عبرت، خميس 2 جولاءِ 2020ع. سارنگ سار لهيج، الله لڳ اچين جي، روزاني عبرت، جمعو 17 جولاءِ 2020ع.

فقير حاجن نظاماڻي ۽ سندس وڏي ڀاءُ فقير علي ڏنو نظاماڻيءَ صاحب سان (راقم) جي پهرين ملاقات 24 جون 2019ع ۾ سندن اوطاق تي ٿي.

اچين جي اوطاق، مون سارينديءَ سپرين،
مون جهڙو مشتاق، هوند ڏسي لاهي ڏڪڙا.

انهن شخصيتن مون کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون تہ ان ويل ذهن تي هي سٽون تري آيون.

ايندي چوندئي آ، ويندي چوندئي ويهہ
ڇڏي سارو ڏيهہ، اڱڻ اچجي ان جي.

فقير حاجن نظاماڻيءَ وانگر فقير علي ڏني نظاماڻي بہ ادبي ڪيتر ۾ پاڻ ملهايو آهي. هن ”شاهہ جو رسالو تاج محمد نظاماڻيءَ وارو نسخو“ کي وڏي محنت سان ڪتابي صورت ڏئي سن 2007ع ۾ شايع ڪرايو. ان کان علاوه هن محمد قاسم راهمي واري ترتيب ڏنل ”شاهہ جو گنج“ ۾ پنهنجي پاران: ۾ شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۽ راڳي فقيرن بابت بهترين تذڪرو ڪيو آهي. تنهن کانسواءِ سندس مضمون مقالا مختلف رسالن ۾ بہ شايع ٿيل آهن.

سائين حاجن نظاماڻي بهترين مهمانواز، صوفي منش، محبتي انسان، ۽ ادب شناس انسان کان علاوه شاهہ سائينءَ جو پارکو پڻ آهي. 12 جولاءِ 2019ع تي ڪانئن موڪلائڻ وقت فقير حاجن نظاماڻيءَ صاحب مونکي هڪ انمول تحفو ڪتاب. ”مونا طور سينا“ سوکڙيءَ طور ڏنو. هن ڪتاب ۾ لطيف سائينءَ جي آسڻ تي ٿيندڙ راڳ، دنبوري ۽ سماع جو ذڪر پيرائتي نموني ڪيل آهي. فقير سائين جو خاندان لطيفي تنوار سان صدين کان سلهاڙيل آهي. سندن

والد مرحوم فقير غلام حيدر نظاماڻي، شاهہ جو بهترين راڳيءَ طور سڃاتو وڃي ٿو. هن ڪتاب جي ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.

ڪتاب. مونا طور سينا (لطيفيات) ليکڪ. فقير حاجن نظاماڻي، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، مئي 2019ع. فهرست: اداري پاران، ساجد سنڌي. پنهنجي پاران، فقير حاجن نظاماڻي. مهاڳ، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو.. ڪينهي ٻيا قريب، ڏارا تو دوست مون، فقير علي ڏنو نظاماڻي. لطيف جو عاشق حاجن نظاماڻي، حميد ابڙو. شال حاجن لکندو رهي، فقير علي ڏنو جروار. محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا جن، نظر حسين ملاح. 1. شاهہ سائين جو راڳ. 2. لطيفي راڳ جون وايون. 3. شاهہ جا راڳي. 4. لطيفي ساز دنبورو. 5. لطيفي دعا. 6. لطيفي ذڪر. 7. لطيفي سماع. 8. لطيفي مسافري. 9. وڏي اوطاق. 10. مونا طور سينا، سدا سنياسين. 11. واقف نہ وٽڪار جي، اڳ نہ ڏيهہ ڏٺوم. 12. جنين سندو آهين، سي جي چونئي هڙ. 13. سڪ سڪندين لاهہ، وڃوڙيا ميڙ پرين. 14. گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي. 15. نا اميدي نيج تہ اوڏي تئين اميد ڪي. 16. دل ۾ درختن. 17. غافل غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن اناسي اوجهرين. 18. سُٽ انهين جو سڦرو، جي پر ۾ پڃائين. 19. ڪيو مطالع مون، هيءُ ورق وصال جو. 20. نہ ڪنهن ڄاتو ڄام ڪي، نڪو ڄام ويا. 21. مديني جا شاهہ سُڻ منهنجا سڏڙا. 22. وڳر ڪيو وتن پرت نہ ڇنن پاڻ ۾. 23. جيئن تا پڇن ان ڪي، تيئن جي پچن الله. 24. ڏهاڳ بہ ڏٺوم، سهاڳ بہ سنڀران. 25. توتي لڄ لطيف، هن منهنجي حال جي. 26. جي فنا ٿيا فقير، هلو تڪيا پسون تن جا. 27. بيڪاري ڪي بر ۾ ويو ڪيف چڙهي. 28. بادشاهہ پلا پٽ ڏٺي. 29. آيو علي شير، مرڪيو مديني ڏٺي. 30. حيف تنين ڪي هوءِ. 31. تدبيران تقدير، آهي جابر جيڏيون. 32. رات سهائي پونءِ سنئين پرت نئين پنڌ پور. 33. هاري هنئيون م لوڏ، سڪن پوندين سسئي. 34. دوست ڪمائي دادلا. 35. ڪن ڪٿ، ڪا پٽ، ڪاپڙي. 36. پڳهہ پاسي گهار، آيل ساموندين جي. 37. اول الله عليم. 38. وحدت جي وهانءِ جي ويا سي وڍيا.39. مشاهدو محبوب جو سامي سڃاڻيج. 40. ڪر ڪل ئي، قادر حوالي ڪم. 41. هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان اي مرڪ. 42. جوڳي تنهنجي جوڳ ۾، ڳالهيون گهرجن ڳچ. 43. ستا سي پئي، سندي معلم آسري. 44. طالب قصر، سونهن سر. 45. آ گميو آهي، لڳهہ پس لطيف ڇئي.

فقير حاجن نظاماڻي ڪتاب جي 68 صفحي تي لکي ٿو تہ، مائي نعمت (نوڙهي) بابت چيو وڃي ٿو، مائي نعمت هڪ رسالو پڻ لکرايو ۽ شاهہ سائينءَ جي راڳ جي راڳي پڻ هئي. ڪن روايتن موجب مائيءَ نوڙهيءَ جو دور يعقوب شهيد کان اڳ وارو دور آهي. مائي نعمت جي آخري آرامگاهہ تمر فقير جي پيراندي کان آهي. تاريخ جي ورقن تي ايتري تہ دز آهي جو ڇا ڇنجي؟ ٽي سو سالہ تاريخ بہ اسان کي ميسر ناهي.

ڪتاب مونا طور سينا جي صفحي 79 تي ليکڪ لکي ٿو تہ، فڪر لطيف تي مختلف پروجيڪٽن تي ڪم ڪيو وڃي. جنهن سان انسانن جي ڀلائي ٿئي. اسان رسالي جي ترتيب تي 1207ھ کان 1439ھ تائين، 232 سالن تائين يڪراءِ ٿي متفق نہ ٿي سگهيا آهيون تہ لطيفي فڪر جي ڪهڙي پرچار ڪنداسون؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر شير مهراڻي

شاهه سائين جو پارکو، مشهور اديب، شاعر ۽ محقق، ڊاڪٽر شير مهراڻي ولد پير بخش مهراڻي ڀرين مارچ 1980ع / ڇنڇر 13 ربيع الثاني 1400هه تي ڳوٺ احدي خان راڄپر تعلقي ڪوٽڏيجي ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول احدي خان راڄپر، مڊل ڳوٺ ٻير وڏن جي سرڪاري مڊل اسڪول، مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٻوزدار وڏا، انٽر گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ڪنب، بي. ايس. سي (باٽني) ۽ ايم. اي سنڌي ادب ۽ انگريزي ادب ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪيائين. ڊاڪٽر شير مهراڻي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“ جي عنوان تي ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي رهنمائي ۾ 2013ع ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي آهي. ڊاڪٽر شير مهراڻي لکڻ جي شروعات شاعريءَ کان ڪئي. سندس پهريون شعر 1999ع ۾ شايع ٿيو. هن شاعريءَ جي سکيا شاعر دوست محمد راڄپر کان حاصل ڪئي. هي ڪجهه عرصو پاڪستان ايئر فورس ۾ ملازم رهيو بعد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان ۾ 2012ع ۾ سنڌ ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گلستان جوهري ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. شير مهراڻي صاحب ڪيترو ئي عرصو ماهوار سوجهرو جو ايڊيٽر پڻ رهيو ۽ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي خبرن واري شعبي ۾ نيوز ٽرانسليٽر ۽ نيوز ڪاسٽر جي حيثيت سان سلهاڙيل رهيو. هي سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪنب جو بنيادي ميمبر هجڻ سان گڏ شاخ ڪنب جو سيڪريٽري پڻ رهيو.

سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات 2013ع ثقافت کاتي طرفان“ ۽ ”شاهه لطيف جو جديد اڀياس 2014ع“ قابل ذڪر آهن. ڊاڪٽر شير مهراڻي جو ترجمو ڪيل هڪ ناول ”ٽاپسي“ ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ماهوار ”سوجهرو“ ۾ قسطوار شايع ٿيو. ڊاڪٽر صاحب هن وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور پنهنجا فرض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڪتاب. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات، ليکڪ ۽ محقق. ڊاڪٽر شير مهراڻي، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، ڊسمبر 2013ع. هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي 270هين عرس جي موقعي تي جناب ثاقب احمد سومرو، سيڪريٽري ثقافت، سياحت ۽ نوادرات حڪومت سنڌ 2013ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ ”جماليات جي تشريح، پس منظر ۽ اوسر“ ”مذهبن ۾ جماليات جو تصور“ ۽ عنوان ”جماليات جا مختلف قسم ۽ ڀٽائيءَ وٽ انهن جو تصور“ 1. فطري جماليات ۽ شاهه وٽ ان جو تصور. 2. درد جي جماليات ۽ شاهه وٽ ان جو تصور. 3. وجداني جماليات ۽ شاهه وٽ ان جو تصور. 4. جسماني جماليات ۽ شاهه وٽ ان جو تصور. عنوان ”فني جماليات ۽ ڀٽائيءَ وٽ ان جو تصور“ تنهن بعد”رسالي جي سرن ۾ جماليات جو تصور“. هن عنوان ۾ سر ڪلياڻ کان سر بلاول تائين 30 سرن ۾ ڀٽائيءَ جي شاعري فطري جماليات سان تمتار آهي. مهراڻي صاحب جماليات جي هر پهلوءَ جي وضاحت ڪئي آهي. ۽ يوناني فلسفين ۽ ڏاهن کان وٺي هن وقت جي

عالمن جا رايا، تجزيا ۽ تجربا پيش ڪيا آهن. ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي صاحب جي لکڻ مطابق، شير مهراڻي صاحب، شاهه صاحب جي ڪلام تي جماليات جو ڪوبه پاسو ڇڏيو ناهي.

ڪتاب. شاهه لطيف جي شاعريءَ جو جديد اڀياس، ليکڪ، ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڇپيندڙ، ذڪي پرنٽرس ڪراچي، سوجهرو پبليڪيشن ڪراچي. ڇاپو پهريون، ڊسمبر 2014ع. ارپنا: پنهنجي ادبي استاد تاج بلوچ جي نالي. ڪتاب جو سٽاءُ: ناشر - آمنه سومرو، پهرين ڊسمبر 2014ع ۾ لکيو. پنهنجي پاران: ڊاڪٽر شير مهراڻي، 8 ڊسمبر 2014ع. رسيلا رنگ: ج. ع. منگهاڻي، 12 ڊسمبر 2014ع. ويهه مه وساري: تاج بلوچ، ايڊيٽر، سوجهرو، 6 ڊسمبر 2014ع. هن ڪتاب جو مهاڳ: ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب، 15 ڊسمبر 2014ع ۾ لکيو. تنهن بعد هن ڪتاب ۾ مضمون ۽ مقالا هن ريت ڏنل آهن. 1. شاهه لطيف جو جديد اڀياس. 2. انسان دوستيءَ جو فڪر ۽ شاهه لطيف. 3. شاهه ۽ جماليات. 4. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سونهن جا سوين رنگ. 5. وجودي جماليات ۽ شاهه لطيف. 6. شاهه جي شاعريءَ ۾ وحدت الوجود جو تصور. 7. لطيف جو پيغام. 8. سر پرڀاتي ۾ جدوجهد جا مختلف پهلو. ۽ ببليو گرافي.

ڪتاب. جماليات - تنقيدي جائزو، ڇپيندڙ. ذڪي پرنٽرس ڪراچي، ڇاپو پهريون، آگسٽ 2016ع. انتساب: پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ صاحب جي نالي. هن ڪتاب ۾ هي مضمون مقالا ڏنل آهن. 1. سنڌيءَ ۾ جماليات تي ٿيل تحقيق جو اڀياس. 2. شاهه جي جمالياتي شاعريءَ جو تحقيقي جائزو. 3. پرين پٺائين گج جيئن. 4. شاهه جي ڪلام ۾. 5. حسن ۽ جمال جو تصور. 6. شاهه صاحب وٽ حسن و جمال. 6. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تخليق ۽ حسن ڪاري. 7. لطيف وٽ سونهن جو تصور. 8. شاهه جي شاعريءَ ۾ حسن ۽ جمال جو تصور. 9. شاهه جي شاعريءَ ۾ حسن ۽ جمال. 10. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو جمالياتي تصور. 11. شاهه جو ڪلام سونهن جو سرچشمو. 12. انگريزيءَ ۾ جماليات تي ٿيل تحقيق جو اڀياس. 13. سينس آف بيوٽي (جارج سنتيانا). 14. اردو ۾ جماليات تي ٿيل تحقيق جو اڀياس. 15. تاريخ جماليات (مجنون گورکپوري). 16. جماليات قرآن حڪيم ڪي روشني مين (ڊاڪٽر نصير احمد ناصر). 17. تاريخ جماليات - ٻه جلد (ڊاڪٽر نصير احمد ناصر). 18. Young Scholar – Dr. Syed Alam Shah

هن ڪتاب ۾ جماليات تي مختلف پهلوئن کان تحقيقي ڪم ٿيل آهي.

ڊاڪٽر شير مهراڻي صاحب، شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ هر سال نڪور مقالو پيش ڪندو آهي. تن مان ڪجهه هن ريت آهن.

سر آسا ۾ جدوجهد جا پهلو، ڪتاب. سر آسا، مرتب. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون، 2009ع. سر پرڀاتيءَ ۾ جدوجهد جا مختلف پهلو، ڪارونجهر (تحقيقي جرنل) ڇپائيندڙ، وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي، ڊسمبر 2010ع. وجوديت ۽ شاهه لطيف، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، جون 2012ع. ڪافيءَ جو تحقيقي جائزو، ڪارونجهر (تحقيقي جرنل) ڇپائيندڙ، وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، عبدالحق ڪئمپس ڪراچي، جون 2013ع. شاهه جي شاعريءَ ۾ وحدة الوجود جو تصور، ڊاڪٽر سيد عالم شاهه / ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يونيورسٽي، ڊسمبر 2013ع. شاهہ لطيف جو جديد اڀياس، ڪتاب. ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجيون، مرتب. منظور احمد قناصرو، ثقافت ۽ سياحت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون 2015ع. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ انسان دوستي جو تصور ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2015ع. ماحوليات ۽ شاهہ لطيف، ڪتاب. ڀٽائي هڪ آدرشي انسان، مرتب. غلام اڪبر لغاري، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي، ڇاپو پهريون، 2017ع. انسان دوستيءَ جو فڪر ۽ شاهہ لطيف، ڀيج ڀٽائي مئگزين، چيف نگران نور سنڌي، نومبر 2017ع. درد جو جمال ۽ شاهہ وٽ ان جو تصور، ڪتاب. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال، ترتيب ۽ تدوين. ڊاڪٽر فياض لطيف، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون، 2017ع. شاهہ لطيف وٽ امن جو عالمي فلسفو، ڀِيج ڀٽائي مئگزين، آڪٽوبر 2018ع. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ موجود آفاقي سچايون ۽ موجوده دور جي تقاضا، ڪتاب. وِهڻ مون نہ وڙاءُ، ڇپائيندڙ. ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، ڇاپو پهريون، 2018ع. شاهہ لطيف جي ڪردار سهڻيءَ جو نفسياتي جائزو، ساليانو سنڌي ادب، ايڊيٽر. ڊاڪٽر اسحاق سميجو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، سال 2019ع. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ سونهن جا سوين رنگ، ڀيج ڀٽائي مئگزين، آڪٽوبر 2019ع. وجداني جماليات ۽ ڀٽائي وٽ ان جو تصور ، تماهي سفير سنڌ حيدرآباد، آڪٽوبر ، نومبر ، ڊسمبر 2019ع.

سندس ڪم جي مڃتا طور ڪيس بهترين تحقيق جو شاهہ لطيف ايوارڊ، شاهہ سائينءَ جي 275 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي صوبائي وزير ثقافت سيد سردار علي شاهہ جي هٿان مليو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عاجز رحمت اللّٰه لاشاري

مير رحمت الله ولد فقير شاهنواز لاشاري. ادبي نالو: عاجز رحمت الله. تخلص: آڪاش عاجز - پاڙو: عمدياڻي، بلوچ - ڄم: 02 جنوري 1982ع. بمطابق 22 ذوالحج 1403هجري بروز ڇنڇر - ڄاءِ پيدائش: درگاهه فقير پور شريف لڳ راڌڻ اسٽيشن ضلعو دادو. ”رحمت الله“ نالو سندس مرشد رکيس، جڏهن ته مائٽن عزيزن پيار مان ”مير“ سڏيس.

تعليمي شروعات: اپريل 1987ع گورنمينيٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ ٻنديِ، تلقعو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو اسڪول ۾ مرحوم غلام قادر ساريو کان الف اک واري پڙهائي لڪرائي، ڪجهه ڪلاسن ۾ محمد امين منگي، ڪامريڊ زبير جکرو پڻ استاد رهيس.

پرائمري تعليم دوران ڳوٺ جي پيش امام مرحوم مولوي محمد صالح لاڪي وٽ ناظره قرآن پاڪ پڙهي پورو ڪيائين.

انگريزي تعليم: مدرسي ۾ پڙهڻ دوران گورنمينٽ هاءِ اسڪول موئن جو دڙو تي سيپٽمبر 1994ع ۾ داخلا ورتائين.

شاعري جي شروعات: طالب علمي جي زماني کان پنهنجي مامي نثار احمد جي صحبت ۾ 1990ع کان مولود شريف لکڻ شروع ڪيائين. پاڻ موئن جي دڙي تي انگريزي تعليم پڙهڻ ويو ته مجازي عشق جي چوٽ لڳس تنهن کان پوءِ سوين ڪلام ۽ شعر لکيائين. شاعريءَ ۾ تخلص ”عاجز“ ۽ صحافت دوران ڪالمن/ مضمونن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪجهه اخبارن ۾ شروعات واري دور ۾ ”آڪاش“ به استعمال ڪيائين.

سگهڙائپ ۾ پهريون قدم: سال 1997ع ۾ ڳوٺ جي شاعر دوست ۽ قومپرست ڪارڪن ڪامريڊ قلندر بخش ساريو سان گڏجي سداحيات سگهڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسي سان ملڻ کان پوءِ لوڪ ادب جون لاتيون سکڻ لکڻ جو موقعو مليس، سگهڙائپ ۾ ايندي ئي ڪجهه استاد محمد ملوڪ عباسي جي ويجهن شاگردن ادبي لحاظ کان راهه ۾ رُڪاوٽ بڻجڻ جي ڪوشش ڪيس. پر ذاتي ذوق ۽ استاد محمد ملوڪ عباسي جي شفقت سبب سندس لوڪ ادب واري جذبي کي روڪي نه سگهيا. جنهن شوق ۽ ذوق سبب استاد محمد ملوڪ عباسي جي خواهش سان حضرت قلندڙ لعل شهباز جي ميلي ۾ 1997ع دوران سنڌ سگهڙ ڪانفرنس ۾ پهريون ڀيرو سگهڙائپ جو فن پيش ڪيائين ته ڪيس زبردست داد مليو.

صحافت جي باقائدي شروعات 1998ع ۾ روزانه الک اخبار کان ڪيائين. پوءِ مختلف اخبارن ۾ سندس تحريرون شايع ٿيون. لاشاري صاحب سنڌي چينلن تي به بهترين پروگرام ڪيا آهن.

ريڊيو تي پروگرام: ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد تي سيد صالح محمد شاهه / فتح خان سان گڏ پهريون پروگرام(سون ورني ڌرتي) 3 نومبر 2004ع تي رڪارڊ ٿيس. جنهن ۾ لوڪ ادب جي پهرئين ڪتاب ”رمزون رحمت الله جون“ ان ڪتاب جو تعارف به ڪرايو هو. جڏهن ته ريڊيو ڪراچي اسٽيشن تي 17 آڪٽوبر 2016ع تي خاص پروگرام لوڪ ادب ڪچهري نشر ڪيو جنهن ۾ عاجز رحمت الله ميزباني جا فرض نڀايا هئا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ذاتي محنت سان شايع ٿيل ڪتاب: 1. رحمت جا خزانا (ڀاڱو اول) نومبر 1999ع. 2. (ڀاڱو ٻيو) نومبر 2000ع. 3. (ڀاڱو ٽيون) اپريل 2001ع. 4. (ڀاڱو چوٿون) آڪٽوبر 2002ع. 5. (ڀاڱو پنجون) فيبروري 2003ع. 6. "رمزون رحمت الله جون" سيپٽمبر 2003ع. 7. رحمت جا خزانا (ستون ڀاڱو) مارچ 2004ع. 8. رنگ رحمت الله جا (لوڪ ادب جي انسائيڪلوپيڊيا) 2008ع. 9. مولود ۽ مداحون 2007ع. 10. لوڪ ادب جو منظوم تعارفي مقدمون، 16 ڊسمبر 2017ع. 11. شاهه جي شاعريءَ ۾ سگهڙائپ جو رنگ، 2016ع. 12. سگهڙن جي جامع ڊائريڪٽري. 786 (ذات ڏٽين جو احوال ۽ ڪلام) ڇاپو پهريون نومبر 2015ع. ڇاپو ٻيو ڊسمبر 2015ع. ان کان سواءِ 27 ڪتاب ترتيب ڏنل اٿس.

عاجز رحمت الله لاشاري صاحب کي مليل ايوارڊ ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ: تقريري مقابلي ۾ پوزيشن کڻڻ تي مرشدن ڪريمن حضرت محبوب سجڻ سائين مدظلہ العالي، جن هٿان زندگي جو پهريون انعام ايوارڊ 21 مارچ 1996ع ۾ مليس. دولهه دريا خان ايوارڊ مارچ 1998ع ۾. مُعلم ۽ مُدرس جو ايوارڊ 2 سيپٽيمبر 1999ع ۾. لاشاري تنظيم ايوارڊ 19 آڪٽوبر 1999ع ۾. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هٿان استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 28 فيبروري 2000ع ۾. حضرت جلال شاهه ايوارڊ سرٽيفڪيٽ تاجل بيوس هٿان 18 ڊسمبر 2002ع. رمزون رحمت الله جون ايوارڊ، وزير ثقافت شبير احمد قائمي جي هٿان 13 آڪٽوبر 2003ع ۾. دولهه دريا خان ايوارڊ، مڪلي ٺٽو ۾ 13 اپريل 2003ع ۾. آواز ۽ انداز ايوارڊ 18 جون 2003ع ۾. بهترين ليکڪ ۽ مرتب جو "لاشار ايوارڊ" 19 آڪٽوبر 2005ع شاهنواز ڀٽو لئبرريري لاڙڪاڻي ۾. سلات پاران "سچاڻ سگهڙ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" 30 آڪٽوبر 2004ع تي مٺياڻي ۾ مليس.

سلات پاران "لوڪ ادب ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" 19 ڊسمبر 2004ع اڏيرو لعل ۾ مليو. سلات پاران "استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" 27 ڊسمبر 2004ع ڄامشورو ۾ ـ سلات پاران "عزت فقير ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" 29 جنوري 2005ع ڳوٺ ٻُنو، سن ۾. حضرت قلندر شهباز جي ميلي ۾ سال 2004ع ۾ ڪتاب "رمزون رحمت الله جون" جي اعزاز ۾ پهريون "شهباز ايوارڊ" پڻ ـ ميلاد النبي ايوارڊ پهرين مئي 2005ع. عشق رسول ايوارڊ 28 مئي 2005ع تي ڄامشورو ۾ مليو. اڪادمي ادبيات ڪراچي پاران لوڪ ادب ايوارڊ 19 نومبر 2005ع تي سنڌالاجي ڄاموشورو ۾ ـ بزم روح رهاڻ ايوارڊ ڪتاب "رنگ رحمت الله جا" جي مهورت تقريت دوران ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هٿان 2008ع ۾ ـ سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪنوينشن جو صدارتي ميڊل 23 مارچ 2013ع تي ميان صاحب ضلعو شڪارپور ۾ ـ ڊي روز انٽرنيشنل ايوارڊ 2015ع ۾ مٽياري شهر ۾ ـ ٻيو "شهباز ايوارڊ" حضرت قلندر لعل شهباز جي ميلي ۾ ڪتاب "سُهٽل جا سينگار" ترتيب ڏيڻ جي اعزاز ۾ ٻيو ڀيرو 6 جنوري 2015ع تي مليس. ٽيون ڀيرو شهباز ايوارڊ، سگهڙن جي جامع ڊائريڪٽر جي سهيڙڻ جي اعزاز ۾ 2016ع ۾ ـ شاهه لطيف ايوارڊ، حسن درس اڪيڊمي حيدرآباد طرفان 16 ڊسمبر 2016ع تي ـ ڊاڪٽر بلوچ گريجوئيٽ ايوارڊ 16 ڊسمبر 2016ع ۾ ـ ريڊيو حيدرآباد طرفان لوڪ ادب ايوارڊ 2 جنوري 2017ع تي ـ حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول ۾ لوڪ ادب ايوارڊ 20 جنوري 2017ع تي ـ اوطاق ڪچهري ايوارڊ 10 مئي 2017ع تي زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام ۾

ثقافت کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهہ هٿان مليس. سگهڙ بهادر علي بهار ٻُرڙو يادگار ايوارڊ 19 جنوري 2018ع ۾ مليس.

تاج پوشي: لوڪ ادب جي خدمتن جي مڃتا طور علامہ فقير هدايت علي نجفي ”تارڪ“ جي درگاهہ تي لعلو رائنڪ شهر تعلقو وارهہ ضلعو قمبر شهدادڪوٽ ۾ سگهڙ مولا بخش شيدي ۽ سلات تنظيم جي مرڪزي عهديدارن قيمتي هيرن سان جڙيل چانديءَ جو تاج 8 آگسٽ 2015ع تي ڪيس پارايو ويو. جڏهن تہ 16 ڊسمبر 2017ع تي ساڳئي هنڌ لعلو رائنڪ ۾ پنج تولا سونو تاج مليس پر لوڪ ادب جي سرڪاري سطح تي مالڪي نہ ٿيڻ تائين احتجاج طور اهو تاج نہ ورتائين.

عاجز صاحب، مختلف ادبي گڏجاڻين ۽ شاهہ جي سيمينارن ۾ شاهہ فهميءَ تي مقالو ضرور پڙهندو آهي. سندس ڪجهہ مقالن ۽ مضمونن جي ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.

مقالو، شاهہ جي شاعريءَ ۾ سگهڙائپ جو رنگ، ڪتاب. ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجيون، مرتب. منظور احمد قناصرو، ثقافت ۽ سياحت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون 2015ع. شاهہ جي شعرن ۾ سگهڙائپ جون صنفون، سلسليوار فڪر لطيف مئگزين ڀٽ شاهہ، ايڊيٽر. مريد حسين، ڀٽ شاهہ، 2017ع ۾ شايع ٿيو.

عاجز رحمت الله لاشاري صاحب، شاهہ سائين جي ڪلام کي پنهنجي انداز ۾ پرکي هڪ انمول ڪتاب، شاهہ جي شاعريءَ ۾ سگهڙائپ جو رنگ، عنوان سان شايع ڪرايو. ان ڪتاب جي ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.

ڪتاب. شاهہ جي شاعريءَ ۾ سگهڙائپ جو رنگ، تحقيق. عاجز رحمت الله لاشاري، حسن درس اڪيڊمي حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2016ع. ڪتاب ۾ ڏنل فهرست: انتساب. لطيفي فڪر جي پوئلڳ ذات ڏٽين جي نانءُ. اداري پاران، انور سولنگي، ڊائريڪٽر حسن درس اڪيڊمي. مهاڳ، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو. مقدمو: سليم ڀٽو لطيفي 14 نومبر 2016ع ۾ لکيو. لطيفي فن ۽ فڪر جي پرچارڪ، فقير علي ڏنو نظاماڻي. پنهنجي پاران، عاجز رحمت الله لاشاري، باني چيئرمين سلات. ٻہ اکر: آغا ظفر لوڪ ادب جو اوسيئڙو، گل حسن گل ملڪ. 1. شاهہ جو لوڪ رنگ. 2. لطيفي لات ۾ عوامي ادب. 3. شاهہ جي شاعري ۾ مهانتا. 4. شاهہ جو شاعراڻو دور. 5. شاهہ جي شعرن ۾ سگهڙائپ جون صنفون. 6. ڏور بيت. 7. هنر. 8. ڀماڪا ۽ چوٽيون. 9. شاهہ جي شاعريءَ ۾ رنگن جي رونق. 10. شاهہ جي شعرن ۾ ڳاهن، ٻوٽن، ميون، ڀاڄين، اناج، وڻن ۽ ولين جو ذڪر. 11. شاهہ جي شعرن ۾ لوڪ رسمن جو ذڪر. 12. شاهہ جي شاعريءَ ۾ ڳوناڻو / سماجڪ منظر. 13. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليہ جي شان ۾ عقيدت جو اظهار. 14. رسالو ڳجهارت.

هن ڪتاب جي صفحي 48 تي ليکڪ لکي ٿو تہ لطيف سائين پاڻ هٿ ۾ تلوار تہ ڪانہ کنئي پر ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي ڏاڪارين سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ هڪ علمي ۽ عملي مزاحمت جو بندوبست ڪيو. پنهنجي فن ۽ فڪر جي تخليقي عمل ۽ ڪردار سان هڪ سياسي مدبر وانگر رهنمائي ڪئي.

# حافظ محمد موسيٰ ڀٽو

مشهور ليکڪ حافظ محمد موسيٰ ڀٽو، جنڌي ديري ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. هيءُ حافظ قرآن هئڻ سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جي سٺي ڄاڻ رکي ٿو. هيءُ باب السلام پبليڪيشن حيدرآباد جو صدر رهي چڪو آهي ۽ هن وقت ”سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ“ جو باني ۽ نگران آهي. ان کانسواءِ سندس ادارت ۾ ماهوار ”بيداري“ رسالو هڪ وڏي عرصي کان نڪرندو رهي ٿو جنهن ۾ هو پنهنجي مسلڪ جي فڪري پرچار ڪندو رهي ٿو. هن سنڌي توڙي اردو ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. جن مان ڪجھ هن ريت آهن، 1. پرڀڻءَ جي پچار (حصو پهريون) ڇاپو پهريون، سيپٽمبر 1982ع. ڇاپو ٻيو، 1989ع. پرين جي پچار (حصو ٽيون) ڇاپو ٻيون، جولاءِ 1989ع. 2. جديد سنڌ جا مسئلا ۽ حل. 3. سنڌ ۾ ٻي چيڻيءَ جا اسباب. 4. مٽ نہ ٿيا مئيءَ جا. 5. اسلام جو معاشي نظام. 6. پرڏيهي سامراج ۽ اسلامي دنيا. 7. سرمائيداري، ڪميونزم ۽ اسلام. 8. جيڪي ڏٺو آ مون. 9. ڪامريڊ دوستن کي سڏ، ڇاپو پهريون، مئي 1986ع. 10. روشني ڏانهن سفر، ڇاپو پهريون، جنوري 1985ع. 11. حق جو مشاهدو، ڇاپو پهريون، آگسٽ 1990ع. 12. شاھ جو رسالو (اردو زبان ۾ ڪلام جي تشريح) فيبروري 2012ع. 13. عرفان لطيف (اردو). 14. شاہ عبداللطیف بھٹائی کا پیغام جدید انسان کے نام (ڇاپو پهريون، 2007ع.) ۽ ڇاپو 2011ع. 15. جدید سندھ کے رجحانات۔ 16. مادیت کی دلدل اور بچاؤ کی تدابیر۔ 17. سندھ کے کبائر بزرگ شاعر۔ 18. عھد جدید میں داعی و صوفی کا کردار اور اس کی خصوصیات وغيره شامل آهن.

ڪتاب، عرفان لطيف، (اردو) ليکڪ، محمد موسيٰ ڀٽو، هيءُ ڪتاب سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ طرفان آڪٽوبر 2007ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ زندگيءَ عشق بابت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نقطئہ نظر پيش ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۾ ابتدائيہ کان پوءِ 1. عشق جي باري ۾ شاھ صاحب جو نقطئہ نظر. 2. ڪتاب ۾ شامل ڪجھ اصطلاحن جي تشريح. 3. محبوب جو رستو ۽ سالڪ جون مشڪلاتون ’سر سسئي آبريءَ مان انتخاب‘. 4. عشق ۽ ان جي حقيقت ’سر معذوريءَ مان انتخاب“. 5. عاشق صادق جو ڪردار ’سر ڪوهياريءَ جو انتخاب‘. 6. غم فراق کان حالت وصال تائين ’سر حسيني مان انتخاب‘. 7. مال جي حب جا نتيجا. 8. محبوب سان داغ مفارقت جي سزا ’سر ليلا چنيسر مان انتخاب‘. 9. نفس ۽ ان کان بچاءُ جي صورت ’سر گهاتو مان انتخاب‘. بابت تفصيلي بحث شامل آهي. حوالو، سنڌيانا انسائيڪلو پيڊيا ش۔ 1.

کتاب۔ عرفان لطیف: فہرست: ابتدائیہ، 10 اکتوبر 2007ع، محمد موسیٰ بھٹو۔ عشق کے بارے میں شاہ صاحب کا نقطہ نظر۔ کتاب میں شامل بعض اصطلاحات کی تشریح۔ (1) محبوب کا راستہ اور سالک کی مشکلات (سر سسئی آبری کا انتخاب)۔ (2) عشق اور اس کی حقیقت (سر معذوری کا انتخاب)۔ (3) عاشق صادق کا کردار (سر کوہیاری کا انتخاب)۔ (4) غم فراق سے حالت وصال تک (سر حسینی کا انتخاب)۔ (5) حب مال کے نتائج۔ محبوب سے داغ مفارقت کی سزا (سر

لیلا چنیسر کا انتخاب)۔ (6) نفس کا مگر مچھ اور اس سے بچاؤ کی صورت (سر گھاتو کا انتخاب)۔

کتاب۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کا پیغام جدید انسان کے نام، سندھ نیشنل اکیڈمی ٹرسٹ لطیف آباد نمبر۔۴، حیدرآباد ۲۰۰۷ع۔ فہرست: تعارف۔ محمد موسیٰ بھٹو۔ بعض اصطلاحات کی تشریح۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کا پیغام جدید انسان کے نام۔ ۱۔عاشقانہ زندگی اور اس کے لوازمات (حصہ اول) (سر کلیان کا انتخاب)۔ ۲۔عاشقانہ زندگی اور اس کے لوازمات (حصہ دوم) (سر یمن کلیان کا انتخاب)۔ ۳۔سمندر کا سفر اور اس کے مدوجزر (سری راگ کا انتخاب)۔ ۴۔راہ محبت کا سفر اور اس کی مشکلات (سر سھنی کا انتخاب)۔ ۵۔خود پرستی سے دستبرداری اور راہ فنائیت (سر آسا کا انتخاب)۔ ۶۔غم فراق (سر رپ کا انتخاب)۔ ۷۔مجاہدے کرنے والے یہ لوگ (سر کھاہوڑی کا انتخاب)۔ ۸۔محبوب کے درد میں گھلتے رھنا (سر برووسندھی کا انتخاب)۔ ۹۔میں ان کے بغیر زندہ نہیں رہ سکتا (سر رام کلی کا انتخاب)۔ ۱۰۔ضائع شدہ وقت کی تلافی کی صورت (سر کاپائتی کا انتخاب)۔ **هن ڪتاب ۾ شاهه سائين جي سرن ۽ ڪلام تي ليکڪ پنهنجي مطالعي آهر بحث ڪيو آهي ۽ مختلف سرن مان چونڊ ڪلامن جي شرح پيش ڪندي تصوف، عشق ۽ ٻين اصطلاحن جي چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي.**

**شاهه جو رسالو (اردو زبان ۾ ڪلام جي تشريح، جلد پهريون) ترتيب، محمد موسيٰ ڀٽو، سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ لطيف آباد حيدرآباد، فيبروري 2012ع. هن جلد ۾ سر ڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ، سر ڪنيات، سر سريراڳ، سر ساموندي، سر سهڻي ۽ سر سسئي آبري، جي بيتن ۽ واين جي اردو ٻوليءَ ۾ تشريح ڪري محمد موسيٰ ڀٽي صاحب، اردو زبان وارن کي هڪ انمول تحفو ڏنو آهي.**

# شاهه سائين جي شيدائين جا مضمون، مقالا

ا۔ تصوف کے مسائل اور شاہ کا بیان۔ ۲۔ تصوف اور عوامی زندگی۔ ۳۔ شاہ اور عرفانِ نفس، آنسہ شمس صدیقی، کتاب۔ نغماتِ لطیف، اختر انصاری اکبر آبادی، محکمہ اطلاعات سندھ، ۱۹۶۰ع۔

شاہ لطیف کے سوانحی حالات اور شاہ جو رسالو کا مطالعہ، محمد طفیل، یاترا، نقوش پریس لاہور، ۱۹۶۲ع۔

شاہ عبداللطیف بھٹائی اور ان کا فکر و فن، ڈاکٹر شہباز ملک، ماہ نو لاہور، جولائی ۱۹۷۸ع۔

1. شاهه عبداللطيف جي فڪر تي نئين روشني، ليکڪ، پروفيسر ايس قدرت الله فاطمي، ترجمو، عبدالقادر جوڻيجو. 2. شاهه لطيف هڪ صوفي شاعر، الهه ڏنو سومرو. 3. لطيف تي تحقيق جو مختصر جائزو، مانيٽو اوٺو، سالانه تحقيقي جرنل سنڌي ادب، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، شمارو 1 ۽ 2، 1980ع.

1. لطيف سائين جي سوانح ۽ ڪلام تي هڪ نظر، چاند بيبي سلطانه. 2. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي گم ٿيل بيتن جو جائزو، الهداد جنجهي، سالانه تحقيقي جرنل، سنڌي ادب، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، شمارو. 1، 1981ع.

نه سي ووڻ وٽن ۾، ڊاڪٽر قربان علي جهتيال، ڪينجهر (شاهه لطيف نمبر) لطيف ميڊيڪوز لاڙڪاڻو، 1982ع.

لطيف جي شاعري، احسن الهاشمي، ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر 1986ع.

جي تو بيت ڀانئيان، عبدالغفار صديقي، ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر 1986ع.

لطيف جي منظر ڪشي، م. ن. محزون، ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر 1986ع.

سر ليلا چنيسر ۽ ان ۾ ريتن ۽ رسمن وغيره بابت اشارا، احمد خان آصف مصراڻي، ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر 1986ع.

شاهه جي ڪلام ۾ توحيد، احمد خان ڪيريو، ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر 1986ع.

شاهه جو ونگي ڪان ڏت تائين سير ، دوست ڏيپلائي، نئين زندگي، آڪٽوبر 1986ع.

شاہ لطیف کا کلام - وحدت و اخوت کا پیغام، ڈاکٹر وفا راشدی، مہران نقش، مکتبہ اشاعت اردو کراچی، ۱۹۸۶ع۔

سر سارنگ جو تهذيبي ۽ سماجي پس منظر، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، ڪتاب. سر گهاتو، مرتب. حميد سنڌي، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ، آڪٽوبر 1987ع.

شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ ڳاهن، ٻوٽن، ميون، ڀاڄين، اناج، وڻن ۽ ولين جو ذڪر، ڪتاب. نرتي تند نياز سين، مرتب. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو / محمد قاسم ٻگهيو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1988ع.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف جي سوانح ۽ عيسوي ڪئلنڊر، غلام محمد لاکو، سنڌي ادب، شمارو 1، 1989ع.
شاهہ جا ڳائڻا، ارشاد اعوان، ماهوار نئين زندگي، جنوري 1989ع.
شاهہ لطيف ماهر موسيقي، عرفان علي عرفان انصاري، ماهوار نئين زندگي، سيپٽمبر 1990ع.
ڀٽائيءَ جي سر ڪلياڻ جا نصيحت ڀريا نڪتا، ڊاڪٽر امان الله جهتيال، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، جولاءِ آگسٽ 1992ع.
شاهہ جو فڪر، سيد يار محمد شاهہ، ڪتاب. سر بلاول، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون، 1992ع.
1. خدا پرستي ۽ انساني محبت جو پيغام، غلام مصطفيٰ دادوي. 2. سر رامڪليءَ جو مجموعي مطالعو، پروفيسر مير محمد پيو. 3. سر رامڪلي - نڪات نفسيہ ، مير محمد سومرو، ڪتاب. سر رامڪلي، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 1993ع / 1414هہ.
1. سر ڪاهوڙيءَ ۾ لاهوت جو سير ، سيد اسد الله بخاري. 2. سر ڪاهوڙيءَ ۾ زندگي گذارڻ جا روحاني راز ، رضيہ شيخ. 3. سر ڪاهوڙيءَ ۾ شاهہ جي منزل، نصرت حسين ابڙو، ڪتاب. سر ڪاهوڙيءَ جو مطالعو، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ، جولاءِ 1994ع.
1. شاهہ ڀٽائيءَ کان اڳ جي سنڌ ۽ اڄ جي سنڌ، قائم سولنگي. 2. سر بروو: اظهاري ڪيفيت، سرڪش سنڌي. 3. سر بروو منهنجي نظر ۾، رضيہ شيخ. 4. شاهہ لطيف جون سورميون، سلطانہ وقاصي، ڪتاب. سر بروو، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 1995ع / 1416هہ.
شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ اصطلاح ۽ پهاڪا، پروفيسر مظهر علي قريشي، ماهوار نئين زندگي، اپريل 1995ع.
شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ شاهہ لطيف جي ذڪر ۽ فڪر جو اپياس، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، سنڌي ادب (تحقيقي جرنل) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، شمارو 1 ۽ 2، 1996ع.
1. سر ڪارايل ۾ لطيف سائينءَ جا ڏنل اهڃاڻ، ڊاڪٽر محمد اسحاق ابڙو. 2. سر ڪارايل ۾ ڏنل تشبيهن جي مختصر وضاحت، ڊاڪٽر الهہ ڏنو سومرو، ڪتاب. سر ڪارايل، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 1996ع.
1. سر سامونڊي سنڌ جي اقتصادي تاريخ جو ماخذ، محمد پنهل ڏهر. 2. سر سامونڊيءَ جو پس منظر ۽ شاهہ جا مقرر ڪيل ڪردار ، مخمور مهيري، ڪتاب. سر سامونڊي، مرتب. حميد سنڌي، ڀٽ ثقافتي مرڪز ، ڇاپو پهريون، 1998ع.
”م“ اکر جو استعمال ۽ شاهہ جو ڪلام، پروفيسر مظهر علي قريشي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، مارچ 1999ع.
شاهہ جي سر ڪاموڏ ۾ طبقاتي جدوجهد جو ذڪر ، لطيف اياز پنهور ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، مارچ 1999ع.

شاهہ لطيف جي نظر ۾ پورهيو، ڪلثوم مجيد ميمڻ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، مارچ 1999ع.
ڇا لطيف جو ڪلام مدي خارج پيو ٿئي؟ خليق گچيرائي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو ٻيو، مئي 1999ع.
سر بلاول جو لساني جائزو، ڊاڪٽر محمد خان بروهي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو ٻيو، مئي 1999ع.
ڏور ٿئائين ڏس، اکر جڻائين جڙيا، رخمان گل پالاري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو ٻيو، مئي 1999ع ۽ ڪلاچي، ڊسمبر 2000ع.
نوري ڪير هئي، ولي محمد رونجهو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو ٻيو، مئي 1999ع.
لطيف جي شاعريءَ ۾ پکين جو ذڪر، محمد علي مانجهي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 1999ع.
شاهہ لطيف جي سورمي سهڻي ۽ ايڪيهين صدي، ڊاڪٽر رضيہ ڪوڪر، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 1999ع.
نوريءَ کي سمي چوڻ ڪان پهرين، فيض جوٽيجو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 1999ع.
شاهہ لطيف جي ڪلام جو لساني جائزو، خليق گچيرائي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 1999ع.
سنڌي، بلوچي تهذيبي سڀنڌ ۽ ڀٽائي، گل محمد گل مليرائي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 1999ع.
سر سارنگ: درست پڙهڻيون ۽ سماجي فڪري پهلو، تاج جويو، ڀٽائي (تحقيقي جرنل) سنڌي شعبو، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ڇاپو پهريون 1999ع.
شاهہ جي عوامي شاعري، ڪلثوم مجيد ميمڻ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مارچ 2000ع.
شاهہ جو ڪلام ۽ بلوچي ٻولي، رخمان گل پالاري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مارچ 2000ع.
اعليٰ ترين شاعري ۽ اعليٰ ترين منشور ، سحر امداد، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2000ع.
شاهہ لطيف ۽ انساني حق، خوشيد نصير سومرو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2000ع.
ڀٽائي ۽ بلوچي ٻولي، رخمان گل پالاري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2000ع.
بنيادي حقن جو علمبردار شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، ذوالفقار ڀهڻ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2000ع.
شاهہ جي شاعريءَ جون ٻي نام عورتون، فريده شيخ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 2000ع.
ڪينجهر جا گاهہ ۽ سر ڪاموڏ، محمد علي مانجهي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2000ع.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ مرد جو ڪردار، ناهيد نواز، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2000ع.
شاهہ جي نظر ۾ ليلا هڪ عورت، فريده بشير، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2000ع.
شاهہ جي رسالي جي تعريف، تاريخ ۽ ڪن قلمي نسخن جو جائزو، خورشيد نصير، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مارچ ۽ جون 2001ع.
شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ مرد جو ڪردار ، امر سنڌو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مارچ ۽ جون 2001ع.
شاهہ لطيف ۽ ڪوهستان، عبدالعزيز خاصخيلي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) مارچ ۽ جون 2001ع.
سنڌ پيتائي ۽ پاٽي، هدايت بلوچ، عوامي آواز ڪراچي، 5 سيپٽمبر 2001ع.
شاهہ ۽ ڪوهستاني لهجو، رخمان گل پالاري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) سيپٽمبر ڊسمبر 2001ع.
سر سريراڳ جو اپياس، غلام فاطمہ بابلاٽي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) سيپٽمبر ڊسمبر 2001ع.
شاہ لطیف کا حسن انتخاب، ڈاکٹر یوسف خشک، سفیر اردو برطانیہ، شمارہ،۲۲- ۲۰۰۲ء۔
لطيف سائين ۽ سر ريئلزم، عبدالقادر جوڻيجو، ڪتاب. شاهہ لطيف هڪ تحرڪ، هڪ تحريڪ، مرتب، تاج جويو، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون، اپريل 2002ع.
1. شاهہ ۽ سنڌي سائنسي لغت، نياز سرڪي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2000ع.
2. سر رپ ۾ اصطلاح ۽ چوڻيون، نياز سرڪي، ڪتاب. سر رپ جو مطالعو، ڇپائيندڙ. عاشق حسين ميمڻ، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون، 2002ع.
ڪرها ڪسر چڙ (شاهہ جي رسالي ۾ ”اُٽ“ هڪ علامتي تمثيل) احسن جوکيو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، جون 2002ع.
ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي جي ٽن جلدن جو تنقيدي جائزو، رخمان گل پالاري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، جون 2002ع.
چير ڪين ڏي (شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران ڇپايل ڪتاب جو تنقيدي جائزو) رخمان گل پالاري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، سيپٽمبر 2002ع.
گلان ڪوت، اشتياق انصاري، ماهوار سوجهرو، اپريل آگسٽ 2002ع.
شاهہ لطيف جي شاعري. سراسر هدايت، الطاف حسين جوکيو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، سيپٽمبر 2002ع.
خواجہ محمد زمان ۽ شاهہ لطيف جي ملاقات (وضاحتون)، حافظ حبيب سنڌي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2002ع.
گهاتو گهر نہ آئيا سر گهاتو شاهہ جي نظر ۾، احسن جوکيو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2002ع.
ڪنيس ڪويچن، ج.ع. منگهاڻي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2002ع.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جي سورمي سسئيءَ جو نديپڻ، سپنا گل قاضي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2002ع.
فارسي زبان ۾ شاهہ لطيف جو مطالعو، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2002ع.
1. سر سورٺ ۾ محاورا، اصطلاح ۽ چوٽيون، ڊاڪٽر اسد جمال پلي. 2. سر سورٺ جو پسمنظر ۽ مڪتي جا ايلاز ، مهر خادم، ڪتاب. سر سورٺ، مرتب. تاج جويو، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ، ڇاپو ڀهريون، اپريل 2003ع.
لطيف ـ سنڌي ٻوليءَ جو محافظ، امداد حسيني، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2003ع.
ڪربلا ۽ سر ڪيڏارو، مقصود گل، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2003ع.
مراد فقير جي شاعريءَ تي شاهہ جو اثر، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهہ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2003ع.
شاهہ ۽ ڏور بيت، رخمان گل پالاري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2003ع.
ساموندي مون سيڻ (سر سامونديءَ جو مطالعو)، احسن جوکيو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، جون 2003ع.
سهڻي، ميهار جو قصو هڪ جائزو، ڊاڪٽر خورشيد عباسي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، سيپٽمبر 2003ع.
شاهہ وٽ علامتن، استعارن، تشبيهن ۽ تمثيلن جو تذڪرو، تاجل بيوس، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2003ع.
شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي هندي شاعري جو اثر، اُم ڪلثوم شاهہ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2003ع.
مِين عيسيٰ جو شاهہ لطيف تي اثر ، اُم ڪلثوم شاهہ، ڪينجهر (تحقيقي جرنل) سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2003ع.
رُڳ وهندي راند (سر ڪيڏاري ۾ سورهيائيءَ جو تصور) ڊاڪٽر اُم ڪلثوم شاهہ، ڪينجهر (تحقيقي جرنل) 2004ع.
قمبر جا تاريخي ماڳ ۽ مڪان، دين محمد ڪلهوڙو، ماهوار نئين زندگي، ڊسمبر جنوري 5، 2004ع، ص، 30، تي لکي ٿو تہ، ليلا چنيسر جو ڪوٽ: هي تاريخي ماڳ قمبر جي ڳوٺ غيبي ديري پرسان هڪ قتل دڙي جي صورت ۾ واقع آهي. ليلا هتان جي ڪنهن راجا جي ڌيءُ هئي ۽ ذات جي گائنچڻ هئي. ليلا جا مائٽ مارو ماٺهو هئا. ڪونئرو ڪڇ جي راڻي ڪنگهار جي ڌيءُ هئي ۽ ليلا لهور جي ڌيءُ هئي، لهور بہ قمبر ڪاڇي جو رهواسي هو.
ڀٽ ڌڻي جي سنڌ جون ثقافتي امانتون، تحرير، در محمد ڪمال سولنگي، ڊائريڪٽر، اطلاعات کاتو حيدرآباد، پيچ پتائي مئگزين، اپريل مئي، 2004ع.
شاهہ جي نوري حسن ۽ عجز جو نمونو، احسان دانش، ماهوار سنڌ رويو، فيبروري 2004ع.
شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ گاهن، ولين، وڻن جو ذڪر، مختار گهمرو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) جون 2004ع.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقدير پرستي، شاهه لطيف، عنايت لانگاهه، محمد زمان، ليڪڪ، فيض جوڻيجو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) جون 2004ع.
سر ساموندي ۽ اوسيئڙي احساسن جي عڪسبندي، نصر الله ناصر، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) جون 2004ع.
اردو مقالو، سنڌي لوڪ داستان "سورٺ راءِ ڏياچ" ڊاڪٽر يوسف خشڪ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) جون 2004ع.
ميرو ٿي محبوب، اسان مارُو من ۾ (سر مارئيءَ جو اڀياس) حميده قاضي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2004ع.
وصال ۽ فراق جو فلسفو، نصر الله ناصر، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2004ع.
سنڌ تصوف جي جنم ڀومي، آسودو مل، ماهوار پيغام ڪراچي، جنوري 2005ع.
ايءَ نہ عورت هوءِ، ج. ع. منگهاڻي، ماهوار پيغام ڪراچي، فيبروري 2005ع.
1. سسئي ۽ سور: حسينيءَ جي روشنيءَ ۾، ڊاڪٽر خورشيد عباسي. 2. سر حسينيءَ ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون، ڊاڪٽر اسد جمال پلي. 3. واڪو هڏ مَ لاهه، احمد خان مسڪين سمون، ڪتاب. حسينيءَ جي هاڪ، مرتب. تاج جويو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ، ڇاپو پهريون، مارچ 2005ع.
شاهه جي شاعريءَ ۾ پيڙا، تاج بلوچ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، مارچ 2005ع.
شاهه عبداللطيف، سنڌي ٻولي ۽ سماج، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، مارچ 2005ع.
رهنما لطيف، ج.ع. منگهاڻي، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، مارچ 2005ع.
مارئيءَ جي ماڳ مڪانن ۽ ڪردار بابت وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي، سيد گدا حسين شاهه لطيفي، ماهوار ڀيج ڀٽائي مئگزين حيدرآباد، چيف نگران. نور سنڌي، سرپرست. سيد مظهر علي شاهه نازڪ سائين، مارچ. اپريل 2005ع.
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سماجي فڪر، شيخ محمد اسماعيل، ڪينجهر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2005ع.
سر سارنگ ۾ خدائي هدايتون، پروفيسر مظهر علي قريشي، ماهوار پيغام، ڊسمبر 2005ع.
شاهه لطيف بابت تحقيق جا ميدان، غلام محمد لاکو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2005ع.
سر ديسي ۾ ٻاروچي ٻولي، رخمان گل پالاري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2005ع.
شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ جو معمار، تاج جويو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، مارچ 2006ع.
شاهه جي تخليقي ڪيفيت ۽ اهميت، احمد سومرو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، مارچ 2006ع.
1. ڪونج نہ پسي ڪڪ... ج. ع منگهاڻي. 2. ڀٽائيءَ جي شاعري، اي ڪي بروهي. 3. ڀٽائي جي هن دور لاءِ رهنمائي، نور احمد ميمڻ. 4. فرسوده روايتن ڪان ڀٽائيءَ جي منهن موڙ ، وشال امير ، ماهوار نئين زندگي، جون 2006ع.

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ اعليٰ اخلاقي تربيت، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهہ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2006ع.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو تعليمي نظريو، ڊاڪٽر انيس فاطمہ سومرو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2006ع.

شاهہ جي شاعريءَ ۾ اترادي لهجي جا اهڃاڻ، سعديہ مهر، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2006ع.

لطيف ڪان ڀٽائيءَ تائين، احمد سومرو، ڪلاچي (تحقيقي جرنل)، ڊسمبر 2006ع.

مقالو، 1. ننڍ جي سائنس ۽ سر ڪوهياري، ڊاڪٽر اسد جمال پلي. 2. سر ڪوهياريءَ ۾ ڏک جو فلسفو، محمد مارو خشڪ، ڪتاب. سر ڪوهياري، مرتب. منظور احمد قناصرو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، فيبروري 2007ع.

راڳ سنڌوي راڳ جي موسيقي، سڪندر ساگر پنهيار، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2007ع.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سندس حڪمت ڀريو ڪلام، محمد شفيع عمر الدين، ديدارِ لطيف مئگزين، ايڊيٽر. احسان علي لغاري، حيدرآباد 2007ع.

مضمون، منهنجو سنڌي، لطيف جو پوئلڳ آهي، ظفر ڪاظمي، ڪتاب. هر دور جو ماڻهو (خاص اشاعت)، مرتب. ياور علي ڪاظمي، ظفر ڪاظمي يادگار ڪميٽي حيدرآباد، 2007ع.

1. ڪربلا جو قضيو - ڀٽائيءَ جي حوالي سان، حزب الله آءِ سومرو. 2. سر ڪيڏاري جو فڪري تصور ۽ اهميت، مختيار احمد شيخ. 3. شاهہ جو ڪيڏارو ۽ منظرنگاري، حميده قاضي. 4. شاهہ جو ڪلام ۽ سر ڪيڏاري جي انفراديت، ممتاز علي لغاري. 5. سر ڪيڏارو ۽ عربي مرثيا، علي محمد. محمد عثمان راهو. 6. هٽڙ - هڪلڙ - ٻيلي سارڻ، محمد مارو خشڪ، ڪتاب. سر ڪيڏارو، مرتب. منظور احمد قناصرو، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو پهريون، 2008ع.

سر مارئيءَ جي موسيقي، سڪندر ساگر پنهيار، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، جون 2008ع.

غلام شاهہ ڪلهوڙو ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، ڊاڪٽر نگار سجاد ظهير، ترجمو. منير احمد ڪتري، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، جون 2008ع.

ڀٽائيءَ جي سوانح عمري بابت ٿيل تحقيق جو جائزو، سڪندر علي ڀنڊ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، جون 2008ع.

سر آسا جو لسانياتي جائزو، ڊاڪٽر فهميده شاهہ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، سيپٽمبر 2008ع.

شاهہ لطيف جي سر ڪاموڏ ۽ سچل سرمست جي نوريءَ جو تقابلي جائزو، ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهہ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڇاپو پهريون، سيپٽمبر 2008ع.

شاہ عبداللطیف بھٹائی: انسان دوستی کے حوالے سے مطالعہ، رابعہ سرفراز، اکتوبر ۲۰۰۸ع۔


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شیخ ایاز کی شاعری میں شاہ لطیف کے نقطۂ نظر اور شاعرانہ فکر کی عکاسی، ڈاکٹر محمد قاسم بگھیو.

1. سر کيڏارو ۾ عالمن جا رايا، محمد ابراهيم سنڌي. 2. ڏنو محرم ماهه، نصرت پيتي. 3، راز قضيي ڪربلا جو، ڊاڪٽر گلزار احمد سومرو عبدوي. ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، جنوري 2009ع.

1. سر آسا جو لسانياتي جائزو، فهميده شاهه سبز واري. 2. لالائي لالڻ جي، زاهد حسين زرداري. 3. سر آسا ۾ انساني عضون جو مطالعو، جاويد عمر ڪلوڙ. 4. سر آسا جو مطالعو، صفدر حسين مرزا. 5. سر آسا ۾ اکين جو ذڪر ، محمد هاشم حامي. 6. سر آسا ۾ عشق جو اظهار ، غوث پيرزادو. 7. سر آسا ۾ استعارن ۽ تشبيهن جو استعمال، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه، ڪتاب. سر آسا، مرتب. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون، 2009ع.

دنيا جو عظيم لافاني شاعر ، صوفي بزرگ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، تحرير. نور سنڌي، پيج ڀٽائي پبليڪيشن حيدرآباد، فيبروري 2009ع.

جمالياتي احساسن جو شاعر، رئوف نظاماڻي، ماهوار نئين زندگي، فيبروري 2009ع.

تصوف وقت جي پڪار ، موهن مدهوش، ٽماهي مهراڻ، جنوري- مارچ 2009ع.

شاهه سائينءَ جي رسالي جي موضوعاتي لغت. هٿ جا هنر ، مرتضيٰ سيال، فڪر لطيف مئگزين ڀٽ شاهه، ايڊيٽر. دانش جتوئي، فيبروري. مارچ. اپريل 2009ع.

شاهه جي ڪلام ۾ سندس شخصيت جو عڪس، ڪلياڻ آڏواڻي، فڪر لطيف مئگزين ڀٽ شاهه، ايڊيٽر. دانش جتوئي، فيبروري. مارچ. اپريل 2009ع.

شاهه سائينءَ وٽ ساز ۽ آواز جي ميتا، علي ڪاهوڙي، ماهوار پيغام ڪراچي، مئي. جون 2009ع.

